# سنڌي ٻولي جي سکيا

## پي - ٽي - سي

(ڪلاس لاءِ)

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو - سنڌ

# سنڌي ٻولي جي سکيا
# پي - ٽي - سي
# (ڪلاس لاءِ)

پاران
سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄام شورو- سنڌ
ڇپيندڙ: قاضي ائسوسيئيٽس ڪراچي

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو - سنڌ وٽ محفوظ آهن. وفاقي وزارت تعليم اسلام آباد جي سرڪيولر نمبر ايف- آئي - 8916 ايجوڪيشن مورخه 11 نومبر 1990 پٽاندر سنڌ صوبي لاءِ منظور ڪيل.

ليکڪ : سيد شير شاهه
ڊاڪٽر عبدالجبار مغل

ايڊيٽر : محمد ابراهيم جويو

قومي جائزو ڪميٽي

---

محمد عيدل ورياٽي
ميان بخش خان لغاري
مس فخرالنساءَ انصاري
امداد حسيني
عباس علي خان نظامائي
محمد ناظم علي خان ماتلوي.

ڇپيندڙ : بروهي پريس - ڪراچي

# مددي نثر ۽ نظم

## ۱. نثر

| | | |
|---|---|---|
| ۱ | پولي ۽ ان جون ادبي خدمتون | فتح محمّد سيوهاڻي |
| ۲ | شاهه جو شعر ۽ شاعري | ڊاڪٽر گربخشاڻي |
| ۳ | پاڪستاني قوميت جو مقصد | مرحوم لياقت علي خان (مترجم : علي نواز جتوئي) |
| ۴ | پورهيتن جو ڏينهن | رشيد ڀٽي |
| ۵ | سنڌ جون اڳوڻيون روايتون | ڊاڪٽر دائود پوٽو |
| ۶ | ڪامياب زندگيءَ جو ڪارگر قاعدو | علامه آءِ - آءِ- قاضي |
| ۷ | دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر (شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح) | علامه آءِ - آءِ - قاضي |
| ۸ | مصطفيٰ جي الوداعي نصيحت | عثمان علي انصاري |
| ۹ | عام سنڌي شاعري | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ |
| ۱۰ | تمدن جي ماهيت | ڪريم بخش چنا |

## ۲. نظم

۱ شاهه ڪريم رح

۲ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح

۳ خواجه محمد زمان رح

۴ سچل رح

۵ حمل فقير

۶ مير عبدالحسين سانگي

۷ مرزا قليچ بيگ

۸ حافظ محمد احسن

۹ شيخ عبدالحليم جوش

۱۰ سرويچ سجاولي

---

نوٽ: مٿين مددي نثر ۽ نظم لاءِ ڏسو ڪتاب

(سنڌي نصاب لازمي ٻارهون ۽ ٻارهون)

# فهرست


| جريان نمبر | عنوان | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| ۱. | **گرامر** | ۵ |
| | ۱. ڳالهائڻ جا اٺ لفظ | |
| | ۲. واحد جمع - ضد- ڀاڪا ۽ اصطلاح | ۱۹ کان ۳۲ |
| | ۳. بيهڪ جون نشانيون | ۳۲ کان ۳۴ |
| ۲. | **عملي تحرير** | ۳۵ |
| | ۱. عملي تحرير جا نمونا | ۳۵ کان ۳٦ |
| | ۲. خط، درخواست، رسيد ۽ مضمون | ۳۷ - ٦۲ |
| ۳. | **سنڌي ٻوليءَ جو مطالعو** | ٦۳ |
| | ۱. تاريخي، ادبي ۽ تعليمي اهميت | ٦۸ |
| | ۲. ابتدائي ڪلاس ۾ سنڌي بحيثيت مادري ٻولي پڙهائڻ جي اهميت ۽ مقصد | ۱۰۳ |
| | ۳. ٻڌڻ ۽ ان جي اهميت | ۱۱۸ |
| | ۴. ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ ان جا مسئلا | ۳۵کان ۱۵۷ |
| ۴. | **مطالعو ۽ ان جا مسئلا** | ۱۵۸ |
| | ۱. اهميت ۽ فائدا | ۱۵۸ |
| ۵. | **لکڻ ۽ ان جي اهميت** | ۱۷۰ |
| | ۱. مضمون نويسي | ۱۷۷ |
| ٦. | **گرامر سيکارڻ** | ۱۸۵ |
| ۷. | **ٻوليءَ جي تدريس لاءِ تجويز ڪيل طريقا** | ۱۹۱ |
| ۸ | **سبق جو خاڪو** | ۲۴٦ |
| ۱۰ | **جائزو** | ۲٦۸ |
| | ۱. جائزي جي اهميت ۽ مفهوم | ۲٦۸ |

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# ١-گرامر

## ڳالهائڻ جا لفظ

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جا اٺ لفظ آهن جي ترتيب سان هتي ڏجن ٿا: ١- اسم، ٢- ضمير، ٣- صفت، ۴. فعل، ۵- ظرف، ٦- حرف جر ٧- حرف جملو ٨- حرف ندا.

**اسم ۽ ان جا قسم**

١- اسم :- اسم جي معنيٰ نالو، ڪنهن ماڻهوءَ، ساهہ واري، جاءِ، شيءِ، حالت، خاصيت ۽ ڪم جي نالن کي اسم چئجي ٿو.

اسم جا قسم

اسم ٻن قسمن جا آهن: ١. ذاتي، ٢. صفاتي.

اسم ذات : اهڙا نالا جيڪي ڪنهن شيءِ جي ذاتي يا باطني حالت يا حالت ۽ ڪم جا هجن، انهن کي فقط محسوس ڪري سگهجي، پر ڏسي يا ڇُهي نہ سگهجي. مثال طور ڳاڙهاڻ، ڪاراڻ، ڀلائي ۽ سٺائي وغيره. (خاصيتن جا نالا) مذاق، خوشي، جهيڙو وغيره (ڪمن جا نالا) ننڊپڻ، چرپڻ (حالتن جا نالا) رهڻي ڪهڻي (ڪم جو نالو).

نوٽ :- خدا تعاليٰ جو نالو پڻ اسم ذاتي آهي.

اسم صفاتي ٻن قسمن جا آهن :- اسم عام ٢- اسم خاص.

اسم عام :- اسم عام اهو اسم آهي، جو فقط ڪنهن هڪ شيءِ جو نالو نہ هجي، پر ان قسم جي سڀني شين جو بہ هجي. جيئن تہ، ماڻهو، پکي، جانور، ميز وغيره.

اسم خاص :- اسم خاص اهو اسم آهي، جو خاص ماڻهوءَ، خاص شيءِ يا ڪنهن خاص ساه واري جو نالو هجي يا اُن نالي سان فقط

اها ئي شيء سڏجي سگهجي جيئن تہ: قمر، تاج محل، لب مهراڻ، ذوالفقار وغيره.

## ضمير ۽ ان جا قسم

ضمير :- اهو لفظ جو اسم جي بدران ڪم اچي، ان کي ضمير چئجي. مثال :- اصغر چيو تہ آئون ايندس.

ضمير ستن قسمن جا آهن : ١- ضمير خالص، ٢- ضمير اشارو، ٣- ضمير مشترڪ، ۴- ضمير استفهام، ۵- ضمير موصول، ٦- ضمير جواب موصول ۷- ضمير مبهم.

(١) ضمير خالص :- هن جا ٽي قسم آهن. خالص متڪلم، ٢- خالص حاضر، ٣- خالص غائب.

١. ضمير خالص :- خالص معنيٰ نج، اهڙا ضمير جيڪي فقط ماڻهو اسم جي بدران ڪم اچن.

ضمير خالص جا ٽي قسم آهن، ١- متڪلم ٢- حاضر ٣- غائب.

خالص متڪلم :- متڪلم معنيٰ ڪلام ڪندڙ يا ڳالهائيندڙ. اهڙا ضمير جيڪي فقط ڳالهائڻ وارو پنهن جي بدران ڪم آڻي. جيئن تہ: آئون، مان، اسين.

خالص حاضر :- حاضر جي معنيٰ آهي، جنهن سان ڳالهائجي، هي انهيءَ جي بدران ڪم ايندو آهي، جنهن سان مخاطب ٿي ويهي ڳالهائجي، جهڙوڪ:- تون، توهين.

خالص غائب :- غائب جي معنيٰ آهي، جنهن بابت ڪجهہ ڳالهائيو وڃي، هي انهيءَ ماڻهوءَ جي بدران ڪم ايندو آهي. جيئن تہ :- هو، اُهي، انهن وغيره.

ضمير اشارو :- اهو ضمير، جيڪو اسم ڏانهن اشارو ڪري، ان کي ضمير اشارو چيو ويندو آهي، مثلاً هي، هيءَ، اهو، هو، هوءَ وغيره.

ضمير اشاري جا ٻہ قسم آهن، ١- ضمير اشارو قريب يا ويجهو،

۲- ضمير اشارو بعيد يا ڏور.

ضمير اشارو قريب :- اهڙا ضمير جيڪي ڪنهن ويجهي اسم ڏانهن اشارو ڪن، تن کي ضمير اشارو قريب چئبو آهي. جهڙوڪ :- هيءُ، هيءَ، ايءَ، ايءُ، وغيره.

۲ ضمير اشارو بعيد :- اهڙا ضمير جيڪي ڪنهن ڏوراهين اسم طرف اشارو ڪن، تن کي ضمير اشارو بعيد چئجي ٿو. جيئن تہ هو، اُهي، اُنهن، هُنن وغيره.

ضمير مشترڪ :- مشترڪ معنيٰ شريڪ يا گڏ. اهڙا ضمير جيڪي فاعل يا مفعول سان گڏجي جملي کي ”زور وارو“ بنائين تن کي ضمير مشترڪ چوندا آهن. جهڙوڪ :- پاڻ، خود پنهن ۽ پنڊ.

۳ ضمير استفهام :- اهڙا ضمير جي سوال پڇڻ جي ڪم اچن ٿا، تن کي ضمير استفهام چئبو آهي. استفهام معنيٰ سوال پڇڻ. مثلاً، ڪير، ڪنهن، ڪچاڙو وغيره.

۵ ضمير موصول :- اهو لفظ جو ڪنهن اسم بدران ڪم اچي، ۽ جملي کي ٻئي جملي سان ڳنڍي، ان کي ”ضمير موصول“ چيو وڃي ٿو. مثال :- هي اهو مهمان آهي، جو سوير آيو هو، هتي ٻن جملن ”هي اهو مهمان آهي“ ”سوير آيو هو“ کي ”جو“ ضمير سان ڳنڍي ٿو.

(٦) ضمير جواب موصول :- اهو لفظ جو ضمير موصول جي جواب ۾ ڪم اچي. مثال :- جو ٻئي لاءِ کڏ کوٽيندو ”سو“، پاڻ ڪرندو. جو ضمير موصول آهي ۽ ”سو“ ان جو جواب موصول آهي.

(۷) ضمير مبهم :- مبهم معنيٰ ڳجهو يا لڪل اهو ضمير، جنهن مان خبر نہ پوي، تہ ڪهڙي اسم بجاءِ ڪم آيو آهي، تنهن کي ”ضمير مبهم“ چيو ويندو آهي. جيئن تہ ڪو، ڪي، ڪجهہ ۽ ڪنهن ”ضمير مبهم“ جا مثال آهن.

**صفت**

"صفت معنيٰ تعريف" هي اهو لفظ آهي، جو اسم يا ضمير سان لاڳو ٿئي، ان جي خاصيت، قسم يا انداز ڏيکاري يعني ان جو ڳڻ، اوڳڻ، قد، انداز ۽ مقدار ڏيکاري، جهڙوڪ :- چڱو ڇوڪر، خراب، مٺو، تکو، سهڻو وغيره.

صفت جا ٽي قسم آهن :- ١- وصفي صفت، ٢- عددي صفت، ٣- ضميري صفت.

وصفي صفت :- اها صفت جيڪا اسم جو قد، درجو، خاصيت، حالت يا قسم ڏيکاري، ان کي وصفي صفت چئبو آهي. مثال طور :- مٺو، کٽو (خاصيت) ڏيکاري ٿي. وڏو، ننڍو (قد) ڏيکاري ٿي. بيٺل، هلندڙ، پڪل، وڍيل درجو يا حالت ڏيکاري ٿي. سنڌڙي انب، صوفي پير قسم ڏيکاري ٿي.

عددي صفت :- صفت جو انداز ڏيکاريندڙ لفظ کي "عددي صفت" چيو وڃي ٿو.جهڙوڪ :- ڏهه، پندرهن، پيٽا، ٽيٽا وغيره.

ضميري صفت :- اُهي ضمير جيڪي ضميري صفت ٿي ڪم اچن ٿا. انهن کي "ضميري صفت" چيو وڃي ٿو.

مثلاً :- هو ماڻهو، اُهي عورتون (ضمير اشارو ڏور) جو ڇوڪر، جيڪو قلم (ضمير موصول) سو ماڻهو، سي ڇوڪريون (ضمير جواب موصول) منهنجو ڪتاب،تنهنجي ڳالهه (اضافتي ضمير)

**صفت جا درجا**

صفت جا ٽي درجا آهن :- ١- صفت خالص ٢- صفت تفضيل ٣- صفت مبالغو.

١- صفت خالص :- جنهن صفت ۾ ڪنهن سان ڀيٽ ڏيکاريل آهي اها صفت خالص ٿيندي، مثال طور :- طوطو سهڻو پکي آهي.

٢- صفت تفضيلي :- جنهن صفت ۾ ڪنهن هڪ شيء جي ٻيءَ

شيءِ سان ڀيٽ ڪيل هجي مثلاً :- طوطو پاريهر کان سهڻو پکي آهي.
٣- صفت مبالغو :- جنهن صفت ۾ هڪڙيءَ شيءِ کي ٻين سڀني ساڳي جنس يا قسم وارن سان ڀيٽجي ٿو.
مثلاً :- مومل پوري اسڪول جي ڇوڪرين کان سهڻي ڇوڪري آهي.

## فعل ۽ ان جا قسم

فعل :- فعل اهو لفظ آهي، جنهن مان هئڻ، ڪرڻ، ٿيڻ، ۽ سهڻ جي معنيٰ نڪري ٿي.
فعل جا قسم :- فعل جا ٻه قسم آهن :- ١- فعل لازمي، ٢- فعل متعدي.

فعل لازمي :- هي فعل فقط اهو ڪم ڏيکاري ٿو، جنهن جو لاڳاپو فاعل سان آهي، مثال :- "هو آيو" هتي فاعل يعني ڪم ڪندڙ آهي، "هو" ۽ فعل يعني ڪم ڏيکاريندڙ آهي. "آيو" هي فعل فقط پنهنجي فاعل بابت ڪجهه ڏيکاري ٿو. باقي اهو نه ٿو ڏيکاري ته ان ڪم جو اثر ڪنهن ٻئي تي ڪهڙو ٿيو؟ ان ڪري "آيو" فعل لازمي آهي. هن جملي ۾ فعل لازميءَ جو فاعل صاف ظاهر بيٺو آهي، تنهن ڪري هن فعل لازميءَ کي چئبو "فعل لازمي معروف" پر ڪن جملن ۾ فاعل هوندو ئي نه آهي، مثلاً :- پڙهبو آهي، گهمبو آهي وغيره. هتي "آهي" فعل لازمي آهي. پر ان جو فاعل ڏيکاريل نه آهي. تنهن ڪري هن کي فعل کي چئبو "فعل لازمي مجهول".

فعل متعدي :- اهڙا فعل جن جا فاعل ۽ مفعول ٻئي جملي ۾ موجود هجن.جهڙوڪ :- پيرل ڪاڌو رڌو.
نوٽ :- هن جملي ۾ فعل آهي رڌو، پيرل آهي فاعل يعني ڪم جو ڪندڙ ۽ ڪاڌي تي ڪم جو اثر ٿئي ٿو، جيڪو وجي ٿيو مفعول.
فعل معاون :- اهو فعل آهي، جيڪو فعلن جي زمانن جوڙڻ جي ڪم اچي ٿو.

فعل متعديءَ جا ٽي قسم آهن :- ١- فعل متعدي معروف ٢- فعل متعدي مجهول، ٣- فعل متعدي بالواسطہ.

فعل متعدي معروف :- جنهن ۾ فاعل ظاهر بيٺو هجي ان کي متعدي معروف يا چئو چئجي.

فعل متعدي مجهول :- اهڙا فعل جي ڏيکارين تہ مفعول ڦري فاعل جي جاءِ ورتي آهي، هن ۾ ڪم ڪندڙ ظاهر نٿو ڄاڻائجي.

فعل متعدي بالواسطہ :- اهڙا فعل جن مان ظاهر ٿئي تہ فاعل ڪم اهو پاڻ نہ بلڪہ ٻئي کان ڪرايو آهي مثال طور: مون مينهن کي گاهہ ڏيارايو.

فاعل يا اڪرترڪ :- يعني بي فاعل فعل يا بنا فاعل جي فعل: ڪاڏو ڪٽجي ٿو، ڪتاب لکجي ٿو.

جنس :- جنس ٻن قسمن جي ٿيندي آهي، ١- مذڪر يعني نر ٢- مؤنث معنيٰ مادي،

مذڪر :- اهڙا لفظ جن جي معنيٰ ظاهر ٿئي تہ هو نر آهن.

مؤنث :- اهڙا لفظ جيڪي ظاهر ڪن تہ اُهي مؤنث ياماديون آهن.

| مذڪر | مؤنث |
|---|---|
| ڇوڪر | ڇوڪري |
| پٽ | ڌيءَ |
| ماءُ | پيءُ |
| ٻڪر | ٻڪري |

نوٽ :- هو جو سو مذڪر آهن پر هوءَ، جا، سا مؤنث آهن، پيش جي پڇاڙي ۾ اچي تہ مذڪر هوندا آهن ءِ اَ، او، اُو پڇاڙي وارا

لفظ مذڪر هوندا آهن.ڪي مذڪر ۽ مؤنث ٻي قاعدي پڻ ٿيندا آهن.

**عدد**

سنڌيءَ ۾ عدد ٻه آهن، ١- عدد واحد ۽ ٢- عدد جمع -
واحد معنيٰ اڪيلو ۽ جمع معنيٰ گهڻا يا وري وري ايندڙ.
نوٽ :- گهڻو ڪري واحد جي پڇاڙيءَ "آن" يا "اون" پڇاڙيءَ سان مؤنث توڙي مذڪر جي حالت ۾ جمع ٺهندو آهي. مثلاً ڪٽ، ڪٽون، اهڙا لفظ جن ۾ اڳ ۾ ٿي "او" يا "اون" جو اُچار هوندو آهي، تہ ان ۾ ٻي پڇاڙي نہ ٿي ڳنڍجي، مثلاً ڳئون جو جمع ڳئون، ماڻهوءَ جو جمع ماڻهو وغيره.
واحد جي پويان او آهي، تہ ان جي بدران "آ" ڳنڍڻ سان مثلاً گهوڙو جو جمع ٿيا گهوڙا.
مذڪر توڙي مؤنث جي حالت ۾ واحد جي پويان "او" پڇاڙي ڳنڍجي، تہ اُهي جمع جڙندا. جي سڌ ڪرڻ جي ڪم ايندا. مثال طور ماءُ مان مائرو، مسلمان مان مسلمانو وغيره.

**حالت**

حالت جا پنج قسم آهن :- ١- حالت فاعلي، ٢- حالت مفعولي، ٣- حالت جري، ٣- حالت اضافت، ٥- حالت ندا.
حالت فاعلي :- اهو اسم يا ضمير، جنهن بابت فعل جي وسيلي ڪا ڳالهہ ڪجي ٿي، ان کي فاعل چئجي ٿو، ۽ ان جي حالت ٿيندي فاعلي، مثال :- ١- هو آيو، ٢- اڪبر خط لکيو، هتي هو ۽ اڪبر فاعل آهن، ان ڪري انهن جي حالت فاعلي ٿيندي.
٢- حالت مفعولي :- جنهن تي ڪم جو اثر پوي، تنهن ڪري اهڙا اسم يا ضمير، جن تي فعل يعني ڪم جو اثر پوي تن جي حالت مفعولي ٿيندي. واڍو در ٺاهي ٿو، هتي فاعل ٿيو واڍو، ٺاهڻ يا

ٿاهي ٿو آهي ڪم ۽ فاعل واڊي جي ٿاهي ٿو ڪم يا فعل جو اثر پيو در تي، تنهن ڪري واڊي جي حالت فاعلي ۽ در جي حالت ٿي مفعولي.

٣- حالت جري :- جنهن اسم يا ضمير جي پٺيان حرف جر اچي ۽ ان جو ٻئي اسم سان لاڳاپو ڏيکاري، ان جي حالت جري ٿيندي.
مثال :- ميز تي ڪتاب رکيو آهي، هتي ميز ۽ ڪتاب جو لاڳاپو ڏيکاريل آهي ۽ تي حرف جر آهي تنهن ڪري ميز اسم جي حالت جري ٿيندي.

٤- حالت اضافت :- جن اسمن يا ضميرن جي پٺيان حرف اضافت اچن انهن جي حالت اضافت چئي ويندي. مثال :- سانوڻ جو ڪتاب. هتي جو لفظ سانوڻ ۽ ڪتاب جو لاڳاپو ڏيکاري ٿو ۽ جو لفظ ڪتاب جي مالڪي ظاهر ڪري ٿو، تنهن ڪري احمد جي حالت اضافت ٿيندي.

٥- حالت ندا :- ندا معنيٰ سڏ، اُهي اسم يا ضمير جن جي اڳيان حرف ندا جو ڪو لفظ آيل هجي يا منجهائنس عجب يا افسوس جي معنيٰ نڪري تہ ان جي حالت ندا ٿيندي.
او عبدالله! هيڏانهن اچ، هتي او عبدالله سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم آيو، تنهن ڪري ان جي حالت ندا چئجي.

نوٽ :- هن حالت کي حالت فاعلي جو هڪ قسم بہ چئي سگهجي ٿو.

## ترڪيب

ترڪيب ان کي چئبو آهي، جو جملي جي هر هڪ لفظ لاءِ ٻڌايو وڃي، تہ اهو ڳالهائڻ جي لفظن مان ڪهڙو لفظ آهي، فقط ايترو نہ، پر قسم، جنس، عدد، زمان ۽ حالت بہ ڏيکاري ويندي آهي. ترڪيب جي معنيٰ آهي مرڪب ڪرڻ، جوڙڻ يعني ياڳو ياڱي سان ملائي سڄو ڪرڻ.

ترڪيب جو مثال هتي ڏجي ٿو:

**احسان ڪڪڙ ڪٺي آهي.**

**احسان.** اسم خاص، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل آهي فعل ڪٺي آهي جو.

**ڪڪڙ**:- اسم عام، جنس مؤنث عدد واحد حالت مفعولي، ڪسڻ (ڪم جو اثر پيو اٿس) مفعول آهي احسان فاعل جو.

**ڪٺي آهي**:- فعل متعدي معروف، زمان حال سندس فاعل آهي احسان.

۲- صحيح تلفظ، انهن جو استعمال ۽ اعرابون،

ا، و، ي، حرف علت ڪانسواءِ ٻيون ٻه اهڙيون نشانيون آهن، جيڪي انهن مان ٺهيل آهن ۽ انهن جي اڌ جيترو ڪم ڏين ٿيون، جن کي، حرڪتون، يا اعرابون سڏبو آهي، اُهي هي آهن.

(۱) الف مان زَبَرَ

(۲) واو مان پيشُ

(۳) ي مان زيرِ

زَبَر، زيرِ ۽ پيش کي اعراب يا حرڪت چئبو آهي، ۽ جنهن اکر کي ڪا به حرڪت هوندي تہ ان اکر کي (متحرڪ يا چرندڙ) سڏبو آهي. ٻهرين اکر کي ڪا بہ حرڪت (زَبَر، زيرِ يا پيش) ۽ ٻئي اکر تي جزم ڏبي آهي. جزم واري اکر کي، مجزوم، موقوف، ساڪن، يا غير متحرڪ چئبو آهي، جيئن :- مَسجِد ۾ ميم، ۽ جيم، متحرڪ ۽ سين، دال ساڪن يا غير متحرڪ آهن.

تنوين :- جيڪڏهن ڪنهن بہ اکر کي ٻہ زيرون، ٻہ زبرون يا ٻہ پيش اچن ٿا. تہ اهڙين اعرابن کي تنوين چئبو آهي. تنوين مان "نون" جو آواز نڪرندو آهي، مثلاً (مَثَلن) مثال طور ظاهراً (ظاهرَن) ظاهري طور يا کليو ڪلايو.

قطعاً (قطعَن) هرگز.

## اُچار ۽ آواز

حرف علت (ا، و ۽ ي) يا اعرابن (زير، زبر، پيش) جي اچڻ ڪري اکر جو اچار پيدا ٿئي ٿو ۽ اُچار جي اثر مان وري آواز ٿو ٺهي. انهيءَ مان ثابت ٿيو، تہ اُچار جو تعلق حرف علت ۽ اعرابن سان آهي ۽ آواز جو واسطو وري اُچار سان آهي. اعرابن يا حرف علت جي اچڻ ڪري، هر هڪ اکر جا اُچار الڳ الڳ ٿيندا آهن، پر آواز سڀني جا ساڳيا آهن. آواز ڪل ڏهہ آهن.

١- حرڪتن مان ٺهيل آواز هي آهن. اَ، اِ، اُ

٢- حرف علت مان ٺهيل آواز هي آهن. الف مان : آ

بي مان : اي، اَي، اِي،

واو مان : او، اَو، اُو،

اُهي ڏهہ آواز الف ب جي سمورن اکرن جا ساڳيا آهن، پر اُچار جدا جدا ٿيندا آهن. جيئن (ب) ۽ (ڪ) جا اُچار ڏسو بَ، بِ، بُ، با، بي، بَي، بِي، بو، بَو، بُو.

ڪَ، ڪِ، ڪُ، ڪا، ڪي، ڪَي، ڪو، ڪَو، ڪُو،

هاڻي ائين سمجهڻ گهرجي، تہ سنڌيءَ جي ٻاونجاهہ اکرن جا اُچار پنج سو ويهہ ۽ آواز رڳو ڏهہ آهن.

### لفظ

ٻن يا وڌيڪ اکرن جي مجموعي يا ميلاپ کي لفظ چئجي ٿو. لفظ جا ٻہ قسم آهن، ١- بي معنيٰ لفظ. ٢- با معنيٰ لفظ.

١- بي معنيٰ لفظ :- جن مان ڪو بہ مطلب نڪري نہ سگهي، جيئن تہ ا، ب، ڇ، ع، ر، ي، ايجئوي هي اهڙو لفظ آهي، جنهن جي ڪا بہ معنيٰ نٿي نڪري، ان ڪري اهو بي معنيٰ لفظ آهي.

٢- با معنيٰ لفظ :- جنهن مان ڪو مقصد نڪري سگهي ٿو.

مثلاً :- ب، ا، غ، ي، چ، و، باغيچو.
باغيچو اهڙو لفظ آهي، جنهن مان معنيٰ نڪري سگهي ٿي.
<u>نوٽ</u> :- صحيح تلفظ اڪرن يا آوازن جي اُچارن، حرڪتن ۽ اعرابن کي سمجهڻ بعد ئي اُچاري توڙي استعمال ڪري سگهجي ٿو.

## ظرف

ظرف :- اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ فعل، صفت يا ٻئي ظرف سان لڳي، ان جي ريت، قدر يا انداز، وقت، جاءِ، هاڪار يا ناڪار جي معنيٰ ڏيکاري ته انهن کي ظرف چئجي ٿو، جيئن،

١- هيءَ تنهنجي پينسل آهي،
٢- هائو سائين! اڄ سومر جو ڏينهن آهي،
٣- آئون هتي ويهان ٿو، تون هتي ويهه،
٤- ڪالهه ڪٿي هئين؟

مٿين جملي ۾ (نه) انڪار، (هائو) هاڪار، اڄ (وقت) (هتي) جاءِ، هُتي (جاءِ) ڪالهه (وقت)، ڪٿي (جاءِ) ظرف آهن.
ظرف جا ٽي قسم آهن،
١- ظرف زمان، ٢- ظرف مڪان، ٣- ظرف تميز.

١- ظرف زمان :- اهڙا ظرف جن مان وقت جي معنيٰ نڪري ته اِن کي ظرف زمان چئبو آهي، مثلاً،

١- هو ڪڏهن ايندو؟
٢- سليم سياڻي سکر ويندو.
٣- اڄ نه اڱڻيءَ ڀار، ڪرهو جيئن ڪالهه هو.

مٿين جملن ۾ ڪڏهن، سياڻي، اڄ، ڪالهه ظرف زمان آهن ڇاڪاڻ ته انهن مان وقت جي معنيٰ نڪري ٿي وڌيڪ ظرف زمان هيٺ ڏجن ٿا.

ڪڏهن، جڏهن، تڏهن، اڄ، سڀاڻي، پرينهن، اڳي، پوءِ، هاڻي، سوير، سويل، اڃا، جلدي وغيره.

٢- ظرف مڪان :- جنهن ظرف مان جاءِ جو مطلب ظاهر ٿئي ته ان کي ظرف مڪان ڪوٺبو آهي، جيئن:

١- جتي مينهن وسندو، اتي چڪ ٿيندي،

٢- ڪي جو ڪٿاهين، چانگو چڪي آيو،

تاڻي تيڏاهين، نيٺ ڇنايو، نڪري،

پهرين جملي ۾ (جتي) ۽ (اتي) ظرف مڪان آهن، بيو شاه جو بيت آهي ان ۾ (ڪٿاهين) ۽ (تيڏاهين) پڻ ظرف مڪان آهن، ڇاڪاڻ ته ان ۾ مڪان يا جاءِ جو اندازو ٿئي ٿو.

هيٺين لفظن مان ظرف مڪان جي نشاندهي ٿئي ٿي!

هيٺ مَٿي، هِتي هُتي، جِت ڪِٿ، هتان هُتان، ڪيڏي، ڪيڏانهين وغيره.

٣- ظرف تميز :- جنهن لفظ مان ريت يا قدر جي معنيٰ نڪري ته ان کي ظرف تميز چئبو آهي، جهڙوڪ:

جيئن تيئن، ڪيئن، جهڙي طرح، تهڙيءَ طرح، مس مس، ڏاڍو، تمام وغيره.

١- بيل گاڏي آهستي آهستي هلي ٿي ۽ ريل گاڏي تکي هلي ٿي.

٢- انهيءَ نلڪي مان پاڻي مَس مَس ٿو اچي.

مٿين جملن ۾ (آهستي) ۽ (تکي) لفظن مان ريت ۽ (مس، مس) مان قدر جي معنيٰ نڪري ٿي. تنهنڪري اهي ظرف تميز آهن.

نوٽ :- جملي ۾ هاڪار ۽ ناڪار ڏيکاريندڙ لفظ پڻ ظرف آهن، انهن جا ظرف ٿيندا هاڪاري ۽ ناڪاري.

ترڪيب :- ظرف جي ترڪيب لاءِ فقط ٻه ڳالهيون لکجن:

١- ظرف جو قسم، ٢- ظرف جو لاڳاپو،

## حرف جر

حرف جر :- اهو لفظ جو اسم يا ضمير جي پٺيان اچي ۽ انهن مان لاڳاپو ظاهر ڪري، تہ ان کي (حرف جر) چئبو آهي. جيئن:

١- ساڄي هٿ سان لک.
٢- ڏيئي ۾ تيل وجھہ.
٣- استاد کي سبق سڻاءِ.
٤- هن وٽ ڪيترا ڪتاب آهن.
٥- اسان جو استاد تمام هوشيار آهي.
٦- تو کان سوال پڇان.

پهرين ٽن جملن ۾ سان، ۾، کي حرف جر آهن، جي اسم جي پويان آيل آهن، ۽ پوين ٽن جملن ۾ وٽ، جو، کان ضمير جي پويان ڪم آيل آهن. اهڙيءَ ريت هي حرف جر آهن.

۾، مان، منجھہ، منجھان، تي، تان، سان، سين، ساڻ، جو، جي، جا، سندو، وارو، وٽ، واسطي وغيره.

ترڪيب :- هن ۾ فقط اهو ڄاڻبو آهي، تہ هو اسم جي پويان آهي يا ضمير جي پويان.

## حرف جملو

حرف جملو :- اهو لفظ جو لفظن يا جملي جي ٻن ڀاڱن کي يا ٻن ننڍن جملن کي پاڻ ۾ ملائي ٿو، اُن کي حرف جملو چئبو آهي، جيئن :- ١- ٻن لفظن جو ميلاپ. قلم ۽ ڪاغذ کڻي اچ.

٢- ٻن جملن کي ملائي ٿو.
ڪير ۾ ڪنڊ وجھبي تہ کير مٺو ٿيندو.
٣- جملي جي ٻن حصن کي ملائي ٿو.
اسان کي ملڪي هنرن ڏانهن بہ ڌيان ڏيڻ گھرجي.

نوٽ :- تہ، ہہ، ہہ تہ، پڻ، يا، پر، مگر، نہ تہ، ليڪن حرف جملو آهن.
ترڪيب :- هن ۾ فقط اهو ٻڌائبو تہ ٻن لفظن، جملي جي ٻن ڀاڱن يا ٻن جملن کي ڳنڍي ٿو.

## حرف ندا

حرف ندا :- اهو لفظ جنهن مان سڏ جي معنيٰ نڪري يا دل جي خوشي، ارمان يا عجب پيدا ٿئي، تہ ان کي حرف ندا چئبو آهي.
جيئن تہ :-

١- او ڀائو! هيڏانهن اچ.
٢- شاباس! تون سچار آهين.
٣- افسوس! تون امتحان ۾ ناپاس ٿي پئين.
٤- واهہ وهين نہ شال! سڪي ٻيلا ٿيون ٿئي.
٥- مان! سپرين اچن.

مٿئين جملن ۾ او، شاباس! شال! مانَ! افسوس! حرف ندا آهن.
نوٽ :- حرف ندا جي پويان (!) عجب جي نشاني ڏبي آهي.
ترڪيب :- اهو لکجي تہ ان مان ڪهڙي ٿي خواهش نڪري.

**واحد جمع - ضد - پهاڪا ۽ اصطلاح :-**

**واحد جمع :-**

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| اثر | آثار | امر | امور |
| اصل | اصول | باب | ابواب |
| تاجر | تجار | بحر | بحور |
| جوهر | جواهر | بدن | ابدان |
| حال | احوال | برڪت | برڪات |
| خبر | اخبار | بيت | ابيات |
| خلق | اخلاق | بنت | بنات |
| روح | ارواح | تجويز | تجاويز |
| صاحب | اصحاب | تصوير | تصاوير |
| عمل | اعمال | ثمر | اثمار |
| فعل | افعال | جاهل | جُهال |
| عالم | علماءُ | جبل | جبال |
| فوهـ | افواهـ | ادب | آداب |
| مدد | امداد | استاد | اساتذه |
| ملڪ | ملائڪ | اقليم | اقاليم |
| ولد | اولاد | | |

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| جسم | اجسام | رعیت | رعایا |
| جمع | مجموع | رکن | ارکان |
| حاکم | حکام | روح | ارواح |
| حد | حدود | زمان | ازمنه |
| حُکم | احکام | زوج | ازواج |
| حکیم | حکماءٔ | سلطان | سلاطین |
| حق | حقوق | سن | سنوات |
| حصو | حصص | سوال | سوالات |
| خدمت | خدمات | شاعر | شعراءٔ |
| خصیلت | خصایل | شریر | اشرار |
| خلق | خلائق | شریف | اشراف |
| خلیفو | خلفاء | شک | شکوک |
| درهم | دراهم | شهید | شهداءٔ |
| دفتر | دفاتر | شکل | اشکال |
| ذریعو | ذرائع | | |

| جمع | واحد |
|---|---|
| صدقات | صدقه |
| صناديق | صندوق |
| ضعفا | ضعيف |
| طلباء | طالب |
| اطفال | طفل |
| عوام | عام |
| غموم | غم |
| اغنياء | غني |
| اقدام | قدم |
| مساجد | مسجد |
| مصائب | مصيبت |
| انصار | ناصر |
| منابر | منبر |
| منازل | منزل |
| امواج | موج |
| انهار | نهر |
| واقعات | واقعه |
| اوراق | ورق |
| وزراء | وزير |
| اوطان | وطن |
| اوصاف | وصف |
| اوقات | وقت |
| هدايات | هدايت |
| قوانين | قانون |

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اگهو | سگهو | آسان | دشوار |
| اوچ | نيچ | آڳاٽو | پاڇاٽو |
| اولين | آخرين | ٻاهر | ٻاٽي |
| اهنج | سهنج | ٻر | بحر |
| اڇو | ڪارو | ٻار | ٻڍر |
| ارهو | سرهو | ٻانهي | سائڻ |
| اشراف | ڪمينو | ڀريل | خالي |
| اوڏر | روڪ | ڀاڳ | نڀاڳ |
| اوندهه | سوجهرو | ڀُڙ | ڏڏ |
| آٿڻ | نيرڻ | تڪبر | عجز |
| اڳياڙي | پڇاڙي | تونگر | مفلس |
| الفت | ڪلفت | تيز | ڍرو |
| اپت | کپت | تکو | مڏو |
| اٺائو | سٺائو | تائيد | ترديد |
| اياڻو | سياڻو | تانگهو | تار |
| اجايو | سجايو | ترقي | تنزل |
| اويل | سويل | ثواب | گناهه |
| ابتو | سبتو | ٿاهوڪو | بي ڏولو |
| اوکي | سوکي | ٺڪر | ٻتر |

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| پراڻو | نئون | ڏپرو | متارو |
| پيادو | سوار | صلح | جنگ |
| پورب | پڇم | سانجهي | صبح |
| پنهنجو | پرائو | سفيد | سياهه |
| چڱو | مَٺو | ڏڪار | سڪار |
| چست | سست | ڏاتار | پينار |
| چور | ساڌ | ڏاهو | ٻُوڪ |
| خير | شر | ڏنگو | سڌو |
| داناءُ | نادان | ڏور | اوڏو |
| ڍڪيل | اگهاڙو | ڏک | سک |
| ڏينهن | رات | ڏنو | ورتو |
| ڏيڻ | وٺڻ | سرڳ | نرڳ |
| ڦڪو | مٺو | وحدت | ڪثرت |
| کوٽ | واڌ | يار | اغيار |
| لهوارو | اوڀارو | صادق | ڪاذب |
| مليح | قبيح | طالب | مطلوب |
| نياءُ | ڪنياءُ | غبي | ذڪي |
| هاڪار | ناڪار | غافل | سجاڳ |

**پهاڪا -**

١- آئي ٿانوَ ڏي ڪاٺ ٿي وڃي بورچياڻي.
(جيڪو ڪنهن ڪم لاءِ اچي ۽ قبضو ڪري اتي پاڻ کي مالڪ سڏائي ويهي رهي).
٢- اُپ ڏانهن اشاري جي ضرورت نہ آهي.
(جيڪا شيءِ سيني کي چڱيءَ طرح ڏسڻ ۾ اچي سگهي، ان ڏانهن آڱر جو اشارو ڪرڻ اجايو آهي).
٣- اُٺ جنهن وڻ سان ہڏجي، ان کي ڪاٽي.
(جنهن ماڻهوءَ کي جيڪا عادت يا هير پيل هوندي، تہ اُها ضرور پوري ڪندو).
٤- اٽو چي گهوڙاتو.
(ڪنهن ماڻهوءَ کي چئجي هڪڙي ڳالهہ، تہ ٻڌائي ٻي ڳالهہ).
٥- اڏو مڙوئي ٽيهہ هٿو.
(مڙئي هڪ جهڙا).
٦- استاد جي مار يار جي سنوار.
(جيڪڏهن استاد ٻار کي ڏوهہ جي بدلي سزا ڏيندو، تہ اها هن جي سڌاري لاءِ هوندي).
٧- اڄو ڏجي، اڄو ونجي.
(جهڙي شيءِ پاڻ وٺڻ لاءِ تيار ٿجي، موٽ ۾ اهڙي ئي شيءِ ٻئي کي ڏجي)
٨- اکهہ ڪٽيو ڪاٽجي، تور ڪٽيو نہ ڪاٽجي.
(شيءِ جا پيسا ڀلي وڌيڪ وٺجن، مگر تور ڪوٽي نہ ڏجي).
٩- اگر ڪوسا تہ هٿ ساڙين، ٿڌا تہ هٿ ڪارا ڪن.
(خراب ماڻهوءَ سان دوستي رکبي تہ انهيءَ مان ڪڏهن بہ چڱائي نہ رسندي)
١٠- الله ڏئي، تہ ڪمي ڪاٽجي.
( جيڪڏهن ڪنهن کي الله ڏئي تہ ان کي گهرجي تہ نياز ۽ نئڙت سان هلي، پر هٺ ۽ وڏائي نہ ڪري).

( مناسب کائبو تہ صحت مند رهبو، يعني جيڪڏهن مناسب وقت
تي مناسب کاڌو کائبو، تہ هميشه تندرست رهبو ۽ طبيبن تات نہ پئبو).
٣١- وڻ وڻ ڪاٺي.
( جدا جدا جنسون اچي گڏ ٿيڻ، جتي جدا جدا ذاتين، قومن يا
ملڪن جا ماڻهو گڏ ٿيندا آهن تہ هي پهاڪو ڏبو آهي).
٣٢- هنيءَ سار هوڪو ڏبو.
(جيتري حيثيت هجي اوتري ظاهر ڪجي، يعني پنهنجي حيثيت
کان ٻاهر نہ وڃجي).
٣٣- هيري سنڌي هير، تنگ پڳي بہ نہ رهي.
(عادت ڇڏڻ تمام مشڪل آهي، جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ۾
عادت هوندي تہ اها مشڪل سان ڇڏيندو، ترڙي انهيءَ ڪي
ڪيترو بہ نقصان ٿي پوي).
٣٤- هٿ جي وڍئي جو نڪو ويج نہ طبيب.
(جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ کي پاڻهيئي پيو نقصان پهچائيندو، تہ
ان کي سمجهائڻ مان ڪهڙو فائدو).

## اصطلاح

اک ڪارا ڪرڻ = سوپ ڪٽڻ، مڙسي ڪرڻ.

اک پٽڻ = هوشيار ٿيڻ.

اکين ۾ ڪنڊو هئڻ = ناپسند هئڻ، نہ وڻڻ.

اکيون ڏرا ڏيئي وڃڻ = هيٺو ٿيڻ.

آڏو اچڻ = نتيجو لوڙڻ.

اُپ ڦاڙڻ = ٻڌاڪون هڻڻ.

اڳ پوءِ جاچڻ = هر ڳالهہ جو ويچار ڪرڻ.

ابتا پير ڪڍڻ = اجايا ڪم ڪرڻ.

ابتي ڪل لاهڻ = غير واجبي نفعو ڪمائڻ.

ابن الوقت هجڻ = لالچي هجڻ.

اٽي ۾ لوڻ هجڻ = ٿوري انداز ۾ هجڻ.

اجايا پير ڪڍڻ = بچڙا ڪم ڪرڻ.

اجل کي سڏ ڪرڻ = موت کي سڏ ڪرڻ، مصيبت ۾ پوڻ.

اڄ سيان ڪرڻ = نٽائڻ.

اجها اڏڻ = گهر ٺاهڻ.

اڇو مٿو ٿيڻ = وڏي عمر ٿيڻ.

اچائي ڪرڻ = صاف ڳالهہ ڪرڻ.

اربع خطا ڪرڻ = وڏو ڏوهہ ڪرڻ.

اڏيءَ مڏيءَ وارو هجڻ = مالدار هجڻ.

ارٽ سين اورڻ = ڪتڻ.

ارواح ڪجي وڃڻ = شوق لهي وڃڻ.

استادي ڏيڻ = سيکارڻ.

اکن تي اٽو هارڻ = اجائي محنت ڪرڻ.

اکن کان انب گهرڻ = ڪنجوس ۾ اميد رکڻ.

اک پچڻ = اشارو ڪرڻ.

اک پورڻ = بي حيائي ڪرڻ، مري وڃڻ.

اک ڇنڀ ۾ اچڻ = جلدي پهچڻ.

اک ڏيکارڻ = دڙڪو ڏيڻ.

اک کلڻ = خبردار ٿيڻ.

اک لڳڻ = ننڊ اچڻ.

اک مان ڪڍڻ = جاچي ڏسڻ.

ٿڌائي ڪرڻ = سستي ڪرڻ.

ٿڌر ٿيڻ = راضي ٿيڻ.

ٺڪر ڏيئي ٺانڊو ڪٺائڻ = وڏ ماڻهپي ڏيکارڻ.

ٺڪر پنجو ڪرڻ = سادگيءَ سان ڪم ڪرڻ.

ٺڪر پچڻ = الزام هڻڻ.

پگهر سڪائڻ = ٿورو وقت ترسڻ.

ڦٽاڪا ڇوڙڻ = ٻٽاڪون هڻڻ.

جتيءَ ۾ پير پائڻ = برابري ڪرڻ.

جوت جاڳائڻ = روشني ڪرڻ.

ڇنڊا پٽ ڪرڻ = جهيڙو ڪرڻ.

چار چار ڪرڻ = ڪچهري ڪرڻ.

چشم پوشي ڪرڻ = لڪائڻ.

چيٽا پورڻ = فساد مچائڻ.

خر مغز هڻڻ = مٿي ڦريل هجڻ.

دل من جاچڻ = سوچڻ.

دل وڏي ڪرڻ = آسرو رکڻ.

دل ننڍي ڪرڻ = گهبرائجي وڃڻ.

ڏس پنڌ ڪرڻ = علاج ڪرڻ.

ڏندين آڱريون اچڻ = حيران ٿيڻ.

رت ڪرڻ = بيزار ڪرڻ.

روح ڦوڪڻ = همٿائڻ.

زبان ڪي پاڻي ڏيڻ = وعدو پاڙڻ.

سرکپائڻ = اجائي محنت ڪرڻ.

سڻائو واءُ لڳڻ = قسمت چڱي ٿيڻ.

سونو نڪ وجهڻ = وڏي عزت ڏيڻ.

سيج ماڻڻ = شادي ڪرڻ.

سينڌ ڏيڻ = انجام ڏيڻ (عورتن جو).

سينڌ سرمو ڪرڻ = سينگار ڪرڻ.

شب ۾ رکڻ = لڪائڻ.

قلعي کلڻ = ظاهر ٿيڻ.

ڪک رکڻ = لڪائڻ.

ڪناره ڪشي ڪرڻ = پري رهڻ.

اکين تي رات ڪاٽڻ = سڄي رات جاڳڻ.

اکين جو ٺار هجڻ = پيارو هجڻ.

اکين جي اُڃ لاهڻ = ملاقات ڪرڻ.

اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ = ٺڳي ڪرڻ.

بار لاهڻ = آجو ٿيڻ، نباڻي پرڻائڻ.

بار وجهڻ = سفارش ڪرائڻ.

بازي وجهڻ = مسخري ڪرڻ.

بازي هارائڻ = شڪست اچڻ.

باغ باغ ٿيڻ = تمام سرهو ٿيڻ.

ٻره تي تيل هارڻ = فساد وڌائڻ.

| | | |
|---|---|---|
| بدحواس ٿيڻ | = | منجهي وڃڻ، پريشان ٿي پوڻ. |
| برقعو مٽائڻ | = | وفات ڪرڻ. |
| بسترو گول ڪرائڻ | = | لوڏي ڪڍڻ. |
| بستري داخل ٿيڻ | = | بيمار ٿي پوڻ. |
| بڪيون ٺوڪڻ | = | پنڌ ڪرڻ. |
| بگهڙ پوڻ | = | مصيبت ڪڙڪڻ. |
| بند پٽائڻ | = | ڀڃي وڃڻ. |
| بند وڃائڻ | = | گم ڪرڻ. |
| بند هجڻ | = | اڪيلو هجڻ، ڇڙو هجڻ. |
| ٻاڙ لڳڻ | = | خواهش ٿيڻ. |
| ٻه اکر لکائڻ | = | چٺي لکائڻ. |
| ٻانهن ٻيلي ٿيڻ | = | مددگار ٿيڻ. |
| ٻانهون ٻڌڻ | = | وينتي ڪرڻ، منٿ ڪرڻ. |
| ٻانهون کنجڻ | = | وڙهڻ لاءِ تيار ٿيڻ. |
| ٻٽيهه ٽيڻ کلڻ | = | تمام گهڻو راضي ٿيڻ. |
| ٻڏڻ ترڻ | = | ڳٽيون ڪرڻ. |
| ٻڪر ٻوساٽ ڪرڻ | = | زبردستي ڪرڻ. |
| ٻوٿ ٻڌي ويهڻ | = | مات ڪري ويهڻ. |
| ٻوٽو ٻارڻ | = | همت ڪرڻ، ڪارنامو ڪرڻ. |
| تارو ڪٽڻ | = | بد سوڻ ٿيڻ. |
| تاڙيون ٺوڪڻ | = | ڪنگال ٿي وڃڻ. |
| تاڙيون وڄائڻ | = | خوشيون ڪرڻ. |
| تڙ تڪڙ ڪرڻ | = | جلدي ڪرڻ. |
| ڪلهو ڏيڻ | = | ڪٽڻ. |
| ڪاپاري ڌڪ لڳڻ | = | وڏو نقصان ٿيڻ. |

| | | |
|---|---|---|
| كنڌا ٽي وڃڻ | = | اپرو ٿي وڃڻ. |
| كڙ تيل نكرڻ | = | نتيجو نكرڻ. |
| كٽي ڏيڻ | = | تنگ كرڻ. |
| كهرو ڳالهائڻ | = | چڙ ڏيارڻ. |
| گاڏو گهلڻ | = | وقت گذارڻ. |
| گوڏو پچڻ | = | ويهڻ. |
| گوڏر گوڏي سان ڏيڻ | = | پرسان ويهڻ. |
| نالو ڳائڻ | = | تعريف كرڻ. |
| مانڊاڻ منڊڻ | = | رٽ رٽڻ. |
| مونن ۾ منهن وجهڻ | = | دنيا كان پري ٿي وڃڻ. |
| مٽي تي چاڙهڻ | = | من وڌائڻ. |
| نك ٻوڙڻ | = | بي حيا ٿيڻ. |
| وار ونگو نه ٿيڻ | = | ذرو به نقصان نه پهچڻ. |
| هائيءَ هجي وڃڻ | = | ناس ٿي وڃڻ. |
| هڙ حاصل ٿيڻ | = | فائدو رسڻ. |
| هٿ هڻڻ | = | پڇتائڻ. |
| هٿ كڍڻ | = | مدد كرڻ ڇڏي ڏيڻ. |
| هٿ چيو كرڻ | = | اثر رسوخ هئڻ. |
| هٿ ڳنڍڻ | = | رڙهڻ، جهيڙو كرڻ. |
| هٿ منجهڻ | = | پيسو نه هئڻ. |

**بيهڪ جون نشانيون**

كنهن به تحريري بيان كي درست نموني سان پڙهڻ ۽ صحيح مطلب سمجهڻ لاءِ "بيهڪ" جون نشانيون مقرر ٿيل آهن. انهن نشانين جو ذكر هيٺ ڏجي ٿو:

### ١- پورو دم (۰)

جنھن جملي ۾ نڪي سوال پڇيل ھجي، نہ عجب، آرمان يا خوشيءَ جو اظھار ٿيل ھجي، پر سادي انداز سان حقيقت بيان ٿيل ھجي، تہ انھيءَ جي پڇاڙيءَ پورو دم (۰) ڏيڻ گھرجي؛ جيئن :

١. ڀٽ شاھہ ۾ ھرسال ميلو لڳندو آھي.
٢. ميلي ۾ تمام گھڻو واپار ٿيندو آھي.

### ٢- دم (:)

جيڪڏھن ڪوبہ مثال تفصيل، يادداشت يا چوڻي وغيرہ لکڻي ھجي، تہ ان کان اڳ ۾ دم (:) جي نشاني ڏيڻ گھرجي؛ جيئن :

ميلي ۾ ڪيترائي دوڪان ھوندا آھن،
جھڙوڪ: ميون، مٺاين، رانديڪن وغيرہ جا.

### ٣- اڌ دم (؛)

جيڪڏھن جملو ڊگھو ھجي ۽ ان ۾ ھڪ يا ٻہ دفعا ٿورو دم (،) اڳ ۾ آيو ھجي تہ پوءِ اڌ دم (؛) جي نشاني ڏيڻ گھرجي ۽ ڪجھہ ساھہ کڻجي؛ جيئن :

١. ھرسال، صفر مھيني جي چوڏھينءَ تاريخ، ڀٽ شاھہ ۾ شاھہ عبداللطيف جو ميلو، ڌام ڌوم سان ملھايو ويندو آھي؛ جتي ڪيترائي زائرين، ڪٿان ڪٿان ڪھي ايندا آھن.

### ٤- ٿورو دم (،)

جنھن جملي ۾ الڳ الڳ پاڳا ھجن يا ماڻھن يا شين جا نالا لکڻا ھجن، تہ ھرھڪ جي اڳيان (،) ٿورو دم ڏيڻ گھرجي.
مثلاً : ميلي جي موقعي تي، رات جو درگاھہ ۾ شاھہ جو راڳ

ڳائبو آهي، درگاهہ ڪان ٻاهر ڳائڻا پيا ڳائيندا آهن، ماڻهو پيا هلندا آهن ۽ ڏاڍي پيهہ لڳي پئي هوندي آهي.

### ٥- سوال جي نشاني (؟)

سوال پڇڻ جي حالت ۾ جملي جي پويان سوال جي نشاني (؟) ڏبي آهي؛ مثال طور

١. توکي شاهہ جا بيت اچن ٿا؟
٢. تنهن جو نالو ڇا آهي؟

### ٦- عجب جي نشاني (!)

جنهن جملي سان سڌجي معنيٰ نڪري يا خوشي، ارمان ۽ عجب ظاهر ٿئي تہ انهيءَ لفظ جي پويان يا انهيءَ جملي جي پويان (!) عجب جي نشاني ڏيڻ گهرجي؛ جنهن کي حرف ندا جي نشاني بہ سڏبو آهي؛ مثال طور:

١. واه واه! چوڏاري بجليءَ جي جهومر لڳي پيئي آهي.
٢. ويچارو ڪيلي جي کل تان ترڪي پيو!

### ٧- واڪ جون نشانيون (" ")

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جا لفظ ساڳيءَ طرح لکڻا هجن تہ انهن کي " " واڪ جي نشانين ۾ لکبو آهي ؛ جيئن :

١. سليم کي پاڻس چيو تہ "هل تہ ميلي تي هلون."

## ٢-عملي تحرير

خط، درخواستون، دعوت ناما، رسيدون، مني آرڊر وغيره لکڻ:

**خط** :- جيڪڏهن پنهنجن مائٽن، عزيزن، دوستن ۽ ٻين ماڻهن ڏانهن زباني احوال موڪلبو ته ان کي نياپو يا پيغام ڪوٺبو آهي. جيڪڏهن احوال پني تي لکي، ڪنهن جي هٿان روانو ڪبو ته ان کي "چٺي" چوندا آهن. جيڪڏهن پوسٽ ڪارڊ يا ڪاغذ تي احوال لکي، لفافي ۾ بند ڪري ٽپال جي ذريعي موڪلبو، ته ان کي خط چئبو آهي.

خط ۾ نڪي اجائي ڊيگهه ڪجي، نڪي اڻ پورو احوال لکجي پر مڪمل احوال ٿورن ۽ صاف لفظن ۾ لکيل هجي، لفافي يا ڪارڊ جي مٿان ائڊريس لکڻ گهرجي جيڪا مڪمل پر مختصر ۽ صاف لفظن ۾ لکيل هجي.

**رجسٽري** :- جيڪڏهن لفافو، ڪارڊ رجسٽري ذريعي موڪلڻو هجي ته ٽڪلي جي سامهون لفظ رجسٽري لکجي. لفافي جي پٺ تي موڪليندڙ جو پتو لکڻ ضروري آهي، ڇو ته جيڪڏهن رجسٽري وصول ڪرڻ وارو انڪار ڪري ته موڪليندڙ کي خط واپس ملي سگهي.

**جوابي رجسٽري** :- جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي رجسٽري خط موڪلڻو آهي، ته خط سان گڏ موٽ رسيد به ڀري موڪلبي آهي، هن جي هڪ پاسي خط وصول ڪرڻ واري جو پتو ۽ ٻئي پاسي خط موڪلڻ واري جو پتو لکبو آهي.

**پارسل** :- پارسل تي پتي لکڻ جو طريقو پڻ ساڳيو خط وارو هوندو آهي، فقط رجسٽري لکجي ٿو. اتي پارسل لکبو، پارسل رجسٽر به ٿيندو آهي.

**بيرنگ خط** :- جنهن ڪارڊ يا لفافي تي ٽڪلي نٿي لڳائي وڃي، يا

وزن کان گهٽ ٽڪليون لڳل هونديون تہ خط بيرنگ ٿي ويندو. هن صورت ۾ خط وصول ڪندڙ کي ٻيڻا پيسا ادا ڪرڻا پوندا آهن.

**هوائي ٽپال يا ايئرميل** :- هوائي رستي خط يا پارسل لاءِ جدا اگهہ مقرر ٿيل هوندا آهن ۽ ان تي هوائي جهاز ذريعي يا پارسل ضرور لکبو.

**مني آرڊر** :- رقم موڪلڻ لاءِ پوسٽ آفيس مان مني آرڊر فارم بنا قيمت ملندو آهي. ان فارم ذريعي تار ۽ هوائي ٽپال رستي پڻ پيسا موڪلي سگهبا آهن. پوسٽ آفيس وارا رقم وصول ڪرڻ وارن کان ٻن جاين تي صحيح ڪرائي مني آرڊر فارم جو هڪ صحيح ٿيل ٽڪر رقم موڪلڻ واري کي موڪليندا آهن، جيئن هن کي رقم صحيح ماڻهوءَ کي وصول ٿيڻ جو يقين ٿئي.

**خط لکڻ لاءِ هدايتون**

١- خط تي پنهنجو نالو ۽ ائڊريس پوري ۽ صاف لکو.

٢- خط تي تاريخ ضرور لکو.

٣- مان، مرتبي ۽ عزت جو لحاظ رکو.

٤- خط جو مضمون مختصر ۽ آسان زبان ۾ لکڻ گهرجي.

٥- هر هڪ ڳالهہ سلسليوار لکو.

٦- خط جي پڇاڙيءَ تي نالو لکو يا صحيح ڪريو.

٧- لفافي تي ننڍي شهر جو نالو لکڻ مهل ضلعو ضرور لکو.

٨- جنهن ڳوٺ ۾ پوسٽ آفيس نہ هجي تہ ڳوٺ جو نالو لکي پر واري پوسٽ آفيس جو نالو لکڻ نہ وساريو.

**درخواست ۾ ڪم ايندڙ لفظ**

فدوي :- عرضدار

التماس :- عرض

عنايت :- مهرباني

گذارش :- عرض

رخصت :- موڪل، اجازت

عنايت ڪرڻ :- مهرباني ڪرڻ

درخواست :- سوال

استدعا :- عرض

محسن :- مهرباني ڪندڙ

خطن جا نمونا

## پيءُ ڏانهن خط

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

گلزار منزل حيدرآباد - سنڌ
٢ اپريل ١٩٨٩ع

پيارا بابا سائين

**السلام عليڪم :**

اوهان کي خوشي ٿيندي تہ مون امتحان ۾ "اي" گريڊ کنيو آهي، ان لاءِ اوهان کي مبارڪ هجي. آئون ٽئين سال جي امتحان جي تياري ۾ مصروف آهيان مون لاءِ دعا ڪندا.

قبل مون کي ڪجهہ ڪتابن خريد ڪرڻ لاءِ اٽڪل ٣٠٠-٠٠ (ٽي سئو) رپين موڪلڻ جي عنايت ڪندا تہ ڪرم ٿيندو.

والده صاحبہ جي خدمت ۾ آداب، ڀائرن ڀينرن لاءِ پيار.

**والسلام**

**توهان جو فرمانبردار**
**پٽ**

## پيءُ جو پٽ ڏانهن خط

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

٢٢٠٢ باغ حيات علي شاهه
سکر
١٢ ڊسمبر ١٩٨٩ع

پيارا پٽ اسماعيل

**السلام عليڪم :**

هت هر طرح خير آهي، دعا آهي تہ رب پاڪ توهان کي پڻ پنهنجي ڪرم سان سلامت رکيو هجي آمين.

پٽ توهين پوري ڌيان ۽ چاهہ سان پنهنجي تعليم کي جاري رکندا. الله تعاليٰ ڪنهن جي محنت نہ وڃائيندو آهي. اميد اٿم تہ اڳئين سال وانگر هن سال پڻ يونيورسٽي ۾ نمايان ڪاميابي حاصل ڪندڙ شاگردن جي نالن ۾ شامل هوندا.

امتحان پوري ٿيڻ بعد جلدي گهر هليا ايندا، ڇو تہ ڪافي وقت گهر کان ٻاهر رهڻ ڪري پائر پينرون توهان کي ياد ڪن ٿا.

**والسلام**

**دعاگو**

**تنهنجو پيءُ**

## ماءُ جو پٽ ڏانهن خط

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

قمر هائوس، حيدرآباد
٧ آڪٽوبر ١٩٨٦ع

پيارا آصف شال خوش هجين!

دعائون : تنهنجو خط مليو، پڙهي دل کي آرام آيو، شڪر ٿي ڪريان جو هاڻي تون سنئو خط لکيو وڃين، پٽ ! ڪوشش سان انسان گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿو. تنهنجي پيءُ ترڪي ضد ڪري انگريزي اسڪول ۾ پڙهڻ ويهاريو، جنهن ڪري تون سنڌي ٻولي چڱيءَ طرح سکي نه سگهئين ؛ پر پٽ ! جنهن مادري ٻولي نه سکي، تنهن ڄڻڪ ماءُ جي ممتا سان بي وفائي ڪئي. شاه يتائي پڻ ساڻيهه ۽ سانگين جي ٻوليءَ سان محبت لاءِ تاڪيد ڪيو آهي. ائون هفتي کن ۾ اچي وينديس ۽ تولاءِ سُنا ڪتاب ۽ ڪپڙا رئيو اينديس.

**والسلام**

**دعاگو**

**تنهنجي ماءُ**

## "وڏي ڀاءُ جو ننڍي ڀاءُ ڏانهن خط"

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

٢١٧- – عوامي ڪالوني
هوشونگر - حيدرآباد
٣ مارچ ١٩٨٨ع

پيارا ڀاءُ خوش هجين سدا.

آئون هت خوش آهيان ۽ پوري توجهه ۽ لڳاءَ سان پنهنجي فرض کي پورو ڪري رهيو آهيان، تون لکين ٿو ته توکي اڪيلائپ جو احساس ستائي ٿو، ته ڀاءُ! آئون ايترو دور ته نه هليو ويو آهيان، خط رستي پنهنجي ملاقات ٿيندي رهي ٿي. تون پنهنجي پڙهائي ۾ مشغول ره. چو ته توکي هڪ ڏينهن پڙهي ملڪ جو بهترين ڊاڪٽر ٿيڻو آهي ۽ مارويئڙن ۽ سانگيئڙن ۽ ڏتڙيل ڏوٽين جي خدمت ڪرڻي آهي، تنهنجو وقت تو وٽ ڏوٽيئڙن جي امانت آهي، تون ڏرتيءَ جي ملڪيت آهين توکي ديس واسين کي وقت اجائي وڃائڻ جو جواب ڏيڻو پوندو.

اوهان پنهنجي ساٿين سان سچا ۽ مقصد سان محبت رکندا.

**سانڀ سلامت**

**توهانجو ڀاءُ**

## شاگرد جو استاد ڏانهن خط

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

سنڌ ۵ بلاول هائوس
سنڌ زرعي يونيورسٽي
ٽنڊو ڄام
۴ مارچ ۱۹۸۷ع

بخدمت محترم سائين

عرض ته آئون توهان جي دعائن سان هتي پهچي ويو آهيان. يونيورسٽي جو ماحول تمام سٺو آهي. لڳي ٿو ته ڪنهن ترقي يافته ملڪ جي يونيورسٽيءَ ۾ پهچي ويو آهيان، هتي رهائشي سهوليتن کان علاوه پڙهائي تمام اعليٰ قسم جي ٿئي ٿي، يونيورسٽيءَ کي اعليٰ قسم جي لئبرري آهي. هتي تفريح لاءِ تمام سهڻا پارڪ ۽ رانديون جو اعليٰ نموني جو انتظام آهي. مطلب ته هيءَ عظيم يونيورسٽي جنت جو ڏيک ڏئي ٿي. توهان جي نصحيتن کي زندگيءَ جي هر مرحلي ۾ رهبري لاءِ ڪتب آڻيندو آهيان. ايندڙ زندگيءَ ۾ ڪامرانيءَ لاءِ دعا ڪندا.

**والسلام**

**توهانجو**
**فرمانبردار شاگرد**
**دودو**

## دوست ڏانهن خط

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

سعيد منزل غريب آباد
نواب شاهہ
٧ نومبر١٩٨٨ع

پيارا دوست امر

السلام عليڪم : اوهان جو خط پهتو، اوهان جي والده جي وفات جي خبر پڙهي، ڏاڍو ڏک ٿيو، ماءُ اولاد لاءِ دعا جو در ۽ رحمت آهي، پر الله تعاليٰ جي رضا اڳيان مڙني کي ڪنڌ جهڪائڻو آهي. الله تعاليٰ مرحومہ کي جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ توهان کي صبر جي توفيق عطا فرمائي، آمين،

آئون توهان ڀائرن ۽ ڀينرن جي غم ۾ شريڪ آهيان

اوهان جو دوست

اعجاز

## ڀيڻ جو ڀيڻ ڏانهن خط

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

ثمر لاج، سکر
٢٧ جون ١٩٨٨ع

پياري ڀيڻ، سلامت هجين

تو وعدو ڪيو هو تہ افشان جڏهن قرآن شريف ختم ڪندي تہ آئون سندس آمين تي ضرور ايندس. اوهان کي اهو پڙهي خوشي ٿيندي تہ افشان ٣٠ جون تي ڪلام پاڪ پورو ڪندي، اوهان گهٽ ۾ گهٽ هڪ هفتو اڳ پهچي وڃو. سمورا مائٽ اچي رهيا آهن. پنهنجي گهر ۾ اها پهرين خوشي آهي، جنهن ۾ سڀ مٽ شريڪ ٿي رهيا آهن تنهنڪري اها ڏام ڏوم سان ٿيڻ گهرجي. مڙني گهر وارن طرفان دعائون ۽ توهان لاءِ منهنجو خصوصي پيار!

**چڱو خدا حافظ**

**سڪ مان تنهنجي ملڪ**

## *درخواستون*

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

### فِي معاف ڪرائڻ لاءِ درخواست

گورنمنٽ هاءِ اسڪول هالا

بخدمت جناب هيڊ ماستر صاحب

جناب اعليٰ : نيڪ روشن هجي تہ منهنجو پيءُ هڪ غريب هاري آهي. هن مهانگائي جي دور ۾ سندس پورهئي جو معارضو ايترو ٿورو آهي، جو هو ڪتابن جو ڳاٽي ڀڳو خرچ ۽ منهنجي پڙهائي جي فِي ڀري نٿو سگهي.

استدعا آهي، تہ منهنجي حال تي نگاهہ ڌري، اسڪول جي ماهہ وار فِي معاف ڪرڻ فرمائيندا تہ احسانمند رهندس.

**فقط ۲۳ مئي** ۱۹۸۸ع

**زياده حد ادب**

**عرضدار**

**فقير محمد**

**فقير محمد ولد غلام علي ڪلهوڙو**

**شاگرد ڪلاس ڇهون (الف)**

**گورنمينٽ هاءِ اسڪول هالا**

## "موڪل لاءِ درخواست"

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ڪلاس ستون گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ

خدمت ۾ جناب ڪلاس ماستر صاحب

جناب اعليٰ عرض ته منهنجو ياءُ اسلام آباد کان اچي رهيو آهي، تنهنڪري سمورا گهر وارا ڪيس اسٽيشن تي ملڻ لاءِ ويندا، سندس آمد ڏينهن جو ١٢ وڳي واريءَ گاڏيءَ رستي ٿيندي. ان ڪري مهرباني فرمائي پويان چار پيرڊ موڪل ڏيڻ فرمائيندا ته ٿورائتو ٿيندس.

زياده ادب

فقط ١٣ ڊسمبر ١٩٨٨ع

عرضدار

**ولي محمد پٽ ڏٿي پرتو**

**ڪلاس ستون الف**

رول نمبر ١٠

## سرٽيفڪيٽ لاءِ درخواست

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور

خدمت ۾ جناب هيڊ ماستر صاحب

جناب اعليٰ ! عرض ته منهنجي پيءُ جي بدلي حيدرآباد ٿي آهي ۽ پورو گهر اوڏانهن هليو ويندو. اهڙيءَ حالت ۾ شڪارپور ۾ رهي تعليم جاري رکڻ منهنجي لاءِ ممڪن نه آهي، ان ڪري گذارش آهي، ته مون کي اسڪول ڇڏڻ جو سرٽيفڪيٽ عنايت ڪرڻ فرمائيندا ته شڪر گذار رهندس.

**فقط ٢٣ جون ١٩٨٨ع**

**عرضدار**

**عرض محمد پٽ دلدار علي سومرو**

**شاگرد ڪلاس نائون ”بي“**

## داخلا لاءِ درخواست

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپورخاص

بخدمت جناب هيڊ ماستر صاحب

جناب اعليٰ : عرض تہ منهنجو پيءُ شڪارپور کان بدلي ٿي ميرپورخاص آيو آهي. جيئن تہ سڄو گهر ساڻس گڏ هتي رهندو ان ڪري مون کي پڻ ساڻس گڏ اچڻو پيو آهي. استدعا آهي تہ مون کي پنهنجي اسڪول ۾ نائين ڪلاس ۾ داخلا ڏني رڃي تہ دعاگو رهندس.

**فقط ٢٧ جون ١٩٨٨ع**

**عرضدار**

**عرض محمد پٽ دلدار علي سومرو**

## پٽ جي شاديءَ جو دعوت نامو

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

جناب ........ السلام عليڪم

منهنجي اڪين ٺار سهيل وليءَ جي شادي خانہ آبادي
تاريخ ٦ سيپٽمبر ١٩٨٨ع بروز جمع مقرر ڪئي ويئي آهي.
هن خوشي ڀرئي موقعي تي اوهان کي قرب جي ڪوٺ ڏجي ٿي.

**سنڌ**

**گهوٽ چڙهيو گهوڙي** ١٠ وڳي صبح

**نڪاح** ١٢ وڳي منجهند امين لاڪو

**ڪاڏو** ١-٣٠ وڳي

آسائتو
**ولي محمد ملاح**

## ڌيءُ جي شاديءَ جو دعوت نامو

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

مانوارا سائين - سائڻ ...... السلام عليڪم

الحمد الله تاريخ ٢٧ سيپٽمبر ١٩٨٨ع ڇنڇر ڏينهن ١١ وڳي منهنجي نياڻيءَ جي نڪاح جي تقريب منعقد ٿيڻي آهي. شريڪ ٿي اڳڻ اجاريندا تہ ٿورائتو رهندس.

**احمد بخش سومرو**

**لاهوري محلو لاڙڪاڻو**

# ايڊيٽر ڏانهن خط

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

"ماهوار "واڻ"
قمر منزل حيدرآباد
٢ آڪٽوبر ١٩٨٨ع

جناب ايڊيٽر صاحب
السلام عليڪم :

اٽڪل ڏهن سالن ڪان توهان جي رسالي جو خريدار آهيان. ان ۾ ڪهاڻيون، نظم، لطيفا ته آهن، پر مذهبي تحقيقاتي مضمون نظر نٿا اچن. ان گهٽتائيءَ کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندا ته پڙهندڙ ٿورائتا رهندا.

**اوهان جو خيرانديش**

**عبدالغفور راهمون**

**ميرپورخاص**

# رسالو جاري ڪرائڻ لاءِ خط

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

"ماهانه سائنس"
چام شورو
۱۰ جنوري ۱۹۸۹ع

جناب ايڊيٽر صاحب
السلام عليڪم :

اڄ جنرل لائبرريءَ ۾ اوهانجو رسالو "سائنس" ڏسي ڏاڍو خوش ٿيس، منجهس سائنسي معلومات نهايت سهڻي نموني ڏني رجي ٿي. اوهان هيٺ ڏنل ائڊريس تي منهنجي پٽ جي نالي تي پنهنجو رسالو هن مهيني کان سال لاءِ جاري ڪندا. گهربل رقم مني آرڊ جي رستي موڪلجي ٿي. سندس ائڊريس هيءَ آهي:

**عبدالرحمان سومرو**
**بي -۷ ۲۲۰۲۱ غريب آباد سکر**

**اوهان جو مخلص**

**نبي بخش سومرو**

## ڪتاب لاءِ آرڊر ڏيڻ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

قربان لاج لاڙڪاڻو
۴ آگسٽ ۱۹۸۸ع

جناب مينيجر عجائب اسٽورز
السلام عليڪم :
مبلغ چاليهن رپين جو مني آرڊر اوهان ڏانهن موڪليان ٿو. مهرباني ڪري هيٺ ڄاڻايل ٻه ڪتاب وي- پي وسيلي روانا ڪندا.

۱- چنڊ رهين ٿو ڏور
قمر شهباز
۲- چوڏهين ماه چنڊ
تاجل بيوس

**نياز مند**
**علي رضا بخاري**
فريئر روڊ سکر

## رسيد جو نمونو

### رسيد

مون هيٺ صحيح ڪندڙ ولي محمد وادي کي ٠٠- ٥٠٠ روپيا اکرين (پنج سئو رپيا) پنجن تاريخن جي مزدوري ڏيهاڙي ١٠٠ (سئو روپيا) حساب سان سيد غلام شاھ کان برابر مليا.

مٿين رقم هنن شاهدن جي روبرو ملي.

کبي آڱوٺي جو نشان
ولي محمد وادو

١- شاهد
وڏيرو عبدالحڪيم لاکو

٢- شاهد
رئيس مير محمد حاجاڻو

# عملي تحرير (مضمون)

**هدايتون :**

مضمون شروع ڪرڻ کان اڳ مضون لاءِ رٿا تيار ڪجي. يعني هي ويچار ڪجي تہ مون وٽ انهيءَ موضوع لاءِ ڪهڙو مواد آهي. ان بعد پنهنجي ذهن ۾ مواد کي ترتيب ڏجي. انهيءَ کان پوءِ لکڻ شروع ڪجي.

مضمون لکڻ وقت هيءَ ڳالهہ ڌيان ۾ رکجي تہ سٺا اکر لکندڙ جو سينگار آهن. سٺا اکر تڏهن ٿيندا، جڏهن لکڻ جو سامان يعني قلم، ڪاغذ، مس وغيره سٺا هوندا آهن، قلم جو نب نرم هجي، سخت نب واري قلم جا اکر سٺا ڪونہ ٿيندا. اهڙيءَ طرح مس ڪاغذ جو بہ ڌيان رکجي. ڪاغذ اهڙو ڪٽجي جنهن تي جيڪي لکجي، سو پسري نہ رجي.

مضمون لکڻ وقت، جيڪي خيال گڏ ڪيل هجن انهن جي پيش ڪرڻ وقت، هڪڙي هڪڙي خيال لاءِ جدا جدا پئرا هئڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان مضمون وڻندڙ ٿي پوندو. اهڙيءَ طرح هر هڪ پئرا ۾ بي فائدي ديگهہ کان پاسو ڪجي. سنڌيءَ ۾ هيءَ چوڻي آهي تہ مضمون ۾ اهڙا جملا ڪم آڻجن، جن جي لفظن کان وڏيڪ معنيٰ نڪري.

مضمون ۾ پهرين تمهيد يا شروعات هوندي آهي، شروعات ايتري مختصر بہ نہ هجي، جو تمهيد جو جيڪو مقصد هجي سو ضايع ٿئي. اهڙيءَ طرح ايتري ديگهہ بہ نہ ڪجي، جو جيڪو بيان لکڻو هجي، انهيءَ لاءِ وقت نہ بچي.

جيڪڏهن پهرين بہ بيت تي مضمون لکڻو هجي، تہ اڳ ۾ انهيءَ

پهاڪي يا بيت جو مختصر پر جامع مطلب لکجي پوءِ انهيءَ جي سمجهاڻي ڏجي.
پهاڪي يا بيت جي سمجهاڻي لاءِ، جيڪڏهن انهيءَ قسم جا ٻه چار پهاڪا يا بيت ڪم آڻي سگهجن ته، مضمون جو معيار بلند ٿي ويندو، پر اهو خيال رکڻ گهرجي ته ايترا بيت يا پهاڪا ڪم نه آڻجن، جو مضمون لکڻ جو مقصد ئي فوت ٿي وڃي.
مضمون جي لکڻ وقت، بيهڪ جي نشانين جو پورو پورو خيال رکڻ گهرجي، ڇو ته بعض حالت ۾ اهو لفظ جنهن معنيٰ ۾ ڪم آڻبو آهي، ان مان ٻي معنيٰ نڪري ويندي آهي. مثلاً هي جملو لکڻو هجي ته پٽ نه ڏيءَ هاڻي جيڪڏهن پٽ کان پوءِ ڪاما (،) ڏبي ته جملي جو مطلب ٿيندو. پٽ ڄائو آهي، جيڪڏهن (نه) کان پوءِ ڪاما ڏبي ته جملي جو مطلب ٿيندو پٽ نه آهي، ڏيءَ آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترائي جملا ٿي سگهندا آهن، جن ۾ جيڪڏهن بيهڪ جون نشانيون پوريون نه ڏبيون، ته مطلب صحيح نه نڪرندو. مضمون ۾ جيڪڏهن ڪنهن ٻئي ماڻهو جا چيل لفظ يا جملا ڪم آڻيا هجن، ته انهيءَ کي واڪ " " جون نشانيون ڏيڻ گهرجن جتي ندائيه لفظ ڪم آڻجن ته اتي حرف ندا جي نشاني (!) ڏجي. جيڪڏهن سواليه جملو ڪم آڻو هجي، ته اتي سواليه (؟) نشاني ڪم آڻبي، دم ٽن قسمن جا آهن : "اڌ دم" ، "دم" ، "پورو دم"، بيهڪ جي نشانين ڏيڻ وقت اهو خيال ڪجي ، ته جيئن ڪي غلط نشانيون نه اچي وڃن. جيڪڏهن غلط نشانيون آيون، ته مضمون جو چس نڪري ويندو.
مضمونن جا ڪيترائي قسم آهن، جن مان ڪي مکيه هي آهن:
ساهوارا، وڻ ٻوٽا، شخصيتون، ميلا ملاکڙا، سير و سياحت، مشهور هنڌ، افتتاحي، اختتامي، صدارتي، مشهور بندر، ايجادون، سوانح

عمريون، چوٽيون، پهاڪا، بيت وغيره.
**ساهورا** :- ساهوارن تي مضمون لکڻ وقت قسم، پالنا، رهڻ جا هنڌ، عادتون، ڪاڏو، فائدا يا نقصان لکجن.
**وڻ ٻوٽا** :- پوکڻ جي مند زمين جو قسم، پوکڻ جو طريقو، فائدا.
**گل ٻوٽا** :- پوکڻ جو طريقو، زمين جو قسم، ۽ تياري، موسم ۽ فائدا.
**شخصيتون** :- تعارف، ڄمڻ جو هنڌ، ابتدائي زمانو، جواني، پيري، تعليم ۽ تربيت، هنري ۽ ٻيا ڪارناما، وفات.
**ميلا ملاکڙا** :- لڳڻ جو هنڌ ۽ تاريخ، ڪنهن جي ياد ۾، واپار ۽ تماشا، لڳڻ جي ضرورت، نمائشون، فائدا ۽ نقصان.
**سير و سياحت** :- مقصد، اکين ڏٺو احوال، فائدا يا نقصان.
مشهور هنڌ (شهر) ٻيهڪ جو هنڌ، ڪڏهن ۽ ڪنهن ٻڌايو، آدمشماري، ڌنڌا ۽ هنر، مشهور هنڌ ۽ جايون، تعليمي حالتون، موجوده حالت.
**افتتاحي** :- جلسي جو قسم، ضرورت، پروگرام.
**اختتامي** :- جلسي جي ڪاميابي يا ناڪاميءَ تي تبصرو، رٿون، آئينده جي لاءِ پروگرام.
**صدارتي** :- جنهن قسم جو جلسو هجي، انهيءَ قسم کي خيال ۾ رکي بيان ڪجي، پنهنجي پاران ڪي رٿون.
مشهور جايون :- ٻيهڪ جو هنڌ، ڪنهن جي تعمير ڪرايل آهي، تاريخي حيثيت، موجوده حالت.
**مشهور بندر** :- ٻيهڪ جو هنڌ، اهميت، ٻين بندرن سان لاڳاپو، وڌڻ جا امڪان، موجوده حالت.
**ايجادون** :- موجد جو نالو، ايجاد ٿيڻ وارو هنڌ، انسانيت کي فائدا يا نقصان.
**سوانح عمريون** :- پنهنجي زباني، پنهنجي ڪهاڻي.

**چوٽيون ۽ پهاڪا** :- مطلب، استعمال، چوٽي جي تاريخ.
**بيت** :- ڪنهن جو چيل آهي، شاعر جي مراد ڪهڙي آهي، اندروني معنيٰ ۽ ظاهري معنيٰ، نتيجو.

هتي اسان فقط ٽن قسمن جي مضمونن جا نمونا ڏيندا سون.
1- تعليمي 2- سائنسي 3- تنقيدي

## "تعليم بالغان"

تعليم جو لفظ معنيٰ جي اعتبار ڪان بلڪل پڌرو آهي، هن جي معنيٰ آهي ڄاڻ هيءَ نہ رڳو اکرن پڙهڻ تائين محدود آهي پر سڀ ڪنهن ڪم جي واقفيت تائين ان جون حدون وڃيو پهچن، جنهن بہ علائقي ۾ تعليم نہ آهي ان کي مرده ڄاڻجي. جتي جتي ترقي ڏسڻ ۾ ايندي آهي، اتي توهان کي تعليم ضرور ڏسڻ ۾ ايندي، اسان جو ملڪ تعليم ۾ تمام پوئتي پيل آهي. ان ڳالهہ جو جيڪڏهن ويچار ڪري ڏوهي ڳولبو، جنهن جي سبب بي علمي پکڙي آهي، تہ ڏوهہ هلي وڃي ڏن تي بيهندو. جيڪي ننڍن جا سرپرست آهن ۽ هئا. انهن اهو ڏوهہ ڇو ڪيو؟ ان جو ڪارڻ سندن اڻ پڙهيل هئڻ آهي. جيڪڏهن هو پڙهيل هجن ها تہ جيڪر ضرور پنهنجي ننڍن کي پڙهائين ها، ان مرض ڪان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو واحد علاج آهي، بالغن کي تعليم ڏيڻ گهڻو ڪري ڏنو ويو آهي، تہ ڪنهن بہ مرض کي پکيڙڻ ڪان اڳ ان جي روڪڻ جا اُپاءَ ورتا ويندا آهن. بيءَ صورت ۾ اهو غالب پئجي ويندو ۽ پوءِ ان سان منهن ڏيڻ مشڪل ٿي پوندو. سلو نہ پٽبو تہ وڻ ٿي پوندو. اکر وڻ ٿيو، تہ پوءِ ڪيس نابود ڪرڻ ڏاڍو

مشڪل ٿي پوندو.

بالغ پاڻ پڙهيا تہ پنهنجي اولاد کي بہ ضرور پڙهائيندا. اسان کي هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ بالغ پڙهائڻ ڪا اهڙي سولي ڳالهہ نہ آهي، ان لاءِ وقت، پيسو ۽ ٻيون اهڙيون شيون قربان ڪرڻيون پونديون آهن، ڪن حالتن ۾سياسي مسئلا پڻ ڏيان ۾ رکيا آهن.

هن کان اڳ سرڪار ۱۹۳۸ع ۾ نائيٽ اسڪول کولائي سنڌ صوبي ۾ بالغن کي تعليم ڏيڻ جو انتظام رکيو هو، پر ان اسڪيم مان ڪو بہ خاطر خواه نتيجو ڪو نہ نڪتو. چاڪاڻ تہ اجا رڳو اڪر سيکارڻ ۾ مس آيا تہ اسڪول بند ٿي ويا. اهو سلسلو بہ چار سال لاڳيتو هلڻ کپندو هو، ان ڪانسواءِ ڪتاب بہ بالغن جي رڻڻ جهڙا ڪو نہ هئا. بالغن کي هميشہ ڳجهارتون، بيت، آکاڻيون، ڪافيون وغيره، پسند ايندڙيون آهن، تنهنڪري ڪتاب کي بالغن جي ذهنيت ۽ لاڙن مطابق ٺاهڻو هو. ان کان علاوه مذهبي تعليم پڻ بجليءَ جهڙو اثر ٿي ڏيکاري، اها پڻ هئڻ گهربي هئي. هي ڪتاب انهن ڳالهين کان بلڪل خالي هئا. اڄ بہ جيڪڏهن بالغن جي تعليم جو انتظام ڪجي تہ پوءِ مٿي بيان ڪيل ڳالهين کي ذهن ۾ رکي پوءِ ئي ڪتاب لکڻا پوندا. هي شعبو جدا عملي جي نظر داريءَ هيٺ هلائجي. سال ڪن تائين حساب وغيره نہ هئڻ گهرجن. استادن ۾ علمي لياقت سان گڏ بصيرت بہ هجي، جيئن هو بالغن سان اهڙي نموني پيش اچن، جو هو هنن جون دليون فتح ڪري وٺن، استاد خاص ڪري ڳالهين ڳجهارتن ۽ ڪچهرين جا ڪوڏيا هئڻ گهرجن، تعليم هلندي جڏهن ڏسجي تہ بالغ هاڻي اخبارون، رسالا وغيره پڙهي سگهندا، تڏهن ڪين سرڪار جي طرفان انهن اسڪولن ۾ جن ۾ هي پڙهي رهيا هجن، اخبارن ۽ رسالن جو

بندوبست ڪري ڏجي. ان طرح بالغ جيڪڏهن پڙهي پيا تہ ڪين علم جو قدر ٿيندو.

الله تعاليٰ شال اسان جي قوم کي علم جي روشنيءَ سان منور ڪري. آمين.

## ٽيليويزن ڏسڻ مان فائدا ۽ نقصان

الله تعاليٰ جيڪي هن دنيا ۾ شيون پيدا ڪيون آهن، اُهي سڀئي انسان جي فائدي لاءِ خلقيل آهن. مگر انسان انهن کي غلط استعمال ڪري ان مان غلط فائدا حاصل ڪيا آهن. باهہ جو ئي مثال وٺو، باهہ ۾ ماڻهن لاءِ گهڻيئي فائدا آهن، ڪي ماڻهو باهہ کي صحيح استعمال ڪري منجهانئس گهربل فائدا حاصل ڪن ٿا، تہ ڪي وري غلط استعمال ڪري وڏا نقصان ڪريو وجهن، اهڙي طرح دنيا ۾ جيڪي بہ شيون آهن، انهن جا ٻہ رخ آهن، هڪڙو رخ آهي فائدي وارو، ٻيو رخ آهي نقصان وارو.

ٽيلويزن بہ انهن شين مان آهي. ان جا بہ ٻہ پاسا آهن، هڪڙو فائدي وارو ٻيو نقصان وارو. ٽيليويزن جي استعمال تي بہ هر وقت ماحول جو اثر پوندو آهي. جهڙو ماحول هوندو تهڙو اثر پوندو. اسانکي ڏسڻو آهي تہ ٽيليويزن ڏسڻ مان ڪهڙا فائدا آهن، ان کانپوءِ اسين ٽيليويزن ڏسڻ مان نقصانن تي بہ لکنداسون.

ٽيليويزن تي اسلامي تعليم، تاريخ، ثقافت، تفسير، حديث، فقہ ۽ ٻيا اهڙا معلوماتي پروگرام ايندا رهن ٿا. اسان کي خبر آهي، تہ اُهي پروگرام ٻارن، جوانن، ۽ پڪن جي لاءِ هڪجهڙا دلچسپ ۽ سبق آموز آهن. ٽيليويزن تي ڪڏهن ڪڏهن ادبي

محفلن جو نماءُ بہ ايندو آهي، اديب پنهنجا شاهڪار اچي پيش ڪندا آهن،انهيءَ ڪري ادب جو واڌارو پڻ ٿيندو رهندو آهي.

ٽيليويزن جي ڪري سڄي دنيا سوڙهي ٿي، پاڻ ۾ هڪڙي ڪٽنب وانگر ٿي پئي آهي، دنيا ۾ جيڪي بہ وهي ۽ واپري پيو اهو ٽيليويزن رستي معلوم ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح سڄي دنيا جون خبرون چارون، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙي ويندي رهن آهن.

ٽيليويزن تي تعليمي پروگرام بہ ايندا آهن. هينئر تہ ڪيترين ئي يونيورسٽيون پنهنجي شاگردن ۽ ناظرين واسطي تعليمي پروگرام نشر ڪنديون آهن. جنهن ڪري انهيءَ ملڪ جي ماڻهن کي تعليم پيئي گهر ويٺي ملندي آهي. اهڙيءَ طرح دنيا جي سورمن جي حياتيءَ جا احوال پڻ ايندا رهن ٿا ۽ ٿئين نسل کي، انهن جهڙا گڻ پاڻ ۾ پيدا ڪرڻ لاءِ آماده ڪندا رهندا آهن. دنيا ۾ ڪيترائي مذهب آهن ۽ انهن جا اصول بہ جدا جدا هوندا آهن. اها شيءِ يا رسم،هڪڙي مذهب ۾ جائز هوندي آهي، تہ ٻئي مذهب ۾ انهيءَ کان تاڪيد سان منع ڪيل هوندي آهي، مثلاً وي-سي- آر، جتي تمام خوبصورت ۽ نصيحت آميز مذهبي ، تفريحي، ثقافتي ۽ تعليمي پروگرام هلائڻ لاءِ هڪ مفيد تدريسي شيءِ طور ڪم اچي ٿي، اتي فحش ۽ اخلاق کان ڪريل فلمون بہ ڏيکاريون وڃن ٿيون. جن کي ٽيليويزن جي معاونت حاصل آهي، انهيءَ قسم جا پروگرام مذهبي، سماجي، تفريحي تورڙي اخلاقي اعتبار کان ممنوع آهن ليڪن نوجوان نسل انهن کي تفريح طور ڏسي ٿو.

ڪڏهن ڪڏهن ڪي ڊراما ۽ فلمون اهڙيون پيش ڪيون وينديون آهن جن جو اثر نوجوانن تي منفي پوندو آهي ۽ ڌاڙا، ڦريون، جاسوسي ۽ ٻيون غيرقانوني سرگرميون زور وٺنديون آهن. هر معاشري جا پنهنجا اخلاقي ۽ سماجي قدر هوندا آهن. ٽيليويزن

۾ ڪي پروگرام ۽ فلمون اهڙيون ڏيکاريون وينديون آهن، جيڪي انهن قدرن جي ابتڙ هونديون آهن ۽ نوجوانن جي اخلاق تي برو اثروجهنديون آهن. بهرحال ٽيليويزن جي ڪارڪردگيءَ جي تنقيدي جائزي سان اندازو ٿئي ٿو تہ اها ڪا بري شيءِ نہ آهي بلڪ ان جو استعمال درست يا غلط ڪرڻ ڪري فائديمند بہ ٿيندو آهي ۽ هاڃيڪار پڻ.

## اڄ جو استاد

تاريخ جو مطالعو ڪري ڏسجي تہ ڪائنات جي تخليق کان وٺي اڄ ڏينهن تائين جيڪڏهن استاد جو مقام مقرر ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي تہ سيني کان مٿاهون مقام استاد جو نظر ايندو. جيڪڏهن الله تعاليٰ جي ارشاد "علم الانسان مالم يعلم" تي غور ڪيو وڃي تہ پهريون استاد پاڻ پروردگار آهي. ان کان پوءِ بيو حڪم "بلغ ما أنزل اليک" جي روشنيءَ ۾ انبياءَ عليهم السلام جو ڪردار بہ استاد جي زمري ۾ اچي ٿو.

ختم نبوت کان پوءِ امامن سڳورن استاد جي حيثيت سان انسان ذات جي رهبري ڪئي. ان بعد صاحب امر ۽ اساتذهہ حضرات انسان جي تعليم ۽ تربيت جو بار پنهنجن ضعيف ڪلهن تي کنيو ۽ انهيءَ سلسلي کي جاري ۽ ساري رکيو اچن. يعني هو نبين سڳورن عليهم السلام جا وارث آهن. تنهن ڪري هن پيشي جي تقدس ۽ تعظيم ۾ ڪنهن قسم جي شڪ شبهي جي گنجائش نہ آهي. قومن جي تعمير ۽ سماج جي اصلاح ۾ استاد جو ڪردار تمام اهم سمجهيو ويندو آهي. اهوئي سبب آهي جو استاد کي قوم جو ابو سڏيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هر دور ۾ پاڻ بکيو ۽ ڏکيو

رهي بہ قوم جي ٻچن کي پڙهائيندو رهندو آهي. انهيءَ دور ۾ بہ جنهن ۾ تعليم ڏيڻ جو مقصد عبادت تصور ڪيو ويندو هو ۽ اڄ بہ جڏهن هي پيشو پيٽ پالڻ لاءِ اختيار ڪيو وڃي ٿو.

استاد هروقت ڪردار ۽ گفتار جي لحاظ کان معاشري ۾ هڪ آدرش يا نمونو رهيو آهي. سچائي سندس ايمان ۽ خدمت سندس شعار رهيو آهي. تاريخ گواه آهي تہ انهي سچائيءَ جي سلي کيس ڦاسي، قيد ۽ زهر پيالا يا ملڪ نيڪاليون بہ مليون مگر هو مرد قلندر موٽڻ يا باطل سان ٺاهہ ڪرڻ سکيو ئي نہ آهي. پر بدقسمتي اها آهي جو اهو سندس ماضي رهجي ويو آهي. اهي قدر ۽ ڪسوٽيون بدلجي ويون جڏهن بادشاهہ جا ٻار بہ سندس جُتي کڻڻ ۾ فخر سمجهندا هئا.

اڄ جو استاد جيتوڻيڪ پيشورانہ تعليم تربيت ۾ ماهر ۽ جديد تدريسي اصولن ۽ طريقن کان باخبر آهي. پورهيو پڻ تمام گهٽ ڪري ٿو. باقاعده اسڪول، فرنيچر ، ڪتاب ۽ نگران عملو وغيره ميسر هئڻ جي باوجود بہ معاشري ۾ اهو مقام ماڻي نہ سگهيو آهي. استاد کي معاشري کان شڪايت آهي ۽ معاشري کي استادن کان شڪايت آهي. مطلب تہ استاد مطمئن نظر نٿو اچي، نہ معاشي طور ۽ نہ معاشرتي طور.

خصوصاً اڄ ڪلهہ معاشرتي برايون ايترو زور وٺي ويون آهن جو استاد پنهنجا فرائض خوش اسلوبيءَ سان پورا ڪري نٿو سگهي. نہ والدين جو تعاون حاصل اٿس نہ قانون کيس تحفظ فراهم ٿو ڪري. نہ شاگردن کي استاد جو احترام ڪرڻ سيکاريو وڃي ٿو. نہ والدين طرفان ئي کيس اهو مقام ڏنو وڃي ٿو. ان جو هڪ ڪارڻ تہ سندس مالي بدحالي آهي. باقي ڪلاشنڪوف ڪلچر ۽ نقل ڪرڻ واري رجحان رهيل ڪوٽ بہ پوري ڪري ورتي آهي.

# ٣-سنڌي ٻوليءَ جو مطالعو

## سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ اپاءَ.

**(١) تاريخي اهميت** :- ڪنهن به ٻوليءَ جي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهبو آهي ته اها ڪيتري پراڻي آهي، ان ۾ علمي ۽ ادبي زبان بنجڻ جي ڪيتري صلاحيت آهي ڪيترن ماڻهن جي اظهار خيال جو ذريعو آهي ۽ ڪيتري ايراضيءَ ۾ ڪتب آندي وڃي ٿي. يا وري اها ٻولي ڳالهائيندڙ جديد علوم وفنون جي دنيا ۾ ڪيترا اڳڀرا آهن. سندن تحقيقات جو دائرو ڪيترو وسيع آهي وغيره. مٿين ڪسوٽيءَ تي پرکڻ سان پتو پوندو ته سنڌي ٻولي، دنيا جي هڪ قديم ۽ اهميت واري ٻولي آهي.

عام اندازي موجب سنڌي ٻوليءَ کي وجود ۾ آئي، اٽڪل ڏهه يارهن صديون ٿيون آهن. جيتوڻيڪ ان جي موجوده تحريري صورت عيسويءَ اٺين صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيل ٿي ڀانئجي. سنسڪرت سان سنڌيءَ جي نسبت چوٿين پيڙهيءَ ۾ ڪئي وڃي ٿي. ان مطابق سنڌي وراچڊ شور سيني پراڪرت مان ۽ شور سيني پراڪرت سنسڪرت مان پيدا ٿي آهي. سنسڪرت دنيا جي مکيه ۽ اوائلي هندو يورپي ٻولين مان هڪ ليکي وڃي ٿي. هن مان چئي سگهجي ٿو ته سنڌيءَ کي هڪ تاريخي حيثيت حاصل آهي ۽ ان جي دنيا جي هڪ عظيم ۽ اوائلي ٻوليءَ سان سڌي نسبت آهي. ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ سنڌيءَ کي خالص سنسڪرتي ٻولي ٿو سڏي ۽ گرامر جي لحاظ کان ان کي ٻين ٻولين جي نسبت، مثلاً مرهٽي، هندي، پنجابي ۽ بنگاليءَ جي مٿاهون درجو ٿو ڏئي. سندس راءِ ۾ سنسڪرت مان

پيدا ٿيل ٻولين مان اصليت ختم ٿي ويئي آهي ان جي برعڪس سنڌي ٻولي وڏيڪ نج صورت ۾ باقي آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌي هڪ آزاد ۽ خودمختيار ٻولي رهندي آئي آهي.

تحقيقاتي بنيادن تي محققن اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌي ٻولي دنيا جي اوائلي ٻولين مان هڪ آهي، ان لاءِ وٽن هي دليل آهي تہ موهن جي دڙي مان هٿ آيل ڪتبا، جي قديم سنڌي تهذيب جي عڪاسي ڪن ٿا، اڄ ڏينهن تائين دنيا لاءِ هڪ معمو بڻيل آهن، حالانڪ آريہ لوڪن جون قديم ٻوليون، جهڙوڪ عبراني، قبطي وغيره بہ ويچاريون ويون آهن، بهرصورت انهيءَ سچائيءَ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ سنڌي هڪ قديم، ماهيت واري ۽ خودمختيار ٻولي آهي. جنهن کي پنهنجو اڪٿ علمي ۽ ادبي خزانو آهي. منجهس ايتري صلاحيت ۽ وسعت موجود آهي. جو دنيا جي بين الاقوامي ٻولي بڻجي سگهي.

قديم سنڌ، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ٿيندو هو، سا ڪشمير، گجرات، پنجاب، راجپوتانا، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي علائقن تي مشتمل هئي. ساڳئي وقت افغانستان، بلوچستان، لس ٻيلو ۽ مڪران بہ سنڌيءَ جي اثر کان خالي نہ هئا. چاڪاڻ تہ اهي بہ ملڪ سنڌ جي راڄڌانيءَ ۾ هئا. مطلب تہ سنڌي جيڪا هاڻي سنڌ پرڳڻي جي حدن اندر محدود آهي، سا صوبي جي حدن اندر محدود سمجهڻ نہ گهرجي پر ان کي ورهاڱي کان پوءِ سڄي هندستان ۾ پکيڙجي رهڻو پيو. اهڙيءَ ريت سنڌي ڳالهائيندڙ هندو واپاري هئڻ جي ناتي سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حدن جي وسعت ۾ بہ واڌارو ٿيندو ويو. موجوده دؤر جي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي واڌاري ۽ نشر

اشاعت جي وسيلي سنڌي ٻوليءَ کي پڻ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائي ڇڏيو آهي.

اهڙيءَ ريت سنڌ جي ماڻهن پڻ تعليم ۽ روزگار جي حصول واري سلسلي ۾ سنڌ کان ٻاهر نڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکڙجي ويا آهن ۽ ٻولي پڻ انهن سان گڏ ڦهلجي ويئي آهي. ملڪي سطح تي پڻ وفاق واري شهر ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي رهڻ سبب پوري ملڪ ۾ پکڙجي ويئي آهي.

(۲) **علمي ۽ ادبي اهميت** :- ڪنهن به قوم جي زندگيءَ جو دليل سندس ٻولي ۽ ادب هوندو آهي ۽ انهيءَ قوم جي تهذيب، مذهبي عقيدن ۽ سماجي اخلاق جو آئينو هوندو آهي. هرهڪ قوم جنهن کي پنهنجي ٻولي ۽ ادب آهي، پنهنجي تهذيب ۽ عقيدن جو اظهار زباني يا ڪتابي صورت ۾ ڪندي آهي سو نثر يا نظم جي صورت ۾ هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ کي به پنهنجو ادب آهي، جيڪو نثر توڙي نظم ۾ موجود آهي، البت ايترو آهي ته اوائلي سنڌي ديوناگري يا شاستريءَ ۾ لکي ويندي هئي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته سنڌيءَ جو اوائلي علم ادب ديوناگريءَ يا شاستريءَ ۾ هجي، پر اهو هٿ نه اچي سگهيو آهي، سواءِ سنڌي هندن جي ڌرمي ڪتابن جي جيڪي شاستري يا گرمکيءَ ۾ لکيا ويندا هئا.

هرڏانهن سنڌ تي عربن جي فتح کان پوءِ سنڌن حڪومت دوران عربيءَ ٻوليءَ جو استعمال ٿيو، ايتري قدر جو سنڌ جا مسلمان عربي سکيا، انهن نه فقط عربيءَ ۾ علم پرايو، پر عربيءَ ۾ تصنيف ۽ تاليف پڻ ڪئي. سنڌن عربيءَ ۾ لکيل

ڪتاب ايترا تہ معياري هئا جو مصر جي جامعہ ۾ نصابي ڪتابن طور ڪم اچڻ لڳا.

سورهين صديءَ جي ابتدا تائين سنڌ ۾ عربيءَ جو زور هو، ١٥٢١ع ڌاري شاھہ بيگ ارغون جي زماني کان سنڌ ۾ وري فارسيءَ جو بنياد پيو. اٽڪل ڏيڍ سؤ سالن تائين، جيستائين سنڌ مغلن جي اثر ۽ حڪومت هيٺ رهي. سنڌ جو علم ادب فارسيءَ ۾ وڏي مقدار ۾ جمع ٿيو، سنڌ جا ڪلهوڙا ۽ ٽالپر حڪمران پڻ پارسيءَ کي گهڻو پائيندا هئا ۽ سنڌ مان ڪيترن فارسيءَ ۾ شاعري پڻ ڪئي، پين پولين وانگر سنڌي ادب بہ شعر سان شروع ٿئي ٿو.

ان ڏس ۾ اهڙيون نشانيون بہ ملن ٿيون، جن مان پتو پوي ٿو تہ اهو سلسلو عربن جي زماني کان اڳ بہ جاري هو، پر سمن ۽ سومرن جي دؤر کان اڳ جو ڪوبہ شعر زباني يا لکت ۾ موجود نہ آهي. پندرهين صديءَ ۾ ٺٽي جي شيخ حماد جا چند شعر بڌجن ٿا. بهرحال سنڌي شعر سورهين صديءَ ۾ ملي ٿو سو بہ مسلمان شاعرن جو هندن جو جوڙيل شعر سکن جي گرنٿ صاحب کان سواءِ بيو ڪونہ ٿو ملي، مثلاً،

لوئڻ لوئي ڏٺ، پياس نہ بُجهي مون گهٽي،
ٽانڪ سي اکڙيان بين، جن ڏسندو حال پري،

سمن جي دور ۾ مامرئي فقيرن جا بيت ملن ٿا جيڪي پڻ اڳڪٿيون آهن، مثلاً

هاڪ وهندر هاڪڙو، پڇندي بنڌ اروڙ،
بهہ، مچي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوکڙي.

حقيقت ۾ سنڌي علم ادب جي ترقي ارغونن جي

حڪومت ۾ ٿي جڏهن ايراني شاعر سنڌ ۾ آيا، جن عروضي شاعري ڪئي جنهن جو اثر سنڌيءَ تي پڻ پيو.

هن دؤر ۾ سنڌي شاعرن، سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي ۽ نثر ۾ ڪتاب بہ لکيا " قاضي قاضن سيوهاڻي ۽ شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري شعر ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي فقهہ ۾ ۽ مولوي ابوالحسن حديث ۾، سنڌيءَ جي خدمت ڪئي آهي.

سنڌي نثر ارڙهين ۽ اڻويهين صديءَ جي پيدائش آهي.

١٨٥٣ع ۾ سنڌي آئوينا ٺهي تنهن ڪان پوءِ ئي ڪجهہ ڪتاب ٻين ٻولين مان ترجمو ٿيا. ان ڪان اڳ روايتن ۾ آخوند عزيز الله متياريءَ واري جو نالو ٻڌجي ٿو جنهن قرآن شريف جو ترجمو نثر ۾ ڪيو هو.

سنڌي ادب لاءِ ڪلهوڙن جي دؤر کي سونهري دور چيو وڃي ٿو انهيءَ دؤر ۾ شاهہ عنايت ۽ شاهہ لطيف جهڙا شاعر پيدا ٿيا. سچل، سامي، دلپت، بيدل، بيڪس ڪان وٺي پوءِ ادبي واڌاري جو سلسلو هلندو رهيو. انگريزن جي دؤر تائين ڇاپخانہ وجود ۾ آيا ۽ نظم توڙي نثر کي ڪتابن ۾ محفوظ ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو، جنهن سان گڏ سنڌي ادب ۾ نثر توڙي نظم ۾ چڱو ذخيرو جمع ٿي ويو.

آزاديءَ ڪان پوءِ هندن جي وڃڻ سان ادبي فروغ ۾ ٿوري رنڊڪ پيدا ٿي، پر اڳتي هلي هر صنف تي طبع آزمائي ٿي، سنڌي ادب جي هر صنف ۾ ڪافي واڌارو آيو ۽ ان ۾ هر ترقي يافتہ ٻوليءَ جيترو سرمايو موجود آهي.

# سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي اهميت

اها مڃيل حقيقت آهي تہ تعليم جو ذريعو اها ئي ٻولي مفيد ۽ ڪارگر ٿي سگهي ٿي جيڪا سڪندڙ جي مادري زبان هجي. ٻار جڏهن اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ اچي ٿو، تہ ان وقت هو پنهنجي مادري زبان جي سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ چڱي حد تائين پڙُ هوندو آهي. اسڪول ۾ هن کي لکڻ پڙهڻ سيکاريو وڃي ٿو ۽ منجهس درسي ڪتابن ۽ نصاب ۾ ڏيکاريل ٻين طريقن سان مادري زبان ۾ لکيل مواد پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ان مان لطف اندوز ٿيڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي ذريعي پنهنجا خيال، جذبا ۽ معلومات صحيح نموني ۾ ظاهر ڪرڻ جون لياقتون پيدا ڪرڻ ۽ انهن ۾ درجي بدرجي اضافو ڪرڻ لاءِ گهربل مدد ۽ رهبري ملي ٿي. ان ڪان سواءِ سندس اڳ سکيل مادري زبان ۾ لغوي اضافو ڪري ڪيس اصطلاحي لحاظ کان پڪو پختو ڪيو وڃي ٿو. هن مان ظاهر ٿيو تہ ٻار کي مادري زبان کان سواءِ ٻيءَ ٻوليءَ ۾ تعليم ڏني وينـدي، تہ اهڙي تعليم هن لاءِ بيڪار ٿينـدي ۽ هن ۾ اهـي صلاحيتون ۽ لياقتون پيدا ڪري نہ سگهندي جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهن. ان مان ثابت ٿيو تہ موثر تعليم مادري زبان وسيلي ڏيڻ گهرجي.

سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ايترو علمي، ادبي، سائنسي ۽ لغوي سرمايو موجود آهي؛ جو هر قسم جا علمي ۽ فني ڪتاب ان ۾ لکي ۽ پڙهائي سگهجن ٿا. هن وقت بہ ابتدائي سطح کان يونيورسٽي سطح تائين سنڌي ٻولي تعليم جو ذريعو آهي. سائنسي علمن کي ڇڏي سمورن عمراني علمن جا امتحان پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ ورتا وڃن ٿا. زراعت، ڪامرس، آرٽس توڙي ٽيڪنيڪل

ايڊيوڪيشن انٽرميڊيٽ ليول تائين سنڌيءَ ۾ ڏني رجي ٿي.
سنڌي ٻولي سنڌ صوبي جي سرڪاري ۽ دفتري زبان طور پڻ ڪتب اچي ٿي. قانون جا ڪتاب ۽ اصطلاح پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود آهن.

تازو پي-ايچ-ڊي سطح تي سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف مضمونن ۾ تحقيقاتي ڪم ٿي رهيو آهي. هن ٻولي ۾ هڪ معياري لغت آهي ۽ سائنس جي ڊار ڊار شاخن جون معياري لغتون پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ تيار ٿي رهيون آهن.
سنڌ صوبي جي ٨٠ سيڪڙو آباديءَ جي ٻولي سنڌي آهي، جنهن ڪي پنهنجو تمام قديم تهذيبي، ثقافتي ۽ تاريخي پس منظر آهي ۽ هتي وارن جو اهو سمورو ورثو سنڌيءَ ۾ ئي منتقل ٿيو آهي تنهن ڪري سنڌي ماڻهن جي تعليم جو صدين کان بنياد سندن مادري زبان آهي.

سنڌي ٻوليءَ کي پريس، ٽائيپ رائيٽر ۽ هڪ معياري صورتخطي پڻ ميسر آهي، سمورا درسي ڪتاب ٻارن کي هر سطح تي سنڌي ٻوليءَ ۾ مهيا ٿي سگهن ٿا ۽ ميسر پڻ آهن. ان ڪري ٻه سنڌي ٻوليءَ کي تعليم جو وسيلو هئڻ گهرجي.

دنيا ۾ اسرائيل قومن پڻ سائنٽفڪ اصولن جي پوئواري ڪندي اهو مقام ماڻيو آهي ته پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي ٻه ڇو نه اهو مقام حاصل هجي جيڪا ڪنهن به قيمت تي دنيا جي سڌريل ٻولين کان گهٽ نه آهي.

## سنڌي ٻوليءَ کي نون وناڻ جا اپاءَ :

تاريخ جو مطالعو ڪرڻ سان اندازو ٿيندو تہ سنڌ تي تمام گھڻو عرصو ڌارين جو راڄ رهيو آهي، تنهن ڪري ڪنهن نہ ڪنهن لحاظ کان ان جي ترقيءَ ۾ رنڊڪون پونديون رهيون آهن. اهڙيءَ ريت ان جو سکيو ستابو هئڻ پڻ ڌارين جو آماجگاهہ هئڻ جو هڪ ڪارڻ رهيو آهي. هر حريص اک سندس ڪک جو ڪان ثابت ٿي آهي. هن وقت اسان جو ملڪ آزاد آهي ۽ آزاد ٿئي ٢٥ سال گذري چڪا آهن؛ پر سنڌي ٻوليءَ کي ابتدائي سالن ۾ لڏ پلاڻ سبب پهتل نقصان جي پوري ڀلاڻي نہ ٿي سگهي آهي. اجا آزاديءَ کي اٺ سال مس گذريا تہ وحدت ۽ ايڪي جي نالي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ١٥ سالن تائين ذري گھٽ نظر بند رکيو ويو. جنهن ۾ ماڻهن کي وسطاني سطح تائين مشڪل سان سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم نصيب ٿيندي هئي. ايتري ڊگھي قيد بند کان پوءِ سنڌ صوبي جي حيثيت بحال ٿي ۽ پهريون پيرو سنڌ اسيمبليءَ ١٩٧٢ع ۾ ٻوليءَ وارو بل بحال ڪري سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري زبان قرار ڏنو ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ وارن نصابي ڪتاب ١٢هين ڪلاس تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ڪرائڻ شروع ڪيا.

نشر اشاعت جي ادارن ۾ پڻ نہ جي برابر سنڌي ٻوليءَ کي نمائندگي نصيب ٿي ۽ سنڌي ادب پڻ نيون راهون تلاش ڪيون. هن دؤر ۾ انقلابي ادب گھڻو زور ورتو ۽ ان سان گڏ درسي ڪتابن ۾ نوان اصطلاح آيا. ايتري قدر جو نصاب جي سمورن مضمونن مثلاً منطق، فلسفي، سائنس، ديني، معاشيات، اقتصاديات، حساب، صنعت حرفت وغيره لاءِ نوان اصطلاح آندا ويا.

هن وقت ريڊيو تي سنڌي ٻوليءَ کي اڳيئن جي نسبت وڌيڪ وقت مليو آهي جيڪڏهن حڪومت جو اهو مثبت رويو

رهير تہ سنڌي ٻولي وڌندي رهندي ۽ دنيا جي ترقي يافتہ ٻولين جي صف ۾ بيهڻ لاءِ جدوجهد جاري رکيو ايندي. هوئن بہ سنڌي ٻولي انهن مڙني خوبين سان مالا مال آهي جيڪي هڪ اعليٰ ۽ اُتم ٻوليءَ ۾ هجڻ گهرجن.

**تجويزون** :- مادري زبان کي درسگاهن تائين محدود نہ رکيو وڃي، پر معاشري ۾ بہ ان جي صحت کي برقرار رکيو وڃي. جيئن ٻارن کي هڪ سازگار ۽ مددگار ماحول ميسر ٿي سگهي.

جذبات شخصيت جو هڪ اهم جزو آهي ۽ ان تي زندگيءَ جي بڻجڻ ۽ بگڙجڻ جو گهڻو مدار آهي. انهن جذباتن کي اپارڻ ۽ منظم ڪرڻ لاءِ شعر ۽ ٻئي ادب جي ضرورت آهي ۽ اهو ادب جيترو پنهنجي مادري ٻوليءَ جو اثرائتو ٿئي ٿو. اوترو ٻئي ڪنهن ٻوليءَ جو نٿو ٿئي.

اسڪول جي ٽائيم ٽيبل ۾ مادري زبان کي نمايان جڳهہ ڏيڻ گهرجي. ان کي معمولي سمجهي روزمره جي ترتيب ۾ پوريون وقت نہ ڏجي ڇاڪاڻ تہ ٻين سڀني ڪمن جي تعليم جو دارومدار مادري زبان تي آهي. اهڙيءَ ريت مادري زبان جو استاد پڻ وڌيڪ ماهر ۽ ذهين هئڻ گهرجي.

سنڌيءَ کي جيڪڏهن شوق ۽ جذبي سان پڙهايو ۽ سيکاريو ويندو تہ يقيناً تعليمي ماحول ۾ هڪ نئون روح پيدا ٿيندو ۽ علمي دنيا ۾ نئين زندگي پيدا ٿيندي.

مادري زبان جي مدد سان ٻار پنهنجي وڏن جي علمي ورثي ۽ ڪتابي خزاني جي چڱي کوج لڳائي ملڪ جي مجموعي علمي ۽ ادبي خزاني ۾ اضافو ڪري سگهي ٿو.

مادري زبان کي وڌيڪ مقبول ڪرڻ لاءِ انهيءَ ۾ ٻار جو سٺن

مارڪن سان پاس ٿيڻ لازمي قرار ڏنو ويو.
مادري زبان ۾ مختلف قسمن جا ڪتاب ڇپائيڻ ۽ انعامن جي بنيادن تي لکايا وڃن، ائين ڪرڻ سان سنڌي ٻوليءَ جي علم ادب ۾ ڪافي اضافو ٿيندو ۽ مطالعي لاءِ ڪافي مواد موجود ٿي سگهندو، جنهن جي هن وقت وڏي کوٽ محسوس ٿي رهي آهي.

دنيا جي بهترين ڪتابن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرايو وڃي ۽ تحقيقاتي ادارا قائم ڪرائي انهن جي سرڪاري توڙي خانگي سطح تي همت افزائي ڪرائي وڃي.

## سنڌي ٻوليءَ جي آئيويتا ۽ رسم الخط :

سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت کان اڳ سنڌ ۾ فارسي ۽ عربي مذهبي ۽ دفتري ٻوليءَ طور ڪم ايندي هئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪو خاص رسم الخط نہ هو. مدرسن ۽ ديني درسگاهن ۾ شاگردن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ سهل طريقي سان پڙهائڻ خاطر مقامي سطح تي مختلف اندازن ۾ سنڌي ٻولي لکي ويندي هئي، جن مان ابوالحسن جي سنڌي مشهور هئي. جنهن جا اهڃاڻ ان وقت جي لکيل ڪتابن مان ملن ٿا. قرآن شريف پڙهائڻ کان اڳ شاگردن کي نور نامو وغيره پڙهائيندا هئا يا فقهي مسئلا پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيا ويندا هئا جيڪي ان وقت جي مروج سنڌيءَ ۾ هوندا هئا.

انگريزن سن ١٨٤٣ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو ، تہ شروع ۾ انهن پڻ دفتري ڪم فارسيءَ ۾ هلايو پر سنڌي ماڻهن جي ضرورت کي محسوس ڪندي، سنڌ جي چيف ڪمشنر سر بارٽل فريئر سنڌي ٻوليءَ جي الف - ب ٺاهڻ لاءِ حڪم جاري ڪيو. سن ١٨٥٣ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي فيصلي مطابق سنڌي آئويتا لاءِ عربي رسم الخط آزمايو ويو، جنهن لاءِ عربي، فارسي ۽

بين قديم سنڌي ڪتابن جي مدد ورتي ويئي. جن ۾ ابوالحسن، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح ۽ ٻين بزرگن جا ڪتاب ۽ رسالا شامل آهن. اهڙيءَ طرح عربيءَ جي اٺاويهن حرفن، سميت ٻاونجاهه اکرن جي پٽي تيار ڪئي ويئي.

سنڌي آئويتا جا اکر هيٺينءَ ريت جوڙيا ويا آهن. عربي مان ورتل ٢٨ اکر:

ا ب ت ث ج ح خ د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ل م و ه ي.

فارسيءَ مان ورتل ٣ اکر : پ چ گ.

سنڌيءَ جا ٣ نج پنهنجا اکر : ٻ ڄ ڏ ڳ.

سنسڪرت : ١٦ اکر سنسڪرت مان ورتا ويا: ڀ ٽ ٿ ٺ ڦ ڃ ڇ ڌ ڊ ڍ ڙ ک گھ ڱ ڻ.

هڪ ٻيءَ روايت موجب سنسڪرت مان (٣٢) ٽيٽيهه اکر ورتل آهن. جن ۾ هي اکر شامل آهن:

ب پ ت گ ج چ د ر س ش ڪ ل م ن و ه ي.

انهيءَ لحاظ کان عربيءَ ۽ فارسيءَ مان (١٣) چوڏهن اکر ورتل ياڻجن ٿا. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

ا ث ح خ ذ ر ص ض ط ظ ع غ ف ق.

اها ئي آئيوٽا هاڻوڪي سنڌيءَ ۾ ٻه قائم آهي. انهيءَ جي مڪمل ترتيب هيٺ ڏجي ٿي.

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ڦ ج ڄ جھ ڃ ڇ چ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ و ه ي.

انهيءَ آئوٽا تيار ٿيڻ کانپوءِ اکرن ۾ ته ڪا به ڦيرڦار ڪا نه آئي، پر سڀئي لفظ ڌار ڌار صورتن ۾ لکيا ويندا هئا. مثلاً :-

کانپوءِ هتي موريا گهراڻي حڪومت ڪئي ۽ هتي يونانين جو تسلط رهيو. پهرينءَ کان پوءِ ستين عيسويءَ تائين وچ ايشيا جا ڌار ڌار فاتح گروهه ۽ قبيلا هتي ايندا رهيا ايتري تائين جو بنو اميه جي زماني ۾ محمد بن قاسم سن ۷۱۲ع ۾، سنڌ فتح ڪري، هتي اسلامي راڄ جو بنياد وڌو. ان وقت کان وٺي اٽڪل ۱۲۰۰ سالن تائين، سنڌ تي مختلف مسلمان گهراڻن جي حڪومت رهي. ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن هن تي قبضو ڪري بمبئي سان شامل ڪري ڇڏيو ۽ اها برطانوي هند جو هڪ حصو بنجي ويئي. سنڌ کي ۱۹۳۶ع ۾ بمبئي کان ڌار ڪري الڳ صوبائي حيثيت ڏني ويئي.

**سنڌ جون قديم ٻوليون :**

هن قديم انساني آباديءَ جي ٻولي به ايتري ئي قديم آهي جيتري اها خود. آريا پهريائين پنجاب ۽ سنڌ ۾ آباد ٿيا هئا ۽ هتان کان ئي مرڪزي هندستان ۾ پهتا هئا. جتان هو ننڍي کنڊ ۾ پکڙجي ويا. سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ مقامي اثر قبول ڪيا. جيئن جيئن سنڌ کان اڳتي وڌندا ويا، ان تي ڪولن ۽ دراوڙن جي ٻولين جو اثر وڌندو ويو. اولهه هندستان ۾ پنجابي، سنڌي، گجراتي ۽ راجستاني ان پراڪرت جون ڌار ڌار صورتون آهن. جيتري قدر سنڌ جو واسطو آهي، هتي جي عام ڳالهه ٻولهه واريءَ ٻوليءَ جو نالو وراچڊا پڌايو وڃي ٿو. ان مان چار لهجا يا ڊائليڪٽ پيدا ٿيا. جيڪي علائقائي لحاظ کان ڇهن شاخن ۾ ورهايل آهن.

۱- **وچولي** :- جيڪا وچ سنڌ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي.

۲- **سرائڪي يا سريلي** :- جيڪا سنڌ جي مٿين حصي يعني سري ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. اها ذري گهٽ بهاولپور تائين هلي وڃي ٿي.

۳- **ٿري** :- جيڪ ٿر ۽ پارڪر ۾ ڳالهائي وڃي ٿي.

۴- **ڪڇي** :- هيءَ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ علائقي ۾ ڳالهائي ويندي ٿي. خاص سنڌ ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي ويندي ٿي اها وچولي آهي ۽ اها ئي موجوده سنڌي آهي. يقين آهي ته، ٻين علائقن وانگر سنڌ ۾ به آرين کان اڳ ڪا مقامي ٻولي رائج هئي. پر چئي نٿو سگهجي ته اها ٻولي ڪهڙي هئي. ڪجهه مغربي محققن جو خيال آهي ته آريا قوم جا ٽولا ۽ قبيلا هڪ ئي پيري سان هن ننڍي کنڊ ۾ داخل ٿيا هئا، بلڪ ائين نه آهي هو مختلف وقتن تي ايندا رهيا ۽ هر نئين آيل ٽولي اڳين کي پٺي ڌڪيو. اهڙيءَ ريت هي ٽولا ٻن پاسن ۾ ورهائجي ويا. پويون ٽولو ڪشمير ۽ اتر اولهه پنجاب کان وٺي، سنڌ تائين پکڙيل ٿو ڏسجي. ان ڪري ڪشميري مغربي پنجابي ۽ سنڌي ٻين علائقن جي ٻولين کان مختلف آهن. هي نظريو ان صورت ۾ ناقابل قبول آهي، اگر سنڌيءَ کي آريائي ٻولي مڃيو وڃي پر ڪجهه مکيه حقيقتون هن ڏس ۾ رڪاوٽ آهن. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي هڪ، مضمون ۾ لکيو آهي ته سنڌ ۾ تمام آڳاٽي وقت کان ڪا سامي ٻولي هلندڙ هئي. جيڪي ماڻهو اول سنڌ ۾ آباد ٿيا، اُهي اولهه وارن ملڪن کان آيا هئا ۽ انهن سنڌو درياءَ جي اولاهن ڪنارن سان پنهنجون بيٺڪون قائم ڪري ورتيون هيون. موئن جي دڙي جي قديم آثارن مان هن ڳالهه جو ثبوت ملي ٿو. ان ڪري ممڪن آهي، ته موئن جي دڙي جي ٻولي ۽ قديم سميري ٻوليءَ ۾ ڪجهه تعلق هجي. بدقسمتيءَ سان موئن جي دڙي جي مهرن کي پڙهي نه سگهيو ويو آهي ان ڪري خاطري سان ڪجهه چئي نٿو سگهجي. پر اسان کي هن ٻوليءَ جا نشان موئن جي دڙي جي مهرن ۽ ڪتبن مان ملن ٿا. سنڌ جي ان قديم ترين ٻوليءَ جو زمانو اٽڪل اڍائي هزار سال قبل مسيح جو آهي.سنڌ جي لساني تاريخ جو ٻيو دور ٦٠٠ قبل مسيح کان ٧٠٠

عيسويءَ تائين ڳڻيو وڃي ٿو. هن دور ۾ ٻڌ مت کي عروج حاصل هو ۽ ڪنشڪ پالي - پراڪرت جي ذريعي پرچار ڪرڻ شروع ڪيو. جيئن تہ سنڌ بہ هن حڪومت ۾ شامل هئي، ان ڪري هتي بہ پالي- پراڪرت جو ڪجهہ نہ ڪجهہ اثر پيو هوندو جيئن تہ ڪنشڪ گهراڻي جو سياسي اقتدار، گهٽي وقت تائين نہ رهيو، ان ڪري پالي - پراڪرت جي پيٽ ۾ هتي جي ٻوليءَ تي ايراني، يوناني، ترڪي، دراوڙي لفظ غالب رهيا. انهن سببن ڪري سنڌ جي ٻولي ٻين پراڪرتي ٻولين کان بلڪل مختلف ٿي پيئي. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو سنڌ جي ٻوليءَ کي وارچڊا اپڀرنش يعني بلڪل بگڙيل ٻولي سڏيو ٿي ويو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان جي راءِ ۾ سنڌيءَ جو بنيادي دور ٧٠٠ع کان سمجهڻ گهرجي، جنهن ۾ موجوده سنڌيءَ جي تشڪيل ٿي. خاطريءَ سان تہ نہ، پر اندازي طور چئي سگهجي ٿو تہ عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ سنڌي ٻولي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ موجود هئي ۽ ان جا ڌار ڌار قسم جدا جدا حصن ۾ ڳالهايا ويندا هئا. پر اهو ٻڌائڻ مشڪل آهي، تہ هي سڀ ڪهڙي زماني ۾ رائج ٿيا. موجوده سنڌيءَ جي شڪل سمن جي زماني (يارهين صدي عيسويءَ) ۾ ٿي، جنهن کي اٽڪل هڪ هزار سال گذري چڪا آهن.

مسلمانن جي اچڻ بعد هتي صرف ٻہ ٻوليون رائج هيون هڪ سنڌي جيڪا ملڪي ٻولي هئي ۽ ٻي عربي جيڪا سرڪاري زبان هئي، تنهنڪري عرب جاگرافي دانن ۽ سياحن جي بيانن مان معلوم ٿو ٿئي، تہ ٽين ۽ چوٿين صدي هجريءَ جي آخر ۾ ديلمين جو عروج ٿيو ۽ ان جو اثر سنڌ تي پيو، تڏهن هتي فارسي ٻولي رائج ٿي، چو تہ ملتان ۾ جيڪو سنڌ حڪومت جي

گهڻو اثر پيو ان ڪري هن ٻوليءَ ۾عربي ۽ فارسي ٻوليءَ جي لفظن جي گهڻائي ڏسجي ٿي.

ڪجهه لفظ پنهنجي اصلي صورت ڇڏي سنڌي بنجي چڪا آهن مثال طور: تائت (تعويذ) ٻدڪ (بطخ) زائفان (ضعيفه) ڪاتي (قاطع) بصر (بصل) ٿوم (فوم) نٽ (نطع) مترڪو (مطرقه) رئو (رداءُ) وغيره.

اهڙي ريت فارسيءَ ۽ انگريزيءَ جا به ڪيترائي لفظ بگڙي سنڌي صورت اختيار ڪري چڪا آهن. جهڙوڪ :- پهراڻ (پيرهن) سرواڻ (ساربان) آهينو (آئينه) انگريزيءَ جا بانا ڦاڙ (بونا پارٽ) ڊانوا ڊول (ڊونڊل) ٽيشڻ (اسٽيشن) وغيره.

مٿئين تاريخي پس منظر بيان ڪرڻ بعد اسين هاڻي سنڌي ادب جو دور وار ذڪر هيٺين ترتيب سان ڪريون ٿا.

١- عربن جي دور کان سمن سومرن جي دور تائين.

٢- ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جو دور.

٣- ڪلهوڙن جو دور.

٤- ميرن جو دور.

٥- انگريزن جو دور.

٦- پاڪستاني دور (ورهاڱي کان پوءِ)

**١- عربن جي دور کان وٺي سومرن ۽ سمن جي دور تائين :**

عربن جي دور کان وٺي سمن جي دور تائين وارو زمانو اٽڪل اٺن صدين تي محيط آهي. هن پوري دور لاءِ اسان وٽ سواءِ چند ٽڙيل پکڙيل ورقن (حوالن ۽ بيتن) جي ڪو به تاريخي سرمايو موجود نه آهي. جيڪي تاڻي هڪ "چچ نامو" ملي ٿو، پر تاريخي نقطہ نگاهه کان ان جي سمورين روايتن تي به ڀروسو نٿو ڪري

سگهجي. اهڙي حالت ۾ قديم سنڌي ادب متعلق ڪنهن مواد جي امید رکڻ اجائي آهي. جيڪي ڪجهه تڙيل پکڙيل شاهديون مليون آهن، تن مان اسين صرف اهو اندازو لڳائي سگهون ٿا، ته عرب دور ۾ سنڌي ٻولي موجود هئي، لکي پڙهي ويندي هئي ۽ اها ان لائق به ٿي ويئي هئي، جو ان ۾ ڪتاب لکيا ويندا هئا. ان جو رسم الخط ڪهڙو هو، ٻولي ڪهڙيءَ ريت هئي، ان متعلق نه ڪوئي نمونو آهي نه وري ڪا شهادت.

سنڌي ادب جي شروعات پڻ دنيا جي ٻين ٻولين وانگر شعر سان ٿي ٿئي ٿي. سڀ کان پراڻو شعر جيڪو اسان کي مليو ٿو، اهو فضل بن يحيٰ جي مدح ۾ چيو ويو آهي ۽ اتفاق سان ڪجهه عربي ۽ ڪجهه فارسي تاريخن ۾ محفوظ رهجي ويو آهي. (روضه العقلاء ونزهت الفصلاء، مجمل التواريخ) جيتوڻيڪ ان جي صورت ۽ لفظ بگڙي چڪا آهن، ليڪن ان حالت ۾، به ان ۾ وزن ۽ قافيو موجود آهي.

مجمل تواريخ ٥٢٠هه جي تصنيف آهي، ان ۾ لکيل آهي ته (وَ) مرد از زمين سنده پيش و افضل بن يحيٰ برمڪي جم ٧ رجب ١٤٨هه وزرات ١٨٠هه وفات ٥ محرم ١٩٣هه آمد وبزبان خويش يک بيت انشا کرد وبگفت - وآن اين بود.

اره بره ڪنڪره ڪرا ڪري منده.

جڏهن فضل هن بيت جي معنيٰ پڇي، ته ترجمان عربيءَ جو هي شعر پڙهيو :- واذ الکا رمُ و آفا قنا ذکرت

فما انمآ يکدّ فيها بضرب المثل،

(ترجمو :- جڏهن اسان وٽ نيڪين ۽ چڱائين جو ذڪر ٿئي ٿو، تڏهن تنهنجو ئي نالو ورتو وڃي ٿو)

هي سنڌي شعر خبر نه آهي ڇه هو؟ عربي دانن صوتي اعتبار کان

ان کي چا سمجهيو ۽ ڪهڙيءَ ريت نقل ڪيو. وري فارسي تاريخن ان کي ڪهڙيءَ ريت پنهنجو ڪيو. بهرحال هي سڀ ڪان جهونو شعر آهي جيڪو اڄ تائين ملي سگهيو آهي.

**سومرا دور (١٠٥١ - ١٣٥١ع)**

سومرا حاڪم مقامي حڪمران هئا. سندن پنهنجي ٻولي سنڌي هئي جيتوڻيڪ عربن جي ڪري ٽن ساڍن ٽن سون سالن تائين عربيءَ جو عمل دخل رهيو؛ پر سومرن جي حڪمراني ڪري سنڌي ٻوليءَ کي هڪ دم ترقي ڪرڻ ۽ زور وٺڻ جو موقعو مليو. تنهنڪري وڌاءُ نہ ٿيندو، جيڪر چئجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي نئين سر آبياري هن دور ۾ ٿي ۽ ان ۾ عوامي گيت، جنگي داستان، قومي برتري ۽ قبائلي چڪتاڻ جهڙن ڪهاڻيون لکجڻ لڳيون. "دودي چنيسر جو قصو" هن دور جو يادگار آهي. هن داستان کي ان زماني جي شاعرن سنڌي دوهي ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن مان ڪجهہ دوها مثال طور هيٺ ڏجن ٿا :-

ويهہ پچاڻا ٻيءُ جي، آءُ چنيسر آءُ
ياڳ سٽائو تنهنجو، توکي پلي چٽيو ماءُ

يا

أئين سعيو ڪريو سپاهہ جو، تہ ڪهي اچان گهران
وڏي جا ررهن جي، پڇي اچان تنهن ماءُ

**ارغون، ترخان ۽ مغل دور (٩٢٤ هـ ١٦٢١ع - ١١٣١هـ - ١٧١٩ع)**

هن دور ۾ فارسي دفتري ٻولي رهي، پر ان سان گڏوگڏ سنڌي ٻه اسرندي رهي. صوفين پنهنجي نظريي جي پرچار لاءِ عوامي رابطو سنڌيءَ ۾ جاري رکيو. عوام پڻ پنهنجي ٻوليءَ مان هٿ نہ کڻيا. ان ڪري هن زماني ۾ سنڌي جا ڪيترائي بلند پايہ شاعر پيدا ٿيا جن پنهنجي شعر سخن ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي ڪافي زور وٺايو. شاه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو ان دور جو چمڪندڙ تارو آهي، جنهن جي پيروي ڪندي سندس پڙ پوٽي شاھ عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ کي لازوال بنائي ڇڏيو.

**راڄو درويش :- (وفات ٩٧٧هـ)**

هن دور ۾ سڀ کان اول راڄو درويش جو نالو اچي ٿو. تحفتہ الڪرام جي روايت آهي، تہ هي بزرگ هميشہ جوش جي حالت ۾ رهندو هو ۽ پيرين اگهاڙو گهمندو هو. جڏهن مستيءَ ۾ ايندو هو تہ هو وڏي آواز ۾ پنهنجو ڪلام ڳائيندو هو. ان حالت ۾ جيڪي چوندو هو سو پورو ٿيندو هو. مگر افسوس جو سندس ڪو بہ شعر محفوظ نہ رهيو آهي.

**مخدوم نوح رح (٩١١ - ٩٩٨هـ)**

هي باڪمال عالم ۽ صوفي شاعر هن دور جي ابتدائي شاعرن مان آهي. سندس فارسي ملفوظات ۾ ان جا چند سنڌي شعر محفوظ رهجي ويا آهن، جي نموني طور هتي ڏجن ٿا:

پٽي جا پرڀات، سا ماڪ مَ ڀانئيو ماڻهئا.
روئي ڇڙي رات، ڏسي ڏکوين کي.
نہ سي جوڳي جوءِ ۾، نہ سا سکي چاٽ.
ڪاپڙين ڪنوات، وڏيءَ ويل ڀلاٽيا.

**مخدوم پير لکوي (۹۹۱هه) سندس خاندان ٺٽي جو هو، پر** ڪنهن سبب ڪان هن لڪي (سکر ويجهو) ڪي وطن بڻايو. سندس شعر نعتيہ آهي، جنهن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن سان اٿاهہ اڪير جو اظهار ڪيل آهي.

**شاه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو (۹۴۲-۱۰۲۲هه) :-** هن دور جو بي مثل شاعر آهي. پورو ڪلام تہ سندس بہ محفوظ رهي نہ سگهيو آهي البتہ بيان العارفين (تدوين ۱۰۲۴هه) ذريعي ۹۴ بيت اسان تائين پهتا آهن، انهن شعرن ۾ پراڻي سنڌيءَ جا ڪيترائي لفظ آهن، جيڪي اڄ متروڪ ٿي چڪا آهن. ان ڪانسواءِ عربيءَ جا ۲۹ لفظ ۽ فارسيءَ جا ۸ لفظ بہ سندس ڪلام ۾ مليا آهن. سندس اندازِ بيان بي حد وڻندڙ آهي.

نينهن نيائي نہ ٿئي، سڏين سيڻ نہ هون،
ڪارين راتين رت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رون.

**مخدوم احمد ڀٽي (وفات ۹۳۰هه) :-**

هيءَ هڪ واقعو بيان ٿيل آهي تہ حيدرآباد ۾ هڪ سماع جي محفل ۾ هڪ سوناري ڇوڪري ڪان مخدوم صاحب هي شعر ٻڌا، جنهن جي اثر ڪيس هن جهان ڪان اٿاري ڇڏيو :

سڏ سڻي پريندءَ جو، وانگي جي نہ ورن،
ڪوڙي دعوي دوست جي، ڪچاڙي ڪي ڪن!

سر ڏئي سٽ جوڙ، ڪنهن پر ڪلالن سين،
مرڻا منهن نہ موڙ، وڃي ٿي وڌ لهي.

**قاضي قاضن (وفات ٩٥٨هه - ١٥٥١ع)**

قاضي قاضن بن ابوسعيد بن قاضي زين العابدين در ٻيلائي جي شخصيت هن دور جي ادب ۾، بنيادي پٿر جي حيثيت رکي ٿي. هي پهريون شاعر آهي، جنهن جا ست شعر نهايت ئي صاف سٿرا، بامقصد ۽ وڻندڙ ٻوليءَ ۾ مليا آهن. سنڌي شعر جي عمارت جا بنياد قاضي صاحب جي شعر سان ئي رکيا ويا هئا. هتي سندس چند شعر مثال طور ڏجن ٿا :-

جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس،سنڌي پريان پيچري.

لوڪان نحو صرف، مون مطالعو سپرين،
سوئي پڙهيو سو پڙهان، سوئي سو حرف.

سندس ست بيت "بيان العافين" ذريعي اسان تائين پهتا آهن. شعر جو غرنو ٻڌائي ٿو تہ قاضي صاحب گهڻو ڪجهہ چيو هوندو، پر زماني جي لاهين چاڙهين اهو سمورو سرمايو اسان تائين پهچڻ کان اڳ ئي برباد ڪري ڇڏيو.

**سمن جو دور (١٣٥٠ - ١٥٢٠ع )**

هن دور تائين سنڌ ۾ سنڌي شاعري عام ٿي چڪي هئي. هن دور ۾ ڪيئي مشهور شاعر پيدا ٿيا، جن جا نالا تاريخ ۾ محفوظ آهن. انهن جو مختصر طور تي احوال هيٺ ڏجي ٿو:

شيخ حماد بن رشيد الدين جمالي : ننڍي جي ويجهو ساموئي ۾ هن درويش جي درگاهہ هئي. سندس دور ۾ سنڌ جا حقيقي وارث ڄام صلاح الدين ۽ ڄام تماچي دهليءَ ۾ قيد هئا. هن درويش جي

همدرديءَ جيئن تہ انهن سان هٿي تنهنڪري هڪ دعا طور سندس شعر چيل آهي، جيڪو ڄام تماچيءَ لاءِ تہ دعا آهي؛ پر ڄام جوڻي لاءِ بد دعا آهي جيڪو ڄام تماچيءَ جو ڇاڇو هو.

جوڻو مٺ اوڻو، ڄام تماچي آءُ،
سياڄهي ٻاجهہ پئي، توسين ننڌو راءِ.

**شيخ اسحاق آهنگر** : شيخ حماد ڪانپوءِ تحفتہ الڪرام ۾ شيخ اسحاق جو نالو اچي ٿو. مير علي شير قانع لکيو آهي تہ "شيخ پريو نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) جو مشهور مجذوب بزرگ هو ۽ اڪثر سندن زبان مان شيخ اسحاق جا شعر نڪرندا هئا. حديقہ الاولياء جي مصنف سيد القادر جي روايت آهي تہ، مون هڪ ڏينهن شيخ پريي کان پڇيو تہ پاڻ چيائين تہ اهي شعر شيخ اسحاق آهنگر جا آهن (تحفتہ الڪرام جلد ٣ ص ٢٤٩، شيخ پريو سن ٩٠٣ هہ ۾ حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويو، سندس آخري آرامگاهہ گنجي ٽڪر جي دامن ۾ آهي.
شيخ اسحاق آهنگر جو هڪ شعر جيڪو ملي سگهيو آهي هتي ڏجي ٿو:

ٿيان مان جهرڪ. ويهان پريئن جي ڇڄ تي،
چون مان ڌرڪ، ٻاجهاري ٻوليءَ سين.

**ماموئي جا معما** : اسحاق آهنگر ڪانپوءِ ماموئيءَ جا ست معما تاريخ ۾ محفوظ آهن. هي ست بيت سٽن درويشن چيا هئا. جن جو ٽڪاڻو ماموئي (نئي جي پرسان) هو. هنن درويشن جي زماني

جو تعين ٿيل ڪرنهي، پر گمان آهي تہ ڄام نظام الدين واري دور (٨٦٣ - ٩١٣ ھ) ڌاري هو. هتي آيل شعر:

هاڪ رهندو هاڪڙو، پڇندي ڀنڊ اروڙ،
ڀهہ، مڇي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوڪڙي.

**عثمان احساني (١٠٥٠هہ)** هي شاعر مخدوم پير محمد لڪوي جو همعصر هو. سندس اصل وطن پاڳ ناڙي هو، پر پوءِ اچي لڪيءَ ۾ رهيو. هن جو هڪ نظم "وطن نامہ" نالي سان آهي، جنهن ۾ فنا ۽ بقا توڙي حيات بعد الممات جهڙا مضمون مختلف پيرائين ۾ بيان ٿيل آهن. هن دنيا کي عارضي وطن سڏيندي، هُن دنيا کي ساراهيندي چوي ٿو:

اٿي هلندين اوچتو، نہ ڪنهن پهہ پرياڻ،
ڪو ٿاڙو آهين، دنيا منجهہ مهمان،
جو ڏاڍو سفر موت جو، سجهي ٿو سناڻ.

**لطف الله قادري** : هن دور جي هن شاعر جي زندگيءَ جو تہ احوال معلوم نہ آهي، البتہ سندس هڪ ڪتاب منهاج المعرفت (١٠٧٨هہ) تمام گهڻو مشهور آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب کي سندس ڪجهہ بيت هٿ آيا؛ جن ۾ اهو ئي اڳين شاعرن وارو رنگ ڏسجي ٿو. زندگيءَ ۽ موت جا مسئلا توڙي دنيا جي فنا جا مضمون بيان ڪيا اٿس:

جنهن پنڌ نهايت ناهه ڪا، نڪو انت نه ڇيهه،
سو ڪوڙين ڏسي ڪنبڻا، ڏوران ڏاڍو ڏيهه،
ات هلڻ حيرت ۾ ٿيو، چتا تو ڇيهه،
اوري ڪَرمَ آسرو، واديءَ وڃ ۾ ويهه،
ثابت ٿي سبحان سين، منجهه حقيقت پيهه،
ته سو پسين ڏيهه، جنهن کي سڪي سڀ ڪو.

هن دور ۾ سنڌي شاعريءَ ڪافي ترقي ڪئي. ٻولي صاف ٿيڻ لڳي. قاضي قاضن تائين دوهو (بيت) ٻن سٽن جو هو؛ پر جيئن ته ان دور ۾ مضمون طويل ٿيڻ لڳو، ان ڪري دوهي کي ٻه ٻن سٽن واريءَ پابنديءَ مان ڪڍي وڌيڪ سٽن تائين وسيع ڪيو ويو.

## ڪلهوڙن جي دور جو سنڌي ادب
### (١١٣١هه - ١٧١٩ع - ١١٩٧هه - ١٧٨٣ع)

ڪلهوڙن جو دور عربي، فارسي ۽ سنڌي ادب لاءِ لاثاني دور ٿي گذريو آهي، هن دور جي تاريخي مطالعي ۽ ادبي اپياس لاءِ ميرعلي شير قانع ٺٽوي لافاني مواد ڇڏيو آهي. انارمه نغز منشور الوصيت، تحفته الڪرام، تحفته الطاهرين ۽ معيار سالڪان طريقت وغيره هن دور جا ٻي مثال ڪتاب آهن. پويون ڪتاب اڄا تائين برٽش ميوزم جي زينت بنيل آهي.

ڪلهوڙا مقامي ماڻهو هئا، جن سنڌ واسين کي ڌارين جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏياريو. هنن جي ٻولي سنڌي هئي تنهنڪري انهن چڱيءَ طرح ان جي پرورش ۽ سرپرستي ڪئي. ميان سرفراز ڪلهوڙو خود سنڌيءَ جو بلند پايه نعت گو شاعر هو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ نعت گوئي جي ابتدا سندس ڪارنامو آهي.

جيستوڻيڪ هن عرصي ۾ دفتري ٻولي فارسي رهي، پر گهر ۽ روزمره جي ٻولي سنڌي ئي رهي. جنهنڪري سنڌي شاعريءَ کي اسرڻ جو ڀرپور موقعو مليو. سوين شاعر پيدا ٿيا، جن جو ڪلام جيڪڏهن محفوظ رهي ها، تہ سوين جلد جڙي وڃن ها.
هن دور جو عظيم الشان ۽ بي مثل شاعر شاه عبداللطيف ڀٽائي رح آهي، جنهن نہ صرف ٻوليءَ کي نوان لفظ، محاورا ۽ ترڪيبون ڏنيون، پر سنڌي شعر کي وسعت ڏيئي نئين اسلوب، مضمون ۽ گوناگون تخيل سان ٽمٽار ڪري ڇڏيو. دوهي جي محدود ماحول مان نڪري، وائي جي وسيع ميدان کي خيالن جو مرڪز بنايو.
هن دور ۾ يعني اٽڪل ١٧٠٠ع ڌاري مخدوم ابوالحسن سنڌي ٻوليءَ جي الف - ب جوڙي سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ڪتاب (مقدمہ الصلواة) تصنيف ڪيو. ان کان پوءِ ڪيترائي منظوم ڪتاب لکيا ويا. مناجات (حمد و نعت) بہ هن دور جي پيدا وار آهي.
هن دور ۾ شاعريءَ جي مقبوليت ايتري وڌي ويئي هئي، جو پڙهيل لکيل طبقي سان گڏ، سوين اڻ پڙهيل شاعر بہ اهڙا ملن ٿا، جن کي شعر ۽ ٻوليءَ تي قدر جوڳي قدرت حاصل هئي، هن دور ۾ شاعري ذهن ۾ اهڙي تہ رچي ويئي هئي جو، هڪ ئي وقت ۾ شاه عنايت، شاه لطيف، خواجہ محمد زمان جهڙا معياري ۽ لافاني شاعر ملن ٿا. هن ئي دور ۾ مخدوم ابوالحسن، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم محمد هاشم، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ۽ مخدوم معين جهڙا چوٽيءَ جا عالم ۽ ليکڪ سنڌ جي سر زمين تي پيدا ٿيا، جن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکي، ان کي ترقي يافتہ ٻولين جي قطار ۾ آڻي بيهاريو.

**ميرن جي دور جو سنڌي ادب ( ١١٩٤هـ-١٧٨٣ع -١٢٥٩هـ-١٨٤٣ع)**

ٽالپر گهراڻو بہ ڪلهوڙن وانگر مقامي نسل جو هو، ان ڪري لاڳيتو ڏيڍ صدي ٽائين، سنڌي ادب کي وڌڻ ويجهڻ جو سٺو موقعو مليو- سنڌي نظم کان علاوه نثر تي بہ ڌيان ڏنو ويو ۽ ملس فارسي ٻوليءَ ۽ ادب جو گهرو اثر پيو.

مدح ۽ مناجات کي هن دور ۾ ڪافي ترقي ملي. هن جي صنف ابتدا تہ ميان سرفراز ڪلهوڙي ڪئي پر عروج تي هن دور جي شاعرن پهچايس. صاحبڏني فقير جي "اغثني يا سيد" جمن چارڻ جي يا "پير پيران بادشاه" هن دور جا خاص ڪارناما آهن. پير اشرف ۽ فتح فقير جون مناجاتون بہ لازوال آهن.

قصن کي لاڳيتو مثنويءَ ۾ آڻڻ بہ، هن دور جي خاصيتن مان آهي. پوئين دور ۾ شاعرن انهن داستانن جي ڪجهہ جزن کي تلميح يا نموني طور ڪتب آندو، پر هن دور ۾ داستان کي پوريءَ ريت قلمبند ڪيو ويو. حفيظ "مومل راڻي" جو داستان لکي ان جي شروعات ڪئي. پوءِ حاجي عبدالله، "ليلي مجنون" (١٢٠٨هـ) لکيو. انکانپوءِ شاعرن داستان گوئي کي اختيار ڪيو.

مرثيو بہ هن دور جي پيداوار آهي. ٽالپر شيعا حڪمران هئا. ايران سان سندن خاص تعلقات هئا. اتان مرثيہ گو شاعر ايندا هئا ۽ ڪين ڏسندي هتي بہ هن صنف تي طبع آزمائي شروع ٿي. سيد ثابت علي شاه پهريون مرثيہ گو شاعر هو. مرثيہ گوئي ڪري فارسي ٻوليءَ جا لفظ پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيڻ لڳا.

سنڌي ٻوليءَ ۾ نثر جي شروعات بہ هن دور کان ٿي. آخوند عزيز الله هڪ ڪتاب لکي هن سلسلي جي شروعات ڪئي. هن دور ۾ ڪافي جي صنف تخليق ٿي، هر قسم جا خيال جيڪي دوهي جي محدود دائري ۾ نٿي اچي سگهيا، اهي ڪافيءَ ۾ آسانيءَ سان آندا ويا، هن دور ۾ ڪافي بيحد مقبول ٿي.

غزل جي شروعات پڻ هن دور ۾ ٿي. سيد ثابت علي شاھ ۽ سچل سرمست غزل تي طبع آزمائي ڪئي ۽ ايندڙ دور جي شاعرن سنڌي غزل کي معراج تي پهچايو. هن دور جا شاعر ۽ اديب هي آهن :

مراد فقير، حفيظ، خليفو عبدالله، مولوي محمد، سيد ثابت علي شاھ، سيد خير شاھ پرديسي حيدرآبادي، صديق فقير سومرو، آخوند عزيز الله متياروي، خليفو گل محمد هالائي، سچل سرمست، شاھو فقير، غلام علي فقير ۽ دريا خان (روحل فقير جا پٽ) ملان صاحبڏنو شڪارپوري، جمن چارڻ ، دلپت راءِ صوفي، سامي، پيرعلي گوهر شاھ ، حمل فقير ۽ خليفو نبي بخش.

## برطانوي دور جو ادب (١٢٥٩هه- ١٨٣٦ع - ١٣٦٧هه- ١٩٤٧ع)

هونئن تہ انگريز سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي زماني ۾ ئي اچي چڪا هئا. ليڪن سنڌن مستقل حڪومت ١٨٤٣ع ۾ ميرن کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ قائم ٿي. هنن پنهنجي مفادن کي مستحڪم بڻائڻ خاطر عوام سان سڌو تعلق پيدا ڪرڻ لاءِ فارسيءَ جي جاءِ تي سنڌي ٻوليءَ کي آندو. سنڌي صورتخطي جي سڀ کان وڏي اڙنائي اها هئي، جو اها عربي فارسي خط ۾ لکي ويندي هئي، ان ڪري نج آواز لفظي صورت ۾ لکجي نہ پئي سگهيا. جيئن شاھ ڪريم، ابوالحسن ۽ ٻين سنڌي عالمن جي لکيل ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو. هن تڪليف کي محسوس ڪندي انگريزن ٽالپر عهد ۾ ئي سنڌي ٻوليءَ جو گرامر تہ واڻن جي ذريعي ئي لکرائي ڇڏيو هو پر الف ب جي ڪمي اڃا باقي هئي، جنهن کي ١٨٥٣ع ۾ سر بارٽل فريئر جي ڪمشنريءَ واري زماني ۾، هڪ ڪميٽيءَ ذريعي پورو ڪيو ويو. عربي الف ب ۾ ٻيڪن جو اضافو ڪري،

۲- ۱۸۵۵ع ۾ سيد ميران محمد شاه "سدا توري ۽ ڪدا توري" جو قصو لکيو.
۳- ۱۸۵۷ع ۾ ديوان ننديرام ٻارن لاءِ پهرئين ڪلاس واسطي "باب نامو" لکيو.
۴- ۱۸۶۱ع ۾ ديوان نندي‌رام فارسيءَ مان "تاريخ معصومي" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو.
۵- ۱۸۶۱ع ۾ سيد ميران محمد شاه " مفيد الصبيان" جو ترجمو ڪيو.
۶- ۱۸۶۲ع ۾ راءِ بهادر ڪوڙيمل " ڪولمبس جي تاريخ" جو ترجمو ڪيو.
۷- ۱۸۷۰ع ۾ نولراءِ "ايسپ جون آکاڻيون" ترجمو ڪيو.
۸- ۱۸۷۰ع ۾ نولراءِ اڌارام " راسيلاس" جو ترجمو ڪيو.
۹- ۱۸۶۳ع - ۱۸۷۰ع تائين ڪيولراءِ ٽي ڪتاب لکيا:
(۱) گل (۲) سوکڙي (۳) گل شڪر

آخري ڪتاب سنڌي پهاڪن ۽ اصطلاحن بابت هو. هن زماني ۾ ڪي ناول ۽ ناٽڪ به ترجمو ڪيا ويا.
۱۰- ۱۸۷۰ع ۾ مرزا قليچ بيگ هنديءَ مان "خورشيد" جو ترجمو ڪيو.
۱۱- ۱۸۸۸ع ۾ ديوان ڪوڙيمل "رتناولي" جو ترجمو ڪيو.
اهڙيءَ ريت تصنيف ۽ تاليف خواهه ترجمن جو هي سلسلو وڌندو ويو. هن دور جون ٻيون ادبي خاصيتون هي آهن:
۱- سڀ کان اول شعر جو مجموعو ديوان جي صورت ۾ ميرن جي آخري دور ۾ ترتيب ڏنو ويو ، پر هن دور ۾ هر شاعر پنهنجي ڪلام جي ترتيب ديوان جي صورت ۾ ڪئي.
۲- فني طور مثنويءَ جي ابتدا. هن دور ۾ ٿي، خاص طور تي رزميہ شاعري هزهائينس مير حسن علي خان، (۱۸۲۳ع - ۱۹۰۹ع ) "فتح نامہ سنڌ" ناليءَ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جو رزميہ داستان لکيو ۽

سيد غلام مرتضيٰ شاه "شاه نامہ" ۽ "سڪندر نامہ" ساڳئي بحر ۾ منظوم ترجمو ڪيا.

٣- مولوي الهہ بخش ابوجهي، مولانا حاليءَ جي طرز تي قومي ۽ اصلاحي شاعريءَ لاءِ "مسدس" کي اختيار ڪيو.

٤- ٿئين تهذيب تي طنزيہ شعر ۽ مزاحيہ تورڙي اصلاحي شعر لکڻ جي شروعات شمس الدين بلبل ڪئي.

٥- هجويہ نظم جي بہ شروعات ٿي. جنهن ۾ محمد هاشم "مخلص" ۽ نور محمد نظامي پيش پيش هئا.

٦- قصيدا گوئي جي ابتدا ٿي. مير عبدالحسين سانگي، هدايت علي شاه نجفي ۽ مرزا قليچ بيگ قصيدا لکيا.

٧- مشاعرن جو بنياد پيو. اول مفرح القلوب اخبار جي ذريعي ١٨٥٥ع ۾ اخباري مشاعرا شروع ٿيا. پوءِ مير دوست علي خان، مير عبدالحسين خان ۽ سيد فاضل شاه جن وٽ مشاعره ٿيڻ لڳا.

٨- ڪتابن ۽ طباعت ۽ اشاعت لاءِ مستقل ادارا قائم ٿيا ۽ اسلامي علمن تي ڌڙادڙ ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿيا.

٩- اخبارون ۽ رسالا پڻ هن دور ۾ جاري ٿيا. اوڻويهين صديءَ جون اخبارون هي آهن: مفرح القلوب (١٨٥٥ع) ڪراچي مجمع محمدي (ڪراچي) اڪليل (ڪراچي) معين السلام (ڪراچي) معاون الاسلام (ڪراچي)

**ويهين صديءَ جون اخبارون :-** سنڌ سڌار (ڪراچي) الحق (حيدرآباد ۽ سکر) آفتاب (سکر) بهار- اخلاق (ٽکڙ) الوحيد (ڪراچي) سنڌ زميندار (سکر) ويهين صديءَ جي شروع ۾ علمي، ادبي ۽ تاريخي رسالن جي ابتدا ٿي، جن جا نالا هي آهن: تعليم (ڪراچي) الڪاشف (لاڙڪاڻو) ۽ توحيد (ڪراچي)

هيتري ترقيءَ جي باوجود، سنڌي ادب ۽ شعر کي هڪ

وڏو نقصان پيو يعني اڳ سنڌي شاعري خالص مقامي ماحول جو عڪس هوندي هئي دوها، بيت ۽ ڪافيون، جن ۾ ٻولي نج، تشبيهون ۽ استعارا مقامي جذبات ۽ تخيل تـوڙي تصـور جي حـد تائين بہ وابستگي سنڌ سان هوندي هئي. ليڪن هن دور ۾ اهي خوبيون بلڪل ختم ٿي ويون. بيدل ۽ بيڪس تائين تہ اهائي ريت قائم رهي، پر مير حسن علي خان، مير عبدالحسين خان، سيد فاضل شاه ۽ مرزا قليچ بيگ روايتي شاعريءَ کان منهن موڙي. ايراني شاعريءَ کي سنڌي شاعري ۾ داخل ڪيو. ايراني شيون، تشبيهون ۽ استعارا سنڌي ماڻهن لاءِ بنهہ اوپرا هئا. ان ڪري شاعريءَ مان اهو ساءُ نڪري ويو. اهڙيءَ ريت سنڌس ناتو پڻ پنهنجي ماڻهن کان ٽٽي ويو.

**هن دور جا مکيہ شاعر ۽ اديب هي آهن :-** قادربخش بيدل روهڙي، آخوند محمد قاسم هالائي، محمد حسن بيڪس، مير حسن علي خان، مير عبدالحسين خان سانگي، مصري شاه نصرپوري، فاضل شاه حيدرآبادي، آخوند لطف الله، الهہ بخش ابوجهو، حافظ حامد ٽکڙائي، مرزا قيلچ بيگ ۽ شمس الدين بلبل وغيره انگريزن جي ابتدائي دور جا شاعر هئا.

**آخري دور جا شاعر :-** انگريزي دور جي آخري دور جا چند مکيہ شاعر هي آهن: محمد صديق مسافر، نواز علي نياز، حاجي محمود خادم، محمد بخش واصف، مولوي احمد ملاح، مولوي ثنائي، حيدربخش جتوئي، غلام احمد نظامي، الله بخش عقيلي سرشار، غلام علي مسرور ۽ ڊاڪٽر ابراهيم خليل وغيره.

نثر نويس :- ابتدائي دور ۾ مرزا قليچ بيگ، سنڌيءَ جي بي مثال خدمت ڪئي ۽ اٽڪل ٣٠٠ ڪتاب لکي سنڌي ادب جو جهول ڀري ڇڏيائين. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ڪيترائي ڪتاب لکيا.

مولانا دين محمد وفائي سنڌ جي تاريخ تي لکيو. "توحيد" رسالو پڻ مولانا وفائي جن ئي ڪڍيو. ڊاڪٽر گربخشاڻي شاه جو رسالو ترتيب ڏنو. آنجهاني جيٺمل پرسرام، نثر جو نئون انداز ڏنو. لال چند امر ڏنومل ۽ پيرومل مهرچند آڏواڻي سچي زندگي سنڌي ادب جي آبياري ڪندا رهيا. ڊاڪٽر دائود پوٽو، خان بهادر محمد صديق ميمڻ ۽ پير علي محمد راشدي بہ سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪئي.

## (١٩٤٧) پاڪستان وارو دور (ورهاڱي کانپوءِ وارو دور)

ورهاڱي وقت سنڌي اديبن، ليکڪن، پبلشرن ۽ پڙهندڙن جو هڪ وڏو حصو هندستان هليو ويو. ادبي انجمنون ۽ منڊليون ڦٽي ويون. ان لاءِ پلاڻ جو سنڌي ادب تي اثر پيو ۽ ادبي دنيا ۾ هڪ قسم جي خاموشي پيدا ٿي ويئي. ساڳئي وقت ڪراچي مرڪز سان شامل ٿيڻ ڪري پڻ ادبي ميدان ۾ مانار پيدا ٿي ويئي. ڪراچيءَ ۾ سنڌي جي جاءِ ٻين ٻولين، ثقافت ۽ تمدن اچي ورتي موٽ ۾ سنڌي ادب کي ڏاڍو نقصان پهتو. تنهنڪري سنڌي اديب کي ادبي اوسر بجاءِ ٻوليءَ جي بقا واري فڪر اچي ورايو. هن چيلينج سنڌي قوم جي پڙهيل ۽ ڏاهي ماڻهوءَ کي نئين سر منظم ٿي ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. ادبي انجمنون وجود ۾ اچي ويئون ۽ ڇاپخانن پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنو. ١٩٥٠ - ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي ۾ "نئين زندگي" "مهراڻ" ۽ " اديب سنڌ " سنڌي ادب جي ترقي لاءِ وڏو ڪم ڪيو. هن ڏس ۾ سنڌي ادبي بورڊ جون خدمتون نہ وسارڻ جوڳيون آهن، جنهن سنڌي ٻولي، ادب ۽ سماج جي بقا لاءِ منظم انداز سان ڪم ڪيو. اهڙيءَ ريت سنڌي ادبي سنگت پڻ چڱو پاڻ موکيو.

**پاڪستاني دور کي هيٺين ريت تقسيم ڪجي ٿو :-**

پهريون دور ورهاڱي کان ون يونٽ ٺهڻ (۱۹۴۷ - ۱۹۵۵) تائين: هن دور جا پهريان چار پنج سال ته لڏ پلاڻ ۽ مسئلن کي سلجهائڻ ۾ لڳي ويا. پر پوءِ سنڌي اديبن ۽ دانشورن پاڻ سنڀالي ورتو ۽ نئين عزم سان ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون. ۱۹۵۱ع ڌاري سنڌي ادبي بورڊ پڻ مرڪزي سرڪار جي سهڪار سان ڪم شروع ڪيو ۽ سنڌي ادب کي محفوظ ڪرڻ ۾ جديد ادب جي همت افزائي ڪرڻ ۾ پيش پيش رهيو. هن اداري پراڻن اديبن سان گڏ نون اديبن جي پڻ حوصلي افزائي ڪئي. ان زماني ۾ جن شاعرن شعر و سخن جي خدمت ڪئي سي آهن: نواز علي نياز، خادم، ڪاظم، محمد صديق مسافر، محمد بخش واصف، حڪيم عبدالله، بسمل تڪڙائي، احسن چنا، محمد خان غني، خير محمد نظاماڻي، طالب المولى، عارف المولى، شيخ اياز ۽ حيدر بخش جتوئي غيره.

افساني جا ابتدائي ليکڪ هي آهن: ساقي سجاولي، سليم هالائي، نجم عباسي، حافظ شاه حسيني، جمال ابڙو، ابن حيات پنهور، شيخ اياز، سيد ميران محمد شاهه، الهه بچايو سمون، عطاحسين موسوي، عبدالله عبد ۽ عثمان علي انصاري سٺا مضمون نويس هئا. تنقيد ۽ تحقيق جي راهه ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر دائود پوٽو، سيد حسام الدين راشدي، مولائي شيدائي، لطف الله بدوي، مولانا دين محمد وفائي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو وغيره جا نالا ڳڻيا وڃن ٿا.

سنڌي ادب جو ٻيو دور ون يونٽ (۱۹۵۵ع - ۱۹۷۰ع) وارو آهي. ان زماني ۾ سنڌ، سنڌي عوام ۽ سنڌي ٻولي ظلم جو خاص نشانو بڻيا. ايتري قدر جو سنڌ جو نالو لکڻ به ڏوهه قرار ڏنو ويو ۽ سنڌي ٻولي وڃي فقط سنڌي ماڻهن جي نجي زندگي تائين محدود

رهي. ان حالت سنڌ جي ماڻهن جي ذهن ۾ هلچل پيدا ڪري ڪين بغاوت تي آماده ڪيو ۽ هنن پنهنجون ادبي انجمنون ۽ تنظيمون ٺاهي ٻوليءَ ۽ ثقافت کي بچائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. هن دور ۾ سنڌي ادبي سنگت نه فقط ٻوليءَ جي بقا لاءِ تحريڪ هلائي پر ترقي پسند ادب جو دفاع پڻ ڪيو. سنڌي ادب ۾ وطن پرستي ۽ قوم پرستيءَ وارو رحجان به آيو. ان ڏس ۾ روح رهاڻ رسالي جو ڪردار پڻ ساراهه جوڳو آهي. مارشل لا چوٿين مارچ واري تحريڪ ۽ ٻوليءَ جي بچاءَ واري مهم ٽوڙي ون يونٽ خلاف‌شاندار تحريڪ سنڌي ادب جا خاص موضوع رهيا.

ورهاڱي کانپوءِ مضمون نويسيءَ کي وڏو ڇيهو رسيو. هن دور جا مکيه مضمون لکندڙ آهن: سيد ميران محمد شاهه، علي احمد قاضي، احسان بدوي، محمد اسماعيل عرساڻي، علامه آءِ آءِ قاضي، ڪريم ڏنو راڄپر ۽ پير علي محمد راشدي. تحقيق جي ڪم ۾ وڏي پختگي آئي. ڪلاسيڪل ۽ لوڪ ادب تي جن تحقيق ڪئي سي آهن: ڊاڪٽر دائود پوٽو، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، عبدالمجيد ميمڻ سنڌي، محبوب علي چنه، مولانا گرامي، رشيد احمد لاشاري ۽ ڊاڪٽر ابرهيم خليل.

سنڌي ٻوليءَ تي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، پروفيسر علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، سراج ۽ عبدالڪريم لغاريءَ معياري ڪم ڪيو آهي.

سنڌ جي تاريخ تي ڪم ڪندڙن مان مرلوي امير احمد، حنيف صديقي، ڊاڪٽر بلوچ، مولائي شيدائي ۽ ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ اهم نالا آهن. سيد حسام الدين راشديءَ سنڌ جي تاريخ کي قومي رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪيو آهي. مڪلي نامه، تذڪره اميرخاني ۽ مير محمد معصوم بکري سندس لاثاني ڪتاب

آهن. قريشي حامد علي خانائي، ساهتي پرڳڻي (وچولي)، شيخ سومار لاڙ ۽ رائچند هريجن توڙي منگهارام اوجها ٺر تي سنڌ تحقيقي ادب پيش ڪيو آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، منگهارام ملڪاڻي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌ جي ادبي تاريخ تي سٺا ڪتاب آندا آهن. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، محمد ابراهيم جويو، ڪريم بخش خالد، احسن ڪربلائي، ڊاڪٽر سيد محمد صالح شاه، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، ڊاڪٽر عبدالجبار مغل، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو وغيره تحقيقي ۽ تنقيدي ڪم ڪري ان پاسي واري ڪوٽ پرڻ لاءِ بنياد رکيو آهي. ساڳئي دور ۾ علمي تنقيد گهٽ ۽ نظرياتي تنقيد وڌيڪ ٿي آهي.

ناٽڪ کي اسٽيج ريڊيو ۽ ٽي - وي تي جن اهميت ڏني انهن مان مکيہ ليکڪ هي آهن:

محمد عثمان ڏيپلائي، محمد اسماعيل عرساڻي، ممتاز مرزا، منظور نقوي، آغا سليم، امر جليل، علي بابا، مراد علي مرزا، عبدالقادر جوڻيجو، نورالهديٰ شاهہ، امداد حسيني، وغيره. ناول نويسيءَ ۾ ناصر مورائي، سراج، آغا سليم، علي بابا وغيره جا نالا ذڪر جوڳا آهن. افساني کي جمال ابڙي نئون موڙ ڏنو، غلام رباني، اياز قادري، بشير موريائي، رشيد ڀٽي، شيخ حفيظ، نجم عباسي، ۽ سراج افساني کي اڳتي آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ان کان پوءِ واريءَ ٿهيءَ ۾ لکندڙن جي هڪ وڏي ٽيم تيار ٿي ويئي، جن ۾ آغا سليم، غلام نبي مغل، نسيم کرل، جمال رند، حميد سنڌي، عبدالقادر جوڻيجو، عبدالحق عالماڻي، ممتاز مهر، ظفر حسن، محمد دائود بلوچ، علي بابا، امر جليل، مانڪ، شوڪت شورو ۽ مشتاق شورو اهم آهن.

مردن کان علاوه عورتن پڻ ڪهاڻي توڙي شاعريءَ ۾ چڱو پاڻ موکيو. جن هن سلسلي ۾ پيش قدمي ڪئي سي آهن: بيگم زينت عبدالله چنا، ثميره زرين، مهتاب محبوب، رشيده حجاب، نور شاهين، رشيده شيخ، ان ڪانپوءِ سحر امداد، سلطانه وقاصي، فهميده حسين، نور الهديٰ شاهه، ثريا سنڌي، شبنم موتي، ثريا سوز ڏيپلائي، نظير ناز ۽ رعنا شفيق وغيره.

هن دور ۾ بين به ڪيترن ئي موضوعن تي معياري ڪتاب پيش ٿيا جن ۾ سفرناما سيد غلام مصطفيٰ شاهه، الطاف شيخ ۽ قاضي عابد لکڻ جي شروعات ڪئي. ثقافت تي الهه بچائي سمي، ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر الانا ڪم ڪيو. سماجي علمن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪتاب سياست تي لکيا ويا.

ون يونٽ واري دور ۾ جن شاعرن مقبوليت حاصل ڪئي سي آهن: شيخ اياز، عبدالڪريم گدائي، تنوير عباسي، امداد حسيني، نياز همايوني، شمشيرالحيدري، استاد بخاري، تاج بلوچ، قمر شهباز، سرويچ سجاولي وغيره. انهيءَ دور ۾ لوڪ ڪلاسيڪي صنفن جهڙوڪ :- گيت، وائي، ڪافي، بيت ۽ دوهي ۾ فني ۽ فڪري لحاظ کان انقلاب آيو. هن دور ۾ نين صنفن، گيت، ماهيا، هائيڪو، آزاد نظم، سانيٽ، ترائيل ۾ به نوان تجربا ٿيا. غزل هن دور ۾ پنهنجو پراڻو رنگ بدلائي مقامي رنگ ۾ رڱجي ويو.

ون يونٽ ٽٽڻ بعد (١٩٧٠ع) سنڌي ادب جي پاڪستاني دور جو ٽيون مرحلو شروع ٿئي ٿو. هن دور ۾ سنڌي اديبن جي اڪثريت چپ ٿي ويئي، ڇاڪاڻ ته مقصد حاصل ٿي ويو ۽ مسئلي جي نوعيت بدلجي ويئي. هن دور جا مشهور رسالا مارئي، ملير، اڪتي قدم، پيغام ۽ سهڻي هئا. جن سنڌ جي حقن لاءِ آواز اٿاريو. بهرحال ١٩٧٧ع ۾ وري نئين مارشل لا آئي، ۽ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ

وري نوان مسئلا ڪڙا ٿي ويا. ان ڪري هن دور ۾ پڻ انقلابي ادب پيدا ٿيو. هن دور ۾ ادب جي هر صنف ۾، معيار ٿوري مقدار جي لحاظ کان ساراهه جوڳو ڪم ٿي رهيو آهي. مطلب تہ اسان جو ادب دنيا جي ڪنهن بہ سڌريل ٻوليءَ جي ادب سان برميچي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ جي راهہ ۾ انيڪ رنڊڪون آهن. پر ان ۾ زندهہ رهڻ ۽ وڌڻ - ويجهڻ جي سگهہ موجود آهي.

**ٻاراڻي ادب جو اپياس :-**

سنڌي ادب ۾ ٻارن لاءِ ڪو خاص ادب تخليق نہ ڪيو ويو آهي. ان جا ڪارڻ ماضيءَ ۾ تہ اُهي ئي ٿي سگهن ٿا. جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي ادب لاءِ متعين ٿي چڪا آهن. البتہ اهو اندازو ضرور ٿئي ٿو تہ لوڪ ادب ۾ پڻ ٻارن لاءِ ايترو مواد نٿو ملي جيترو وڏن لاءِ پيش ڪيو ويو آهي. جڏهن کان سنڌي ٻوليءَ جي الف - ب تيار ٿي ان کي باقاعدي لکڻ پڙهڻ شروع ڪيو ويو، ان وقت بہ سواءِ درسي ڪتابن جي ڪو خاص اهتمام ٻارن جي پڙهڻ لاءِ نہ ٿيل هو. ان وقت درسي ڪتاب پڻ آڪسفورڊ جي نصابي ڪتابن تان ترجمو ٿيندا هئا.ان بعد سماج جو اهو گروهہ جيڪو اقتصادي طور خوش حال ۽ شهرن ۾ آباد هو يا تعليم جي زيور سان سينگاريل هو، انهن ٿوري ضرورت محسوس ڪندي ٻالڪ منڊليون ٺاهيون، جتي ٻارن جون گڏجاڻيون ٿينديون هيون ۽ ننڍڙين لائبررين ۾ ويهي اپياس ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن سنڌن لکڻين کي ٻارن آڏو پيش ڪرڻ جو اهتمام پڻ ڪيو ويندو هو. اهڙي هڪ ٻالڪ منڊليءَ جو اهڃاڻ موجوده مسلم هاءِ اسڪول حيدرآباد جي بلڊنگ جي روپ ۾ ملندو، جنهن تي اڄ ڏينهن تائين ٻالڪ منڊلي لکيل آهي. يا وري سکر ۽ شڪارپور

مان ڪجھ رسالا ۽ ڪتابي سلسلا جاري ٿيندا هئا. ورهاڱي ڪانپوءِ پڙهيل ماڻهن جو وڏو تعداد لڏي ويو ۽ سموريون علمي ۽ ادبي سرگرميون ذري گهٽ ختم ٿي ويون. ڇاپ خانا بند ٿي ويا ۽ اشاعتي ادارن جا در پورجي وڃڻ ڪري ٻاراڻو ادب پڻ آخري پساهہ کڻي رهيو هو.

سن ١٩٥٢ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ قائم ٿيو ۽ ادبي دنيا ۾ پيدا ٿيل کوٽ جي پورائي لاءِ سرڪاري امداد تي هلندڙ اداري طور قائم ڪيو ويو. جنهن نوان ڪتاب لکرايا، ترجما ۽ تاليفون ڪرايون ۽ اهڙا ڪتاب جيڪي منظر عام تان گم ٿي ويا هئا. يا گم ٿي وڃڻ جو خطرو هو سي ڇپرايا. انوقت ٻاراڻي ادب جي اهميت کي محسوس ڪندي، گل ڦل رسالو ٻارن لاءِ شايع ڪرايو ويو، جيڪو اڃان تائين نڪرندو اچي. سرڪار پاران سنڌي ادبي بورڊ ئي هڪ واحد ادارو آهي. جتان ڪڏهن ”گل ڦل“ ڪانسواءِ ٻارن لاءِ ڪتاب ترجمي يا تخليق جي صورت ۾ ڇپيا آهن. ١٩٧٢ع ڪانپوءِ قومي سطح تي اسلام آباد ۾ قائم ٿيل نيشنل بوڪ فائونڊيشن پاران، سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاهرين ادب مان ترجمان ڪرائي ٻارن تائين ڪتابن پهچائڻ جو ڪم شروع ڪيو آهي، ليڪن جيڪا ضرورت يا کوٽ آهي ان جي پورائي لاءِ ناڪافي آهي.

اهڙيءَ ريت انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي پاران پڻ سنڌي ادب جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ چڱو ڪم ڪيو آهي. ان اداري پاران پڻ ڪجھ ڪتاب ٻاراڻي ادب تي لکرايا ويا آهن.

خانگي شعبي ۾ سنڌ صوبي جي مختلف شهرن مان وقت بوقت ڏار ڏار اشاعتي ادارن ۽ ٻالڪ تنظيمن پاران ٻارن لاءِ ڪتاب نثر توڙي نظم ۾ شايع ڪيا پئي ويا آهن ۽ رسالا پڻ ڪڍيا ويندا آهن. پر ڪو اهڙو باقاعدہ مستقل ادارو جيڪو

فقط ٻارن لاءِ ڪم ڪندو هجي، موجود نہ آهي. ان ڪري ٻاراڻي ادب جي کيتر ۾ اڃا زمين سڪي ٺوٺ ٿي پيئي آهي، جيڪا هر وقت آبياريءَ لاءِ واجهائيندي رهي ٿي.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب جي کيتر ۾ جن ادارن يا ماڻهن ڪوششون ورتيون آهن انهن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

١- گلشن ادب ٽنڊو محمد خان.
٢- آر - ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد.
٣- مين ڪتاب گهر حيدرآباد.
٤- آگر پبليشنگ حيدرآباد.
٥- اداره گلستان ادب حيدرآباد.
٦- ٻارن جي ٻاري بدين
٧- ٻالڪ سنگت لاڙڪاڻو

**ٻارن لاءِ نڪرندڙ رسالا :** گلستان، گل ڦل، گلن جهڙا ٻارڙا، پريات، چٽنگ، روشن تارا، جوت، چنڊ تارا، سنڌي ٻارڙا، وغيره. سنڌي اخبارن طرفان خاص ڏينهن تي شايع ٿيندڙ رسالن ۾ پڻ ٻارن لاءِ ڪجهہ صفحا رکيل هوندا آهن.

**سنڌي سکيا :**

**زير تربيت استادن کي سنڌي سکيا پڙهائڻ جا مقصد :-** هن ڪورس جي پڄاڻيءَ تي ترتيب حاصل ڪندڙ شاگرد ان لائق ٿي ويندا، جو اُهي هيٺيون ڳالهيون سمجهي پنهنجي شاگردن کي سنڌي ٻولي پڙهائي سگهندا:

١- تدريسي لحاظ کان لساني مهارتن جي ڄاڻ حاصل ڪري ٻوليءَ پڙهائڻ جي قابل ٿي ويندا.
٢- سنڌي ٻوليءَ جي جديد تدريسي طريقن کان پوريءَ ريت آگاهه ٿي ويندا.
٣- سنڌي ٻوليءَ جي تدريس لاءِ قومي تدريسي ڪٽ کي درست ۽ ڪارائتي نموني استعمال ڪري سگهندا.
٣- تخليقي صلاحيتن جي مدد سان مقامي وسيلن جي بنيادن تي امدادي شيون تيار ڪري سگهندا.
٥- ابتدائي ڪلاسن (پهرئين کان پنجين ڪلاس تائين) مروجه نصاب جو تنقيدي جائزو وٺي ان جي مقصدن کي سمجهي وٺندا.

## ابتدائي ڪلاسن ۾ سنڌي بحيثيت مادري ٻولي پڙهائڻ جي اهميت ۽ مقصد :

مادري زبان جي معنيٰ ۽ مفهوم: لفظ مادري زبان فارسي ٻولي جو لفظ آهي. جنهن ۾ ٻه لفظ ڪتب آندا ويا آهن. هڪ مادر- ماءُ ٻيو زبان - ٻولي يعني اها ٻولي جيڪا ٻار پنهنجي ماءُ جي هنج ۾ پرورش پائيندي حاصل ڪري ٿو. يا اها ٻولي جيڪا هو ماءُ کان علاوه ٻين گهر جي ڀاتين، ويجهن عزيزن ۽ ٻين ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ آس پاس جي ماڻهن کان ٻڌي ٿو، اهي لفظ ورجائي ٿو، سمجهي ٿو ۽ استعمال ڪري ٿو.

مادري زبان جو هرو ڀرو اهو مطلب نه آهي، ته اها زبان جا ٻار فقط پنهنجي ماءُ کان سکي ٿو، پر ڇاڪاڻ ته عام طور تي سنڌن مائرون ئي پنهنجي ٻارن کي نپائين ٿيون ۽ اُهي ئي ابتدائي دور ۾ انهن سان ڳالهائينديون رهنديون آهن. تنهنڪري پهرين سکيل زبان کي مادري زبان سڏيو وڃي ٿو.

مادري زبان جمڻ کان وٺي ٻار جي ڪن تي پوي ٿي ۽ هن جي سکيا جو وسيلو بڻجي ٿي ۽ هو ان کان شعوري توڙي لاشعوري طور متاثر ٿئي ٿو، سمجهي ۽ سوچي ٿو. ان ريت سندس خيالن جي اظهار جو فطري وسيلو پڻ اهائي زبان بڻجي ٿي. اهو ئي سبب آهي، جو هر انسان کي مادري ٻوليءَ سان فطري محبت ۽ اُنس رهي ٿو.

**اهميت :** مادري زبان جي سکيا انسان جي بنيادي ضرورت آهي. اُن جي سکيا سان ٻارن تي پنهنجي قوم، سماج، علم ادب،ثقافت، تهذيب تمدن، مذهب، سياست، شهريت، موسيقي، صنعت، تجارت جي سمورين خوبين ۽ اَڻَ کُٽ خزانن، عملي حڪمت عملين ۽ فني ترڪيبن جا مُڙئي راز کلي پون ٿا. نہ رڳو ايترو پر انهن جي مطالعي ۽ استعمال سان، اُهي فرد سرخروئي حاصل ڪن ٿا.ان جهڙو ڪو ٻيو انعام ملڻ مشڪل آهي.مادري زبان کي هيٺ ترتيب وار بيان ڪجي ٿو.

**(الف) ذهني اوسر** :- اها هڪ مڃيل حقيقت آهي، تہ هر قوم جو ٻار بنيادي طور تي انهيءَ زبان ۾ سوچي ۽ غور ڪري سگهي ٿو، جنهن ۾ هو ڳالهائڻ سکيو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ ٻار پنهنجي مادري زبان ۾ خواب لهي ٿو، سوچي سگهي ٿو ۽ غور ڪري سگهي ٿو. ان ڪري ٻار جيئن جيئن پنهنجي مادري زبان جو مطالع ڪري ٿو ۽ سکيا جي عمل کي جاري رکي ٿو، تيئن تيئن سندس فڪر جي قوت ۾ واڌارو ٿيندو رهي ٿو. هن جو ذهن کلي ٿو ۽ نوان خيال سندس ذهن ۾ جاءِ وٺن ٿا. جيڪي اڳتي هلي هن جي ذهن کي جلا بخشين ٿا. اهڙي طرح مادري زبان

جي سکيا سان زبان جي تربيت ۽ ترويج سان گڏوگڏ ذهني اوسر بہ ٿيندي رهي ٿي. اهڙي اوسر جي ڪري ٻارن جون ٻيون بہ جسماني، اخلاقي ۽ سماجي صلاحيتون وڌن ويجهن ٿيون. جنهن ڪري ٻارن کي اڳتي وڌڻ، اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ ۽ روزگار جي مسئلن جي حل ڪرڻ جا موقعا ملن ٿا. هو پنهنجي قوم جا اهم فرد ۽ سٺا شهري بڻجي ملڪ ۽ ملت جا بہ سچا خادم ۽ هڏ ڏوکي بڻجي پون ٿا.

**(ب) سماجي ۽ عملي اهميت** :- انسان سماج جو هڪ اهم رڪن آهي. هن کي هڪ شهريءَ جي حيثيت سان سماج ۾ اٿڻو ويهڻو پوي ٿو ۽ سماج جي ڪاروبار ۾ حصو وٺڻو پوي ٿو. ان ڪري جيڪڏهن هن کي مادري زبان ۾ مهارت نہ آهي، تہ نہ هو پنهنجي موقف کي اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري سگهندو ۽ نہ وري هن ۾ اعتماد بحال ٿي سگهندو. جنهن ڪري سوسائٽيءَ ۾ اٿندي ويهندي هن کي هيڪ محسوس ٿيندي.

انسان کي سماجي زندگيءَ ۾ مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ حساب ڪتاب رکڻ، لکڻ پڙهڻ، خط ڪتابت رکڻ، تاريخ کي محفوظ ڪرڻ ۽ تهذيبي توڙي تمدني خزانن کي محفوظ ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. اڄ جي سائنسي دور ۾ انسان گهر ويٺي علمي ۽ ادبي محفلون ريڊيو، ٽيليويزن، ٽيپ رڪارڊر ۽ اخبارن توڙي رسالن جي مدد سان ڏسي ٻڌي ۽ پڙهي سگهي ٿو. پرءِ جيڪڏهن هن کي پنهنجي زبان جي ڄاڻ نہ آهي، تہ انهن مڙني پروگرامن جو ڪو بہ فائدو حاصل ڪري نٿو سگهي ۽ نہ وري انهن کي سمجهي سگهي ٿو. صنعت ۽ تجارت جي دنيا ۾ بہ انهن ذريعن وسيلي محدود ٿي ويئي آهي. ايتري قدر جو ڪاروباري

زندگيءَ جي ڪاميابيءَ جو دارومدار ئي ٻوليءَ جي بهتر ڄاڻ تي آهي. مطلب تہ هن سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي دور ۾ ڪامياب عملي زندگي گذارڻ لاءِ پنهنجي زبان جي سکيا اشد ضروري آهي.

**تخليقي صلاحيتن جي تربيت :-** مادري زبان جي سکيا مان ٻارن جي خيالن ۾ نواڻ ۽ نظريي ۾ پختگي پيدا ٿئي ٿي. هن جي رويي، عمل ۽ ڪردار ۾ هڪ خوشگوار ۽ وڻندڙ تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.نئين دور ۾ هر قسم جي فن، علم ۽ ادب جي معياري مواد کي ٻين ٻولين مان ترجمو ڪري پنهنجي مادري زبان ۾ منتقل ڪرڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. تنهنڪري مادري زبان ۾ جيڪڏهن مهارت هوندي تہ ان ذريعي ادب، علم ۽ فن جو گهڻي کان گهڻو مواد پنهنجي زبان ۾ پڙهي، خيالن ۾ وسعت پيدا ڪري سگهجي ٿي. جيڪا هنن کي تيار ڪرڻ لاءِ آياري ٿي ۽ هو پنهنجي تخليقي صلاحيتن کي اُياري سگهن ٿا.

**ذريعہ تعليم:-** سنڌ ۾ ٨٠ سيڪڙو آباديءَ لاءِ ابتدائي توڙي ثانوي تعليم جي درسگاهن ۾ تعليم جو ذريعو سنڌي آهي. اهڙيءَ ريت ثانوي‌تعليمي بوردن يا يونيورسٽين ۾ سموري اعليٰ تعليم جو سيکارڻ جو ذريعو توڙي امتحاني ذريعہ تعليم پڻ سنڌي آهي. تنهنڪري مادري زبان جي سکيا جي اهميت وڌيڪ ٿي وڃي آهي. ٻارن کي مادري زبان ۾ سوچڻ سولو لڳي ٿو، ان ڪري پڙهڻ يا امتحان ڏيڻ ۾ جيڪڏهن مادري زبان تعليم جو ذريعو آهي، تہ هنن کي خيالن جي پيش ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي.

**اظهار خيال جو ذريعو :-** مادري زبان جي سکيا ان ڪري بہ ضروري آهي جو اها سندس سکيا جو بنياد آهي، هو سوچڻ، سمجهڻ ۽ پنهنجي خيالن، جذبن ۽ امنگن جو اظهارڪرڻ ان ۾ ئي سکيو آهي. تنهنڪري هن لاءِ درست ۽ تفصيلي اظهار مادري زبان کانسواءِ ناممڪن آهي. ٻار مادري زبان ۾ مهارت هئڻ ڪري گفتگو دوران معقول دليل ڏيئي ان کي دلچسپ، اثرائتو ۽ مٺو جوڳو بڻائي سگهي ٿو.

اهڙيءَ ريت ڪا بہ تحرير ۽ تقرير سمجهڻ يا ڪو بيان ڪرڻ بہ هن لاءِ مادري زبان ۾ آسان ٿئي ٿو. جنهن ۾ هر قسم جي فڪر يا تجربي ۽ مشاهدي کي اثرائتي انداز ۾ تحرير ڪري سگهي ٿو.

**مادري زبان جو ٻين نصابي مضمونن سان لاڳاپو :-** جيئن تہ انساني زندگيءَ جا جدا جدا مرحلا ۽ مختلف حالتون آهن. انهن مڙني جو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي ۽ ان ڳانڍاپي جي ڪري سڄي زندگي هڪ ڳنڍيل سلسلو آهي ۽ ان جو مقصد هڪ ئي آهي، اهو مقصد آهي ڪائنات جي عنصرن ۽ ڪارڻن ڄاڻڻ ۽ انهن کي انساني ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ ڪتب آڻڻ تہ جيئن ان جون جدا جدا قوتون ڪمال کي پهچن، ۽ انسان اصل حقيقت کي سمجهي سگهي؛ يعني الله تعاليٰ جي ساڃهہ ٿئيس.

تعليم جو ٿي پرائجي ان ڪري تہ انسان پنهنجي زندگيءَ جي مقصدن کان آگاهہ ٿئي. جهڙيءَ طرح زندگي هڪ متحد سلسلو آهي ۽ ان جو مقصد بہ هڪ ئي آهي. تهڙيءَ طرح تعليم ۾ جدا جدا مضمون پڙهائڻ ۽ تربيت ڏيڻ جو هڪ ڳنڍيل سلسلو آهي. جنهن جو مقصد بہ متحد آهي. يعني حق ۽ باطل جو فرق سڃاڻي باطل کي ڇڏڻ ۽ حق کي وٺڻ. هاڻي جڏهن تعليم

رهي ٿي ڪنهن بہ مضمون کي اُن جي اڪيلي حيثيت ۾ هرگز پورو سمجهي نہ ٿو سگهجي. مثلاً سماجي علم سکڻ لاءِ رياضي، ڊرائنگ، علم طبعي، دينيات ۽ ٻوليءَ جي ضرورت پوي ٿي. ساڳيءَ طرح ڏينهن رات ڪيئن ٿا ٿين يا موسمون ڪيئن ٿيون بدلجن. ان لاءِ تاريخن جي حوالن سان انهن نظرين جي اصل سمجهائيندڙ سائنسدانن کان واقف ٿيڻو پوي ٿو. ان کانپوءِ زمين جي شڪل، بيهڪ، محور، چنڊ ، سج ۽ انهن جي گردش وغيره کان بہ ٻارن کي واقف ڪرائڻو پوي ٿو.ڏينهن رات، ڪلاڪ، منٽ، ڊگريون، گول، خط استوا وغيره. رياضي ۽ علم طبعي، ٻوليءَ ۽ جاگرافيءَ جي گڏيل ڄاڻ کان علاوه ڊرائنگ جو سهارو بہ وٺڻو پوي ٿو؛ ڇاڪاڻ تہ ان لاءِ تصويرون ۽ چارٽ پڻ ڪيڏا ٿا ۽ سمجهڻا پون ٿا. مطلب تہ هڪڙي هڪڙيمضمون پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ٻين ڪيترن ئي مضمونن جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت پوي ٿي.

ان طرح سائنس،رياضي، سماجي علم، يا دينيات کي ٻئي ڪنهن بہ مضمون جي سيکارڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻوليءَ کي پري رکي نٿو سگهجي. مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي تہ خيالن ۽ جذبن ظاهر ڪرڻ، معلومات حاصل ڪرڻ ۽ هڪٻئي کي سمجهڻ لاءِ ٻولي ئي هڪ وڏو ذريعو آهي. ان حقيقت کي آڏو رکندي چئي سگهبو، تہ ڪو بہ نصابي ڪم ڪنهن بہ ٻئي نصابي ڪم کان ڌار ڪونهي ۽ سمورا مضمون گهٽ ۾ گهٽ ٻوليءَ جي دائري کان نڪري نٿا سگهن. ۽ ائين علم، هر مضمون لازمي طرح ٻوليءَ جو محتاج آهي. انهيءَ حقيقت جي روشنيءَ ۾ پوريءَ طرح محسوس ٿي سگهي ٿو، تہ ٻارن کي سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ٻين ڪن جي تعليم لاءِ ڪيترو نہ ضروري آهي. اڄ جي

اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌيءَ جي پڙهائيءَ کي ايتري اهميت نٿي ڏني وڃي. جيتري ٻين مضمونن کي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي، جو سنڌيءَ سان گڏ ٻين مضمونن جي پڙهائيءَ ۾ به ايڏي گهٽتائي ڪمزوري پيدا ٿي پئي آهي. استاد شايد ائين ٿا سمجهن، ته سنڌي ۾ مهارت حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيا مضمون ڪاميابيءَ سان پڙهائي سگهجن ٿا. پر اهو سندن غلط خيال آهي. ائين برابر آهي ته فني مضمونن ۾ ٻوليءَ جي ايتري گهٽ اپٽار ڪرڻي ڪا نه ٿي پوي. مثلاً اصولن يا قانونن، نقشن ۽ چارٽن وغيره جي سمجهاڻيءَ لاءِ خاڪن ۽ تصويرن جي ضرورت ٿئي ٿي. پر انهن جي سمجهاڻيءَ لاءِ وري به ته مادري زبان جي مدد وٺڻي پوندي. مثلاً حسابن ۽ سائنس ۾. حسابن ۾ سيڪڙو ڪڍڻو پوي ٿو ته واپار ۾ نفعو يا نقصان ڪيئن ٿو ٿئي، پيسن جي ڏيتي ليتي ڪيئن ٿي ٿئي، ايراضيءَ جي پيمائش ڪيئن ڪجي، اڻ پورن جي ضرب يا ونڊ پڻ ڪيئن ڪڍجي وغيره انهن ڳالهين جي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي وري به ضرورت پوي ٿي، ساڳي طرح سائنس ۾ جيڪي عملي تجربا ڪرڻا ٿا پون، مثلاً هوا ۽ پاڻيءَ جوتجربو ڪري، ان ۾ موجود مختلف قسمن جي گيسن جو مقدار ۽ تناسب لهڻ، گرميءَ جو پسرڻ، روشنيءَ جو انتشار ۽ ان جي رفتار جو اندازو لڳائڻ، آواز جون لهرون ۽ ان جي رفتار معلوم ڪرڻ وغيره کي به سمجهڻ ۽ سمجهائڻ واسطي مادري ٻوليءَ سنڌيءَ جي ضرورت آهي. تاريخ ۾ جيڪي لڙاين جا واقعا، قومن جو ڪمال ۽ زوال، آزادي ۽ غلامي، سماجي ۽ ثقافتي تنظيمون ۽ تحريڪون به سنڌيءَ ٻوليءَ جي معرفت پڌجن ۽ پڌائجن ٿيون. پوءِ ان جو ذريعو نثر هجي يا نظم، گفتگو هجي يا خط وغيره اهڙيءَ طرح جاگرافيءَ جي پڙهائيءَ ۾ دنيا ۽ دنيا جي

شين جي پيدائش ۽ صنعتن کان واقف ٿيڻو آهي، پر ان ۾ بہ سمجھڻ ۽ سمجھائڻ جو واحد ذريعو مادري زبان (سنڌي ٻولي) ئي آهي.
مطلب تہ کو بہ مضمون جنهن جو تعلق علم يا تعليم سان هوندو، (سنڌي) مادري زبان جي مدد کانسواءِ سمجھي نٿو سگھجي. ان ڪري ضروري آهي تہ هرهڪ استاد، توڙي ڪنهن خاص مضمون ۾ مهارت رکندڙ هجي، ٻين مضمونن جي استادن سان تعاون ڪري، انهن سان لاڳاپي ۾ رهي، جيئن نصاب جا مختلف ڪم هڪٻئي جي آڌار تي پڙهائي سگھن. ائين ڪرڻ سان ئي تعليم جو واحد گڏيل ۽ لاڳاپيل مقصد حاصل ٿي سگھي ٿو. عام طرح جو تعليم جي سلسلي ۾ استادن جو اهڙو باهمي تعاون سندن تدريسي عمل ۾ مختلف مضمونن ۾ رابطو ڪونہ ٿو ڏسجي ۽ منجهائن هر هڪ استاد جو تجربو ۽ طريقو پنهنجو پنهنجو آهي، انهيءَ ڪري ئي اسان وٽ تعليمي سرشتي ۾ اڄ ايترو انتشار ۽ ايتري ناڪامي ڏسجي ٿي ۽ ان ۾ ڪا يڪجهتي پيدا ٿي نہ سگھي آهي.

## ابتدائي سطح تي مادري زبان پڙهائڻ جي مقصدن حاصل ڪرڻ جا طريقا :

**مقصد** :- ابتدائي ڪلاسن ۾ مهارتن جي شروعات ٿئي ٿي. انهيءَ مرحلي ۾ عمر جي مناسبت سان، ٻارن جي دلچسپيءَ، مشقن جا وڌيڪ موقعا فراهم ڪرڻ ۽ انفرادي توجهہ واري اصول کي ڌيان ۾ رکيو وڃي. هن مرحلي تي سنڌي ٻولي بحيثيت مادري زبان پڙهائڻ لاءِ هي مقصد متعين ڪيا ويا آهن :

ان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار يعني ان وزن کڻڻ جي قابل هجي ۽ ذهني آمادگيءَ جو مطلب هي آهي تہ هو دلي طور تي بہ اهو ڪم ڪرڻ چاهيندو هجي. جيتوڻيڪ آمادگي ڪم جي لاءِ بنيادي شرط آهي پر تعليم ۾ تہ ان جي اهميت تہ ائين وڌيڪ آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻار ان وقت تائين ڪجهہ بہ سکي نٿا سگهن،جيستائين أهي ذهني ۽ جسماني طور تي سکڻ لاءِ تيار هجن، جسماني آمادگيءَ جو مطلب اهو آهي، تہ ٻار جسماني طور تي ان لائق هجي جو ٻوليءَ جي مهارتن ۾ جن عضون ۽ قوتن جي ضرورت پوي انهن کي درست نموني ڪتب آڻي سگهي. مثلا : ٻڌڻ لاءِ ڪن، ڳالهائڻ جي لاءِ زبان، پڙهڻ لاءِ اکيون ۽ زبان ۽ لکڻ لاءِ هٿن کان علاوه جسم جي ٻين بہ ڪيترن ئي عضون کان ڪم وٺڻو پوندو آهي. آمادگيءَ لاءِ مناسب فضا ۽ سازگار ماحول جو هجڻ بہ ضروري آهي. ڪمرو پر سڪون هنڌ تي هئڻ گهرجي ۽ گوڙ گهمسان جو امڪان گهٽ هجي. ڪلاس روم جي فضا مانوس ۽ تڪلف کان پاڪ هئڻ گهرجي. تہ جيئن ٻار ان ۾ رلي ملي ٻولي سکي سگهن ان ڏس ۾ سبق جي عنوانن ۽ مواد مطابق ابتدائي تياري ڪري سبق ۾ دلچسپي پيدا ڪرڻي پوندي، ڇاڪاڻ تہ اثرائتي آمادگيءَ سواءِ دلچسپيءَ جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. ان ڪري آمادگي دلچسپيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿي. ان لاءِ ان قسم جون تدبيرون اختيار ڪري سگهجن ٿيون، جن جي اڳواٽ تياري ڪرڻي پوندي ۽ آمادگيءَ لاءِ وسيلي طور ڪتب آنديون وڃن ٿيون. مناسب سوالن، مختصر گفتگو، وٽندڙ ماڊل وغيره ذريعي نئين چاڻ لاءِ ٻارن جو تجسس بيدار ڪري سگهجي ٿو. ان کانپوءِ ئي جيڪو پڙهائڻو هجي سو پڙهايو وڃي.

ڪم کي راند جي انداز ۾ پيش ڪيو وڃي، يا سبق کي آکاڻيءَ

جي روپ ۾ آندو وڃي.
ٻارن کي ڪجهه ٺاهڻ يا عملي ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.
سبق اڳتي وڌائڻ لاءِ ٻارن جي مشورن کي اهميت ڏني وڃي.

آمادگي هيٺين مشغولين ذريعي پيدا ڪرڻ گهرجي:

الف - گفتگو ڪرڻ لاءِ هن کي وڌ ۾ وڌ موقعا فراهم ڪري ڏنا وڃن.
ب - هن کي پاڻي، مٽي، واري ۽ ڪاغذ وغيره سان تعميري يا اصلاحي رانديون ڪرائجن.
ج - ڀر پاسي دلچسپ جاين ۽ تفريح گاهن جو سير ڪرائجي.
د - آکاڻيون ٻڌائڻ ۽ تصويري ڪتاب، جيڪي پڙهڻ ۽ لکڻ جو شوق پيدا ڪن ٿا، تن جو استعمال ڪرائجي.
هه - ٻارن جا انفرادي اختلاف، چڱيءَ طرح معلوم ڪرڻ گهرجن ۽ هرهڪ ٻار کي انفرادي اوسر لاءِ مناسب موقعا ڏجن.
و - جدا جدا جاگرافيائي ۽ ثقافتي ماحول يعني ڳوٺاڻي، شهري ۽ صنعتي ايراضين ۾ رهندڙ، مختلف طبقن جي ضرورتن کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي.
ز - درسي ڪتابن ۾ اهڙا موضوع ڪافي تعداد ۾ شامل ڪيا وڃن، جن ۾ پاڪستان جي سالميت، اسلام جي اهميت ۽ عظمت، اسلامي تخايل، عالمگير اُخوت، انصاف، رواداري، شهري ۽ ڳوٺاڻي زندگي، سائنس جي اهميت، جمهوري قدرن ۽ وطن لاءِ محبت تي زور ڏنو ويو هجي.
ح - لفظن جي ذخيري ۾ آهستي آهستي واڌارو آندو وڃي. نوان لفظ سيکارڻ مهل ٻارن جي ذهني معيار کي ڌيان ۾ رکي، هر هڪ عمر جي سطح تي ترتيبوار سيکاريا وڃن. ڌار ڌار ڪلاسن ۾

استعمال لاءِ اهڙن لفظن جون درجيوار ياداشتون ٺاهڻ لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن.
ط - لساني عمل کي رائج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. خاص طرح سان ٻڌڻ ۽ پڙهڻ لاءِ مقامي طور دستياب ٿيندڙ شيون ڪتب آڻي سگهجن ٿيون. مثال طور، ٽيپ رڪارڊر، رانديڪا، ريڊيو، هٿرادو ٽيليفون، ڪاٺ جا ٽڪنڊا ۽ چورس ٽڪرا، مٽي، پلاسٽڪ ۽ رنگين ڪاغذن مان ٺهيل اکر، اکرن ۽ آوازن جون اسٽينلس ، الف- بي جا ڪارڊ، تعليمي تاثر وغيره.
ي - پڙهڻ کي محض هڪ ذهني تربيت جي مشق نہ سمجهڻ گهرجي، بلڪ ڪنهن خاص مقصد تحت هئڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ تہ ٻار، پنهنجي ٻولي با مقصد ۽ مناسب جاءِ تي استعمال ڪرڻ جي قابل ٿي پوي، ان ڪري عام معلومات ڪانسواءِ ديني، روحاني ۽ اخلاقي قدرن کي پڻ آڏر رکيو وڃي.
ڪ - پڙهڻ، لکڻ، صورتخطي، بيت يا زباني بيان لاءِ ڪوبہ قطعي دار تائيم ٽيبل نہ هئڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ اُهي سڀ مشغوليون هڪٻئي سان لازم ملزوم آهن.
ل - ٻار کي اهڙو وڻندڙ ۽ رنگ برنگي ماحول پيدا ڪري ڏجي، جو هن کي مشاهدي ڪرڻ، خيالن جي اظهار، مڪالن ۽ اداڪاري وغيره ۾ سرگرميءَ سان حصي وٺڻ جا موقعا ملي سگهن.
م - ٻار کي،نظم انهيءَ لاءِ سيکاريو وڃي، جيئن هن جي جمالياتي ذوق کي واڌارو ملي سگهي ۽ سُر ۽ لئي مان لطف اندوز ٿي سگهي
ن - گرامر جي سکيا غير رسمي ۽ ڪارائتي هئڻ گهرجي. ٻارن کي گرامر جي فقط ڪن آسان اصطلاحن ۽ قاعدن سان، روزانو سبقن جي ذريعي واقفيت ڏيڻ گهرجي.
س - سنڌي ٻولي، مادري زبان طور سيکارڻ لاءِ منڊ ۾ ان کي ٻين

مضمونن سان مربوط ڪري سيکارڻ کپي. حقيقت ۾ ابتدائي تعليم جو مقصد اهو آهي، تہ ٻار کي سنڌس مادري زبان تي عبور حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏني وڃي.

**جذباتي ۽ سماجي تربيت :-**

(الف) آداب گفتگو جي تربيت ۽ تهذيبي لفظن جي عملي مشق ڪرائي وڃي. مثلاً اسلام عليڪم، ڀلي ڪري آيا سائين، تشريف رکو، مهرباني، خدا حافظ وغيره.

(ب) سماجي گڏجاڻين جا آداب ۽ انهن جي مشق.

(ج) استادن، بزرگن، اسڪول، ڪتابن وغيره جو احترام.

(د) جسم، لباس، اسڪول وغيره جي صفائي جي تربيت.

١- استاد وٽ، درسي ڪتاب کان علاوه اخلاقي ۽ دلچسپ نظمن ۽ آکاڻين جو مجموعو هئڻ ضروري آهي، جن ۾ ٻارن جي ذهني لياقتن مطابق مواد هئڻ گهرجي. اهڙي قسم جو مواد اخبارن، ٻاراڻن ڪتابن ۽ ميگزنن مان آساني سان حاصل ڪري سگهجي ٿو.

**آزاد گفتگو جا موقعا ميسر ڪرڻ :-**

مذهبي ۽ قومي اهميت وارين تقريبن جو اهتمام ڪيو وڃي. اهڙن موقعن تي ٻارن جي رهنمائي ڪئي وڃي، تہ هو اهڙين نعتون، ترانا ۽ نظم پڙهن ۽ تقريرون ڪن، جن ۾ زندگيءَ جي اصلاحي ۽ قومي پهلوئن تي زور ڏنل هجي. هن قسم جي موقعن ميسر ٿيڻ سان ٻار جي حافظي جي تربيت ۽ حواسن کي استعمال ڪرڻ جي قوت پيدا ٿيندي.

**ڪنهن به ٻوليءَ کي سکڻ لاءِ چار مهارتون:**

۱- ٻڌڻ ۲- ڳالهائڻ ۳- پڙهڻ ۴- لکڻ بنيادي درجو رکن ٿيون، جن کي بنيادي لساني مهارتون سڏيو وڃي ٿو.

مهارت مان مراد غير شعوري عادت آهي. هر شخص شعوري ڪوشش ڪانسواءِ ٿي پنهنجي مادري زبان تي قدرت حاصل ڪري وٺندو آهي. ٻوليءَ جي جوڙجڪ، اُچار ۽ لهجو هن جي ذهن ۾ اهڙيون جڙون پڪڙي ٿو وٺي، جو ڳالهائڻ ۽ لکڻ مهل هو لفظن کي ڳولي ڪرڻ ٿو آڻي، پر موزون لفظ پاڻ مرادو ايندا وڃن ۽ بي ساختہ مناسب جاين تي بيهندا وڃن. جيستائين ڪنهن ٻوليءَ جي استعمال ۾ هن قسم جون پاڻمراديون لساني عادتون پيدا ٿي نہ وڃن، ان وقت تائين ڪو شخص ان زبان تي عبور حاصل ڪرڻ جي اميد رکي نٿو سگهي. بنيادي لساني مهارتن ۾ ان قسم جي قابليت پيدا ڪرڻ لاءِ درست قسم جي نموني ۽ با مقصد مشق کان ڪم ورتو ويندو آهي. هتي هيٺ هر هڪ بنيادي لساني مهارت جو ذڪر ڪجي ٿو.

# ٻڌڻ

**ٻڌڻ ۽ ان جي اهميت :-**

الله تعاليٰ جي مليل انيڪ نعمتن مان پنجن حواسن کي وڏي اهميت آهي: ڏسڻ، چکڻ، سنگهڻ، ڇهڻ ۽ ٻڌڻ جون پيدائشي قوتون ئي انسان کي انسان بڻائين ٿيون، ۽ انهن جي علم ۾ اضافو ڪن ٿيون. خدا نه ڪري جيڪڏهن انهن مان ڪا به هڪ قوت ختم ٿي وڃي، ته انسان جي علمي توڙي عملي ترقي متاثر ٿيو پوي. تعليمي نقطي نگاهه کان انهن پنجن ئي قوتن مان ٻڌڻ جي قوت کي وڏي اهميت آهي. تعليمي ماهرن جي راءِ مطابق گهر يا گهرو ماحول ٻار جو پهريون اسڪول يا درسگاهه آهي. ٻار جيڪو به حرف يا لفظ گهر يا ماحول ۾ ٻڌي ٿو، سوئي سندس علمي خزانو ۽ زبان جو بنياد آهي، پين لفظن ۾ ائين چئجي ته ٻار جي ٻولين جي ڪڙين جي زنجير به انهن ٻڌل لفظن جي ذخيري مان جُڙي ٿي. ٻار گهر ۽ گهٽيءَ ۾ پين ماڻهن کي ٻڌندو رهي ٿو ۽ انهن جي لفظي آوازن ۽ زباني لهجي کي جهٽيندو پاڻ مرادو اُچاريندو رهي ٿو.

هن عمر ۾ جيئن ته ٻار جي ٻولي سکڻ جو معيار فقط سماعت ۽ سُڌ ٻُڌ تي آهي، تنهنڪري والدين تي اهو واجب آهي ته هن لاءِ گهر ۽ آس پاس جي ماحول ۾ اهڙيون حالتون پيدا ڪن، جنهن ۾ ٻار جي سماعت صحيح اصولن تي استوار ٿي، ترقي ڪري. انهيءَ لاءِ هن کي اهڙي صحبت کان پري رکن، جنهن ۾ گارگند، گلا غيبت ۽ خراب ٻوليءَ جو واهپو هجي.

ٻڌڻ جي مهارت ٻوليءَ سکڻ جو اهم جز آهي. جيڪي ٻار صحيح ٻڌڻ ۽ چڱيءَ طرح ٻڌي سمجهڻ جي صلاحيت نه ٿا رکن، سي

صحيح ڳالهائڻ ۽ صحيح پڙهڻ جي مهارتن ۾ بہ پوئتي رهجي وڃن ٿا. ٻار فطري طرح جيڪي ٻڌن ٿا ۽ جنهن بہ انداز ۾ ٻڌن تہ اُهوئي ۽ انهي ئي انداز ۾ ڳالهائين ٿا ۽ پڙهن ٿا.

پر افسوس جو ٻڌڻ جي ايتري اهميت جي باوجود بہ اسان جي پرائمري اسڪولن ۾ استادن هن مهارت کي پيدا ڪرڻ ڏانهن ڌيان نہ ٿا ڏين. استاد ٻارن جي ٻڌڻ جي قوت تي ضرورت کان وڌيڪ پروسو ڪن ٿا. هن جي ليکي هر ٻار ڪلاس ۾ تقريري يا زباني ڪم مان جوڳو فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو، پر ان جي ابتڙ تعليمي ماهرن تحقيق جي بنا تي ثابت ڪيو آهي، تہ ڪيترا ٻار اهڙا بہ آهن، جيڪي فقط ٻڌي ياد ڪرڻ ۾ ايترا پڙ نہ آهن، پر سماعت جي تربيتي مشق سان سندن ٻڌڻ جي صلاحيت تيز کان تيز ٿي وڃي ٿي.

ٻڌڻ ، ٻڌي سمجهڻ ۽ حقيقت کي سمجهي ان مان نتيجا ڪڍڻ، ٻولي سکڻ جا ضروري ڏاڪا آهن. ان ڪري جيستائين ٻارن ۾ اهڙي مهارت پيدا نٿي ٿئي، تيستائين هو گفتگو ڪرڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ بہ مناسب مهارت حاصل ڪري نٿا سگهن. جهڙيءَ طرح لکڻ سکڻ کان اڳ ۾ پڙهڻ سکڻ ضروري آهي. تهڙيءَ طرح ڳالهائڻ ۾ پڙهڻ سکڻ کان اڳ ۾ وري درست ٻڌڻ ۽ ٻڌي صحيح سمجهڻ بہ تمام ضروري آهي. اوهان ڏٺو هوندو تہ پيدائشي ٻوڙا ٻار گونگا بہ ٿيندا آهن. انهيءَ جو سبب اهو هوندو آهي تہ هو نہ ٻڌڻ ۽ ٻڌي صحيح تصور کان آگاهہ ٿي نٿا سگهن، جنهن جو مطلب ٿيو تہ جيسين ٻار صحيح آواز نٿا ٻڌن، تيسين ان کي درست نموني اچاري بہ نٿا سگهن.

ڪنهن ڳالهہ کي فقط ٻڌڻ ۽ ان کي غور سان ٻڌڻ ۾ بہ فرق آهي مشاهدي مان ثابت ٿيو آهي تہ جيڪي ٻار اسڪول ۾ داخل ٿيندا

آهن،سي ٻڌن تہ ضرور ٿا، پر منجهن غور سان ٻڌڻ، ٻڌي سمجهڻ ۽ سمجهي نتيجي تي پهچڻ جي صلاحيت مڙيو ئي گهٽ ٿئي ٿي. اهي ئي ڳالهيون آهن جي ٻوليءَ جي سکيا تي اثر انداز ٿين ٿيون. جيئن تہ اسان جي پرائمري اسڪولن ۾ زباني ڪم تحريري ڪم جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽو ٿيندو آهي. استاد گهڻو وقت پاڻ ڳالهائڻ، سوالن پڇڻ، ۽ سوالن جي جوابن وٺڻ ۾ گذاريندو آهي. اهڙي تدريسي طريقي مان فائدي وٺڻ لاءِ ضروري آهي، تہ ٻارن جي قوت سماعت تيز ۽ مؤثر هجي.

## ٻڌڻ جو لساني مهارتن سان تعلق :-

جيئن تہ ٻڌڻ جي عمل جو تعلق هيٺين چئن نڪتن تي آهي. تنهنڪري استاد کي تہ ٻارن جي سماعت کي مؤثر بنائڻ لاءِ، هنن چئن نڪتن کي خيال ۾ رکي:

(١) ضرورت (٢) ڌيان (٣) دلچسپي (٣) حافظو

(١) **ضرورت:** نفسياتي نقطہ نگاھ کان اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ استاد عام طور تي اها ئي ڳالھ ٻڌندو آهي، جا هو ضروري سمجهندو آهي، يا ٻين لفظن ۾ جنهن جي ڪيس ضرورت هوندي آهي. هو غير ضروري ڳالهين کي ٻڌڻ جي باوجود بہ نہ ٻڌندو آهي، يا ٻين لفظن ۾ هو ٻڌيءَ کي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن ٻار بہ استاد جي ڳالهين کي ضروري ڪارائتو سمجهندو آهي، تڏهن هو انهن کي ڌيان سان ٻڌندو آهي، پر جيئن ئي هو انهن کي غير ضروري تصور ڪندو آهي، تيئن ئي هو پنهنجي خيالن جي دنيا ۾ گم ٿي ويندو آهي. پوءِ باوجود انهيءَ جي تہ استاد جو آواز سندس ڪنن ۾ ڪونجندو رهندو آهي، پر ڪيس اهو هرگز معلوم نہ هوندو آهي، تہ سندس استاد ڇا چئي رهيو آهي. ان وقت استاد

جيڪڏهن اُنهيءَ سبق جي ڳالهه کي مٿائي راند يا موڪل جي ڳالهه ڪندو، تہ پار استاد جي ڳالهہ ٻڌڻ لڳندو ان ڪري ثابت ٿيو تہ هر ڳالهہ کي ريتائتي نموني سان ٻڌڻ، ان جي ضروري هجڻ تي منحصر آهي.

**(٢) ڌيان :** ٻڌڻ جي عمل جو ٻيو گهرو تعلق ڌيان سان آهي. اسين ڌيان ڪانسواءِ جيڪي ڪجهہ ٻڌون ٿا، اثرائتو نہ هوندو آهي. اسين نہ ان مان ڪو مطلب ڪڍي ٿا سگهون، نہ وري ان ٻڌل ڳالهہ کي ورجائي ٿا سگهون. نفسيات جي اصول مطابق ٻارن جي تعليم ۾ هڪ مشڪلات هيءَ آهي تہ هو گهٽيءَ دير تائين هڪ ئي موضوع تي پنهنجي ڌيان کي مرڪوز ڪري نٿا سگهن، پر سندن ڌيان وقت بوقت تڪڙو تڪڙو هڪ شيءِ کان ٻيءِ شيءِ ڏانهن منتقل ٿيندو رهي ٿو. ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ ڌيان نہ ڏيڻ جي سبب ٻار هڪ جملي جو پهريون حصو تہ ٻڌي ٿو، پر ٻئي اڌ تائين پهچندي پهچندي سندس ڌيان ڪنهن ٻئي طرف هٽي ويندو آهي. انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ مؤثر سماعت لاءِ ڌيان شرط آهي.

**(٣) دلچسپي:** ٻڌڻ جي عمل سان تعلق رکندڙ ٽين اهم ڳالهہ دلچسپي آهي.جيڪڏهن گفتگو يا تقرير دلچسپ هوندي آهي، تہ ٻڌندڙ جوخود بخود ان ڏانهن ڌيان ٿيندو آهي، پر جيڪڏهن ڳالهہ ۾ مزو نہ آهي ۽ اُها دلچسپ نٿي لڳي، ان جي تمام ضروري ۽ اهم هجڻ جي باوجود بہ اُن ڏانهن نڪي ٻڌندڙن جا ڪن لڳن ۽ نڪي ذهن ٿو لڳي. انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سماعت جي عمل جي هر مشق دوران استاد کي ڳالهہ جي دلچسپيءَ جي پهلو کي خاص طرح ڌيان ۾ رکڻ گهرجي.

**(٤) حافظو:** ٻڌڻ جي عمل ۾ چوٿون اهم ڏاڪو حافظي جو آهي.

ٻار جو حافظو جيترو سٺو هوندو، اوترو پڙهڻ جو عمل مؤثر ٿيندو، ڪمزور حافظي وارو ٻار ڏکي ڳالهه ياد نٿو ڪري سگهي. گفتگو ۾ لاڳاپو پيدا ڪرڻ، ٻڌل ڳالهه کي ورجائڻ، ٻڌي سوالن جا جواب ڏيڻ يا ڪيڻ ۾ حافظو اهم پارٽ ادا ڪري ٿو، ان ڪري حافظي جي تربيت ڪرڻ کپي.

**ٻارن جي ٻڌڻ واريءَ قوت جي تربيت ڪرڻ لاءِ عمل ۽ رانديون:**

هوندن ته ٻار جي ٻڌڻ جي تربيت هر سطح تي جاري رهڻ گهرجي،پر پرائمري ڪلاسن ۾ ته ان جي ته اڃان وڌيڪ ضرورت آهي. ان ڏس ۾ استادن جي سهنج لاءِ گهرو ۽ اسڪولي مشغوليون ڏجن ٿيون.

**گهر ۾ گهريلو مشغوليون :**

(١) مائٽن کي گهر ۾ ڳالهائڻ وقت احتياط ڪرڻ گهرجي. ڪين ڪنهن به قسم جي ڪُجسي، غلط يا گندي ٻولي استعمال ڪرڻ نه گهرجي. نه ته ٻار جيڪي عمر جو وڏو حصو گهر ۾ گذارين ٿا، سي ان ڪان متاثر ٿي سگهن ٿا. ڪين اهو به خيال ڪرڻ گهرجي، ته هو چچريل ۽ اڻ وڻندڙ گفتگو نه ڪن، پر صاف ۽ با معنيٰ لفظن سان ڳالهائين ته بهتر ٿيندو.

(٢) گهر ۾ ٻارن کي اهڙن ماڻهن جي ملاقات ۽ صحبت ڪان پري رکجي، جيئن هو خراب لفظن ٻڌڻ جي موقف ڪان پري رهي سگهن.

(٣) جيڪڏهن والدين ڪان ٿي سگهي ته هو پاڻ وٽ اهڙن ماڻهن کي دعوت ڏين، جي ٻوليءَ جا استاد، اديب، عالم ۽ شاعر هجن. پوءِ ٻارن کي ان محفل ۾ شريڪ ڪيو وڃي، جيئن هو انهن جي گفتگو ٻڌي، پنهنجي ذهن ۾ محفوظ ڪري ڇڏين.

(٤) مائٽن کي گهرجي ته ٻارن کي اديبن، سگهڙن ۽ شاعرن جي مجلسن ۾ وٺي وڃن ته هو انهن جي گفتگو ۽ ڪلام

ٻڌي صحيح ٻوليءَ کان واقف ٿين.

**اسڪول ۾ ٻڌڻ جي قوت جي تربيت لاءِ مشغوليون :**

۱- **هدايتون :-** ٻارن کي هدايتون ڏنيون وڃن، بعد ۾ اهو جائزو ورتو وڃي، ته ٻار انهن هدايتن کي ڪيستائين پروڙي سگهيا آهن ۽ ڪيستائين انهن تي عمل ڪن ٿا. هدايتون ڪنهن دلچسپ راند يا مشغوليءَ جي باري ۾ ڏنيون وڃن. شروع ۾ اهي هدايتون مختصر هجن، پر هوريان هوريان ڊگهيون ۽ پيچيده ٿيون وڃن، ته جيئن ٻارن جي حافظي جي تربيت ﺑـ گڏوگڏ ٿيندي رهي.

۲-**نياپا :-** نياپي پهچائڻ واري مشغوليءَ ۾ ٻارن جي ٻڌڻ، ٻڌل ڳالهه کي ياد ڪرڻ ۽ پوءِ ان کي بيان ڪرڻ جون لياقتون يا مهارتون اُسرن ٿيون. جنهن لاءِ استاد کي گهرجي ته هرهڪ ٻار کي نياپو ڏئي، اهو ٻار ساڳيو نياپو ڪنهن ٻئي ٻار يا سڄي ڪلاس تائين پهچائي، اهڙيءَ طرح استاد ڪنهن ٻئي ٻار کي گهرائي پڇي ته ڪيس ڪهڙو نياپو مليو.

ڪڏهن ڪڏهن ائين ﺑـ ڪجي ته ڪلاس جي ٻارن کي هڪ قطار ۾ ٿوري ٿوري مفاصلي تي ويهاريو وڃي. استاد ڪو پيغام پهرئين ٻار کي ٻڌائي ۽ کيس هدايت ڪري ته هو ٻئي تائين پهچائي ۽ ٻيو ٽئين تائين. اهڙيءَ طرح جڏهن نياپو آخري ٻار کي ملي ته هو وري اچي استاد کي ٻڌائي، جنهن مان استاد کي خبر پوندي ته سندس پيغام هرهڪ ٻار تائين صحيح پهتو يا نه ۽ ٻارن اُن کي ٻڌي چڱيءَ طرح ياد ڪيو هو يا نه.

۳- **چپن ۾ ڪيل گفتگو :-** ٻارن کان اهڙي رندر ﺑـ ڪرائجي، جنهن ۾ هو هڪٻئي سان بلند آواز ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ بدران آهستي ڪن ۾ ڳالهه ڪن، جنهن مان ٻارن ۾ ڌيان سان ٻڌڻ

جي عادت پوي ٿي، ۽ هو حقيقت کي سمجهڻ لاءِ دلچسپي وٺن ٿا.
**۴- ٽيليفون :-** ٻارن لاءِ ٽيليفون هڪ دلچسپ شيءِ آهي، اڪثر ٻار گهرن ۾ ڌاڳي ۽ ڀائي جي مدد سان هٿرادو ٽيليفون تيار ڪري هڪٻئي سان ڳالهيون ڪندا آهن ۽ حقيقي ٽيليفون جو مزو حاصل ڪن ٿا. استاد کي گهرجي تہ ٻارن جي ان شوق جو فائدو وٺندي، ٽيليفون کي سندن ٻڌڻ جي تربيت لاءِ استعمال ڪري.
**۵- ريڊيو :-** سڌيءَ طرح نہ سهي پر اڻ سڌيءَ طرح ريڊيو تان ٻارن لاءِ ڪيترائي سماجي، سائنسي، ادبي، اخلاقي پروگرام نشر ڪيا وڃن ٿا. ان ڪري ٿورڙي ئي مناسب محنت ۽ ڪوشش سان ٻارن جي رهبري ڪئي وڃي تہ هو اهڙا پروگرام ٻڌن ۽ پوءِ ڏينهن تي ڪلاس ۾ اچي ٻڌائين، جتي انهن موضوعن تي ڪلاس ۾ بحث ڪرايو وڃي.
اهڙيءَ طرح ٻار ريڊيو تان ٻڌل پروگرامن ۾ لطيفا، ڳجهارتون، آکاڻيون، نظم ۽ بيت وغيره ڏيان سان ٻڌندا ۽ انهن کي ياد رکڻ جي ڪوشش ڪندا.
**۶- ٽيليويزن :-** اڄ ڪلهہ ٽيليويزن کي ريڊيو کان بہ وڌيڪ دلچسپ ۽ مؤثر تعليمي وسيلن مان هڪ شمار ڪيو وڃي ٿو. جن ٻارن کي ٽيليويزن جي ڏسڻ جا موقعا ملن ٿا، سي ٽيليويزن جي پروگرامن کي ڏسڻ کانپوءِ بين ٻارن کي ٻڌائڻ ۾ خوشي محسوس ڪن ٿا. تنهنڪري استاد جيڪڏهن چاهي تہ ٽيليويزن جي مدد سان سماعت جي مدد ڪري سگهي ٿو.
**۷- آکاڻيون ٻڌائڻ :-** بيان، آکاڻيون ۽ قصا ٻڌائڻ ٻارن جي سماعت کي تربيت ڏيڻ لاءِ سڀ کان مؤثر ۽ ڪامياب تدبير آهي. چوندا آهن تہ آکاڻي دلچسپ هجي ۽ اُن جي بيان ڪرڻ جو نمونو ڊرامائي هجي، تہ پوءِ ڪير آهي جو ٻڌڻ لاءِ آماده نہ ٿئي.

ان لاءِ استاد کي کپي، تہ سٺين آکاڻين جو هڪ وڏو ذخيرو هميشه لاءِ پاڻ وٽ تيار رکي. سماعت جي تربيت لاءِ ٻارن جي ٻڌڻ واري مقصد کي نظر ۾ رکي، کين ڪڏهن ڪڏهن آکاڻيون ٻڌائيندو رهي. جيڪڏهن استاد کي آکاڻيون زباني ياد نہ هجن تہ بہ ڪتاب تان پڙهي ٻڌائي سگهي ٿو. آکاڻين ٻڌائڻ بعد ٻارن جي جائزي وٺڻ لاءِ سوال پڇڻ گهرجن . آکاڻيءَ جي دوران بہ ننڍا ننڍا سوال ٿوري ٿوري وقفي کانپوءِ ڪري سگهجن ٿا،جيئن ٻار جو ڌيان ٻئي پاسي هٽي نہ وڃي.

٨- **ٽيپ رڪارڊر :-** سماعت جي تربيت لاءِ ٽيپ رڪارڊر بہ مؤثر ۽ ڪارائتي شيءِ آهي، ٽيپ ٿيل آواز ننڍا ٿوڙي وڏا گهڻي چاهہ سان ٻڌندا آهن. اهڙيءَ طرح ٻار پنهنجي آواز کي ٽيپ ڪرائڻ تي وڏيڪ خوش ٿيندا آهن، ان ڪري اُن جو فائدو حاصل ڪندي، ٻارن کي سندن آواز ٽيپ ڪرائڻ ۽ انهن کي وري ٻڌڻ ۽ ورجائڻ جي مشق ڪرائي وڃي.

## ڳالهائڻ

**ڳالهائڻ جي اهميت :-**اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ ٻارتہ ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي ماحول ۾ ڳالهائڻ واري ٻوليءَ کي سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ سکي وڃي ٿو ۽ هو جڏهن اسڪول ۾ داخلا وٺي ٿو، تڏهن پاڻ سان ڪڏ عام ڳالهائڻ وارن لفظن جو چڱو تعداد کڻي اچي ٿو. ان هوندي بہ اهڙن ٻارن جو تعداد تمام ٿورڙو هوندو آهي، جن جي گفتگو واضح، مؤثر ۽ دلڪش هجي. ڪي ٻار اهڙا بہ هوندا آهن، جي مادري زبان ۾ پنهنجي خيال جو اظهار نہ ڪري سگهندا آهن. پوءِ هنن جي گهرن ۾ چو نہ ڪٺي چڱي زبان ڳالهائي ويندي هجي. اسڪول ۾ ڳالهائڻ جي وقت هنن جي لفظن ۽ جملن جو ربط

ڪتابي ٻوليءَ سان نٿو ٿئي. ڪن ٻارن ۾ سلسلي سان گفتگو ڪرڻ جي صلاحيت به گهٽ هوندي آهي.

**ڳالهائڻ جو پڙهڻ سان تعلق:** جيئن ته درس تدريس ۾ گفتگو ۽ ڳالهائڻ کي وڏي اهميت حاصل آهي، ان لاءِ اهو ضروري آهي ته اسان جا ٻار اعتماد سان گفتگو ڪرڻ سکن ۽ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري سگهن. سوال پڇي سگهن ۽ سوالن جو جواب پڻ ڏيئي سگهن.

ٻوليءَ جي ماهرن جو چوڻ آهي ته ڳالهائڻ ۾ مهارت ٻوليءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي برابر آهي. ڳالهائڻ ٻوليءَ جو هڪ اهم جزو آهي ۽ ڳالهائڻ جو وري پڙهڻ ۽ لکڻ جي مهارتن سان گهاٽو تعلق آهي، اهو ئي سبب آهي جو جيسين ڪو ٻار ڳالهائڻ ۾ پڙ نه ٿيو آهي، تيسين ان جي پڙهڻ ۽ لکڻ جي صلاحيت به گهٽ رهي ٿي.

مشاهدي ۽ تجربي مان ڏٺو ويو آهي، ته جيڪو ٻار چڱيءَ طرح ٻولي ڳالهائي سگهي ٿو، اُن جي پڙهڻ ۾ اهڙي ڏکيائي نٿي ٿئي، جهڙي انهن ٻارن کي ٿئي ٿي، جي ڳالهائڻ سکڻ بغير ٻولي پڙهن ٿا. ڳالهائڻ سان لفظن جي ذخيري ۾ اضافو ٿئي ٿو. لفظن جو سمعي تصور پختو ٿي وڃي ٿو ۽ اها پختگي لفظن جي بصري تصور جي جوڙجڪ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي.

ساڳيو ئي حال لکڻ جي مهارت سان به آهي، ٻار جهڙو ڳالهائين ٿا، تهڙو لکن ٿا، مثلاً س کي ش خ کي ک ڳالهائڻ وارا ٻار گهڻو ڪري لکڻ ۾ به ساڳي غلطي ڪن ٿا. جيڪڏهن ٻارن جي گفتگو درست ٿي وڃي ۽ ٻار "ش" ۽ "خ" جي اُچار کي صحيح سمجهي وڃن، ته سندن پڙهڻ ۾ به رواني اچي وڃي ٿي ۽ انهن جي صورتخطي به غلط نٿي ٿئي. ڳالهائڻ سان گڏ سندن لکڻ به بهتر ٿيو پوي.

نفسياتي نقطي نگاهہ کان گفتگو ۽ ڳالهائڻ جو شخصيت جي اوسر تي گهڻو اثرٿئي ٿو. تعليم جو مقصد ئي آهي ٻارن جي شخصيت جي پوري اوسر ڪرڻ، ان لاءِ ضروري آهي تہ اسين ٻارن ۾ صحيح ٻولي ڳالهائڻ جي عادت پيدا ڪريون ۽ سندن ڳالهائڻ جي مهارت کي وڌايون تہ جيئن هو پنهنجي مطلب کي آسانيءَ ۽ صفائيءَ سان پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ بيان ڪري سگهن ۽ ڪنهن ذهني مونجهاري جو شڪار نہ ٿين.

مادري زبان ۾ ڳالهائڻ جي مهارت حاصل ڪرڻ مان ٻيا بہ ڪيترائي فائدا آهن، ٻارن مان شرمائڻ جي عادت نڪريو وڃي ۽ سندن حاضر جوابي جي قوت وڌي وڃي ٿي. منجهن ذهني بيداري ۽ ذهني پختگي جي جڙ مضبوط ٿئي ٿي. سندن اُچار صحيح ٿين ٿا ۽ گفتگو ۾ تسلسل ۽ رواني اچي وڃي ٿي. هو پنهنجي ڳالهہ ٻين تائين پهچائڻ ۾ راحت ۽ خوشي محسوس ڪن ٿا، جنهن ڪري سندن ٻوليءَ لاءِ دلچسپي ۽ لڳاءُ وڌي ٿو ۽ ٻولي سکڻ جو عمل وڌيڪ با معنيٰ ۽ با مقصد ٿئجي ٿو.

پرائمري ڪلاسن ۾ "ڳالهائڻ" جي تربيت ڏانهن ڌيان ڏيڻ جو فائدو اهو بہ آهي تہ ٻارن جون ٻوليءَ ڳالهائڻ واريون ڪمزوريون جيڪي سندن گهرو ماحول، غربت ۽ سماجي پسماندگيءَ جي ڪري منجهن پيدا ٿيل هونديون آهن ۽ جيڪي هو اسڪول تائين گڏ کڻي ٿا اچن، سي ختم ٿي وڃن ٿيون.

**ٻارن کي صحيح ڳالهائڻ لاءِ آماده ڪرڻ لاءِ هيٺيون ضروري ڳالهيون آهن:**

١- تدريس جو ماحول خوشگوار بڻايو وڃي ۽ ذهن کي هر قسم جي خوف ۽ هراس کان پري رکيو وڃي.

٢- استاد جو طرز عمل ٻاجهارو هجي، جيئن ٻار جي اٽڪ ۽ خوف

وغيره دور ٿي وڃي.
٣- ٻارن جي ڳالهائڻ واري عمل جي گهٽي کان گهٽي پنيرائي ڪئي وڃي.
٣- استاد پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ ۾ ماهر هجي، سندس اُچار صحيح ۽ ڳالهائڻ جو رنگ ڍنگ صاف هجي.
٥- گفتگو يا ڳالهائڻ جا موضوع دلچسپ ۽ وڻندڙ هئڻ کپن.
٦- ٻارن کي ڳالهائڻ ۽ پاڻ ۾ گفتگو ڪرڻ جا وڌ ۾ وڌ موقعا ڏنا وڃن.
٧- ڳالهائڻ جون مشقون ۽ مشغوليون با معنيٰ ۽ با مقصد هجن.

## ڳالهائڻ يا گفتگو ڪرڻ لاءِ تربيتي مشغوليون :-

مائٽ يا اُستاد اڪثر انهيءَ خوشفهميءَ ۾ مبتلا هوندا آهن، ته ٻار فطري طور ڳالهائڻ پنهنجي روزمره جي سماجي ماحول ۾ سکي ٿو، ۽ سندس گفتگو جون ننڍيون وڏيون خاميون رفتي رفتي وڏي ٿيڻ سان ازخود دور ٿي وينديون. دراصل سندن اها ڀل آهي، سڌريل ملڪن جي ٻار کي ته زبان سکڻ سان ئي اهڙا رانديڪا، ساز ۽ آواز پيدا ڪندڙ اوزار ڏنا ويندا آهن، جن جي عملي استعمال سان هو پنهنجي ڳالهائڻ جي قوت کي درست، لائق ۽ اثرائتو بڻائي سگهي ٿو. وقت جي تقاضا اسان جي تعليمي ماهرن کي به ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڏيڻ تي مجبور ڪيو آهي، انهن استادن جي رهبريءَ لاءِ، ڪيترن ئي عملي مشغولين جو استعمال تجويز ڪيو آهي. اهو ضروري به نه آهي ته استاد پنهنجي سکيا فقط انهن ئي مشقن تائين محدود رکي. هڪ آدرشي ۽ تجربيڪار اُستاد انهن ڪانسواءِ ٻيون به ڪيتريون مشغوليون ۽ مشقون تجويز ڪري سگهي ٿو ۽ انهن جي مدد سان ڳالهائڻ يا گفتگو ڪرڻ جي قوت جي چڱيءَ طرح تربيت ڪري سگهي ٿو.
چند اهم مشغوليون هيٺ ڏجن ٿيون :

**١- ڳالهه ٻولهه :-** ڳالهائڻ جي عمل جي تربيت لاءِ غير رسمي گفتگو ضروري آهي. هيءَ مشغولي ڪلاس ۾ يا ڪلاس کان ٻاهر ڪنهن به جاءِ تي ڪري سگهجي ٿي. تعليمي سير جي دوران تہ ٻارن کي اهڙيءَ مشق ڪرڻ جا اجا به وڌيڪ موقعا ملندا آهن، تعليمي نڪتن جي رٿا بنديءَ کان تڪميل جي مرحلن تائين هر پهلوءَ تي غير رسمي ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي ٿي. ٻار تہ اڪثر چٽسالي، چترڪاري ۽ ماڊل ٺاهڻ جا شوقين هوندا آهن. جيڪڏهن ٻارن جي ان عمل جو فائدو وٺندي، هر ٻار کي سندس ٺاهيل شيءِ جي اهم خصوصيتن بيان ڪرڻ لاءِ چيو وڃي تہ ٻار وڏيءَ خوشيءَ سان پنهنجي ٺاهيل ماڊل يا تصوير جي باري ۾ ڳالهه ڪرڻ کي پسند ڪندا آهن. اهڙي مشق ٻارن جي لاءِ يقيناً با مقصد ۽ سودمند ثابت ٿيندي. ساڳيءَ طرح ٻارَ پنهنجي تعليمي سير جو احوال، اسڪول جي ڪنهن تقريب جي روئداد يا ڪنهن ميلي يا حادثي جو اکين ڏٺو احوال بيان ڪرڻ ۾ بہ خوشي محسوس ڪندا آهن جتي غير رسمي گفتگو جا اهم نمونا آهن.

**٢- نياپو پهچائڻ ۽ ڪنهن موضوع تي ڳالهائڻ :-** نياپي پهچائڻ واري راند ۾ هڪ ئي وقت ٽن مهارتن يعني ٻڌڻ، ياد ڪرڻ ۽ بيان ڪرڻ جي تربيت ٿئي ٿي. ڪلاس جي ٻارن کي جيڪڏهن ٽن، چئن ننڍن ننڍن گروپن ۾ تقسيم ڪري، ڪين ڪنهن موضوع تي گفتگو ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي، تہ ٻارن کي ڳالهائڻ لاءِ هڪ سٺو موقعو ملي وڃي ٿو. ٻار پنهنجن مشاهدن ۾ ٻين کي شريڪ ڪرڻ ۽ پنهنجن تجربن ۽ خيالن کي پنهنجي دوستن تائين پهچائڻ ۾ وڏو فخر محسوس ڪندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن استاد سندن رهنمائي ۽ حوصلي افزائي ڪندو، تہ ٻار ڳالهائڻ ۾ وڏي مهارت حاصل ڪري سگهن ٿا.

٣- **آکاڻي ٻڌائڻ** :- آکاڻيون تہ ٻار جي روح جي غذا آهن.ڳالهائڻ جي تربيت ۾ آکاڻين جو ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ سون تي سهاڳي مثل آهي، جيڪر استاد ٻارن کي دلچسپ ۽ سبق آموز آکاڻيون ٻڌائي ٿو، ٻار ان کي ڏاڍي ڌيان ۽ اڪير سان ٻڌندا آهن، ٻارن کي جيترو مزو ڳالهہ ٻڌڻ مان ايندو آهي، اوترو ڳالهہ ٻڌائڻ مان بہ اچي ٿو. ان ڪري جيڪڏهن استاد ٻارن جي انهيءَ شوق جو فائدو وٺندي، ڪين ڪلاس ۾ آکاڻي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو موقعو ڏئي، تہ ٻار ڳالهائڻ ۾ تمام جلد تيز ٿي وڃن. استاد جا آکاڻي ٻارن کي ٻڌائي، سا انهن کان وري ٻيهر ٻڌي. ٻارن کي اُهي آکاڻيون وڌيڪ وڻنديون آهن، جيڪي مختصر، دلچسپ ۽ نصيحتن واريون هونديون آهن. عام واقعن جي پيٺ ۾ آکاڻين کي ياد ڪرڻ سولو آهي ۽ انهن کي ساڳئي سلسلي ۽ رواني‍ءَ سان ٻڌائڻ بہ مشڪل ناهي، جيڪڏهن ڪا آکاڻي وڏي آهي، تہ ان کي ڪجهہ حصن ۾ ورهائي، جدا جدا ٻارن کي چئجي تہ واري واري سان پنهنجو حصو ٻڌائين، مطلب تہ آکاڻيءَ جو دلچسپ هئڻ نهايت ئي ضروري آهي.

٤- **ڳجهارتون ٻڌائڻ** :- ٻار آکاڻين وانگر، ڳجهارتن ڏيڻ ۽ پڇڻ جا بہ شوقين ٿين ٿا. هيءَ وندر ٻارن لاءِ اهڙي تہ دلچسپ آهي، جو جيڪي ٻار اڃا اسڪول ۾ وڃڻ لائق بہ نہ هوندا آهن، سي بہ اهڙي عمل ۾ پنهنجي مائٽن سان گهرن ۾ ئي شريڪ رهن ٿا. اهي ڳجهارتون ڏيندا بہ آهن ۽ ٻين جون ڳجهارتون پڇندا بہ آهن. رات جو سمهڻ وقت تہ اڪثر ٻار ڳالهين ٻڌڻ ۽ ڳجهارتن پڇڻ جا عادي ٿي پوندا آهن. ڳجهارت ڏيڻ ۽ اُن جي وضاحت ڪرڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ جي خاص مشق ٿئي ٿي. جنهن مان ٻارن جي تجسس جي ذوق جي تسڪين ٿئي ٿي. سندن ذهانت اڀري ٿي ۽ خوف ختم ٿئي ٿو، منجهن غور ۽ فڪر جي عادت پيدا ٿئي ٿي. ٻار

ڳجهارت جو مڪمل تجزيو ڪندا آهن ۽ پنهنجي مشاهدي ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ڳجهارت کي ٻار هڪ چئلينج سمجهندا آهن ۽ ان کي حل ڪرڻ بعد هو خوشيءَ وچان ائين محسوس ڪندا آهن ڄڻڪ ڪين سڄي دنيا جي دولت ملي ويئي هجي.

۵- **ٽوٽڪا ، گفتا ، نقل نظير :-** ڳجهارتن جيان لطيفا به ٻارن جي ونڊر جو سامان آهن. سٺن ٽوٽڪن ٻڌائڻ سان تعليمي ماحول ۾ ساهه پئجي رجي ٿو. موقعي مهل تي سٺا سٺا ٽوٽڪا ٻڌائڻ سان ٻارن جو حجاب ۽ ڊپ ختم ٿيو وڃي، ان مان ٻارن جو پاڻ ۾ ميل ميلاپ وڌندو آهي. خاموش طبع ٻار پاڻ ۾ ملي سلي هڪ ٿي ويندا آهن. ڪير آهي جو وتائي فقير جا گفتا شوق سان نه ٻڌندو هجي.

٦- **ناٽڪ يا ڊراما :-** ٻارن جي گفتگو جي تربيت لاءِ جيڪڏهن ڪين سٺا سٺا مڪالما ياد ڪرايا وڃن ۽ ننڍن ننڍن ناٽڪن ۾ ڀهري وٺڻ لاءِ، اياريو وڃي، ته هوند گفتگو جو عمل سولو، دلچسپ ۽ اثرائتو ٿي پوي. درسي ڪتابن جي سبقن کي به جيڪڏهن مڪالمن جي صورت ۾ لکيو وڃي ته ٻار هوند اهڙن مڪالمن ۾ گهڻي دلچسپي ڏيکارين، ٻاراڻن ناٽڪن جا ڪتاب بازار مان ملي سگهن، ته استاد ڪلاس ۾ يا ڪلاس کان ٻاهر موقعي سارو ٻارن کان اهي به ٻارن کان ڊراما ڪرائي سگهي ٿو.

۷- **ادبي سنگت :-** هر سني اسڪول ۾ گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ هڪ ڀيرو ڪلاسوار ادبي سنگت جي گڏجاڻي سڏائجي ۽ مهيني ۾ هڪ ڀيرو سڄي اسڪول ۾ ادبي سنگت جو جلسو ٿيڻ کپي، ٻار انهن جلسن ۾ تقريرون ڪري سگهن ٿا. مباحثن ۾ ڀهرو وٺي سگهن ٿا. هفتي جون ضروري خبرون ٻڌائي سگهن

ٿا، ڳجهارتون ڏيئي سگهن ٿا. آکاڻيون، ٽوٽڪا، گفتا ۽ نقل نظير ٻڌائي دوستن کي خوش به ڪري سگهن ٿا. نظم ۽ گيت ڳائي سگهن ٿا. انهن مشغولين سان ٻارن جي ڳالهائڻ جي مهارت جي تربيت ٿئي ٿي، سندن ٻولي صاف ۽ سهڻي ٿئي ٿي. لهجو صحيح ٿئي ٿو، اچار به درست ٿي وڃن ٿا ۽ سندن ڊپ ۽ حجاب لهي وڃي ٿو. استاد کي ڪوشش ڪرڻ کپي ته ادبي سنگت جي جلسن ۾ گهٽي کان گهٽا ٻار حصو وٺن. ائين نه ٿئي ته فقط ڪي ٻار وري وري پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندا رهن. ائين ڪرڻ سان ادبي سنگت جو حقيقي مقصد فوت ٿي ويندو.

٨- **بحث مباحثو :-** ڳالهائڻ جي مهارت جي تربيت ڏيڻ لاءِ بحث مباحثو هڪ عمدو عمل آهي. جيڪڏهن استاد ڪلاسن ۾ اجتماعي بحث جو انتظام ڪندو رهي، ته ٻار گفتگو يا ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ڍنگ ۽ بحث جا آداب اچي سگهن ٿا. ڪين دليلن سان ڳالهه‌ڪرڻ، ٻين جي ڳالهه ٻڌڻ ۽ پنهنجي ڳالهه کي اعتماد سان پيش ڪرڻ جو ڍنگ سکي وڃي ٿو. جيڪڏهن اسڪول ۾ ٽيپ رڪارڊر موجود هجي، ته ٻارن جو مباحثو ٽيپ ڪري بعد ۾ کين ٻڌايو وڃي، جيئن هو پنهنجي بحث جي انداز تي راءِ ڏيئي سگهن ۽ ان ۾ سڌارو آڻي سگهن. بحث سان ڳالهائڻ جي تربيت کان سواءِ ٻارن ۾ جمهوري طرز زندگيءَ جي ساڃهه به پيدا ٿئي ٿي.

**ڳالهه ٻولهه، آکاڻين، گفتگو ۽ اداڪاريءَ جي اهميت :-**

**ڳالهه ٻولهه :-** انسان کي اشرف المخلوقات جو درجو ڏيارڻ ۾ سڀ کان اهم سندس قوت گويائي آهي. ان وسيلي کي ڪتب آڻيندي هو پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندو آهي ۽ ان نعمت جي صدقي هو پنهنجي زندگيءَ کي ڪامياب ۽ ڪامران بنائيندو آهي. هن جي

ذهانت ۽ صلاحيتن جي ميتا پڻ ڳالھ ٻولھ جي ڪري ٿي ٿيندي آهي. سماج ۾ پڻ اهو انسان ئي ڪامياب زندگي گذاري يا مٿاهون مقام ماڻي سگهندو آهي، جيڪو سٺو ڳالهائي سگهندو آهي. هوشٿن ٻـ پنهنجي ڳالھ ميرائڻ يا ڪنهن ٻئي تائين پنهنجي نظرئي جي پرچار ڪرڻ لاءِ ڳالھ ٻولھ جو ئي سهارو وٺڻو پوندو. جيتري قدر ڳالھ ٻولھ اثرائتي هوندي اوترو ئي سماج ۾ مان ۽ مرتبو وڌندو. ان ڪري ڳالھ ٻولھ جي اهميت کان انڪار ڪري ئي نٿو سگهجي. اهڙيءَ طرح سبق پڙهائڻ لاءِ پڻ اثرائتي،سادي ۽ صاف ڳالھ ٻولھ جي ضرورت ٿئي ٿي. ان ڪري ڳالهائڻ سيکارڻ ۾ ڳالھ ٻولھ نهايت اهم آهي.

**آڪاٽيون** :- نفسياتي ماهر ۽ تعليمي اڪابر سيکارڻ جو پسنديده ۽ اثرائتو طريقو آڪاٽين واري طريقي کي تسليم ڪندا آهن. ڇاڪاڻ تـ اهو طريقو ٻار لاءِ بيحد مانوس آهي ۽ سندس ابتدائي تعليم جو بنياد پڻ ان طريقي تي رکيل آهي. سکندڙ جي اثرائتي سکيا لاءِ دلچسپي ۽ توجهـ جي موجودگي ضروري آهي. آڪاٽي ٻڌائڻ جو ڍنگ ۽ ان جو گهاڙيٽو ڳالھ کي اهڙو تـ مرچ مسالو ملائي لذيذ بڻائي ڇڏيندو آهي جو ٻڌندڙ کي هر حالت ۾ دلچسپي ۽ ڌيان کي قائم رکڻو پوندو آهي. ان ڪري سکندڙ ٻوليءَ جي درست جوڙجڪ، سونهن ۽ سادگي قائم رکڻ لاءِ آڪاٽيءَ کي ضرور آڏو رکندا. ان کان سواءِ آڪاٽي ذريعي ٻارن جي لفظن جي ذخيري ۾ اضافو پڻ ٿئي ٿو. هنن جي اُچار ۽ لهجي جي درستيءَ لاءِ پڻ آڪاٽي جي اهميت آهي.

**گفتگو** :- يعني ٻن يا ان کان وڌيڪ ماڻهن جي وچ ۾ ڳالھ ٻولھ يا خيالن جي ڏي وٺ ٿئي ٿي. ان ۾ اُچار جي درستيءَ ۽ ادائگي کانسواءِ لغت ۾ واڌاري ۽ ٻوليءَ جي جوڙجڪ کي سمجهڻ تـرڙي

لفظن جي درست استعمال جي خبر پوي ٿي. ان ڪري ڳالهائڻ سيکارڻ لاءِ هي مرحلو نهايت اهم آهي.

**اداڪاري** :- انساني فطرت ۾ آڪاڻين کي پسند ڪرڻ سان گڏ اداڪاري پڻ شامل آهي، ڇاڪاڻ تہ نقل ڪرڻ ٻار جي فطرت جو هڪ حصو آهي. هو ابتدا ۾ سکندو ئي نقل ڪرڻ سان آهي. ان ڪري اها ڪهاڻي جنهن ۾ اداڪاري شامل هوندي، جيڪو نقل ڪرڻ جو هڪ قسم آهي، تہ ٻار ڳالهائڻ يا مڪالمن ۾ دلچسپي وٺندو ۽ وڏي اعتماد سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهندو ۽ درست لفظ ۽ جملا ادا ڪرڻ سولائي سان سکي سگهندو. اهڙيءَ ريت ڳالهائڻ سکڻ لاءِ ڳالهہ ٻولهہ، آڪاڻين، ۽ اداڪاري جي اهميت کي نظر انداز ڪري نٿو سگهجي.

## سٺي ڳالهائڻ جون وصفون :-

۱- **رواني** :- ٿيڪي يا رڪجي ڳالهائڻ، ڳالهہ ٻولهہ جو عيب سمجهيو وڃي ٿو. تنهنڪري استاد کي گهرجي، تہ ٻارن ۾ روانيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جي عادت وڌي وڃي.

۲- **تسلسل** :- ڳالهہ ٻولهہ ۾ مضمون جي تسلسل کي وڏو دخل آهي. ڪي ٻار ڳالهہ ڪندي، ان جي هڪ حصي کي وچان شروع ڪندا آهن. ڪڏهن منڍ حصو ڇڏي، آخري حصو پيا ٻڌائيندا آهن. اهڙيءَ ريت سندن ڳالهہ ٻولهہ ۾ سلسلو نہ هئڻ ڪري ٻڌندڙ تي حقيقت پڌري ٿي نہ سگهندي آهي ۽ اُهي بيزار ٿي پوندا آهن.

۳- **لهجو** :- گفتگو ۾ لهجي کي وڏي اهميت آهي. جيڪي ٻار درست لهجي سان ڳالهائيندا آهن، انهن جو ٻڌندڙن تي وڌيڪ اثر ٿيندو آهي. نہ تہ ڳالهہ ٻولهہ بي اثر ٿيو پوي ۽ ڪڏهن تہ ان جو صحيح مطلب بہ واضح نہ ٿيندو آهي. ڳالهائڻ جي لهجي جي خوبي ائين آهي

جيئن ڪير ۾ ڪنڊ.

**٢- اُچار** :- تلفظ يا اُچار ٻوليءَ جو روح آهي. جيڪڏهن اُچار درست نہ هوندا، تہ ٻڌندڙ اڳيان ڳالهائيندڙ جي علمي لياقت جا وڪا پڌرا ٿي پوندا. ان ڪري استاد کي پاڻ بہ اُچار درست ڪرڻ گهرجي ۽ ٻارن کي بہ اهڙي تربيت ڏئي، جو هو ڪڏهن بہ تلفظ غلط نہ اُچارين ۽ هميشه درست آواز اُچارڻ جي ڪوشش ڪن.

**تاڪيد** :- جيئن ڳالهہ ٻولهہ ۾ هر لفظ تي زور ڏئي ڳالهائڻ عيب ليکيو وڃي ٿو، تيئن ڪنهن لفظ تي زور نہ ڏيڻ بہ گفتگو جي خامي سمجهي وڃي ٿي. ڳالهہ ٻولهہ ۾ پنهنجي ڳالهہ جي مطلب کي چٽي ڪرڻ يا ان ۾ اثر پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ ڪنهن مهل ۽ موقعي پٽاندر، ڪنهن لفظ تي ٻين لفظن جي ڀيٽ ۾ زور ڏيڻ تمام ضروري آهي.

استاد کي ڌار ڌار مثال ڏئي اهو ثابت ڪرڻ کپي تہ ٻوليءَ ۾ تاڪيد جي استعمال سان، جملي جي معنيٰ ۾ ڪهڙو فرق پيدا ٿئي ٿو ۽ تاڪيد جي استعمال ڪرڻ ڪري جملي جو مفهوم ڪيئن بدلجي وڃي ٿو.

**گفتگو (ڳالهہ ٻولهہ) ۾ آداب جي تربيت** :- ڳالهہ ٻولهہ جي ابتدائي مرحلن تي ٻار ڪيترن ئي قسمن جون غلطيون ڪندا آهن. استاد کي گهرجي تہ ٻارن جي انهن خامين کي نرميءَ ۽ شفقت سان دور ڪري، انهن جي صحيح اصلاح ڪري ۽ ڳالهائڻ وقت ٻار کي نہ ٽوڪي، ڇو تہ ائين ٽوڪڻ سان ٻار ۾ دٻ وڌي وڃي ٿو. جيڪو اڳتي هلي احساس ڪمتريءَ ۾ بدلجيو وڃي. اهڙي انديشي کان بچڻ خاطر استاد کي گهرجي، تہ ڳالهہ ٻولهہ هلندي ٻارن جي غلطين کي نوٽ ڪندو هلي ۽ ڳالهہ ختم

ٿيڻ کانپوءِ انهن جي اصلاح اهڙيءَ ريت ڪري جو ٻار جي جذبات نہ ڏڪوئجي. گفتگو جي تربيت وقت ٻار لاءِ سزا سخت هاڃيڪار ثابت ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان ٻار گفتگو ڪرڻ کان پيا ڪيٻائيندا. اُچار جي درستيءَ لاءِ استاد کي بورڊ جي مدد حاصل ڪرڻ گهرجي.

گفتگو جي تربيت دوران هيٺين ڳالهين تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي:

١- ڳالهہ ٻولهہ جي تربيت لاءِ ماحول سازگار بنائڻ گهرجي.

٢- ٻارن جي دلين تان خوف هٽائي، انهن ۾ خود اعتماديءَ جي جذبي اُڀارڻ جي ڪوشش ڪجي.

٣- استاد جي هلت همدرديءَ واري ۽ ٻاجهاري هئڻ گهرجي.

٤- ڳالهہ ٻولهہ جا موضوع ٻارن جي مشاهدي، تجربي ۽ عمر جي لحاظ کان موزون هئڻ گهرجن.

٥- ڳالهہ ٻولهہ سيکارڻ لاءِ استاد کي دلچسپ مشغولين کان ڪم وٺڻ گهرجي.

٦- ڳالهہ ٻولهہ جي تربيت لاءِ ٻارن کي انفرادي توڙي اجتماعي مشقون ڪرائجن.

٧- ابتدائي سطح تي لچڙو ٻارن لاءِ گڏيل مشغولين جو بندوبست ڪرڻ گهرجي.

٨- موقعي پٽاندر ٻارن ۾ ڳالهہ ٻولهہ جا مقابلا ڪرائجن.

٩- استاد جي ڳالهہ ٻولهہ جو انداز سادو ۽ اثرائتو هئڻ گهرجي.

١٠- هر ٻار کي ڳالهہ ٻولهہ ۾ حصيدار بڻائڻ جي ڪوشش ڪجي.

# پڙهڻ

**پڙهڻ جي اهميت :-** ٻوليءَ سکڻ جي ٽين مهارت "پڙهڻ" آهي. هي اُهو عمل آهي، جنهن ۾ ڪنهن خيال جي اظهار کي تحريري صورت ۾ ڏسي، ان کي سڃاڻي، سمجهي ۽ اُچاريو ويجي ٿو. پڙهڻ هڪ اهم لساني مهارت آهي، جنهن کانسواءِ ٻوليءَ سکڻ جي دعويٰ ڪري نٿي سگهجي. جيڪڏهن ڪو شخص ٻولي سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ جي صلاحيت رکندو هجي، پر پڙهي نه سگهي ته پوءِ اڻ پڙهيل ليکبو.

## پڙهڻ سيکارڻ جا رسمي طريقا :-

**پڙهڻ:** ٻولي سيکارڻ جا مختلف طريقا آهن، جن کي هيٺين ٻن گروپن ۾ ورهايو ويو آهي: انهن مان پهريون آهي ترڪيبي طريقو (Synthenti Method) ۽ ٻيو آهي تحليلي طريقو (Analytic Method) .

ترڪيبي طريقي مان مراد اهڙا طريقا آهن، جيڪي "جز کان ڪل" واري اصول تي ڪاربند آهن، يعني پهرين حرفن جي نالن ۽ انهن جي شڪلين کي ملائي لفظ ٺاهيا وڃن ٿا. لفظن ٺاهڻ جي مشق تي وڃڻ کانپوءِ جملا يا فقرا پڙهڻ سيکاريا وڃن ٿا.

تحليلي طريقي ۾ شروعات حرفن جي بدران لفظن، جملن يا آکاڻين سان ڪئي وڃي ٿي، اکر سڃاڻڻ جي منزل پوءِ اچي ٿي. هي "طريقو" "ڪل کان جز" واري اصول تي ڪار فرما آهي.

ترڪيبي طريقا ٻن قسم جا آهن (الف) ابجدي طريقو، (ب) صوتي طريقو.

**(الف) ابجدي طريقو :-** هن طريقي موجب پڙهڻ سيکارڻ جو

ڪم الف - ب جي حرفن سان شروع ڪيو ويجي ٿو. پوءِ انهن اکرن تي زير، زبر، پيش وغيره ڏيئي، انهن جي آوازن سڃاڻڻ تي وڏيڪ مشق ڪرائي ويجي ٿي. ان ڪانسواءِ حرفن جي ترڪيبي شڪلين کي ڳنڍي، ٻن حرفن (ٻن آوازن) ۽ ٽن حرفن (ٽن آوازن) وارا لفظ ٺاهيا وڃن ٿا. هِجي جي مدد سان نون لفظن جي مشق ڪرائي ويجي ٿي. هن رواجي طريقي کي ٻارن لاءِ دلچسپ بڻائڻ لاءِ هاڻي هيئن ڪيو ٿو وڃي، جو الف- ب جي اکرن سان ٻارن جي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ اهڙين تصويرن کان ڪم ورتو ٿو وڃي، جن جو نالو واسطيدار اکر يا حرف جي آواز سان ٿيندو هجي.

**خوبيون :-**

١- هن طريقي جي ڪري ٻارَ حرفن جي آوازن ۽ انهن جي جدا جدا شڪلين کي چڱيءَ طرح سڃاڻي وڃن ٿا. اُن سان منجهن نون لفظن پڙهڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي.

٢- شروعات ۾ ٻارن جي پڙهڻ جي رفتار گهٽ ٿئي ٿي. پر بنياد قائم ٿي وڃڻ ڪانپوءِ هو تيزيءَ سان اڳتي وڌن ٿا.

٣- ٻارن ۾ اُچار ۽ هِجي جو فهم ڪافي مضبوط ٿي ويجي ٿو، ان ڪري هو اُچار ۽ هِجي جون غلطيون گهٽ ڪن ٿا.

٤- "پڙهڻ" سکڻ سان گڏ هو "لکڻ" جي سکڻ ۾ چٽائي سان اڳتي وڌن ٿا.

٥- هيءُ طريقو سادو ۽ گهٽ خرچ آهي. هن لاءِ گهڻي تدريسي مواد جي ضرورت نه آهي.

**خاميون :-**

١- ٻارن لاءِ شروع ۾ هيءُ طريقو غير دلچسپ آهي. ٻارن کي حرفن جي نالن سکڻ ۽ انهن جي صورتن کي سڃاڻڻ يا لکڻ ۾ ڪو فطري مزو ڪو نه ٿو اچي. انهن سان حرفن يا اکرن جي صورت ۽

ان جي آوازن جو پاڻ ۾ ڪو بہ لاڳاپو واضع نہ ٿو ٿئي.
٢- حرفن جي نالن ۽ انهن جي آواز جي وچ ۾ ڪا مناسبت ڪانهي. هڪ هڪ حرف جي نالي ۾ بہ ٽي آواز موجود آهن.
مثلاً الف ۾ ا-ل-ف جا آواز ۽ دال ۾ د ۽ ل جا آواز آهن، جنهن مان ٻارن جي دماغ ۾ ڪافي مونجهارا پيدا ٿين ٿا.
٣- هن طريقي پڙهڻ سيکارڻ ۾ تمام گهڻو وقت لڳي ٿو. گهڻو وقت ٻار الف- ب جي نالن، انهن جي جدا جدا شڪلين ۽ انهن جي آوازن جي چڪر ۾ بيزار ٿي پڙهڻ کان منهن موڙيو ڇڏين.
٣- پڙهڻ سکي وڃڻ ڪانپوءِ بہ ٻار گهڻي وقت تائين هِجي جي چڪر ۾ ڦاٿا رهن ٿا ۽ ڪافي دير ڪانپوءِ لَس پڙهي ٿا سگهن.
**(ب) صوتي طريقو (آوازن وارو طريقو) :-**
الف - ب جي طريقي وانگر صوتي طريقي ۾ بہ پڙهڻ سيکارڻ جو ترڪيبي طريقو آهي. هن طريقي جي شروعات آوازن سان ڪئي وڃي ٿي ۽ پوءِ لفظ ۽ آخر ۾ جملا سيکاريا ويندا آهن.
صوتي طريقو الف - ب واري حرفن جي نالن سکڻ واريءَ خامي کان پاڪ آهي. هن طريقي ۾ حرفن جي نالن ٻڌائڻ بجاءِ اُنهن جي آوازن ڪي توجہ جو مرڪز بڻايو وڃي ٿو. ڪوشش اها ڪئي وڃي ٿي تہ هر حرف جي شڪل ۽ ان جي آوازن جي وچ ۾ پختو ڳانڍاپو پيدا ٿي وڃي، مثال طور، استاد بورڊ تي اُچار جا آواز اَ آ اِ اِي، بَ با ب بِي وغيره، هڪ هڪ آواز تي زور ڏيئي ان ڏانهن اشارو ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ٻار حرف جي شڪل ۽ اُن جي آوازن کان واقف ٿين ٿا. جڏهن اٿين حرفن جا آواز ۽ انهن جون صورتون ٻارن کي چڱيءَ طرح ذهن نشين ٿي وڃن ٿيون، تہ پوءِ آوازن کي ڳنڍي لفظ ۽ لفظن ڪانپوءِ سلسلي سان پڙهڻ سيکاريا وڃن ٿا. حقيقت ۾ صوتي طريقو الف - ب واري طريقي وانگر

هڪ ترميم ٿيل صورت آهي. ان ڪري ان ۾ اهي سڀ خوبيون ۽ خاميون موجود آهن جيڪي الف واري طريقي ۾ آهن. الف- ب واري طريقي وانگر هن طريقي ۾ بہ پڙهڻ سيکارڻ ۾ وقت گهڻو لڳي ٿو ۽ هن طريقي ۾ بہ ٻارن لاءِ ڪا خاص دلچسپي ڪانهي.

## ٢- تحليلي طريقو :-

**(الف) لفظن وارو طريقو** :- پڙهڻ سيکارڻ لاءِ جديد تدبير هيءَ آهي تہ حرفن يا انهن جي آوازن سان شروع ڪرڻ بجاءِ پڙهڻ جي شروعات لفظن سان ڪئي وڃي. استاد ڪو سهڻو چارٽ پيش ڪري ٿو. جنهن ۾ هڪ طرف ڪنهن جانور يا شيءِ جي وڻندڙ تصوير پيش ڪيل آهي ۽ ٻئي طرف تصوير جي سامهون وڏن اکرن ۾ ان جانور يا شيءِ جو نالو لکيل آهي. استاد تصوير ڏي اشارو ڪري اُن جي سامهون وڏن اکرن ۾ نالي جي لکيل صورت تي آڱر رکي، اُهو نالو يا لفظ وڏي آواز ۾ پڙهي ٿو. استاد انهيءَ عمل کي ڪجهہ ڀيرا ورجائي ٿو. ٻار بہ تصوير کي ڏسي استاد سان اُهو لفظ ورجائين ٿا. اهڙيءَ طرح ٻار ان لفظ ۽ اُن جي آوازن کان واقف ٿيو وڃن. ان طريقي جي مدد سان ٻار جڏهن ڪجهہ لفظ سولائيءَ سان پڙهڻ جي قابل ٿي وڃن ٿا، تہ پوءِ لفظن کي ملائي ڪين ننڍا ننڍا جملا بہ پڙهايا وڃن ٿا. اٿين لفظ کي ٻوليءَ جو يونٽ قرار ڏيئي، ان کي آوازن۾ ورهائي، ٻارن کي لفظ پڙهڻ سيکارڻ ۽ پوءِ لفظ ملائي، ٻوليءَ جا جملا پڙهڻ سيکارڻ کي "لفظن وارو طريقو" چيو وڃي ٿو.

**(ب) جملي وارو طريقو** :- تحليلي طريقي جو هيءُ ٻيو قسم آهي. هن ۾ استاد پهرئين ٻارن کي جدا جدا لفظ نہ ٻسڪ هڪ پورو

جملو پڙهڻ سيکاري ٿو. ان کانپوءِ استاد ٻارن کان ان جملي جي جدا جدا لفظن جي سجاڻپ ڪرائي ٿو ۽ آخر ۾ لفظن جي مختلف آوازن (۽ انهن جي حرفن) جي سڃاڻپ ڪرائي ٿو. هن طريقي جا حامي اهو دليل ڏيندا آهن، تہ حرفن وانگر لفظ بہ ٻارن لاءِ ڪا خاص معنيٰ يا دلچسپي ڪا نہ ٿا رکن. ان جي بدران هو جملي جو مطلب سولائيءَ سان سمجهي، ان طرف ڌيان ڏين ٿا.

**(ج) آکاڻين وارو طريقو :-** تحليلي طريقي جو هي ٽيون قسم ان دليل جو سهارو وٺي ٿو تہ ٻوليءَ جو پورو يونٽ يا ايڪو نہ آواز نہ لفظ، ۽ نہ ئي وري جملو آهي، پر لاڳيتي معنيٰ دار آکاڻي ئي ٻوليءَ جو پورو ايڪو آهي. هو.اها دعويٰ ڪن ٿا تہ ٻارن کي پڙهڻ ڏانهن لاڙڻ لاءِ مواد جو دلچسپ هئڻ ضروري آهي. ٻار ڪهاڻين جا تمام شوقين ٿين ٿا.انهن کي پڙهڻ جي هير وجهڻ لاءِ آکاڻين وسيلي پڙهڻ سيکارڻ کپي. ان لاءِ استاد ٻارن کي ڪا ننڍڙي دلچسپ آکاڻي ٻڌائي، جيڪا ٿورن لفظن ۽ ننڍن ننڍن جملن جي هئڻ گهرجي. ان ۾ هر هر آيل ڪي لفظ وري وري ورجائجن.

آکاڻي بورڊ يا چارٽ تي تمام سهڻن اکرن ۾ لکيل هجي. استاد انکي ٿورو ترسي ترسي پڙهي. ٻئي ڏينهن ٻي ڪا ننڍڙي ڪهاڻي ڪٿي، جنهن مان پهرين آکاڻيءَ جا ڪي ساڳيا لفظ بہ هجن. ٽن چئن ڏينهن کانپوءِ ٻار خودبخود انهن ڪهاڻين کي پڙهڻ جي قابل ٿي ويندا. ان کانپوءِ تحليل ۽ تجزيي جي مدد سان لفظن ۽ پوءِ انهن جي آوازن جي سڃاڻپ ڪرائجي. هي سکيا جو طريقو نون تعليمي طريقن مطابق بلڪل پورو آهي.

**خوبيون :-**

١- "ڏسو ۽ چئو" قسم جا طريقا، جيئن ٻولي پڙهڻ، تحليلي طريقي

جا قسم- لفظن وارو، جملن وارو ۽ آکاڻيءَ وارو آهن. اهي سڀ ٻارن لاءِ وڏيڪ دلچسپ ٿين ٿا.
٢- ٻار جي واڌاري جي رفتار تمام تکي نظر اچي ٿي. ٻار جلدي جملي ڳالهڻ ۽ آکاڻي پڙهڻ جهڙو ٿي وڃي ٿو.
٣- ٻار ۾ خود اعتمادي پيدا ٿئي ٿي.

**خاميون :-**

١- لفظ، جملو يا آکاڻي پڙهڻ وقت جيڪو جوش جذبو پيدا ٿي وڃي ٿو، اهو ان وقت ٿڌو ٿيو وڃي، جڏهن آکاڻيءَ کي جملن ۾، جملن کي لفظن ۾ ۽ لفظن کي آوازن ۾ پڇي انهن جو تحليلي مطالعو ڪيو وڃي ٿو.
٢- اڪثر ٻار جملن، فقرن ۾ آيل لفظن - آوازن جي سڃاڻپ کانسواءِ اُهي سڄي جا سڄا ياد ڪريو ڇڏين.
نتيجو اهو ٿو نڪري جو لفظن ۽ انهن جي هِجي جي سڃاڻپ ڪانئن چڱيءَ طرح نٿي ٿئي.
٣- ٻارن جي نون لفظن پڙهڻ ۽ ڳالهڻ جي صلاحيت نٿي وڌي.
٣- ٻارن جي صورتخطي ڪچي رهي ٿي.

**مروجه طريقو**

اسان وٽ اسڪولن ۾ شروع کان وٺي گهڻي وقت تائين الف -ب وارو طريقو رائج رهيو. پوءِ مغربي ملڪن ۾ "ڏسو ۽ چئو" طريقو جنهن کي ٻوليءَ پڙهڻ جو "سڌو طريقو" (Direct Method) چيو ويو، رواج هيٺ آيو. تہ سال ١٩٣٠ع ۾ ان طريقي پٽاندر ٻاراڻي ڪتاب (پرائيمر) ۾ اسان وٽ بہ لفظن جي سامهون تصويرون ڏيڻ ۾ آيون ۽ لفظن وارو طريقو شروع ٿيو ۽ پوءِ سال

۱۹٦۲ع کان جملن جي طريقي تي جوڙيل "پهريون ڪتاب" اسڪولن ۾ رائج ٿيو. سال ۱۹۷۵ع کان اسان جا پرائمري اسڪول سنڌي پاڙهڻ جو هڪ گڏيل طريقو استعمال ڪري رهيا آهن. جنهن ۾ ڪجهه خاصيتون الف - ب واري طريقي جون شامل آهن، ۽ ڪجهه "ڏسو ۽ چئو" واري "سڌي" طريقي جون. پهرين پرائيمر (پاراٺي ڪتاب) جي شروعات با تصوير الف ب جي حرفن، ان کان پوءِ آوازن جي ڪڪ ۽ پوءِ جملن سان ٿئي ٿي. جيڪي "چئو - ڏسو" طريقي سان پڙهايا وڃن ٿا. سنڌيءَ جي مخصوص رسم الخط سبب "پڙهڻ" سيکارڻ جي ڪم کي آسان بنائڻ جي سخت ضرورت محسوس ٿي. جنهن جي پورائي لاءِ ڪن تعليمي ماهرن انجو بنياد ابجدي، صوتي ۽ تحليلي ٽنهي طريقن تي رکيو آهي، ۽ ان ۾ ٽنهين جي خوبين کي گڏيو ويو آهي. سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو نئون سنڌي پرائيمري (پاراٺو ڪتاب) هن طريقي موجب لکيو ويو آهي. ڪتابن جي آخر ۾ "استاد لاءِ هدايتون" جي عنوان هيٺ، ان جي تدريسي استعمال بابت هيٺيون چار هدايتون ڏنيون ويون آهن :-

۱- ٻوليءَ ۾ ننڍي ۾ ننڍو مڪمل جزو "جملو" آهي، پر ٻار ٻولي آوازن ذريعي سکن ٿا. ان ڪري هي پاراٺو ڪتاب اکر ۽ آوازن واري طريقي تي رٿيو ويو آهي. البت هن ڪتاب جي پڙهڻ ۽ لکڻ جو "سڌو رستو" جملن سان شروع ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي منڍ ۾ جيڪا الف - ب جي رنگين تختي ڏنل آهي. ان ڪري مشاهدي بعد الف - ب ۽ آوازن جي پٽي شاگردن کي ڪتاب جي شروعات ڪرڻ کان اڳ ۾ سيکارڻي آهي.

۲- اسان جي اسڪولن ۾ پڻ استاد شاگردن کي اکرن واري طريقيسان پڙهائين ٿا.

٣- اوائلي سبقن ۾ خاص طرح جملن جي امدادي لفظن (هي آهي ۽ آهن وغيره) جي لکڻ تي بنهه نه ۽ سڃاڻڻ تي بلڪل ٿورو زور ڏنو آهي. اهي لفظ بار بار پڙهڻ ۽ ڏسڻ سان اڳتي هلي، پاڻ ازخود بنيادي لفظ ۽ ان جي آوازن جي پڙهڻ ۽ لکڻ تي ٿيخاص زور ڏنو آهي، سکي ويندا.

٤- جيئن ته هيءَ ڪتاب بنيادي اهميت رکي ٿو، ان ڪري ان جي ڪامياب پڙهائيءَ تي، استاد جيتري محنت ڪندو، اوترو ان مان ڪيس ۽ ٻارن کي فائدو حاصل ٿيندو.

**علمي اهميت ۽ فائدا** :- هن طريقي جي پنجن مرحلن مان هرهڪ جي مطالعي بعد ان جي اهميت ۽ افاديت جو اندازو لڳائڻ آسان ٿي پوي ٿو. لفظ مع جملو واري مروج طريقي کي ارڪاني طريقو به سڏيو وڃي ٿو. هي طريقو سنڌي ٻوليءَ جي مخصوص رسم الخط سبب پيدا ٿيندڙ مشڪلاتن کي ذهن ۾ رکي پڙهڻ سيکارڻ جي ڪم کي وڌيڪ آسان ۽ اثرائتي بنائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. هن طريقي جي آزمائش مان حاصل ٿيل نتيجن کي تسلي بخش سمجهي هن کي رائج ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت هن تدريسي طريقي جو بنياد سکيا جي بنيادي اصولن ۽ نفسياتي گهرجن تي رکيو ويو آهي. ان ڪري قديم ۽ جديد تدريسي طريقن جو هڪ اهڙو ميلاپ آهي، جنهن مان نهايت ڪارائتا نتيجا نڪرن ٿا.

ان ڪانسواءِ پهرئين ڪلاس جو پرائيمر پڻ هن تدريسي طريقي تي تيار ڪيل آهي. تنهنڪري ابتدائي سطح تي هي تدريسي طريقو نهايت ڪارائتو ۽ اهميت وارو آهي. جنهن ۾ ٻولي سکڻ جون مڙئي مهارتون سيکارڻ لاءِ هڪجهڙو بندوبست ٿيل آهي. هن طريقي مان هيٺيان فائدا حاصل ٿين ٿا:-

١-هي طريقو تحقيق، تجربي ۽ نتيجن تي ٻڌل هئڻ سبب آسان ۽ اثرائتو آهي.
٢- نفسياتي گهرجن ۽ تدريسي اصولن تي مبني هئڻ ڪري ٻار سکيا ۾ دلچسپي وٺي ٿو ۽ آسانيءَ سان گهربل مهارتون حاصل ڪري وٺي.
٣- ٻار کي سکيا جي عمل ۾ وڌيڪ حواسن استعمال ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ سکڻ وقت "ڏسو ۽ چئو" — جهڙن سونهري اصولن تي سکڻ سان لفظن جي سڃاڻپ، تلفظ، ڳالهائڻ ۽ ادائگيءَ جي تربيت گڏوگڏ ٿيندي رهي ٿي ۽ نون لفظن پڙهڻ جي قابل ٿي وڃن ٿا.
٤- پڙهڻ سکڻ سان گڏ لکڻ سکڻ جو بنياد قائم ٿيو وڃي. جنهن ۾ پختگي پيدا ڪرڻ لاءِ لفظ جي مختلف آوازن جي ڌار ڌار صورتن اُچارڻ ، لکڻ ۽ ان جي مڪمل ٿيڻ بعد ٻار پڙهڻ ۽ لکڻ جي اهليت جلدي حاصل ڪري وٺن.
٥- هن طريقي سان وقت جو بچاءُ ۽ سکيا ديرپا ۽ پختي ٿئي ٿي.
٦- ٻار جو اعتماد وڌي ٿو.

## پڙهڻ جا مسئلا

### (الف) لفظن جي ذخيري جي اهميت :-

پڙهڻ سيکارڻ جو هڪ اهم مقصد اهو به آهي تہ ٻارن جي لفظن جي ذخيري ۾ واڌارو اچي. جيئن هو عبارت پڙهڻ سان گڏ ان جو مطلب بہ سمجهي سگهن ۽ نون لفظن جي معنيٰ ۽ مطلب سمجهڻ ۾ رنڊڪ ثابت نہ ٿئي ۽ هو جڏهن ڪنهن موضوع تي ڳالهائڻ چاهين تہ لفظن جي ٿورائي سندن خيالن جي اظهار ۾ رڪاوٽ نہ

ٻڌجي. لفظن ۾ انهن جي معلومات ۾ گهاٽو تعلق آهي. ٻار جڏهن
ڪو نئون لفظ سکي ٿو تہ هن جي ڄاڻ ۾ واڌارو اچي ٿو. ڄاڻ
وڌڻ سان گڏ ٻار جي لفظن جي ذخيري ۾ پڻ واڌ اچي ٿي.
شروعات ۾ ٻار اهڙن لفظن کي سمجهي ٿو، جيڪي مادي شين
سان لاڳاپيل هوندا آهن. ان کان پوءِ انهن سان اڻ لاڳاپيل تصوراتي
لفظن جو وارو اچي ٿو. جن جي ڄاڻ هن کي آهستي آهستي انهن
جي استعمال ذريعي ٿئي ٿي.

ٻارن لاءِ لفظ ٽن قسمن جا ٿي سگهن ٿا:

١- اڻ ڄاتل لفظ :- اهڙا لفظ جي ٻارن اڳ ڪڏهن نہ ٻڌا هجن.

٢- ڄاتل لفظ :- اهڙا لفظ جي ٻارن ٻڌا آهن يا سندن نظر مان
گذريا آهن، پر انهن جي معنيٰ متعلق ڄاڻ نٿا رکن.

٣- درست لفظ :- اهڙا لفظ جن جي معنيٰ ۽ استعمال کان ٻار
چڱيءَ ريت واقف هوندا آهن.

ٻارن جي لفظن ۾ واڌ آڻڻ لاءِ استاد کي ڄاتل ۽ اڻ ڄاتل لفظن
جي مرحلن کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. ڇو تہ هڪدم تمام گهڻن
نون لفظن سيکارڻ ۾ ڪيترين ئي مشڪلاتون آڏو اچن ٿيون.
هڪ سٺي درسي ڪتاب جي تاليف ۾ هن ڳالهہ جو خاص خيال
رکيو ويندو آهي، تہ ٻارن جي لفظن جي ذخيري ۾ واڌارو مرحليوار
اچي ٿو ۽ ٻارن کي هڪ ئي صفحي يا هڪ ئي سبق ۾ تمام گهڻا
نوان لفظ سکڻا نہ پون.

بي ڳالهہ جيڪا استاد کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي، اُها هيءَ
آهي، تہ ٻار جيڪو بہ نئون لفظ سکي، ان جي مفهوم ۽ ڪتب آڻڻ
جو موزون ۽ درست طريقو چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪري. اهڙن
لفظن جي رڳو معنيٰ ياد ڪرڻ سان انهن جي استعمال جو ڏانءُ
حاصل نٿو ٿي سگهي ۽ نہ وري انهن لفظن کي چڱيءَ طرح ادا
ڪري سگهي ٿو.

# پڙهائڻ لاءِ مختلف مشغوليون

١- استاد نون لفظن جو تصور انهن جي استعمال رستي ڏئي.
٢- اُهي نوان لفظ جيڪي استعمال ڪرڻ ذريعي بيان ڪرڻ ڏکيا هجن، استاد انهن جا ساڳئي معنيٰ وارا لفظ ٻڌائي جملن ۾ چڱيءَ طرح استعمال ڪرائي ۽ پوءِ ڪيس ٻارن کان اهڙا جملا ٺهرائڻ گهرجن، جن ۾ هو انهن جو موزون استعمال ڪري سگهن.
٣- استاد نوان لفظ بورڊ تي لکي جيئن ٻار اُهي پنهنجي ڪاپين ۾ لکن.
٤- ٻارن ۾ نون لفظن جي فهرست تيار ڪرڻ جي عادت وڌي وڃي ٿي. هو جڏهن ــ نوان لفظ پڙهن، تہ پنهنجي ڪاپين ۾ نوٽ ڪن. پائي جا ٣، ٣ انچن جا ڪارڊ تيار ڪري، هڪ دٻي ۾ رکيا وڃن، جن تي هڪ پاسي لفظ هجي ۽ ٻئي پاسي ان جو جملي ۾ استعمال هجي. جيڪڏهن ٻار روزانو فقط پنج ڪارڊ بہ تيار ڪري، تہ ٿوري وقت اندر هن وٽ لفظن جو وڏو ذخيرو گڏ ٿي ويندو. هيءَ مشق چوٿين ۽ پنجين ڪلاس جي ٻارن لاءِ نهايت ڪارائتي ٿيندي. اهڙن ڪارڊن کي الف - ب جي ترتيب سان دٻي ۾ رکجي ۽ ٻار ان کي باقاعدگيءَ سان ڏسندا رهن،تہ جيئن اُهي سندن ياداشت ۾ رهن.
٥- ٻارن ۾ مطالعي جي عادت وڌي وڃي :- مطالعي لاءِ ڪافي ڪتاب مهيا ڪيا وڃن، جيئن ٻارن جي لفظن جي ذخيري ۾ اضافو ٿئي.
٦- تعليمي تاش ۽ لفظ سازيءَ واريون رانديون لفظن جي ذخيري ۾ اضافي ڪرڻ لاءِ نهايت مفيد آهن. لفظ جا واحد، جمع ، مذڪر، مؤنث ٺاهڻ ۽ آسان جملن ۾ انهن جو استعمال ڪرڻ انهيءَ جون مشقون، چوٿين ۽ پنجين ڪلاس جي ٻارن لاءِ مفيد ۽ دلچسپ

ثابت ٿي سگهن ٿيون.

**پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي اهميت :-**

پڙهڻ ۾ جنهن شيءِ کي سڀ کان وڌيڪ اهميت حاصل آهي، سا آهي عبارت جو سمجهڻ. سمجهڻ سبق جو روح آهي. جيڪڏهن ٻار مطلب سمجهڻ کانسواءِ نثر يا نظم جو ٽڪر پڙهن ٿا ته ان جو فقط پڙهڻ ڪيترو به معياري ڇو نه هجي، اهو لفظن جي ادائگي ٿي سڏبو. پڙهڻ جو مطلب ته اهو آهي ته ٻار جيڪي پڙهن نه رڳو اهو پنهنجي زبان سان ادا ڪري سگهن، پر ان جو مطلب به سمجهن ان لاءِ نه فقط لفظن جي معنيٰ سمجهي سگهن، پر انهن جي درست استعمال جي ڄاڻ به اچڻ کپي. ٻارن جي سمجهڻ جي جيتري مهارت بهتر هوندي، ٻارن لاءِ پڙهڻ ۽ پڙهيل مهارتن مان فائدو وٺڻ اوترو آسان ثابت ٿيندو. نون ڪتابن جي مطالعي ۾ پڻ سهوليت ٿيندي.

**پڙهڻ جي رفتار وڌائڻ جي ضرورت :-**

**(روانيءَ سان پڙهائڻ جي ضرورت)**

سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ سبب، هاڻي هر شخص ۾ تيز رفتاريءَ جو احساس پيدا ٿي ويو آهي. ترقيءَ جو راز هن ڳالهه ۾ سمايل آهي ته گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾ وڌ کان وڌ ڪم ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪئي وڃي. جيئن ته زندگيءَ جي سيني شعبن ۾ رفتار جو احساس نمايان آهي، انڪري ضروري آهي ته اسين پڙهڻ ۾ به رفتار جو خيال رکون. ڇاڪاڻ ته علم تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. جهڙيءَ طرح علم ۽ ڪتاب دنيا ۾ اڄ موجود آهن، اهڙيءَ طرح اڳ موجود نه هئا ۽ سمجهيو وڃي ٿو ته ڏهه سال پوءِ علم جي دنيا ۾ اڃا به واڌارو ايندو. دنيا جي ساٿ ڏيڻ لاءِ اسان تي لازم ٿيندو، ته اسين به پنهنجي پڙهڻ جي رفتار جو

جائزو وٺون ۽ ان کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪريون.

انسان جي ڳالهائڻ جي رفتار، اڪين سان ڏسي عبارت پڙهڻ جي رفتار کان هميشه گهٽ ٿيندي آهي. انڪري رفتار وڌائڻ جو پهريون اصول هيءُ آهي ته ٻار جڏهن پنهنجي منُهنَ مطالعو ڪندا هجن، ته هو پنهنجا چپ نه چورين ۽ نه ئي زبان چورين، سواءِ ان حالت جي جڏهن ڪا عبارت ڪنهن کي پڙهي ٻڌائڻ مقصود هجي، يعني ٻار مطالعي هيٺ عبارت کي فقط اکين سان پڙهي ۽ ڳالهائڻ جي عضون جي دخل اندازيءَ کانسواءِ اکين ۽ ذهن جو سڌو ڳانڍاپو قائم ڪري. اک جيڪي ڏسي، ذهن ان جو مطلب سمجهندو وڃي.

تيز رفتاريءَ جي دور ۾ پڙهڻ جي رفتار کي تيز ٿيڻ گهرجي. اها مڪمل حقيقت آهي ته ٻار هڪجهڙيءَ رفتار سان نثا پڙهن، نه وري هر هڪ ڪتاب کي ساڳيءَ رفتار سان پڙهي سگهجي ٿو. موضوع ۽ مطالعي جي مواد مطابق رفتار کي گهٽائڻو ۽ وڌائڻو پوي ٿو. موضوع ڏکيو ۽ اڻ وڻندڙ هوندو ته پڙهڻ جي رفتار گهٽجي ويندي، پر جي ڪتاب سولو ۽ ان جا موضوع دلچسپ هوندا ته ان جي رفتار تيز ٿي ويندي. اخبار، رسالي، ڪهاڻي، افساني ۽ ناول وغيره کي پڙهڻ جي رفتار ڪنهن علمي ۽ درسي ڪتاب جي پڙهڻ جي مقابلي ۾ بهرحال تيز هوندي.

پڙهڻ جي رفتار معلوم ڪرڻ تمام آسان آهي. پڙهڻ شروع ڪرڻ کان پهريائين اهو اندازو ڪرڻ گهرجي ته هر صفحي ۾ ڪيترين سٽون آهن ۽ هر هڪ سٽ ۾ اٽڪل ڪيترا لفظ آهن. مثال طور جيڪڏهن ڪتاب ۾ هر هڪ صفحي ۾ پندرهن سٽونَ آهن ۽ هر هڪ سٽ ۾ اٽڪل ڏهه لفظ آهن، ته هر صفحي ۾ اٽڪل ١٥٠ لفظ ٿيا. ان کانپوءِ پڙهڻ وقت ٻار پنهنجو وقت نوٽ

ڪري يا استاد واچ جي مدد سان ٻار جي پڙهڻ جي رفتار جو تخمينو لڳائي. مثال طور هڪ ٻار ۷۵۰ لفظ ۵ منٽن ۾ پڙهيا تہ انهيءَ ٻار جي پڙهڻ جي رفتار ۱۵۰ لفظ في منٽ ٿي. پڙهڻ جي رفتار کي وڌائڻ لاءِ ضروري آهي تہ سندن پڙهڻ جي روش ۾ تبديلي آڻجي.ڪين ائين سمجهڻ گهرجي، تہ ڪوشش ۽ مشق سان اها رفتار وڌي سگهي ٿي.

**پٺتي پيل ۽ سست ٻارن جون مشڪلاتون ۽ انهن جو حل :-**

پٺتي پيل ۽ سست رفتار سان پڙهندڙ ٻارن جي لفظن جو ذخيرو محدود هوندو آهي، ۽ انهيءَ ڪري‌ ہ سندن پڙهڻ جي رفتار گهٽ هوندي آهي. اهڙن ٻارن کي هيٺين درجي جا ڪتاب پڙهڻ ۾ ڏکيا لڳندا آهن ۽ هو ٻين جي سهاري يا مدد کان سواءِ پڙهي نہ سگهندا آهن. هيٺين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ کانپوءِ انهن جي مشڪلات جو حل تلاش ڪري سگهبو: جسماني ڪمزوري جسماني صحت جو پڙهڻ جي مهارت سان گهاٽو تعلق آهي. مريض يا ڪمزور ٻار گهڻي ـ دير تائين ڪتاب ۾ ڌيان ڏئي نہ سگهندو. هيٺيون ڳالهيون ٻارن جي پڙهڻ جي مهارت تي اثر انداز ٿين ٿيون.

**اکين جي ڪمزوري:** ان لاءِ لازمي آهي تہ جيڪي ٻار پڙهڻ ۾ ڪمزور هجن، انهن جي اکين جي چڪاس ڪرائي وڃي.

**ٻڌڻ جي ڪمزوري :** چڱي نموني پڙهڻ جو دارومدار ٻارن جي ٻڌڻ تي بہ منحصر آهي. جيڪڏهن ٻار چڱيءَ طرح ٻڌي نہ سگهندا تہ پڙهڻ ۾ بہ پوئتي پئجي ويندا. اهڙن ٻارن جي ڪنن جي چڪاس ڪرائڻ گهرجي.

**ڳالهائڻ ۾ هٻڪ :-** جيڪڏهن ڪي ٻار ڳالهائڻ ۾ هٻڪ محسوس ڪندا آهن، تہ اها هٻڪ سندن پڙهڻ تي اثرانداز ٿئي ٿي. ايستائين جو خاموش خوانيءَ جي وقت بہ ان جو اثر پوي ٿو.

اڪثر ان سان ٻار وڏيڪ الجهن ۾ پون ٿا ۽ ذهني طور احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿين ٿا.

**هٿن ۽ نظرجي ناموافقت :-** ڪي ٻار پڙهڻ وقت ساڄي هٿ سان سٽن تي آڱر رکندا هلندا آهن ته نظر کاٻيءَ اک جي ڪندا آهن. ڪي وري کاٻي هٿ جي آڱر سٽن تي رکندا آهن ۽ نظر ساڄيءَ اک جي ڪندا آهن، ان ڪري انهن جي پڙهڻ جي رفتار گهٽجي ويندي آهي.

**ذهني ڪمزوري :-** انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪو نه آهي ته ذهانت جو پڙهڻ تي گهاٽو اثر آهي. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته ذهين ٻار پڙهڻ ۾ تمام تيز ٿيندا آهن.

**جذباتي انتشار :-** جذباتي طور جيڪڏهن ٻار الجهن ۾ ڦاٿل آهي ته هو پڙهڻ جي ميدان ۾ پين دوستن کان پٺتي رهجي ويندو.اڪثر ڪري ٻار گهرو ماحول جي مجبورين ڪري جذباتي انتشار ۾ ورتل هوندو آهي. اهو ماحول ئي ڪيس ضدي، نڙ، تيسر، ڪانئر، روئڻو پين کان ڪناره ڪشي ڪندڙ (ٿهندڙ) بنائيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون اسڪول جي ماحول يا استاد جي طرز عمل کان به پيدا ٿي پونديون آهن.

**سماجي خرابيون :-** معاشري ۾ ڪي اڻ وڻندڙ حالتون هونديون آهن، جيڪي ٻارن جي پڙهڻ تي اثر انداز ٿين ٿيون. ۽ ان جي نتيجي ۾ ٻار پوئتي رهجي وڃي ٿو. سماجي ماحول ۾ جهالت هوندي آهي. يا جتي ٻارن جا مائٽ اڻ پڙهيل هوندا آهن ته اتي ٻارن جي تعليم گهٽي نقصان جو شڪار ٿئي ٿي.

**تعليمي طريقا :-** پڙهڻ سيکارڻ لاءِ ناقص ۽ پراڻا طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا. جنهنڪري ٻارن کي پڙهڻ وقت ماحول سازگار نٿو ملي، ان سبب ڪري هو ڪمزور رهن ٿا. تنهن کان سواءِ هر هڪ درجي يا ڪلاس ۾ شاگردن جي گهڻي تعداد ۽ ناتجربيڪار

ڪري يا استاد واچ جي مدد سان ٻار جي پڙهڻ جي رفتار جو تخمينو لڳائي. مثال طور هڪ ٻار ۷۵۰ لفظ ۵ منٽن ۾ پڙهيا ته انهيءَ ٻار جي پڙهڻ جي رفتار ۱۵۰ لفظ في منٽ ٿي. پڙهڻ جي رفتار کي وڌائڻ لاءِ ضروري آهي ته سندن پڙهڻ جي روش ۾ تبديلي آڻجي.ڪين ائين سمجهڻ گهرجي، ته ڪوشش ۽ مشق سان اها رفتار وڌي سگهي ٿي.

**پنجين پيل ۾ سست ٻارن جون مشڪلاتون ۽ انهن جو حل :-**

پنجين پيل ۾ سست رفتار سان پڙهندڙ ٻارن جي لفظن جو ذخيرو محدود هوندو آهي، ۽ انهيءَ ڪريءِ سندن پڙهڻ جي رفتار گهٽ هوندي آهي. اهڙن ٻارن کي هيٺين درجي جا ڪتاب پڙهڻ به ڏکيا لڳندا آهن ۽ هو ٻين جي سهاري يا مدد کان سواءِ پڙهي نه سگهندا آهن. هيٺين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ کانپوءِ انهن جي مشڪلات جو حل تلاش ڪري سگهبو: جسماني ڪمزوري جسماني صحت جو پڙهڻ جي مهارت سان گهاٽو تعلق آهي. مريض يا ڪمزور ٻار گهڻي وقت تائين ڪتاب ۾ ڌيان ڏئي نه سگهندو. هيٺيون ڳالهيون ٻارن جي پڙهڻ جي مهارت تي اثر انداز ٿين ٿيون.

**اکين جي ڪمزوري:** ان لاءِ لازمي آهي ته جيڪي ٻار پڙهڻ ۾ ڪمزور هجن، انهن جي اکين جي چڪاس ڪرائي وڃي.

**ٻڌڻ جي ڪمزوري :** چڱي نموني پڙهڻ جو دارومدار ٻارن جي ٻڌڻ تي به منحصر آهي. جيڪڏهن ٻار چڱيءَ طرح ٻڌي نه سگهندا ته پڙهڻ ۾ به پوئتي پئجي ويندا. اهڙن ٻارن جي ڪنن جي چڪاس ڪرائڻ گهرجي.

**ڳالهائڻ ۾ هٻڪ :-** جيڪڏهن ڪي ٻار ڳالهائڻ ۾ هٻڪ محسوس ڪندا آهن، ته اها هٻڪ سندن پڙهڻ تي اثرانداز ٿئي ٿي. ايستائين جو خاموش خوانيءَ جي وقت به ان جو اثر پوي ٿو.

اڪثر ان سان ٻار وڏيڪ الجهن ۾ پون ٿا ۽ ذهني طور احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿين ٿا.

**هٿن ۽ نظرجي ناموافقت :-** ڪي ٻار پڙهڻ وقت ساڄي هٿ سان سٽن تي آڱر رکندا هلندا آهن ته نظر کاٻيءَ اک جي ڪندا آهن. ڪي وري کاٻي هٿ جي آڱر سٽن تي رکندا آهن ۽ نظر ساڄيءَ اک جي ڪندا آهن، ان ڪري انهن جي پڙهڻ جي رفتار گهٽجي ويندي آهي.

**ذهني ڪمزوري :-** انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪو نه آهي ته ذهانت جو پڙهڻ تي گهاٽو اثر آهي. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي ته ذهين ٻار پڙهڻ ۾ تمام تيز ٿيندا آهن.

**جذباتي انتشار :-** جذباتي طور جيڪڏهن ٻار الجهن ۾ ڦاٿل آهي ته هو پڙهڻ جي ميدان ۾ ٻين دوستن کان پٺتي رهجي ويندو.اڪثر ڪري ٻار گهرو ماحول جي مجبورين ڪري جذباتي انتشار ۾ ورتل هوندو آهي. اهو ماحول ٻئي ڪيس ضدي، نٽر، تيسر، ڪانئر، روئڻو ٻين کان ڪناره ڪشي ڪندڙ (ٿهندڙ) بنائيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون اسڪول جي ماحول يا استاد جي طرز عمل کان به پيدا ٿي پونديون آهن.

**سماجي خرابيون :-** معاشري ۾ ڪي اڻ وڻندڙ حالتون هونديون آهن، جيڪي ٻارن جي پڙهڻ تي اثر انداز ٿين ٿيون. ۽ ان جي نتيجي ۾ ٻار پوئتي رهجي وڃي ٿو. سماجي ماحول ۾ جهالت هوندي آهي. يا جتي ٻارن جا مائٽ اڻ پڙهيل هوندا آهن ته اتي ٻارن جي تعليم گهڻي نقصان جو شڪار ٿئي ٿي.

**تعليمي طريقا :-** پڙهڻ سيکارڻ لاءِ ناقص ۽ پراڻا طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا. جنهنڪري ٻارن کي پڙهڻ وقت ماحول سازگار نٿو ملي، ان سبب ڪري هو ڪمزور رهن ٿا. تنهن کان سواءِ هر هڪ درجي يا ڪلاس ۾ شاگردن جي گهڻي تعداد ۽ ناتجربيڪار

استادن جي موجودگي به پڙهڻ جي مهارت کي ڏک هڻي ٿي.

**اُپاءُ** :- سڀ کان پهريائين ٻارن جي ڪمزوريءَ جا سبب معلوم ڪيا وڃن. ان بعد استاد کي گهرجي ته هو ذاتي مشاهدي، آزمائش ۽ ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي مددگار شين جي ذريعي ٻارن جي تدريسي مشڪلات کي دور ڪري. جيڪڏهن ٻار جسماني طور ڪنهن مرض ۾ مبتلا آهي ته ان لاءِ ڪنهن ماهر ڊاڪٽر کان ٻار جي چڪاس ڪرائي، سندس علاج لاءِ مائٽن کي مشورو ڏجي، پر جيڪڏهن هو ماحول کان تنگ اچي پڙهڻ کان نٽائي ٿو، ته پوءِ سندس مائٽن سان لهه وچڙ ۾ اچي ۽ ٻار بابت معلومات حاصل ڪري پوءِ ان مشڪل کي ٽارڻ جي جيڪا ڪوشش ٿي سگهي اُها ڪجي. پڙهڻ جي سلسلي جون معياري آزمائشون مرتب ٿيل ڪو نه آهن، جنهن ڪري ٻارن جو صحيح اندازو لڳائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي ۽ سندن ڪمزوريءَ جا سبب معلوم ڪرڻ به ڪٺن ڪم ٿي پيو آهي. تنهن کان سواءِ هڪ وڏو سبب اهو به آهي ته ڪتابن ۾ پڙهڻ جو اجوڳو مواد رکيل آهي. جيڪو ٻارن کي تنگ ڪريو ڇڏي. هو پڙهڻ کان باغي ٿيو پون. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته اسڪولن اندر رهنمائي ۽ اصلاح جو خاص بندوبست ڪيو وڃي.

**اصلاحي تدريس** :- پڙهائي جي اصلاح جي سموري جوابداري استاد تي عائد ٿئي ٿي. هڪڙو لائق استاد پڙهڻ جي فن ۾ تربيت يافته هجي، سو ٻارن جي ڪمزور پڙهڻ کي پنهنجي تدبيرن سان ٻارن کي تيار ڪري سگهي ٿو. ان استاد ۾ حوصلو ۽ پڪو ارادو هجي ۽ ٻارن جي اصلاح جو ڀرپور جذبو رکندڙ هجي. اُن استاد کي ٻارن جي مسئلن جي پوري پوري ڄاڻ هجي. هو همدرد، مخلص ۽ محنتي هجي. پڙهڻ جي دشوارين کي چڱي پر ڄاڻي ۽ انهن کي

سلجهائي سگهي. جيڪي ٻار تمام گهڻا ذهين هجن، انهن تي انفرادي طور توجهه ڏئي.

ترقي يافته ملڪن ۾ پڙهڻ لاءِ اسڪولن اندر هڪڙو شعبو کوليو ويندو آهي، جيئن سست ٻارن کي اڳتي وڌائي سگهجي. ان شعبي اندر ٻارن جي چڪاس جو بندوبست به ڪيل هوندو آهي ۽ اهڙا اوزار به موجود هوندا آهن، جن جي مدد سان ٻارن ۾ سمجهڻ جي مهارت ۽ پڙهڻ جي رفتار کي وڌائڻ ۾ مدد ملندي آهي.

**لغت جو استعمال** :- لفظن جي ذخيري جي موضوع تي بحث ڪندي، لغت جي استعمال جي اهميت جو ذڪر ٿي چڪو آهي. ان ڪري ٻار کي لغت جي استعمال جو عادي بنائڻ لاءِ اهو ضروري آهي، ته ٻارن جي معيار مطابق ٻوليءَ جي لغت مرتب ڪئي وڃي. هن وقت سنڌيءَ جي اهڙي ڪابه لغت ڪر نه آهي، جيڪا ٻارن جي ڪم اچي، پر استادن کي گهرجي ته هو چوٿين يا پنجين ڪلاس جي ٻارن کي لغت جو استعمال سيکارين، ته جيئن سندن لفظن جو ذخيرو وڌندو رهي ۽ لفظن جي معنيٰ مطلب کان هو مطمئن ٿي سگهن.

**مضمونن جي فهرست جو استعمال :**

مضمونن جي فهرست هڪ اهڙي آرسي آهي، جنهن ۾ سڄي ڪتاب جي سبقن جي عنوانن جو عڪس ڏسڻ ۾ ايندو آهي. استاد کي گهرجي ته هو ٻارن کي مضمونن جي فهرست جي اهميت کان آگاهه ڪري ۽ اُن جي فائدن تي روشني وجهي. مضمونن جي فهرست مان نه صرف اها خبر پوي ٿي ته هن ڪتاب ۾ ڇا لکيل آهي، پر اها به خبر پوي ٿي ته اُهو مضمون ڪهڙي صفحي تي لکيل آهي. ان ڪري پڙهندڙ کي پنهنجي پسند جي مضمون ڳولڻ ۾ وڏيڪ آساني ٿيندي. اڪثر ڪري استاد ٻارن

ڪي مضمون جي فهرست کان اڳڀاڻ رکندا آهن ۽ ڪين ان جي استعمال جو ڪو ٻہ ڍنگ ڪري نہ پڌائيندا آهن، اهو ئي سبب آهي، جو هو آخري وقت تائين ڪوري جا ڪورا رهندا آهن، ۽ ائين هو هڪ سٺي مهارت کان وانجهيل رهجي وڃن ٿا.

**سٺي پڙهڻ جون خوبيون :-**

سٺي پڙهڻ جي پهرين خوبي اها آهي تہ جڏهن ٻار بلند آواز پڙهي تہ هن جي پڙهڻ جو انداز صحيح هجي، معياري لفظن پڙهڻ سان وقت انهن جا آواز صحيح درست نموني پڙهي. لفظ لفظ الڳ ۽ چٽي طرح ادا ڪري، جئين هر لفظ سهڻي نموني ادا ٿي سگهي.

ٻيو تہ پڙهڻ وقت رواني رکجي. ائين نہ ٿئي، جو ٻار هٻڪي هٻڪي اکر اکر ڪندو پڙهي. باقي جڏهن اهڙي سواليہ يا عجب جي ڪا ڳالهہ هجي تہ ان کي انهيءَ پڙهڻ جي انداز سان ادا ڪري. ائين ڪرڻ سان ڪٿي آواز هيٺ ڪندو ۽ ڪٿي مٿاهون، ڪٿي خوشيءَ جي انداز ۾ بيان ايندو، تہ ڪٿي غم جي‌جذبات سان پيش ڪندو.

ٽيون تہ هر جملي ۾ ٻيهڪ جون نشانيون ڏنل هونديون آهن، جتي دم، اڌ دم، عجب جي نشاني يا سواليہ نشاني هجي، انهن وقفن جو خيال رکجي مطلب تہ جتي جنهن ڳالهہ جي ضرورت هجي اُتي ان کي آڏو رکي پيش ڪري.

مٿين ڳالهين کي خيال ۾ رکڻ سان سٺي پڙهڻ ۾ مدد ملي ٿي. استاد ٻارن جي جذبات ۽ تاثرات کي هڪ جاءِ ڪرڻ لاءِ پنهنجي چهري، آواز يا هٿن وغيره جي اشارن سان ٻارن کي مطالع کان لطف اندوز ڪري سگهي ٿو. ٻار هوندا بہ نقال آهن، تنهنڪري جيڪي استاد کان ڏسندا اهڙي نموني ڪندا. ان ڪري استاد کي گهرجي تہ هو سٺي نموني جي پڙهڻ جون ٻارن

کي مشقوق ڪرائي. بهتر تہ ائين آهي تہ هر ٽيپ ٽيل سٺن استادن جون پڙهڻيون ٻارن جي آڏو پيش ڪري، جيئن ٻار انهن جي پڙهڻ کان متاثر ٿي پنهنجو پڙهڻ بہ سڌاري سگهن.

اڄ ڪلهہ ريڊيو، ٽيليويين تي بہ سٺا پروگرام نشر ٿيندا آهن، ان لاءِ استاد کي کپي تہ ٻارن کي ان کان آگاهہ ڪندو رهي، تہ جيئن ٻار گهر ۾ يا اسڪول ۾ اهڙا پروگرام ٻڌي ۽ ڏسي سگهن. پڙهڻ جي مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ استاد کي گهرجي تہ هو پنهنجي پڙهڻ جي نموني پيش ڪرڻ کان پوءِ ٻارن جا ٽولا ٽولا مقرر ڪري ۽ انهن کان ٿورو ٿورو ٽڪرو سبق جو پڙهي. ڪوشش ڪري سمورن ٻارن جو واري واري سان ٻڌندو رهي تہ جيئن سيني کي موقعو ملي.

ٻيو طريقو اهو بہ آهي تہ ٻار گهر ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪن، اڪثر ڪري ڏسڻ ۾ ايندو آهي، تہ ٻار پنهنجي مُنهن پيا سهڻا سهڻا نظم پڙهندا آهن ۽ انهيءَ ۾ مست ٿي ويندا آهن. ڪي ٻار وري آرسيءَ آڏو بيهي پڙهندا آهن ۽ پيا جهومندا آهن، ڪڏهن تہ هو پنهنجي ٻين ٻائرن ڀينرن کي نهايت سهڻي اسلوب سان پڙهي ٻڌائيندا آهن ۽ چاهيندا آهن تہ سندن اچا بہ وڌيڪ اصلاح ٿي سگهي. ان لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ جن ٻارن جي گهرن ۾ ٽيپ رڪارڊر موجود هجن، سي ٽيپ جي مدد سان پنهنجي اُچار کي درست ڪن ۽ پنهنجن غلطين جو پاڻ مرادو اصلاح ڪن.

# ٣ - مطالعو ۽ اُن جا مسئلا

**اهميت ۽ فائدا :** مطالعي جي اهميت ۽ فائدن جي بيان ڪرڻ کان اڳ اهو بيان ڪرڻ ضروري آهي، تہ مطالعو ڇا کي چئجي ٿو؟ عام واقفيت جي حاصل ڪرڻ لاءِ خيال سان پڙهڻ کي مطالعو چئجي ٿو. پوءِ اهو خاموشيءَ سان ڪجي يا ڏاڍيان ڪجي، گڏجي ڪجي يا اڪيلو ڪجي.

در حقيقت ابتدائي ڪلاسن ۾ سنڌي سيکارڻ جو خاص مقصد هيءُ بہ آهي، تہ ٻارن ۾ مطالعي ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي، ڇو تہ مطالعي کي تعليم ۾ بنيادي حيثيت حاصل آهي، مطالعي کان سواءِ علم جو تصور ئي نا ممڪن آهي. ماڻهو جيتري قدر مطالعي ۾ گهڻو وقت صرف ڪندو اوتري قدر هن جو علم وڌندو. مطالعي جو وڏو ذريعو ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون وغيره آهن. جيڪو شخص مطالعي جي صلاحيت نٿو رکي يا مطالعي جي فن ۽ ان جي مهارت کان بي خبر آهي يا جيڪو مطالعي جو ذوق ۽ شوق نٿو رکي، اُن جو علم ڪچو ۽ ناپختو ٿيندو آهي.

مطالعي جي صلاحيت جو شاگردن جي ڪاميابيءَ سان گهرو لاڳاپو آهي جيڪو شاگرد مطالعي جي فن کان واقف آهي، اهو ڪلاس توڙي امتحان هال ۾ بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري ٿو، ۽ پنهن جي وڏن خيالن ۽ ارادن سان وڏي مرتبي ماڻڻ جي صلاحيت رکي ٿو. مطالعو انساني شخصيت جي اوسر تي بہ اثر وجهي ٿو.اسين جيڪي ڪجهہ پڙهندا آهيون ۽ جهڙيءَ ريت پڙهندا آهيون، اُن سان اسان جي فڪر ۽ عمل جا رستا سڌا سنوان ٿيندا آهن. ۽ اسان جو ڪردار نهندو آهي، ڇو تہ اسان جا خيال، نظريا ۽ تصور سڀ مطالعي کان متاثر ٿيندا آهن. صحت مند

ادب جو مطالعو جيترو قدر ٻارن جي سيرت کي سنوارڻ ۽ شخصيت کي ٺاهڻ ۾ مدد ڏيندو آهي، اوترو قدر بي مقصد ۽ خراب ڪتابن جو مطالعو سندن اخلاق ۽ عادتن کي بگاڙي ڇڏيندو آهي ۽ هنن جي شخصيت تي خراب اثر وجهندو آهي. جيڪڏهن ٻار بهادريءَ، ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ جا قصا پڙهندا، ته هنن جي شخصيت تي سٺو اثر پوندو. ان جي اُبتڙ جيڪڏهن هو اهڙين آکاڻين جو مطالعو ڪندا جن ۾ ڪوڙ، مڪر، فريب ۽ رياڪاريءَ کي اُپاريل هوندو، ته انهن جي شخصيت تي خراب اثر ظاهر ٿيندا.

جڏهن ٻارن ۾ مطالعو هڪ عادت بڻجي وڃي ٿو، ته جيستائين هو روز ٻه ٽي صفحا نه ڏسندو ۽ نه پڙهندو، تيستائين هن کي آرام نه ايندو.هو اها پنهنجي ضرورت ڪتابن، رسالن يا اخبارن جي ورقن مان پوري ڪندو. جڏهن اها عادت پڪي ٿي وڃي ٿي ته اهو اجاين ڳالهين کان پاسو ڪري ٿو. روزانو نئين فڪر ۽ نئين ڳالهه سان پنهنجي عام واقفيت جو لطف ماڻي ٿو ۽ ائين وقت گذرڻ سان هن جي حياتي علم جي زيور سان سينگارجي ٿي، ۽ شخصيت باوقار ٿئي ٿي.

بهر حال مطالعو هڪ نهايت سٺي عادت آهي، جيڪي ٻار مطالعي جا عادي نه ٿيندا آهن، اُهي گهڻو ڪري پنهنجو قيمتي وقت اجاين ۽ بي فائدي سرگرمين ۾ وڃائيندا آهن، پر جيڪي ٻار مطالعي جي اهميت کان واقف هوندا آهن، اهي پنهنجي مطالعي جي شوق ۽ ذوق جي تسڪين لاءِ نون ڪتابن ۽ رسالن جي تلاش ۾ سرگردان هوندا آهن. مطالعي ڪرڻ وارا ٻار اڪثر ڪري سلجهيل، سمجهه وارا ۽ فهم وارا ٿيندا آهن. انهن جي ڄاڻ وسيع، انهن جو

فڪر پختو ٿيندو آهي. مطالعي سان انهن جي سوچ ۽ ويچار جي قوت وڌندي آهي، ۽ انهن جون ذهني صلاحيتون سڌرنديون ۽ اڀرنديون رهنديون آهن. مطلب تہ مطالعي ڪرڻ سان نہ فقط ٻار پاڻ هوشيار ۽ باوقار شخصيت جو مالڪ بڻجي ٿو، بلڪ پنهنجي معاشري، ملڪ ۽ ملت جو پورو پورو خدمتگار ٿئي ٿو.

**مطالعي جا قسم :-** مطالعي جا ڪيترائي قسم آهن. مثلاً بلند ۽ خاموش مطالعو، سرسري مطالعو ۽ غور سان مطالعو، زير نگراني مطالعو ۽ آزاد مطالعو. اهي مطالعي جا قسم پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اهم ۽ ڪارائتا آهن. استاد کي گهرجي تہ هو مطالعي جي انهن سمورن قسمن جي نوعيت، فن ۽ طريقي ڪار کان چڱيءَ طرح واقف ٿئي ۽ تدريسي ضرورتن مطابق ان کي استعمال ڪري.

١- **بلند مطالعو :-** بلند مطالعي مان مراد اها آهي، تہ ٻار ڪنهن بہ عبارت کي بلند آواز سان پڙهي ٻڌائي، بلند آواز پڙهڻ مان ڪيترائي فائدا آهن، جهڙوڪ :- ٻار جو حجاب ۽ هٻڪ ختم ٿئي ٿي، ٻار ۾ پنهنجي مطالعي ۾ ٻين ٻارن کي شريڪ ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. پڙهي ٻڌائڻ سان ٻار ۾ خود نمائيءَ جي جذبي جي تسڪين ٿئي ٿي ۽ هن ۾ اعتماد پيدا ٿئي ٿو. بلند مطالعي مان استاد ٻارن جي پڙهڻ جي خوبين ۽ خامين کان آگاهہ ٿئي ٿو ۽ انهن جي خامين جي اصلاح ڪري سگهي ٿو. پڙهڻ جون اهڙيون مهارتون جن جو تعلق سٺيءَ پرهڻيءَ، سٺي آواز ۽ اثرائتي لهجي سان آهي. سي انهن ۾ پيدا ٿينديون آهن. جڏهين ٻار وڏي آواز سان پڙهندا آهن، تہ انهن جو ذهن مطالعي جي عبارت ۾ هوندو آهي ۽ اُن وقت استاد کي معلوم ٿي سگهي ٿو، تہ اهو واقعي مطالعي ۾ مصروف آهي ۽ پنهنجو وقت ضايع نہ ٿو ڪري.

**طريقي ڪار :-** بلند مطالعي لاءِ استاد کي گهرجي تہ هو پهريائين پاڻ بلند آواز، صحيح اُچار، صحيح لب لهجي سان پڙهڻ جو نمونو پيش ڪري، تہ جيئن ٻار پڙهڻ جو نمونو سمجهي ۽ استاد جي پيروي ڪن. بلند مطالعي جو موزون طريقو اهو آهي تہ استاد ٻارن کي واري سان پڙهائي ۽ هنن جي غلطين جي درستي ڪري. ٻارن کي پڙهڻ دوران ٽوڪڻ ۽ غلطين جي ورجاڻ کان پرهيز ڪجي. پڙهڻيءَ جي پوري ٿيڻ کان پوءِ غلطين کي درست ڪرائجي، تہ جيئن اهي احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا نہ ٿين. وڏي آواز سان پڙهڻ جي لاءِ جيڪڏهن گفتگو وارن سبقن جي چونڊ ڪرائي، پوءِ هڪ ٻار کي پڙهائڻ بدران ٻن ٻارن کان گفتگوءَ جي انداز ۾ پڙهائي ۽ ٻين ٻارن کي ٻڌڻ لاءِ موقعو فراهم ڪجي، تہ اهڙيءَ طرح ٻار پڙهڻ ۾ دلچسپي وٺندا ۽ انهن کي عبارت سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي. اهو بہ ضروري آهي تہ وڏي آواز سان پڙهڻ جي مشق هميشه سڄي ڪلاس کي ڪرائجي پر ڪلاس جي ٻارن کي ننڍين ننڍين ٽولن ۾ ورهائي پوءِ هرهڪ ٽولي کان بلند آواز سان پڙهائجي، تہ اڃا بہ بهتر ٿيندو. ان حالت ۾ استاد کي هڪ جاءِ تي ويهڻ بدران ڪلاس ۾ گهمڻ گهرجي ۽ جائزو وٺڻ گهرجي ۽ انهن جي غلطين جون درستيون ڪرائجن. انفرادي غلطين جون درستيون انفرادي طرح ۽ گروهي غلطين جون درستيون گروهي نموني سان. بلند مطالعي جي مشق لاءِ استاد کي گهرجي، تہ ٻارن کي ڪجهہ سبق جا ٽڪرا بلند آواز سان پڙهڻ لاءِ مقرر ڪري ڏئي، تہ هو ان جي مشق ڪن.

**٢- خاموش مطالعو يا دل ۾ پڙهڻ :-** خاموش مطالعي مان مراد اها آهي تہ شاگرد لکيل عبارت بغير آواز پڙهي، ان جو مفهوم سمجهي سگهي. خاموش مطالعي کي بلند مطالعي جو ضد سمجهيو

رجي ٿو، پر انهن ٻنهي جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. ٻار جيئن عمر ۾ آزمودي ۾ وڌندو رجي، تيئن کيس خاموش پڙهڻ تي هيرائجي. خاموش پڙهڻ ۾ هيٺيان فائدا آهن :-

١- پڙهڻ وقت عبارت جي مطلب تي پوريءَ طرح ڌيان ڏيئي سگهجي ٿو.

٢- ٿوري وقت ۾ گهڻو مطالعو ڪري سگهجي ٿو ۽ مطالعي جو آزمودو وڌي ٿو.

٣- گهڻا ٻار هڪ ئي وقت ساڳئي هنڌ بغير ڪنهن گوڙ جي پنهنجي پنهنجي پسنديءَ جو مواد مطالعو ڪري سگهن ٿا.

٤- خاموش مطالعي ۾ سڪون اچي ٿو ۽ ٻار ٿڪجي نٿو.

٥- نظر کي تربيت ملي ٿي ۽ ان ۾ گهرائي پيدا ٿئي ٿي.

٦- پڙهيل ڳالهه سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچي تي ۽ ياد ڪري سگهجي ٿي.

٧- فڪر جي قوت وڌي ٿي ۽ فهم تيز ٿئي ٿو.

٨- خود اعتماديءَ جو مادو پيدا ٿئي ٿو.

**خاموش مطالعي جو طريقو :-** هونئن تہ خاموش مطالعو شاگرد جو پنهنجو ذاتي فعل آهي، مگر استاد ئي آهي جيڪو هن کي صحيح طريقو ٻڌائي سگهي ٿو. شروعات ۾ ٻارن کي آسان وڻندڙ ۽ موزون مواد پڙهڻ لاءِ ڏجي تہ جيئن هنن ۾ پڙهڻ لاءِ رغبت ۽ دلچسپي پيدا ٿئي.

هيٺين ڪلاسن يعني ٽئين درجي تائين خاموش مطالعي کان پاسوڪجي، پرهيز ڪجي، ڇاڪاڻ تہ اُنهيءَ عمر ۾ ٻارن جي طبيعت ڏادي نازڪ هوندي آهي. تنهنڪري ڏاڍيان پڙهڻ ئي موزون آهي؛ جيئن هنن کي آوازن جي تربيت ملي سگهي. خاموش خواني چوٿين يا پنجين درجي ۾ شروع ڪرائجي. انهيءَ عرصي ۾

ٻارن ۾ ايترو حوصلو پيدا ٿي سگهي ٿو، جو هو زبان ڇورڻ جي بدران اکين ۽ ذهن کي استعمال ڪري سگهن. خاموش خوانيءَ کان پوءِ ان جي مقصد جو حصول ضروري آهي ۽ اهو هيٺئين طريقي سان حاصل ڪري سگهجي ٿو.

١- هڪ ٻه اهم سوال پڇي انهن جا گهربل جواب دريافت ڪجن.

٢- ڪنهن خاص ڳالهه يا حقيقت سمجهائڻ خاطر سبق جي ڪن خاص فقرن ڏانهن ڌيان ڇڪائجي.

٣- خاص لفظن يا اصطلاحن جي چونڊ ڪرائجي.

**سرسري مطالعو :** هن قسم جي مطالعي مان مراد آهي ته شاگرد رٿيل عبارت کي اهڙيءَ ريت پڙهي، جو انهيءَ جو مجموعي مقصد ذهن نشين ڪري ۽ انهيءَ جي پڙهڻ کان پوءِ ٻڌائي سگهي ته ان جون ڪهڙيون ڳالهيون آهن. شاگرد کان سرسري مطالعي مان اها اميد نه ڪرڻ گهرجي، ته هو سڀ ڏکيا لفظ ۽ اصطلاح به سمجهي سگهندو. سڀ ڳالهيون به هو ياد ڪري سگهندو. اخبارن جو مطالعو خاص طرح سان سرسري مطالعي ۾ اچي ٿو. ماڻهو اخبارون ان لاءِ پڙهندا آهن ته وقت جي حالتن کان آگاهه ٿين. ان مطالعي مان واقعن ۽ ڳالهين جي خبر چار پوي ٿي. روزمره جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي ٿو. سرسري يا معلوماتي مطالعي لاءِ ڪتاب ڪافي نه آهن، بلڪ رسالا، اشتهار، خط وغيره خاص ڪري مطالعي ۾ آڻجن پيا. ٻارن ۾ سرسري مطالعي جي عادت وجهڻ لاءِ استاد کي گهرجي، ته ڪنهن خاص موضوع جو انتخاب ڪري يا ڪو عنوان مقرر ڪري. موضوع يا عنوان اهڙو هجي، جنهن بابت مختلف رايا ٿي سگهن يا ڪا حقيقت معلوم ڪرڻي هجي ته اُنهيءَ لاءِ چند موزون ڪتاب تجويز ڪري، جيڪي آسانيءَ سان ملي سگهن. ائين ڪرڻ سان ٻارن ۾ شروعات کان وٺي تحقيقاتي لاڙي ۽

تفتيش ڪرڻ جو مادو پيدا ٿيندو. هنن کي هڪ ٿي مضمون جي ڪيترن ڪتابن پڙهڻ، اٿلائڻ جو موقعو ملندو. جنهنڪري منجهن نہ فقط علمي وسعت پيدا ٿيندي پر سندن تنقيدي مادو پڻ اپرندو ۽ تيز ٿيندو.

**گهرو يا ڳوڙهو مطالعو :-** ڪيترين حالتن ۾ ٻارن کي ڪنهن معلومات هٿ ڪرڻ لاءِ بحث مباحثي ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ ڪافي ڪتابن، اخبارن، مخزنن ۽ لغت جي ڪتابن وغيره کي ڏسڻو پوندو آهي. تعليمي ادارن ۾ ٻارن کي اهڙا موقعا پيدا ڪري ڏيڻ کپن، جيئن هو پنهنجي معلومات کي پختو ڪن ۽ وڌائين. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺيان ذريعا استعمال ڪرڻ گهرجن :

١- لغت جي ڪتابن جو صحيح استعمال جيئن لفظن جون جدا جدا معنائون ۽ صحيح پڙهڻيون معلوم ڪري سگهجن.

٢- ڪتابن جون فهرستون ۽ انهن ۾ اندر مضمونن ۽ بابن جون لسٽون ڏسڻ ۽ پنهنجي مرضيءَ يا ضرورت وارا مضمون ڳولي ڪڍڻ گهرجن.

٣- ڪنهن بہ مضمون لاءِ لائبرريءَ مان ڪتاب هٿ ڪري، انهن جي آخر ۾ ڏنل لسٽن تان موضوع لاءِ مدد حاصل ڪرڻ ۽ ڪن مڙن مضمونن جو تت هٿ ڪري چارٽ ۾ اضافو ڪرڻ سيکارجين.

١- **زير نگراني مطالعو :-** پڙهڻ بہ هڪ هنر آهي، جو عمر، تجربي ۽ تربيت سان پرائي سگهجي ٿو. جيئن عمر ۽ آزمودي ۾ واڌ ٿيندي ويندي، تيئن پڙهڻ جو هنر بہ پڪو ۽ پختو ٿيندو ويندو. استاد جڏهن ٻارن کي پڙهڻ سيکاري ٿو تہ کيس ياد رکڻ گهرجي، تہ سندس مقصد فقط هن کي آوازن ۽ اچارن کان واقف ڪرڻ ناهي، پر کيس پڙهڻ جي اصل مقصد کان آگاهہ ڪرڻو آهي. اگرچہ ان لاءِ ٻار کي پڙهڻ لاءِ بروقت ڪي ابتدائي مرحلا طئي

ڪرائڻا آهن، مثلاً اکرن يا حرفن جي صورت ۽ انهن جي آوازن کي سڃاڻڻ، اُچارن ۽ انهن مان ٺهيل لفظن کي جملن ۾ ادا ڪرڻ وغيره.

زير نگراني مطالعي وقت ٻار جيڪي ڳالهيون سکي ٿو، اهي هيٺيون آهن :-

(الف) پڙهڻ جون مختلف طرزون ۽ ڍنگ (ب) هر هڪ قسم جي پڙهڻ لاءِ مناسب رفتار، (ج) پڙهيل مواد کي ذهن نشين ڪرڻ (د) پڙهڻ جي عادت پيدا ڪرڻ. هن مطالعي وقت نگران استاد تي هيٺيون ذميداريون عائد ٿين ٿيون :

١- هر مرحلي تي ٻار جي لياقتن ۽ صلاحيتن جو جائزو وٺي.

٢-ٻار لاءِ اصلاحي ۽ تفريحي مطالعي جو بندوبست ڪري.

٣- ٻار جي حاصل ڪيل معلومات جو جائزو وٺي. هن جي لاءِ آئندي جي رٿابندي ڪري.

٤- ٻار جو طبعي لاڙو معلوم ڪري انهيءَ مطابق هن جي رهبري ڪري.

**٢ - آزاد مطالعو :-** آزاد مطالعي مان مراد پنهنجي پسند جو ڪو ڪتاب، رسالو، اخبار يا ڪو ٻيو لٽريچر آهي، جنهن کي ويهي غور ۽ ويچار سان پڙهجي، پوءِ اُهو وندر لاءِ ڇو نه ڪٿي هجي. آزاد مطالعي مان اها بہ مراد هوندي آهي تہ اُن مطالعي جي وقت ڪو نگران استاد ڪو نہ هوندو آهي. البت آزاد مطالعي لاءِ اهڙا مضمون پڙهڻ گهرجن، جيڪي صحيح هجن، ۽ جن ۾ اجايو ۽ بيهودو مواد شامل نہ هجي. استادن کي گهرجي تہ ٻارن ۾ پنهنجي منهن پاڻ پڙهڻ جو جذبو پيدا ڪن، جيئن انهن ۾ اهڙي لياقت پيدا ٿئي، جو وڏي هوندي هو سنڌي ۾ لکيل ڪتاب پڙهي ۽ سمجهي سگهن. نثر توڙي نظم جي پروڙ پوين ۽ انهن تي پنهنجي راءِ زني ڪري سگهن. ائين ڪرڻ ڪري ڪين پنهنجي مادري زبان لاءِ عزت

۽ ان جي اهميت جي خبر پوندي ۽ منجهن پنهنجي مادري زبان جي خدمت ڪرڻجو جذبو پيدا ٿيندو ۽ هو اٿين سمجهندا تہ جيڪڏهن مادري زبان جو مطالعو نہ ڪبو تہ پوءِ بنيادي حق ملي نہ سگهندو. تجربي مان معلوم ٿيو آهي تہ آزاد يا پاڻ مرادو مطالعي جي ڪري ٿورو پڙهيل ماڻهو بہ اخبارون، رسالا ۽ مختلف قسمن جا ڪتاب پڙهي سٺي معلومات حاصل ڪري سگهي ٿو.

**٣ - درسي ۽ اضافي ڪتابن جو مطالعو :-** درسي ڪتابن مان مراد اهڙا ڪتاب آهن، جيڪي ڪنهن خاص ڪلاس يا درجي جي شاگردن لاءِ هجن ۽ جن ۾ خاص مضمون مقرر نصاب جي مطابق مرتب ڪيا وڃن.اهڙا ڪتاب ڪلاس اندر پڙهايا ويندا آهن.انهن ڪتابن ۾ ڪيترائي نوان لفظ هوندا آهن، جن جو مفهوم اُتي ئي سمجهيو ويندو آهي.درسي ڪتاب ڪلاس جي معيار مطابق مقرر ڪيو ويندو آهي. ٻارن جون آزمائشون يا اُمتحاني پيپر درسي ڪتابن مان ئي تيار ڪيا ويندا آهن. اهوئي سبب آهي جو ٻار درسي ڪتابن جي مطالعي کي تمام گهڻي اهميت ڏين ٿا.جيڪڏهن ٻار درسي ڪتابن کي غور سان سمجهن، تہ يقيني طور تي سندن علمي صلاحيتن ۾ گهڻو اضافو ايندو.

درسي ڪتاب جي مطالعي جو مطلب اهو نہ آهي، تہ ٻار انهيءَ ڪتاب کي زباني ياد ڪن، پر ان جي معنيٰ ۽ مطلب کي غور سان سمجهن. ان لاءِ ضروري آهي تہ درسي ڪتابن سان گڏو گڏ. مددي ڪتابن جو استعمال ڪيو وڃي. جن مان ٻار فائدو وٺي سگهن ۽ سندن معلومات ۾ وڌيڪ اضافو ٿئي.

**٤ - ٻارن لاءِ مددي ڪتابن جي چونڊ :-**

ان لاءِ ٻارن جي پڙهڻ جي معيار جاچڻ ۽ پڻ سندن دلچسپي کي خيال ۾ رکڻ ضروري آهي. اسان جي ملڪ

۾ ٻارن جي مددي ڪتابن جي کوٽ آهي ۽ ان کي دور ڪرڻ لاءِ ناشرن ۽ مصنفن جي توجهه جي سخت ضرورت آهي. ٻارن جي ادب ۾ هاڻي ڪي معياري ڪتاب به نظر اچي رهيا آهن، پر ٻارن ۾ انهن جي مقبوليت پيدا ڪرڻ لاءِ استاد جو فرض آهي انهن سان ٻارن کي واقف ڪرائي.

**٥- مطالعي لاءِ موزون ماحول ۽ ٽائيم ٽيبل :-**

استادن لاءِ ضروري آهي، ته هو مددي ڪتابن پڙهڻ جي سفارش ڪرڻ کان اڳ اهو ڏسي ته مددي ڪتابن جو نصاب سان ڪيترو تعلق آهي. اهڙا ڪتاب جيڪي ٻارن جي نصابي ضرورتن کي پورو ڪري سگهن ۽ سندن جذباتي، نفسياتي ۽ سماجي تقاضائن جي پوري نگراني ڪري سگهن، ته پوءِ اهي ڪتاب ٻين ڪتابن جي ڀيٽ ۾ قبوليت جوڳا هوندا ۽ انهن کي وڌيڪ ترجيح ڏني وڃي.

اسان جي تعليمي سرشتي اندر پڙهائڻ جي طريقن ۾ اها وڏي خامي آهي، ته ٻارن ۾ مطالعي جو شوق پيدا ڪرڻ ۾ قاصر رهيا آهيون. شاگرد گهڻو ڪري امتحان پاس ڪري، سرٽيفڪيٽ حاصل ڪندا آهن ۽ اڳتي تعليم پرائڻ جو مقصد روزگار جو حاصل ڪرڻ سمجهندا آهن. انهيءَ ڪري هنن ۾ مطالعي جو شوق نه هوندو آهي.هڪ طرف امتحان ختم ٿيو، ٻئي طرف مطالعو بند ٿيو، پر ڪجهه شاگرد اهڙا به هوندا آهن، جيڪي هميشه مطالعو ڪندا رهندا آهن ۽ مطالعي کي پنهنجي عادت بڻائي ڇڏيندا آهن.

ان ڪري استاد جيڪڏهن چاهي ته ٻارن لاءِ اهڙو ماحول بڻائي جو سندن دلچسپيءَ جو باعث بڻجي ۽ هو مطالعي لاءِ آتا رهن. ڇو ته ماحول کان متاثر ٿيڻ ٻار جي فطرت ۾ شامل آهي ۽ هو ماحول جو گهرو اثر قبول ڪندا آهن. جيڪڏهن گهر ۽

اسڪول ڪتابن ۽ رسالن سان پريل سينگاريل هوندو ۽ گهرجي ٻاتين ۾ ٻڪتابن پڙهڻ جو ذوق هوندو، تہ ٻار پاڻ چاڻ مطالعي ڏانهن لاڙو رکندا. ساڳيءَ ريت اسڪول لئبرري يا ڪلاس روم لئبرريءَ ۾ وڻندڙ ڪتابن جي موجودگي ۽ پڙهڻ لاءِ جوڳو ماحول ٻارن ۾ مطالعي جو شوق پيدا ڪندو.

**مطالعي لاءِ ڪمرو :-** ٻارن ۾ مطالعي جي شوق پيدا ڪرڻ جو هڪ طريقو اهو پڻ آهي، تہ مطالعي لاءِ تائيم ٽيبل ٺاهي ڇڏجي. جنهن ۾ هر مطالعي جي ڪمري ۾ ويهي، انتهائي سٺي ماحول ۾ مثلاً جوڳي روشني، جوڳو فرنيچر ۽ سائنٽيڪي ماحول ۾ آرام ۽ اطمينان سان پڙهن. ڪمري ۾ هوا جو لنگهہ صحيح هجي ۽ موسم آهر ڪمريڪي ٿڌويا گرم بہ رکي سگهجي.

**مطالعي جو چارٽ :-** استاد جيڪڏهن چاهي، تہ اضافي مطالعي جي رڪارڊ هڪڙو چارٽ ٺاهي جيئن ٻارن ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ رکڻ لاءِ مطالعي ڪرڻ جي ريس پيدا ٿئي، ڇاڪاڻ تہ ڇناپيٽيءَ ۾ هر ٻار ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ هو گهٽي کان گهٽا ڪتاب پڙهي ويندا آهن. ان چارٽ ۾ ٻار جي نالي سامهون ڪتابن جا نالا درج ڪيا وڃن، جيڪي هن پڙهيا هوندا. اهڙو چارٽ ڪلاس جي ڪمري اندر ٽنگيل هجي. جيئن شاگرد پنهنجي هم ڪلاسن جي ڪارڪردگيءَ کان واقف ٿي وڃن.

٦- **ڪلاس جي لائبرري :-**مطالعي جي لاءِ اهو بہ طريقو آهي، تہ ڪلاس اندر مقرر پيرڊن ۾ اسڪول لائبرري جا ڪتاب ٻارن کي مهيا ڪيا وڃن، جيئن هو مطالعو ڪري سگهن. جيڪڏهن اسڪول جي لائبرري ۾ اهڙا ڪتاب نہ هجن، تہ ٻار پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ جي اصولن مطابق فنڊ گڏ ڪري ڪتاب خريد ڪن، يا ٻارن کي چيو وڃي تہ هو مقرر ڏينهن تي مقرر پيرڊ مطالعي لاءِ پنهنجي پسندي جـ

ڪتاب ڪٿي اچن ۽ اچي مطالعو ڪن

٤ - **ذاتي لائبريري** :- استاد کي گهرجي تہ ٻارن ۾ اهو جذبو پيدا ڪري تہ، هو ڪتاب خريد ڪندا رهن ۽ پنهنجي ذاتي لائبريءَ ۾ جمع ڪندا رهن. ان نموني منجهن شوق ۽ دلچسپي وڌندي. رسالا، اخبارون وغيره پڻ گڏ ڪرڻ جي کين ترغيب ڏني وڃي.

**ٻارن لاءِ لائبريري ڪميٽي** :-

استاد کي گهرجي تہ اسڪول ۾ ٻارن جي لائبريري ڪاميٽي مقرر ڪري، پوءِ جڏهن ڪتابن خريد ڪرڻ جو مسئلو درپيش اچي. تڏهن ان ڪميٽيءَ کان منظوري وٺي. ائين ٻارن ۾ پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ ۽ مطالعي ڪرڻ سان گڏو گڏ تنظيمي لياقت بہ پيدا ٿيندي.

# ٥- لکڻ ۽ ان جي اهميت

**اهميت :-** مادري ٻولي جي سکيا ۾ ٻڌڻ، ڳالهائڻ ۽ پڙهڻ وانگر لکڻ جي مهارت به وڏي اهميت رکي ٿي. اسان جي تعليم، رهڻي ڪهڻي، معشيت جو دارومدار لکڻ تي آهي. جيڪڏهن لکڻ جي عنصر کي زندگيءَ مان خارج ڪيو وڃي، ته اسان جو سڄو نظام حيات وڏي مونجهاري ۾ اچي وڃي. لکڻ جو فن اسان لاءِ هڪ وڏي نعمت آهي. ان جي وسيلي اسين پنهنجا تجربا، مشاهدا ۽ خيال ٻين تائين پهچايون ٿا. جيڪڏهن هي فن وجود ۾ نه اچي ها، ته اڄ اسين پنهنجي ابن ڏاڏن جي ڪارنامن کان اڻ ڄاڻ هجون ها. پنهنجو علم ايندڙ نسلن تائين نه پهچائي سگهون ها. دنيا ۾ جيڪڏهن ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن جي نالي واري ڪا شيءِ موجود ئي نه هجي ها، ته اسان جو سڄو علم تمام مختصر ۽ محدود هجي ها.

خط پٽ هڪ اهم سماجي تقاضا آهي، خط مختلف نوعيت جا ٿيندا آهن، مثلاً شخصي خط ۽ ڪاروباري خط وغيره. زندگيءَ جو ڪو به شعبو اهڙو نه آهي، جنهن ۾ خط جي عمل جو دخل نه هجي. لکڻ جو فن سکڻ ۾ سڀ کان وڏو محرڪ جزو اهو آهي، ته اسين خط لکڻ پڙهڻ جهڙا ٿي وڃون. هن فن جو قدر انهن ماڻهن کان پڇو جيڪي ان کان اڻ ڄاڻ آهن ۽ پنهنجن عزيزن ۽ قريبن ڏانهن خط پٽ جي معاملي ۾ ٻين جا محتاج آهن.

**لکڻ سيکارڻ جا طريقا :-**

**الف - ب - وارو طريقو :-** هن طريقي مطابق ٻارن کي حرفن جي هجي لکڻ مخصوص نموني سان سيکاري وڃي ٿي. جڏهن ٻار سڀني حرفن جون شڪليون ذهن ۾ سکي وڃن ٿا، ته انهن کي

حرفن جي ترڪيبي شڪلين جي مدد سان لفظ لکڻ جي مشق ڪرائي وڃي ٿي. ان قاعدي ۾ حرفن جي ترتيب جو خاص خيال رکيو وڃي ٿو. هر حرف ۽ ان سان ملندڙ لفظن جي مشق ڪثرت ۽ باقاعدگيءَ سان ڪرائي وڃي ٿي. هِن طريقي سان لکڻ سيکارڻ جو وڏو فائدو اهو آهي، تہ ٻارن کي هِجي جي مشق ٿي وڃي ٿي ۽ انهن جي صورتخطي ٻختي ۽ صحيح ٿي وڃي ٿي، پر هن طريقي تي اعتراض اهو آهي تہ ٻارن لاءِ دلچسپ نہ آهي؛ ٻار پنهنجو گهڻو وقت رڳو حرفن جي انفرادي ۽ ترڪيبي شڪلين ۾ ٿي وڃائي ڇڏين ٿا.

**مانٽيسوريءَ جو طريقو :-** مادام مانٽيسوري هڪ اطالوي عورت هئي. اُن ٻارن کي پڙهڻ ۽ لکڻ سيکارڻ جي طريقن کي آسان، دلچسپ ۽ اثرائتي بڻائڻ لاءِ ڪيترائي تجربا ڪيا. مانٽيسوري ٻارن کي لکڻ سيکارڻ لاءِ ڪاٺ جا ڪٽيل حرف مهيا ڪيا. ٻار انهن حرفن تي آڱر ڦيرائيندا ۽ انهن کي سانچي وانگر استعمال ڪندا. حرفن جون شڪليون ناهڻ سکندا هئا. ان طريقي کي اسين ٻين ٻولين لاءِ پڻ استعمال ڪري سگهون ٿا، پر ان سان گڏيل حرفن سان لفظن لکڻ ۾ مدد نہ ٿي ملي، پر جن ٻولين ۾ سڄن اکرن سان لفظ لکجن ٿا، تن لاءِ هي طريقو ڪارائتو آهي.

**پيسٽالوزي جو طريقو :-** پيسٽالوزي بہ هڪ مشهور ماهر تعليم ٿي گذريو آهي. هن ٻارن کي لکڻ سيکارڻ جي طريقن تي وڏي محنت ڪئي آهي. پيسٽالوزي طريقي ۾ ٻارن کي حرفن جي لکڻ سيکارڻ کان اڳ اُن لاءِ گهربل مهارت سيکاري ويندي آهي تہ جيئن ٻارن لاءِ اهو ڪم آسان ٿي پوي. هِن طريقي ۾ ٻار عمودي، سڌيون ۽ ڏنگيون ليڪون ڪڍن ٿا. گول ، اڌگول ، ۽ بيضوي شڪل ناهڻ جي مشق ڪن ٿا. اهي مشقون واريءَ ۽ بليڪ بورڊ

تي ڪڏيون ويندڙيون آهن. انهن مشقن جي ذريعي ٻارن کي پنهنجي هٿن جي چرپر تي قدرت حاصل ٿئي ٿي ۽ سندن هٿن ۽ اکين جي چرپر ۾ برابري پيدا ٿي وڃي ٿي. هنن ۾ لکڻ لاءِ گهربل جسماني ۽ ذهني پختگي پيدا ٿي وڃي ٿي، پوءِ اهڙيءَ طرح جڏهن لکڻ جي لاءِ پوري طرح آماده ٿين ٿا، تہ انهن کي حرفن ۽ لفظن جي مشق ڪرائي وڃي ٿي.

**گڏيل طريقو :-** استاد کي گهرجي تہ هو لکڻ سيکارڻ جي لاءِ هيٺ ڏنل بنيادي ٽن طريقن جي سکيا کي ڪم ۾ آڻي ۽ ڪنهن بہ هڪ طريقي جي پابندي نہ ڪري. اسان جي خيال ۾ ٻارن کي لکڻ لاءِ آماده ڪرڻ لاءِ پيسٽالوزيءَ جو طريقو نهايت ڪارائتو ۽ اثرائتو آهي. ٻارن کي واريءَ، سليٽ، بليڪ بورڊ ۽ ڪاغذ تي سڌين ۽ ڏنگين ليڪن ڪڍڻ جي مشق ڪرائي وڃي. ج ڄ ح خ جهڙن قسمن جا حرف سيکارڻ لاءِ ڪاڻي ڪان ساڄي چنبڊ جي شڪل ٺهرائي وڃي. ٻارن کي حرفن ۽ نقطن ناهڻ جي مشق سان انهن جون صورتون ۽ انهن تي نقطا لڳائڻ آسان ٿي وڃن ٿا.

جڏهن ٻار لکڻ سکڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃي تہ پوءِ مانٽي سوريءَ جي طريقي مطابق ڪاٺ جا ڪٽيل حرف يا ريگ مال ۽ پاڻن جا ٺهيل حرف کين ڏنا وڃن، تہ انهن کي سانچن وانگر استعمال ڪري حرفن جي بناوت جو صحيح ڍنگ حاصل ڪري وٺن. اُن کان پوءِ ٻارن کي الف - ب واري طريقي مطابق پٽيءَ تي حرفن لکڻ جي مشق ڪرائي وڃي؛ پر اُن ۾ حرفن جي پراڻي ترتيب جي پيروي ڪرڻ نہ گهرجي، بلڪ هڪجهڙن حرفن کي گڏ ڪٽي ٻارن کي انهن جو لکڻ سيکاريو وڃي. لکڻ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي. مثلاً هن ترتيب سان

(١) . - ١/ ٥٢

(٢) - ا، م، آ

(٣) - ب، ٻ، ت، ٽ، ٿ، ٺ، ث، ف، ڪ، گ وغيره

(٣) - ڏ، ڊ، ڌ، ر، ڙ، ڙ، و

٥- ن، ل، ق، ي،

٦- س، ش، ص، ض

٧- ط، ظ،

٨- ح، خ، ج، ڄ، ڃ، چ، ڇ، ع، غ،

٩- ي، ي

١٠ - جهہ، گهہ

جڏهن ٻار حرفن جون انفرادي شڪليون ڏاهڻ سکي وڃن ته انهن مان ٺهندڙ مرڪب لفظ لکڻ سيکاريا وڃن، جن ۾ حرف پنهنجي انفرادي صورت قائم رکن ٿا. مثال:- اڄ، اوهان، انب ان کانپوءِ اهڙا ٽي حرفي ۽ چار حرفي مرڪب لکيا وڃن، جن ۾ صرف ٻه رڪن هجن ۽ هر رڪن صرف ٻن اکرن سان گڏجي ٺهي، جيئن : بابا وغيره جڏهن اهڙن لفظن جي لکڻ جي مشق ٿي وڃي ته اهڙا جملا لکيا وڃن جن ۾ اُهي لفظ اچن. سڀ کان وڌيڪ بهتر اهو ٿيندو، ته استاد لفظن جي جملن جي چونڊ ٻارن جي پرائمر مطابق ڪري. پڙهڻ کي بهرحال لکڻ کان پهرين اوليت ڏني وڃي، جيستائين ٻار حرفن ۽ لفظن کي سڃاڻڻ سکي نه وٺن ان وقت تائين انهن کي انهن جو لکڻ نه سيکاريو وڃي.

ڪجهه استاد لکڻ سيکارڻ جي سلسلي ۾ ڏسڻ ۽ چوڻ جو طريقو پڻ استعمال ڪندا آهن، ۽ ٻارن کي حرفن جي انفرادي شڪلين سيکارڻ کان اڳي لفظ سيکارڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن. ان طريقي مان لکڻ سيکارڻ ۾ نقص هي آهي ته ٻار لفظن جي

هجي لکڻ ۾ ڪمزور ٿي وڃن ٿا. سندن لکڻي سٺي ٿئي ٿي ۽ گهٽ ڪري هو ساڄي هٿ سان لکڻ جي بجاءِ لفظن کي ڪاٻي پاسي کان لکڻ شروع ڪري ڏين ٿا. ان جو اثر لکڻ جي سنبدن رفتار تي بہ پوي ٿو. تنهنڪري استاد کي گهرجي تہ هو لکڻ سيکارڻ لاءِ گڏيل طريقو استعمال ڪري ان لاءِ مانٽيسوريءَ جو طريقو استعمال نہ ڪري.

**ابتدائي تياري :-** لکڻ جي تياريءَ مان مراد آهي تہ ٻار لکڻ شروع ڪرڻ کان اڳ ان لاءِ گهربل ضروري ڳالهيون سمجهي ۽ گهربل شيون گڏ ڪري وٺي. اُن جو ٻيو مفهوم اهو بہ آهي، تہ ٻار لکڻ کان پهرين ان لاءِ ذهني ۽ جسماني طرح تيار هجي. پينسل ، قلم، پٽي، مس ڪپڙي، سليٽ،ڪاپي وغيره اهڙا وسيلا آهن، جن کان سواءِ لکڻ ممڪن نہ آهي. استاد کي گهرجي تہ هو ٻارن کي انهن شين کان واقف ڪري ۽ انهن جي استعمال ڪرڻ جو درست طريقو سيکاري. ٻار کي لکڻ کان اڳ پينسل ۽ قلم جهلڻ جو طريقو اچڻ گهرجي. جيڪڏهن ٻار کي هڪ دفعو قلم غلط جهلڻ جي عادت پئجي ويئي تہ، پوءِ هميشه لاءِ هو اهڙي طرح جهليندو ۽ سندس اکر سڌري نہ سگهندا. پٽيءَ کي هڪ هٿ ۾ جهلڻ ۽ ٻئي هٿ ۾ قلم جهلي لکڻ هيءُ بہ هڪ فن آهي، جنهن جي ڄاڻ ضروري آهي. مس ڪپڙي هميشه ٻار جي ساڄي پاسي کان رکيل هئڻ کپي. جيڪڏهن ٻار کاٻي هٿ سان لکي تہ مس ڪپڙي کاٻي پاسي هئڻ گهرجي. گهڻا ٻار مس ڪپڙي پنهنجي اڳيان رکندا آهن ۽ مس جي ڦڙن کي هاري سڄو فرش خراب ڪري ڇڏيندا آهن. استاد کي اهو ٻڌائڻ گهرجي تہ قلم کي مس ۾ ٻوڙڻ کانپوءِ وري وري ڇنڊڻ ۽ پوءِ لکڻ ٺيڪ نہ آهي. ائين ڪرڻ سان سندن ڪپڙا، اسڪول جو فرش ۽ فرنيچر خراب ٿي وڃي ٿو. ٻارن کي

هيءُ بہ سيکارڻ گھرجي تہ پنّي کيئن صاف ڪجي، مس ڪيئن ٺاھجي. ڇڏي ۽ گھاٽي مس سان لکڻ جي ڪري ڪھڙو اثر ٿيندو. ننڍڙا ٻار پنھنجو قلم پاڻ گھڙي نہ سگھندا آھن، استاد کي گھرجي تہ ٻارن کي قلم گھڙي ڏيئي ڏئي.

**ابتدائي تياريءَ جو پيو مفھوم :- آمادگي يا دل جو لاڙو ڇٻو آھي :** ابتيون ۽ سڌيون ليڪون ڪڍڻ، رنگن مان تصويرون ٺاھڻ، ھڪجھڙن شڪلين ۾ فرق ڪرڻ، اک ۽ ھٿن جي تربيت وغيره کي آمادگي چيو وڃي ٿو. استاد لکڻ شروع ڪرائڻ کان اڳ ھن قسم جون جيتريون مشقون ڪرائيندو اوترو ئي ٻارن کي لکڻ آسان ٿي پوندو.

**سٺن اکرن لکڻ جون خوبيون ۽ مشقون :-** سٺن اکرن لکڻ جون ھيٺ ڏنل وصفون آھن.

**سڌي سٽ :-** لکڻ ۾ سڌيون ليڪون نہ ھونديون تہ لکڻي خراب معلوم ٿيندي. پٽيءَ تي لکڻ کان پھرين ليڪون ڪڍڻ گھرجن ۽ لکڻ وقت اُنھن ليڪن جو خيال رکڻ گھرجي. ٻارن کي ليڪن ڪڍڻ جي مشق بہ ڪرائڻ گھرجي.

**حرفن ۽ لفظن ۾ فاصلو :-** لکڻ ۾ صفائيءَ ۽ سٺائيءَ جي تقاضا اھا آھي تہ حرفن ۽ لفظن جي وچ ۾ مناسب وِٿي قائم رکي وڃي، ڇو تہ جيڪڏھن لفظ پاڻ ۾ گڏيل ھوندا تہ عبارت پڙھي نہ سگھبي.

**حرفن جي بناوت :-** حرفن جي بناوت ۾ صحت جو خيال رکڻ ضروري آھي. حرفن جون شڪليون انھن جي بيھڪ، اُنھن جا ٽبڪا سڀ صحيح ۽ چٽا ھوندا تہ عبارت سٺي نظر ايندي ۽ پڙھڻ ۾ پڻ سھوليت ٿيندي. حرفن جي بناوت تي، ٻارن جي ويھڻ جو نمونو، انھن جي ٻانھن جي چرپر، قلم جھلڻ جو طريقو ۽ قلم جي

چهنب وغيره اثر انداز ٿين ٿا. پٽي صاف هجي، مس سٺي هجي، ته حرفن جي بناوت به سٺي ٿئي ٿي. ٻارن جي اڳيان هر وقت سٺن اکرن جا نمونا هئڻ گهرجن. استاد کي خود به ٻارن جي پٽين تي صورتخطيءَ جو نمونو ڏيڻ گهرجي ۽ ٻار کي انفرادي ۽ اجتماعي طور تي هر حرف ٺاهڻ جو نمونو سيکارڻ گهرجي.

**صورتخطي :**

صورتخطيءَ لاءِ عام تاثر آهي ته صورتخطي لفظن جي هجي سيکارڻ لاءِ هڪ استعمال آهي، پر صورتخطيءَ جي معنيٰ آهي خط يا اکر جي صورت يا شڪل. ٻين لفظن ۾ هيئن ڪٿي چئجي ته لفظن جي صحيح صورت سيکارڻ جو استعمال.

صورتخطيءَ لکائڻ جا مقصد هي آهن :

١- ٻارن جي اکرن جي چڪاس ڪرڻ ۽ اهو معلوم ڪرڻ ته ٻار اکرن ۽ لفظن جون صحيح صورتون ذهن نشين ڪري ياد لکي سگهڻ جي لائق ٿي ويا آهن.

٢- ٻارن جي خوش خطيءَ جي چڪاس ڪرڻ.

٣- ٻار جي لکڻ جي رفتار جاچڻ.

٤- ٻارن ۾ ٻڌڻ ۽ ٻڌل مضمون قلمبند ڪرڻ جي سگهه پيدا ڪرڻ.

٥- ٻارن جي درست هِجي جي چڪاس ڪرڻ.

**صورتخطي لکائڻ ۽ درستي ڪرڻ جا طريقا :-**

١- استاد کي گهرجي ته پهريائين جملن جي صورت ۾ گڏيل عبارت هجي، ته ٻارن کي پڙهي ٻڌائي ۽ جي مفرد لفظ هجن، ته انهن جي فهرست ٺاهي ٻارن کي ڏيکاري يا پڙهي ٻڌائي ۽ ان کان پوءِ آهستي آهستي لکائي.

٢- عبارت يا لفظ اهڙا هجن جو ٻارَ آسانيءَ سان سمجهي ۽ لکي سگهن.
٣- لکائڻ وقت استاد جو آواز کليل ، صاف ۽ بلند هجي.
٤- استاد لفظن يا عبارت ورجائڻ جي ڪوشش نہ ڪري.
٥- صورتخطي لکائي پوري ڪرڻ کانپوءِ استاد کي گهرجي تہ عبارت ٻيهر پڙهي ٻڌائي، تہ جيئن ٻار پنهنجي عبارت کي پورو ۽ صحيح ڪري سگهي.
٦- غلطين کي درست ڪرڻ لاءِ عبارت يا لفظن جي صحيح صورت ٻارن جي اڳيان ظاهر ڪجي، تہ ان کي ڏسي هو پنهنجيون غلطيون سڌاري سگهن.

ائين ڪرڻ سان ٻارن ۾ سچائي، غلطي محسوس ڪرڻ، پنهنجي اصلاح ڪرڻ ۽ خود اعتماديءَ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو.

هڪ ماهر استاد لاءِ صورتخطي لکائڻ ۽ سيکارڻ جا ڪي خاص اصول ۽ طريقا مقرر نٿا ڪري سگهجن.
جيڪي چند ڳالهيون مٿي ڏسيون ويون آهن، سي فقط استادن جي رهبريءَ لاءِ آهن. هو اهڙا ٻيا ڪي مفيد طريقا اختيار ڪري سگهن ٿا، جي ٻارن جي لياقتن ۽ حالتن پٽاندر هو تبديل بہ ڪري سگهن ٿا.

## مضمون نويسي

مضمون لکڻ سچ پچ مٿين ڪلاسن جهڙوڪ چوٿين ۽ پنجين ڪلاس ۾ سيکارڻ گهرجي، پر ان جو بنياد ٽئين ڪلاس ۾ وجهڻ گهرجي.

مضمون جو مطلب آهي تحريري بيان. ان ڪري ڪنهن بہ شيءِ جي لکيل بيان کي مضمون چئي سگهجي ٿو. جيئن تہ اهڙو

بيان ننڍين ٻارن کي ٻـ لکڻو پوندو آهي، تنهنڪري ضروري آهي تہ استاد مضمون لکڻ جو هنر ۽ طريقو چڱيءَ طرح ڄاڻندو هجي.
عام طرح جنهن نموني اسڪولن ۾ مضمون لکڻ سيکاريو وڃي ٿو، اهو هڪ رسمي نمونو آهي، جنهن سان لکندڙ کي ڪا بہ دلچسپي ڪا نہ ٿي ٿئي. ڇو تہ ان نموني جيڪڏهن ٻہ سئو ٻار ساڳيو مضمون لکن تہ انهن سڀني جي لکت ساڳئي قسم جي هوندي آهي، مثلاً ٻارن کي چئجي تہ "اٺ" تي مضمون لکو تہ بنا ڪنهن فرق جي سڀئي ٻار ٿوريءَ گهڻي گهٽ وڌ ساڳئي قسم جو مضمون لکندا. اِن ڪري مضمون تيستائين مضمون نہ هوندو آهي، جيستائين انهيءَ ۾ لکندڙ جي شخصيت ظاهر نہ ٿيندي آهي، يعني مضمون ۾ لکندڙ جي ذاتي خيالن، جذبن ۽ تجربن جو اولڙو ضرور هئڻ گهرجي.
۱- **تحريري ڪم جي اهميت :**مادري زبان جي لکڻ واري اهم مقصد جو ٻيو حصو آهي "مضمون نويسي". تحرير يا لکڻ جي ڪم جي شروعات باقاعدي ٽئين درجي کان ٿيندي آهي،جنهن جو معيار درجي بدرجي وڌائبو رهبو آهي. تحرير يا لکڻ جي ڪم بابت استاد کي ڪي خاص اصول ڌيان ۾ رکڻا آهن، ۽ پنهنجي ان ڪم هلندي، انهن تي عمل جي ڪوشش ڪرڻي آهي،انهن اصولن مان ڪجهہ اصول هي آهن :
۱- تحرير سيکارڻ مان مراد آهي تہ ٻارن ۾ صحيح، مناسب ۽ فطرتي نموني ۾ لکڻ جي لياقت پيدا ٿئي، هو اجاين ۽ غير ضروري لفظن، اصطلاحن، چوڻين، پهاڪن ۽ جملن جي استعمال کان پرهيز ڪن.
۲- ٻارن کي جيڪي لکڻو هجي سو صاف، سهڻن، سليس ۽ مختصر لفظن ۾ لکن.
۳- نون لفظن يا اصطلاحن ، مثالن ، ٽوٽڪن، پهاڪن وغيره کي صحيح ترتيب سان استعمال ڪن.

۴- تحريري ڪم کان اڳ زباني ڪم ڪرائجي، ڇو تہ ڳالهائڻ ٻولهائڻ وقت جو فطرتي لهجو ٿئي ٿو، اهو لکڻ وقت هٿرادو نہ ٿي وڃي.
۵- شاگردن کي مضمون لکڻ لاءِ اهڙا عنوان ڏجن جي سندن عمر وٽان ۽ دلچسپ هجن.
٦- مضمون لکڻ وقت شاگردن کي صحيح خيال، ويچار ڪرڻ ۽ ان کي سلسيوار لکڻ سيکارجي.
٧- مضمون جي شروعات، احوال جي سلسلي ۽ جدا جدا موضوعن تي مضمون ڪيئن لکجي، ان طريقي ۽ اصولن ۽ مضمون جي پڄاڻيءَ جي اصولن کان بہ شاگردن کي واقف ڪجي.

**۲- تقرير ۽ تحرير جو لاڳاپو** : تقرير ۽ تحرير جو پاڻ ۾ گهرو لاڳاپو آهي. تقرير تحرير جي لاءِ هڪ بنياد جي حيثيت رکي ٿي. ڇاڪاڻ تہ تحرير جو مواد تقرير جي ذريعي حاصل ڪيو وڃي ٿو. ٻار جنهن ڪاميابيءَ ۽ خوش اسلوبيءَ سان پنهنجن خيالن کي گڏ ڪري بيان ڪندا، آهن اُنهيءَ ڪاميابيءَ ۽ خوش اسلوبيءَ سان اهي ان کي تحرير ۾ آڻين ٿا. جيتوڻيڪ تدريس ۾ مضمون جو پهريون ضروري ۽ ڪامياب ڏاڪو آهي، ٻارن کان اسين جيڪي ڪجهہ لکائڻ چاهيون، اُهي ڳالهيون ٻارن جي مدد سان زباني سوالن ذريعي هڪ خاص ترتيب ۽ سهڻي نموني سان گڏ ڪيون وڃن، تہ جيئن ٻار جڏهن لکڻ ويهن تہ تحرير سٺي ۽ ترتيب واري هجي ۽ خيال وڏا ۽ اوچا هجن.

**۳- مضمون سيکارڻ جا مقصد ۽ انهن جي حاصل ڪرڻ جا ذريعا:**
۱- مضمون سيکارڻ لاءِ اسان جو مقصد هيءُ هئڻ گهرجي تہ پنجين ڪلاس تائين ٻار ۾ ترتيب ۽ صحت سان گڏ خيالن ادا ڪرڻ ۽ ڪاغذ تي لکڻ جي صحيح نموني لياقت پيدا ٿي وڃي.

٢- ٻارن ۾ غور ۽ فڪر جي عادت پيدا ڪرڻ.
٣- ڪنهن عنوان تي پنهنجي خيالن کي گڏ ڪرڻ ۽ انهن کي صحيح سوالن جوابن سان پيش ڪرڻ جي عادت وجهڻ.
٣- لفظن جي ذخيري ۾ واڌارو ڪرڻ ۽ زبان کي صحيح طريقي استعمال ڪرڻ جي قابليت پيدا ڪرڻ.
٥- گفتگو ڪرڻ ۽ حاضر جوابيءَ جو گڻ پيدا ڪرڻ.
٦- خط، رسيد وغيره جهڙين عملي فائدي وارين شين جي لکڻ جو ڍنگ پيداڪرڻ.
٧- شامل محاورن ۽ مقصد وارين لکڻين جي صلاحيت پيدا ڪرڻ.

**٣- مضمون سيکارڻ جا طريقا :-**

١- هيٺين ڪلاسن ۾ لکڻ جي ڪم جي شروعات ڪانپوءِ هڪڙو نوٽ بُڪ رکائجي، جنهن تي اخبارن ۽ رسالن مان تصويرون ڪٽي شاگرد لڳائين ۽ انهن جا نالا ۽ مختصر احوال انهن جي هيٺيان لکن. جيڪڏهن ضرورت پوي تہ استاد بورڊ تي لکي ۽ ٻار ان جو نقل ڪن.
٢- خال پرڻ :- هي استعمال هر هڪ ڪلاس جي معيار مطابق ڪرڻ گهرجي. خال پرڻ لاءِ لفظن جي ياداشت لسٽ ضرور ڏجي، جيئن شاگرد اُنهن مان صحيح لفظ ڳولي خال پرين.
٣- پڙهيل سبقن تي سوال جواب ڪجن.
سوالن جوابن رقت بہ شاگردن جي معيار کي ذهن ۾ رکڻو پوندو.
٣- تصوير تي سوال : تصوير ڪلاس ۾ ٽنگي اُن تي نمبروار سوال ڪري سچو مضمون تيار ڪرائجي. ٻارن کان مليل جواب بورڊ تي لکجن تہ هيءُ استعمال پنجين ڪلاس تائين ڪري سگهجي ٿو.
٥- جملا ملائڻ : ڪجهہ منجهيل جملا ڏئي، انهن مان منڍ، وچ ۽

پچاڙي لاءِ موزون جملا چونڊي ملائجن.

٦- لفظ ڪم آڻڻ :- شاگردن کي چئجي تہ سبق ۾ پڙهيل نوان لفظ پنهنجي جملن ۾ ڪم آڻين. هي استعمال ڪلاسن ۽ شاگردن جي معيار مطابق هجن.

٧- جمع واحد ڪرائڻ : ٻارن کي جملا ڏجن ۽ کين چئجي تہ انهن جملن کي ڦيرائي، جمع مان واحد يا واحد مان جمع جي صيغن ۾ آڻين.

٨- بگڙيل جملا ٺاهڻ : ڇاڻي واڻي جملا بگيڙي انهن جي درستيءَ لاءِ شاگردن کي چئجي.

٩- متضاد لفظن وارا جملا ٺاهڻ : چند جملا بورڊ تي لکي انهن ۾ ڪم آيل لفظن جا ضد سامهون لکي، شاگردن کي انهن متضاد لفظن مان جملن ٺاهڻ لاءِ چئجي.

١٠- جملا مڪمل ڪرائڻ : اڌورا جملا بورڊ تي لکي شاگردن جي پورائيءَ ۽ درستين لاءِ چئجي. هي استعمال چوٿين ڪلاس کان شروع ڪجي.

١١- سوالن جا جواب ڳولڻ :- شاگرد جي آڏو بورڊ تي چند جملا لکجن ۽ کين انهن جي جواب ڏيڻ لاءِ چئجي، ايترو خيال ڪجي، جيئن شاگرد سوالن جا جواب صحيح ڏين.

١٢- مڪالما يا ڊائلاگ لکائڻ :- شاگردن کي ڪنهن موضوع تي ٽولين ۾ ورهائي، کين ان جي لکڻ لاءِ چئجي. گفتگو لاءِ پهريائين سبق چونڊجن، پوءِ ٻين موضوعن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرائجي ۽ لکرائجي.

١٣- آکاڻيون :

ٻارن کي آکاڻيون نهايت گهڻيون پسند ايندڙيون آهن. انکري تحريري ڪم توڙي تقريري ڪم سيکارڻ لاءِ آکاڻين جو استعمال نهايت ضروري ۽ دلچسپ آهي. جيڪي آکاڻيون ٻارن کي اڳ

ٿيون، اُهي ڪاٺن لڪائجن. ٿي سگهي ٿو اُهي گڏ ڪرائي ڪين ڪتاب ڏاهڻ لاءِ ڇڏجي. آڪاٽين سيکارڻ وقت وڏن حرفن ۽ ڏنل آڪاٽين جا ٽپ ڏاهڻ ۽ انهن مان آڪاٽيون ٺهرائڻ جي مشق ڏاڍي ڪارائتي ٿيندي. ان مشق سبب شاگردن ۾ پوري ڳالهه کي وڏائڻ ۽ ڏگهي ڳالهه کي خيال ڪري گهٽائڻ جو حوصلو پيدا ٿيندو.

**٥- مضمون نويسي لاءِ موزون عنوانن جي چونڊ :** استاد کي گهرجي ته هو اهڙا موضوع چونڊي.

١- جيڪي ٻار جي صلاحيت، تعليمي معيار، عمر ۽ دلچسپين جي مطابق هجن.

٢- جيڪي ٻار جي ويجهي ماحول سان تعلق رکندا هجن.

٣- جيڪي ٻار جي تجربي ۽ مشاهدي سان ٺهڪندا هجن.

٤- جن ۾ خيالن جو اظهار ڪرڻ مشڪل نه هجي.

٥- موضوع جي چونڊ ۾ ٻارن جي راءِ جو پڻ دخل هجي.

**٦- درستي ۽ رهنمائي :** مضمون نويسيءَ ۾ درستيءَ جي وڏي اهميت آهي. ان ڏس ۾ استاد جو فرض آهي، ته مضمون چڪاسڻ مهل ڪنهن معمولي غلطيءَ کي به نظر انداز نه ڪري. مضمون ۾ چُڪون هيٺين قسمن جون ٿي سگهن ٿيون. گرامر جون چُڪون، صورتخطيءَ جون چُڪون، ببهڪ جي نشانين جون چڪون، موضوع تورڙي مفهوم جون چڪون، وغيره . ان کان سواءِ لکت ۾ صفائي ، خوشخطي، سڌين سٽن ۽ حاشيءَ جو پڻ خيال رکڻ گهرجي ۽ ان ڏس ۾ شاگردن کي واضح هدايتون ڏيڻ گهرجن. ان سان گڏ مضمون جو تسلسل، ترتيب، پئرائن جي ورچ، هر مضمون جي شروعات، وچ ۽ پڇاڙيءَ بابت شاگردن جي اڳواٽ ئي سونهپ ڪرڻ گهرجي. اجتماعي غلطين کي بلئڪ بورڊ تي لکي، سڄي ڪلاس جي ڌيان تي آڻجن ۽ سڀني ٻارن کان صحيح ڪري لکرائجن. مضمون چڪاسڻ مهل،

استاد کي مارڪون ڏيڻ گهرجن ۽ ٻار جي سڌاري لاءِ يا رهنمائيءَ لاءِ ڪو رمارڪ ڏنلو هجي ته اهو به لکجي.

**٧- تخليقي مضمونن لاءِ گهربل ڳالهيون:** تقريري ۽ تحريري مضمون جي هڪ صورت تخليقي مضمونن جي آهي ۽ اها صورت سڀني کان اهم آهي.

تخليقي مضمون مان مراد اها آهي ته اهو لکندڙ جي پنهنجي فڪر ۽ ذهني ڪاوشن جو نتيجو هجي. تدريسي مضمون جو بنيادي مقصد ٻار ۾ تخليقي مضمون لکڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ آهي. انهيءَ لاءِ ته هو پنهنجي ڳالهه پنهنجي انداز ۾ بيان ڪري سگهي. ڪنهن جو لکيل مضمون نقل ڪرڻ يا ان کي رٽي ڪاپيءَ تي لکڻ تخليقي مضمون جي تصور جو ضد آهي. استاد کي گهرجي ته هو شاگردن ۾ نموني ۽ طريقي جو شعور پيدا ڪري. يعني هو ٻارن کي ٻڌائي ته هر هڪ لکڻ واري جو پنهنجو جدا لکڻ جو طريقو هوندو آهي، جو ٻين جي انداز کان جدا هوندو آهي. اهڙي طرح هر شخص جي فڪر ۽ سوچ جو انداز به مختلف هوندو آهي. ان ڪري شاگردن کي گهرجي ته اهي ڪنهن به موضوع متعلق خود سوچين ۽ ٻين جي خيالن کي ٻين جي لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي بدران پنهنجن خيالن کي پنهنجن لفظن ۽ پنهنجي انداز ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

اهڙيءَ طرح استاد لاءِ اهو پڻ ضروري آهي ته هو ٻارن کي لکڻ لاءِ نوان نوان موضوع ڏئي ۽ عام موضوعن تي لکڻ کان پاسو ڪرائي.تخليقي مضمون جي بهترين ۽ دلچسپ صورت آکاڻي لکڻ ۽ بيان ڪرڻ سان آهي. ٻارن کان آکاڻي لکائڻ، ڪڏهن اشارن جي مدد سان، ڪڏهن ڪتاب پڙهائڻ سان، ٻارن لاءِ هيءَ هڪ وڻندڙ ۽ دلچسپ مشغولي آهي. آکاڻي جيتري قدر نئين هوندي ٻار

اوترو ٿي اُن ۾ دلچسپي رکندا.

آکاڻي ڪانسواءِ ٻار مضمونن لکڻ ۾ پڻ دلچسپي رکندا آهن. ٻار پنهنجن مائٽن ۽ دوستن کي وڏي شوق سان خط لکندا آهن. خط جو موضوع ۽ ان جو بيان جيترقدر سچو ۽ صحيح هوندو، ايتريقدر هيءَ مشق پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ فائديمند ثابت ٿيندي.

**٨ - مطالعي ۽ تحرير جو تعلق :** لکڻيءَ جو پڙهائيءَ سان گهرو لاڳاپو آهي. مطالعو وسيع هوندو تہ ٻارن جي ڄاڻ ۽ عام واقفيت پڻ گهڻي ٿيندي ۽ مختلف عنوانن تي سوچڻ ۽ خيالن کي گڏ ڪرڻ کي قدر ڏکيو نہ لڳندو. مطالعو انساني سوچ کي نوان رستا ڏيندو ۽ انساني سوچ جديد نشان مهيا ڪندو. مطالعي جي ذريعي ٻارن ۾ لکڻ جو اعتماد پيدا ٿئي ٿو ۽ هو پراڻي روش تان هٽي هڪ نئين انداز سان پنهنجي ڳالهہ بيان ڪندا آهن. ان ڪري جيڪڏهن اسين ائين چاهيون، تہ اسان جي ٻارن ۾ مضمون لکڻ جي لياقت بهتر ٿئي ۽ انهن جي لکڻ جي صلاحيت سڌري، تہ لازمي آهي تہ اسين انهن ۾ ڪتابن پڙهڻ جي عادت وجهون ۽ ڪين‌سٺي ادب جي پڙهڻ جي هدايت ڪريون. جڏهن لکڻ جي لاءِ ڪو بہ عنوان چونڊيون، تہ اُن موضوع تي جيڪو ادبي مواد گهر يا اسڪول ۾ ملي سگهي ٿو، ان جي لاءِ ٻارن کي ٻڌايو ۽ سمجهايو وڃي ۽ ٻارن کي اُن جي مطالعي لاءِ چيو وڃي. سٺن ۽ وڏن اديبن جي تحريرن جا نمونا ٻارن لاءِ رهبريءَ جي حيثيت رکن ٿا ۽ انهن جي تتبع سان ٻارن جي تحرير ۾ صفائي ۽ رواني پيدا ٿئي ٿي.

# ٦-گرامر سيکارڻ

گرامر اصل لئٽن ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ ٻـگرامر سنسڪرت ۾ وياڪرڻ ، عربيءَ ۾ صرف نحو ۽ سنڌي زبان ۾ مٿين ٽنهي نالن سان سڏيو ويندو آهي.

گرامر جي معنيٰ آهي ”ٻوليءَ جي صحيح ڳالهائڻ، لکڻ، پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي اصولن ۽ قاعدن جي مڪمل ڄاڻ“ ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ ”گرامر اهو علم آهي، جنهن جي ذريعي ٻوليءَ جي جوڙجڪ يا بناوت جي پروڙ پوي ٿي.“

**اهميت ۽ ضرورت**

اسان جي سنڌي زبان دنيا جي قديم ۽ سڌريل زبانن ۾ ليکي رجي ٿي، جنهن کي پنهنجو علمي ۽ ادبي سرمايو آهي، جو صدين کان سنڌ جي مخصوص ڪلچر ۽ روايتن جو ترجمان آهي، ان کي پنهنجو گرامر آهي، جنهن جي مدد سان اها ترقيءَ جو منزلون طيءِ ڪندي رهي ٿي.

انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ پهريائين ٻولي وجود ۾ آئي ۽ پوءِ ان جو گرامر مرتب ٿيو. انهيءَ ڪري درسگاهن ۾ گرامر جي سکيا بابت تعليمي ماهرن جا مختلف رايا آهن. ڪن جو رايو آهي تہ اسڪولن ۾ گرامر پڙهائڻ جي ڪا خاص ضرورت نہ آهي، جو اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ اڻپڙهيل ماڻهو بہ درست ٻولي ڳالهائي سگهن ٿا. ٻين جو رايو آهي تہ گرامر جي اصولن جي دستوري قسم جي پڙهائي ضروري نہ آهي، فقط ٻوليءَ جي صحيح استعمال جي مشق ڪرائڻ ڪافي آهي. ڪن عالمن جي راءِ آهي تہ ٻوليءَ ۾ گرامر فقط استعمالي نموني يعني ٻوليءَ جي سکيا دوران سيکارجي، الڳ مضمون طور گرامر جي سکيا جي ضرورت ڪانهي. اهو ئي سبب

آهي، جو اسان جي موجوده نصاب ۾ گرامر سيکارڻ لاءِ ڪو ڪتاب پڙهايو نٿو وڃي، نہ ورري انهيءَ طرف خاص ڌيان ڏنو وڃي ٿو. شايد گرامر جي سکيا ڏانهن انهيءَ غفلت جو ئي نتيجو آهي، جو اڄ پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن جا نہ رڳو شاگرد، پر افسوس جو ڪي استاد بہ صحيح نموني ٻولي لکي توڙي پڙهي نہ سگهندا آهن. راءِ ڏيڻ جي تہ هر ڪنهن کي آزادي آهي. پر تجربي مان ثابت ٿيو آهي،. تہ گرامر جي پوري ڄاڻ نہ رکندڙن ۾ اها لياقت نہ هوندي آهي، جو ڪنهن تحرير ۾ ترميم يا توسيع ڪري سگهن. يا ٻوليءَ جي ڪا خاطر خواهہ يا تدريسي خدمت سرانجام ڏيئي سگهن. انهيءَ ڪري اسڪولن ۾ گرامر سيکارڻ لازمي آهي.

**گرامر جا مکيہ ٻہ حصا آهن :**

**(١) علم صرف (٢) علم نحو**

**١. علم صرف :**

”صرف“ عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”ملائڻ يا بدلائڻ“. هن علم مان اها خبر پوي ٿي، تہ اکر يا حرف ڇا آهن، اکرن مان آواز ڪيئن ٿا جڙن. آملائون، لاڪنائون يا ماترائون ڪهڙيون آهن. اُهي آوازن ٺهڻ ۾ ڪيئن مدد ڪن ٿيون، لفظ ڪيئن ٿا جڙن، لفظن جا ڪهڙا قسم آهن ۽ انهن جي ڦيرگهير ڪيئن ڪجي.

**٢- علم نحو :**

”نحو“ جي لفظي معنيٰ آهي ”دستور يا ربت“ اهي اصول يا قاعدا، جن جي ذريعي خبر پوي تہ جملا ڪيئن ٿا ٺهن. جملن ۾ ڪم

آيل لفظن جو هڪٻئي سان ڪهڙو تعلق آهي، جملن جا ڪهڙا قسم آهن ۽ انهن ۾ ڪهڙو فرق آهي. جملن مان فقرا ۽ فقرن مان مضمون ڪيئن ٺا جڙن. اها سموري واقفيت علم نحو مان ملي ٿي.

**گرامر سکڻ مان فائدا**

(الف) ٻوليءَ جي جوڙجڪ ۽ قاعدن قانونن جي ڄاڻ ملي ٿي، جنهن ڪري سڀ کان پهرين ان جي اُچارن ڪرڻ ۾ غلطي نٿي ٿئي.

(ب) بحث مباحثي ۾ حصي وٺڻ ۽ دليل بازيءَ جي لياقت پيدا ٿئي ٿي.

(ج) سٺي تقرير ۽ سهڻيءَ تحرير جي لياقت وڌي ٿي ۽ خيال وسيع ٿين ٿا.

(د) کوجنا ڪرڻ جو مادو پيدا ٿئي ٿو، تخليقي قوتون وڌن ٿيون، جنهن ڪري ٻوليءَ ۾ سڌارو ۽ واڌارو آڻي سگهجي ٿو.

(هـ) ٻوليءَ جي صحيح ۽ غلط هجڻ جي سلسلي ۾ گرامر جو علم ڪسوٽيءَ جو ڪم ڏئي ٿو. اُن جي ذريعي تقرير ۽ تحرير مان خوبيون ۽ خاميون ڪڍي، ٻوليءَ کي سڌاري ۽ سنواري سگهجي ٿو.

(و) گرامر جي مدد سان ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ٻين جي رهبري ڪري سگهجي ٿي.

(ز) گرامر جي مدد سان ٻوليءَ جي لغت ناهڻ ۽ اُن جي صحيح نموني استعمال ڪرڻ جي پرورش پوي ٿي.

**گرامر سيکارڻ جا طريقا**

گرامر سيکارڻ جا ٻه طريقا آهن :

١- استقراري ٢- استخراجي

**١- استقراري :**

"استقراري" عربي جي لفظ "استقراء" مان ورتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "تلاش ڪرڻ، ڳولڻ". هن طريقي موجب گرامر جو جيڪو بہ لفظ يا اصول سمجهائڻو هوندو آهي، اُن جا مثال ڏيئي، سوالن ذريعي ٻارن کان گهربل لفظ يا اصول ڪڍرائبا آهن، جيئن وصف ٻارن کي چڱيءَ طرح ذهن نشين ٿي وڃي. هي طريقو گرامر سيکارڻ لاءِ ڪارائتو آهي. جيڪڏهن استاد هوشيار ۽ چاڻو آهي، تہ چارٽن ۽ جنسي شين جي مدد سان گرامر جي سبق کي وڏيڪ مؤثر ۽ دلچسپ بڻائي سگهي ٿو. هي جديد ۽ نفسياتي طريقو آهي، جنهن جي ڪم آڻڻ سان گرامر جهڙي خشڪ ۽ مشڪل ڪم سکڻ لاءِ ٻارن ۾ چاهہ پيدا ڪري سگهجي ٿو.

**٢- استخراجي طريقو :**

"استخراجي" عربي لفظ استخراج مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي : ڪڍڻ، ڪڍڻ.

هن طريقي موجب گرامر جي لفظن جون وصفون ٻارن کي برزبان ياد ڪرايون وينديون آهن، پوءِ مثال ڏيئي اُنهن وصفن جي وڌيڪ سمجهاڻي ڏني ويندي آهي. انهيءَ ڪري گرامر جي ان طرح سکيا جو ٻارن جي ذهن تي اجايو بارُ پوي ٿو ۽ هو جلد ئي ٿَڪُ محسوس ڪري بيزار ٿي پوندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو ٻار گرامر سکڻ ۾ پورو چاهہ نہ وٺندا آهن. هي پراڻو ۽ غير نفسياتي طريقو آهي.

**گرامر جو سبق پڙهائڻ :**

گرامر جي سبق پڙهائڻ کان اڳ استاد کي هيٺين ڳالهين تي عمل ڪرڻ گهرجي :

### ١- تياري :

گرامر جي سبق پڙهائڻ کان اڳ استاد کي ان جي تياري ڪرڻ لازمي آهي. ان سلسلي ۾ پهريائين ليسن پلان تيار ڪجي. رٿيل عنوان جي مواد جي پوري واقفيت هئڻ گهرجي، سبق ۾ گهربل امدادي شيون موجود هئڻ گهرجن، ۽ سبق پڙهائڻ جي دوران انهن شين جو صحيح نموني استعمال ڪرڻ گهرجي.

### ٢- استاد جي شخصيت :

سبق جي ڪاميابيءَ ۾ استاد جي شخصيت جو وڏو دخل آهي، شخصيت ۾ استاد جو باوقار هئڻ، پاڻ ۾ پورو اعتماد هجڻ، موزون لباس، آواز بلند ۽ صحيح تلفظ اچي رهن ٿا.

### ٣- وقت جي پابندي :

سبق جي يونٽ جي اهڙي طرح ورڇ ڪجي جو مقرر وقت ۾ سبق پورو ٿئي، يعني جيڪڏهن سبق پڙهائڻ لاءِ ٣٠ منٽن جو وقت هجي، ته سبق کي انهيءَ وقت ۾ اهڙيءَ طرح تقسيم ڪجي، جو جيئن پيرڊ پورو ٿيڻ وارو هجي ته سبق به پورو ٿئي.

### ٤- سبق سلسليوار پڙهائڻ :

پڙهائي دوران سبق جو سلسلو پورو رکجي، يعني پهريائين آمادگي، پوءِ عنوان، ان بعد يونٽ جو واڌارو (گرامر جي سبق ۾ يونٽ جي واڌاري کي ٽن ننڍن حصن ۾ ورهائڻ گهرجي. پهريون، مثال ڏيڻ، مقصد وارا لفظ ڪڍائڻ، ٻيو وصف ظاهر ڪري بورڊ تي لکڻ ۽ ٽيون استعمال ڏيڻ) آن ڪانپوءِ جائزو، آخر ۾ گهر جو ڪم ڏيڻ.

٥- سوال مناسب هجن ۽ سڄي ڪلاس ۾ ورڇيل هئڻ گهرجن ۽

شاگردن کان جواب پورن جملن ۾ وٺڻ گهرجن. ٦- ٻارن سان همدرديءَ سان پيش اچڻ، سختي نہ ڪرڻ ۽ بيجا ڳالهائڻ کان پرهيز ڪرڻ.

٧- امدادي سامان جو سبق ۾ مناسب هنڌن تي استعمال ڪرڻ.

٨- بورڊ جو صحيح نموني استعمال . استاد جا اکر صاف سهڻا ۽ چٽا هئڻ کپن، جيئن ٻارن کي پڙهڻ ۾ آساني ٿئي. رنگين چاڪ استعمال ڪجي تہ سبق وڌيڪ مؤثر ٿيندو.

## ٤-ٻوليءَ جي تدريس لاءِ تجويز ڪيل طريقا
## (مادري زبان پڙهائڻ جا طريقا)
## Method of Teaching the Mother Tongue

**اهميت :** مؤثر تعليم جو دارومدار تعليم جي جديد طريقن تي آهي. معلم اهڙين ڪوشش ڪي طريقن جو نالو ڏنو آهي. جن جي وسيلي تعيلم ڏيڻ سان ٻار انهيءَ ڪم ۾ پوري دلچسپي وٺن ۽ اها ڏنل معلومات ٻارن جي دل ۽ دماغ تي ديرپا اثر ڪري. مؤثر تعليم هئڻ جو اندازو تعليمي طريقن سان چڱي پر لڳائي سگهجي ٿو.

عام طرح ڏنو ويو آهي تہ جڏهن بہ ڪنهن محفل ۾ تعليم جي باري ۾ ڪو ذڪر ايندو آهي، تہ ماڻهو اڪثر انهن استادن جي تعريف ڪندا آهن، جن جي پڙهائيءَ جو طريقو بهترين هوندو آهي، پر اهڙا استاد جن پڙهائيءَ دوران مؤثر طريقا اختيار نہ ڪياهوندا، انهن جو ذڪر سٺن لفظن ۾ نہ ڪيو ويندو آهي.

مشهور تعليمي ماهر جيمس مائيڪل جو چوڻ آهي تہ سٺي تعليم بغير ڪو بہ معلم ٿي نٿو سگهي. ڪي معلم مضمونن پڙهائڻ تي گهڻو زور ڏيندا آهن ۽ پڙهائي جي طريقن کي نظر انداز ڪندا آهن، ائين ڪرڻ سان تعليم مان شاگردن کي ڪو فائدو نہ رسندو آهي ۽ اها تعليم بيڪار ثابت ٿيندي آهي.

**سمعي ۽ ناطقي طريقو :(Hear and Say Method)**

سمعي ۽ ناطقي ٻئي عربي لفظ آهن، جن جي معني آهي ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ. هيءُ طريقو خاص طرح ابتدائي ڪلاسن لاءِ ڪارائتو آهي. شروع ۾ ٻارن کي جڏهن ٻولي سيکاربي آهي. تڏهن استاد

جنسي شين ۽ چارٽن جي مدد سان آواز ۽ لفظ ۽ جملا ٻارن کي سيکاريندو آهي. اُستاد جيڪي ڪجهه چوندو آهي، ٻار اهو غور سان ٻڌي جواب ڏيندا آهن، جنهن ۾ ٻار جون ٻئي لساني مهارتون ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ ڪم اينديون آهن. مادري زبان واري سبق جي سڀني مرحلن ۾ ٻين طريقن سان گڏ هيءُ طريقو به ضرور ڪم ايندو آهي. خاص طرح شروعاتي پڙهڻي، نوان لفظ سمجهائڻ، مثالي پڙهڻي، اجتماعي پڙهڻي ۽ آخر ۾ جائزي وٺڻ وقت شاگردن سان سوال جواب ڪرڻا پوندا آهن. جن ۾ هي طريقو شامل هوندو آهي. جيڪڏهن غور سان ڏسبو ته درس وتدريس جا سڀئي طريقا هن طريقي جي مدد کان سواءِ ڪامياب ٿي نه سگهندا. ڇاڪاڻ ته ٻار جڏهن ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ ناقص هوندا، ته استاد ڪيتري به ڪوشش ڪندو، پر سندس تعليم مان شاگرد کو به لاڀ کو نه پرائيندو. انهيءَ ڪري استاد کي گهرجي ته هن طريقي کي ڪامياب بنائڻ لاءِ هيٺيان اُپاءَ وٺي :

١- ڪا به ڳالهه شاگردن کي ٻڌائي ته شاگردن کان ورجائي.

٢- ڪا به ڳالهه شاگردن کي ٻڌائي ته اُن تي سوال ڪري.

٣- ٻڌايل ڳالهه جو شاگردن کان اختصار ڪرائي.

٤- روزمره جون ڪارگذاريون شاگردن کان پڇي.

٥- ٻڌايل ڳالهه تي شاگردن کان رايا وٺي.

٦- صحيح اُچارن ۽ آوازن جي مشق ڪرائي.

٧- ٽيپ رڪارڊر جي ذريعي آواز ۽ اُچار صحيح ڪرائي.

٨- ٻارن کي وندرائيندڙ ڳالهيون ٻڌائجن ۽ کين هدايت ڪجي ته اهي گهران ڪاپين تي لکي اچن.

٩- ٻارن کان اهڙا بيت پڙهائي ياد ڪرايا وڃن، جن ۾ ڏکين لفظن جو ڪثرت سان استعمال ٿيل هجي.

پوليءَ جون جيڪي بہ مهارتون آهن، تن ۾ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ بنيادي حيثيت رکن ٿيون. انهيءَ ڪري جيستائين انهن ۾ ٻار ڪمزور آهي تيسين سماج ۾ پورو مان ۽ مرتبو حاصل ڪري ٿي نہ سگهندو.

ان لاءِ ضروري آهي تہ خود معلم ۾ اهڙيون لياقتون هجن، جو ٻارن جي پوري اصلاح ڪري سگهي. معلم کي گهرجي تہ :

١- ٻارن سان پيار ۽ همدرديءَ سان پيش اچي.

٢- سندس تلفظ، آواز ۽ لهجو صاف هجي.

٣- تعليم جي دوران پوري تياري ڪيل هجيس، يعني جنسي شيون، تصويرون، چارٽ، ماڊل وغيره استعمال ڪري.

٤- ٻارن کي ڳالهائڻ ۽ پڙهڻ جا گهڻي ۾ گهڻا موقعا ڏئي.

٥- ٻارن جي اوڻاين جي سهڻي نموني اصلاح ڪري.

٦- ٻارن کي هدايت ڪري تہ ريڊيو ۽ ٽيلويين تي جيڪي مادري زبان ۾ پروگرام ٿين ٿا، اهي غور سان ٻڌن.

٧- ٻارن کي ننڍين ڪهاڻين تي مشتمل ڊراما ۽ ڊائلاگ ڪرڻ سيکاري.

**مشاهدي وارو طريقو : (Observation Method)**

هر ٻار جو اهو فطري لاڙو آهي تہ هو پنهنجي پڌايل حقيقتن تي گهٽ يقين ڪندو آهي.انهيءَ ڪري هو پاڻ هر شيءِ جو مشاهدو ۽ تجربو ڪري ڪنهن نتيجي تي پهچندو آهي. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي تہ جنهن ڳالهہ يا ڪم ڪرڻ کان ٻار کي جهلبو آهي؛ اهو ضرور ڪندو آهي. پوءِ جڏهن ان ڪم جو نتيجو ڏسندو آهي، تڏهن ان ڪم کان منع ڪرڻ جو مطلب سمجهہ ۾ ايندو اٿس. مثلاً ٻار کي چئجي تہ گرم پاڻيءَ ۾ هٿ نہ وجهہ، تہ موقعو ڏسي هٿ

رجهي ڏسندو، پوءِ کيس يقين ايندو تہ ڪنهن گرم شيءِ ۾ هٿ وجهبو تہ سڙي پوندو.

انهيءَ اصول کي نظر ۾ رکندي ٻارن کي اهڙا موقعا ميسر ڪري ڏجن؛ جيئن هو شين کي جاچي چڱيءَ طرح ڏسي رائسي حقيقتون معلوم ڪن. ائين ڪرڻ سان شاگردن ۾ تحقيق ۽ تجسس جو مادو پيدا ٿيندو. ان ريت حاصل ڪيل ڄاڻ ۽ علم مؤثر ٿيندو آهي. استاد صرف نگراني ڪري ۽ ضروت واريون شيون مهيا ڪري ۽ جتي جتي مناسب سمجهي اتي موزون سوالن ۽ اشارن ذريعي ٻارن جي رهنمائي ڪري، تہ اهو طريقو ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيندو. مثلاً ٻارن کي ڪو نصيحت آميز سبق سمجهائڻو آهي، تہ استاد کي گهرجي تہ ان سبق کي مختلف حصن ۾ ورهائي هر هڪ حصي جون تصويرون تيار ڪري ٻارن کي ڏيکاري، تہ ٻار مشاهدو ڪري نتيجي سميت سموري آکاڻي ٻڌائي ويندا. اهڙا گهڻا سبق درسي ڪتابن ۾ ڏنل آهن. جيئن تہ پين جي مدد ڪرڻ اُڃايل ڪانءُ، وغيره. اهڙي طرح ٻيا نصابي ڪم سائنس، رياضي، جاگرافي وغيره هن طريقي موجب ڪاميابيءَ سان پڙهائي سگهجن ٿا.

**مشاهدي واري طريقي جون خوبيون :**

١- هن طريقي سان حاصل ڪيل معلومات چڱيءَ طرح ذهن نشين ٿي وڃي ٿي.

٢- شاگردن ۾ تجسس ۽ تحقيقات ڪرڻ جو مادو پيدا ٿئي ٿو.

٣- ڪوجنائون ڪري نيون ايجادون ڪري سگهجن ٿيون.

٤- مشڪل وقت ۾ پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ جي اهليت پيدا ٿئي ٿي.

٥- خود اعتمادي پيدا ٿئي ٿي.

٦- دلي ۽ دماغي قوّت پختي ٿئي ٿي.
٧- عملي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ ڪري دلي خوشي محسوس ٿئي ٿي.
نوٽ :- هي سکيا ڏيڻ جو ڪامياب طريقو آهي. البت اُستاد کي ڪجهه محنت ڪرڻي پوندي. تصويرون ۽ جنسي شيون شاگردن کي مهيا ڪري ڏيندو پيءِ حالت ۾ هن طريقي مان فائدو حاصل ڪري ٿي نہ سگهبو.

**راند رهڻا جو طريقو :- (Play Way Method)**

راند روند هڪ اهڙي مشغولي آهي. جنهن ۾ هر عمر وارو ٻار توڙي بالغ ضرور چاه رکندو آهي. مشهور تعليمي ماهر جهڙوڪ: هربرٽ اسپينسر، گردو اسٽئنسلي، ميريا مانٽيسوري، فروبيل وغيره کوجنا ڪري انهيءَ راءِ تي پهتا، تہ انسان کي قدرت انهيءَ لاڙي سان نوازيو آهي، تہ هو جيڪي شيون ڏسي ٿو انهن تي غور ڪري آزمائي نيون نيون ڳالهيون ۽ حقيقتون اخذ ڪرڻ سگهندو رهي ٿو. سکڻ جي انهيءَ طريقي کي راند روند وارو قدرتي طرح سکڻ جو طريقو سڏيو وڃي ٿو. جيڪڏهن انسان ۾ غور فکر ڪرڻ جي رغبت نہ هجي ها، تہ هن وقت تائين انسان جيڪي ترقيءَ جون منزلون طيءِ ڪيون آهن، سي مڪمل نہ ٿي سگهن ها.
پروفيسر ڪالڊويل ڪڪ هن طريقي تي هڪ بهترين ڪتاب "راند روند ذريعي تعليم" لکيو آهي. جنهن ۾ تصويرن ذريعي سکڻ جا مختلف نمونا چاٽايل آهن. هن صاحب راند روند ذريعي سيکارڻ جون مکيہ هيٺيون خاصيتون چاٿايون آهن :
١- آزادي ٢- ذميداري ٣- چاهہ يا ذوق

١- **آزادي:** جيئن تہ انسان قدرتي طرح آزاد پيدا ٿيو آهي. انهيءَ

ڪري تعليمي ڪم ۾ بہ آزادي پسند ڪندو آهي. آزاد فضا ۾ ٻار جون اندروني قوتون ترقي وٺن ٿيون. آزاديءَ جو مطلب اهو نہ آهي، تہ ٻار کي بلڪل آزاد ڇڏي ڏجي، تہ هو پاڻهي پيو سکندو، پر استاد جو ڪم آهي تہ ترقيءَ جي راهہ ۾ ضرورت وقت ٻار جي رهبري ڪندو رهي. آزمائش مان ثابت ٿيو آهي، تہ جيڪي ٻار بندش ۽ دٻاءُ جي ڪري سست ۽ موڳا نظر ايندا آهن، سي راند روند واري آزاد فضا ۾ چست چالاڪ ۽ هوشيار نظر ايندا آهن.

٢- **ذميداري :** بندش ۽ ذميداري مڙهڻ جي حالت ۾ هرڪو ٻار دٻپ جي حالت ۾ پاڻ کي غير جوابدار محسوس ڪندو آهي، پر آزاديءَ ملڻ جي حالت ۾ هو پاڻ کي ذميوار سمجهندا آهن ۽ هرڪو ڪم خبرداري ۽ احتياط سان ڪرڻ لڳندا آهن، جنهن ڪري سونپيل ڪم ڪاميابيءَ سان ڪري سگهندا آهن.

٣- **ذوق يا چاهہ :**هرڪو ماڻهو پنهنجي مطلب واري ڪم ۾ وڏيڪ دلچسپي ۽ چاهہ ڏيکاريندو آهي. اسڪولي نصاب وارا ڪم اڪثر ڪري، خشڪ ۽ غير دلچسپ هوندا آهن، جن جي سکڻ ۾ اڪثر ٻار پورو چاهہ نہ وٺندا آهن. پر جيڪڏهن استاد ڄاڻو آهي، تہ پنهنجي سکيا ۾ پڙهائڻ جا جديد طريقا (ڪنڊرگارٽن ، مانٽيسوري، منصوبي، ڊيڪرالي وغيره) استعمال ڪري ٻارن ۾ دلچسپي پيدا ڪري سگهي ٿو. ساڳئي وقت غير نصابي شغل جيئن اسڪائوٽنگ. جو نيئرريڊ ڪراس، بئنڪ اڪائونٽ، سيرو سفر، راڳ روپ، نماءُ وغيره (جي راند روند جي نموني واريون مشغوليون آهن) ۾ ٻارن کي حصو وٺرائجي تہ ٻار سکيا ۾ پوري دلچسپي وٺندا. مادري زبان جي درسي ڪتابن ۾ ڪيترا

اهڙا سبق هوندا آهن، جي ناٽڪ يا ڊائلاگ جي ذريعي سيکاري سگهجن ٿا. ٻيا اهڙا بہ سبق هوندا آهن، جي آڪاٽين ذريعي سيکاري ٻارن ۾، چاهہ پيدا ڪري سگهجي ٿو.

**راند رچنا واري طريقي جون خصوصيتون :**

١- هن طريقي موجب تعليم ڏيڻ ڪري ٻارن کي آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو.

٢- ابتدائي عمر ۾ ئي ٻار کي تعليم ڏانهن راغب ڪيو وڃي ٿو.

٣- ٻارن کي سندن فطرت موجب تعليم ملي ٿي.

٤- ٻارن جي ذهني ۽ جسماني اوسر ٿئي ٿي.

٥- هن طريقي ڪم آڻڻ سان ٻارن جي ذاتي لاڙن ۽ دلچسپين جي پرورش پوري ٿي.

٦- ڪتابي تعليم خشڪ ٿئي ٿي، ان جي بجاءِ تعليم ۾ نوان وسيلا اختيار ڪيا وڃن ٿا. مثلاً راڳ روپ، ڪهاڻيون پڙهائڻ، رانديون ۽ ورزشون ڪرڻ وغيره: انهيءَ ڪري هو بنا ڊپ جي خوشيءَ سان تعليم حاصل ڪن ٿا.

٧- هن تعليم جي ذريعي ٻارن جا اخلاق سڌرن ٿا، ۽ منجهن خود اعتمادي پيدا ٿئي ٿي.

**٣- ڏسو ۽ چئو :- (Look and Say)**

بين وگو فارسي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڏسو ۽ ڳالهايو. هي طريقو مادري زبان سيکارڻ لاءِ موزون آهي. هن طريقي ۾ ڪا بہ تصوير يا جنسي شيءِ ڏيکاري ٻارن کان سوال پڇي لفظ معلوم ڪرائبا آهن. پوءِ انهن لفظن جا آواز ڪرائي، لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاربو ويندو آهي. مثلاً ٻارن کي انب لفظ سيکارڻو آهي، تہ

پهريائين جنسي انب يا ان جي تصوير ڏيکاري ٻارن کان سوال ڪبو، تہ منهنجي هٿ ۾ ڇا آهي؟ يا هيءَ ڇا جي تصوير آهي؟ ٻار جواب ڏيندا: انب، پوءِ انب لفظ جا آواز ڪرائبا. هر هڪ آواز بورڊ تي لکبو. چارٽ ۽ چٽڪين مان ڪڍرائبو، سليٽن يا ڪاپين تي لکرائبو. اهڙيءَ طرح ٻئي آواز جدا جدا سمجهائي، پوءِ گڏجي لکڻ سيکاربو. ائين ڪرڻ سان ٻارن جا اُچار صحيح ٿيندا ۽ لفظن جون صورتون بہ ٻارن کي چڱيءَ ريت ذهن نشين ٿينديون.

**هن طريقي جون خوبيون :**

١- زبان سيکارڻ جو هي قدرتي طريقو آهي. ڇاڪاڻ تہ ٻار گهرو ماحول ۾ پهريائين لفظ ئي سکندا آهن. انهيءَ ڪري منجهن چاهہ وڌي ٿو.

٢- ٻارن ۾ لکڻ پڙهڻ جي لياقت پيدا ٿئي ٿي.

٣- ٻارن جو تلفظ صحيح ٿئي ٿو.

٤- هن طريقي موجب تعليم ڏيڻ سان ٻارن کي ٻوليءَ جي مهارتن تي ٿوري ئي وقت ۾ عبور حاصل ٿي وڃي ٿو.

**خاميون :**

١- ٻارن کي ڪيترائي لفظ ياد ڪرڻا پون ٿا. انهيءَ ڪري سندن ذهن تي بوجو پوي ٿو.

٢- ٻارن کي لفظن جي هِجي ڪرڻ نٿي اچي، انهيءَ ڪري صورتخطيءَ ۾ چُڪون ڪن ٿا.

**مشغولين وارو طريقو :- (Activities Method)**

تعليم جي جديد طريقن موجب سبق پڙهائڻ دوران شروع

ڪان آخر تائين ٻارن کي مصروف رکڻ تي گهڻو زور ڏنو ويو آهي، تہ جيئن ٻار سبق سکڻ تي پورو توجهہ ڏين. فقط پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ٻارن کي مشغول رکڻ لاءِ ڪافي نہ آهي.

ٻولي سيکارڻ جي دوران ٻارن کي ڪم ۾ مشغول رکڻ جو انتظام تہ جيئن ٻار سمورو وقت ڪم ۾ مشغول رهن ۽ ڪين ٿَڪُ بہ محسوس نہ ٿئي. مثلاً ابتدائي ڪلاسن ۾ ٻارن کي آوازن ذريعي لفظ لکڻ پڙهڻ سيکارڻا آهن.ان حالت ۾ هيٺيون امدادي سامان گهرجي :

تصويرون،چارٽ، چٺڪيون، اسٽئنسل، ريگ مال جا پتا وغيره هر هڪ لفظ ۽ ان جي آوازن جي سيکارڻ ۾ مٿيون شيون استعمال ڪبيون، تہ يقيناً ٻار سمورو وقت ڪم ۾ مشغول رهندا. اهڙيءَ طرح درجي بدرجي مٿين ڪلاسن ۾ مادري زبان سيکارڻ لاءِ امدادي سامان ۾ تبديلي ٿيندي رهندي. سبقن ۾ امدادي سامان ڪم آڻڻ ٻارن کي مشغول رکڻ جو بهترين ذريعو آهي.

تعليم جي باري ۾ اها مشهور چوڻي آهي تہ"سکڻ آهي ڪرڻ سان"تعليم جا ماهر بہ انهيءَ چوڻيءَ سان متفق راءِ آهن ۽ عملي ڪم ڪرڻ تي گهڻو زور ڏين ٿا. ڇاڪاڻ تہ عملي سکيا ۾ ٻارن جا سيئي حواس ڪم اچن ٿا، ۽ اهڙي سکيا جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ حواس شريڪ ٿين، اها نهايت اثرائتي ٿئي ٿي. ڪر بہ مشڪل مسئلو ٻار آسانيءَ سان سمجهي سگهندا. مثلاً جيڪڏهن سائيڪل هلائڻي آهي، تہ هڪ نئون ماڻهو ڪڏهن بہ سائيڪل هلائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيندو. پوءِ ڀلي ڪٿي سائيڪل بابت ڪيتري واقفيت رکندڙ هجي ۽ ٻين کي سائيڪل هلائيندو ڏسجي. پر جيستائين پنهنجي سر هلائڻ جي مشق نہ ڪبي تيستائين ڪاميابيءَ سان هلائي نہ سگهبي.

مشغولين ذريعي تعليم ڏيڻ ڪنڊرگارٽن ۽ مانٽيسرري طريقا ڏاڍا ڪامياب ويا آهن.

**ڪنڊرگارٽن طريقو:** فريڊرڪ فروبيل (جرمن) جو ايجاد ڪيل آهي. سندس نظريو آهي تہ انساني ذهن سان گڏ، سندس فطرتي صلاحيتون (جيڪي منجهس لڪل آهن) مسلسل وڌنديون ۽ اُجاگر ٿينديون رهن ٿيون. رانديون ٻارن جي فطري صلاحيتن جي اوسر جو هڪ بهترين قدرتي مشغلو آهن. انهيءَ ڪري استاد کي گهرجي تہ ٻارن لاءِ اهڙو سازگار ماحول ۽ سامان مهيا ڪري، جنهن ۾ ٻار جي صلاحيتن جي اوسر ٿئي ۽ تدريسي ڪم آسان ٿي پوي. ڪنڊرگارٽن جي طريقي موجب ٻارن جي تعليم تربيت لاءِ جيڪو سامان مقرر ڪيو ويو آهي، ان کي "سوغاتون" سڏيو وڃي ٿو. اهي هيٺ ڏجن ٿيون.

سوغات نمبر ١- هن ۾ ٦ عدد مختلف رنگن جا سوٽي ۽ اوني بال آهن، ان لاءِ تہ ٻارن کي جدا جدا رنگن جي پروڙ پوي.

سوغات نمبر ٢- هن ۾ ڪاٺ جا ٣ عدد ٽڪرا، گول ڪعب ۽ سلنڊر جي صورت ۾ رکيل آهن. ان لاءِ تہ ٻارن کي انهن جي نالن جي خبر پوي ۽ انهن جي مدد سان مختلف شڪليون ڪڍڻ سکن.

سوغات نمبر ٣- ڪاٺ جي ٣ انچن جو ٽڪر ڪعب جي صورت ۾ آهي، جو اَٺن هڪ جيڏن ننڍن ڪعب جي صورت ۾ ڪٽيل آهي. انهن جي ذريعي مختلف شڪليون ٺهي سگهن ٿيون.

سوغات نمبر ٣- مٿين سائز جو ڪعب اَٺن ننڍن مستطيل ٽڪرن ۾ ڪپيل آهي. انهن سان بہ مختلف شڪليون ٺاهي سگهجن ٿيون.

سوغات نمبر ٥- ڪاٺ مان ٽن انچن جو ڪعب جي صورت ۾ هڪ ڪٽيل ٽڪر، جنهن مان هڪ جيڏا ٢٧ ڪعب ڪٽيل آهن. جن مان مختلف ڊزائينون ۽ شيون ٺاهي سگهجن ٿيون.

سوغات نمبر ٦- ساڳيءَ سائيز جو ڪاٺ جو ٽڪر ٢٧ ننڍين مستطيل ٽڪرن ۾ ڪٽيل آهي. جن مان ٻار مختلف شڪليون ۽ ڊزائينون ٺاهي سگهن ٿا.

سوغات نمبر ٧- دفتريءَ مان ڪپيل چورس، ٽڪنڊا، مستطيل ۽ گول ٽڪرا جن مان جاميٽري جي مختلف ڊزائين جي پروڙ پوي ٿي.

سوغات نمبر ٨- ڪاٺ جي مختلف سائيز جون رنگي تيليون جن مان جاميٽريءَ ۽ رانديڪن جون شڪليون الف ب جا اکر ۽ آواز ٺاهي سگهجن ٿا.

سوغات نمبر ٩- مختلف سائيز جا رنگين ڇلا جن مان ٻار مختلف ڊزائينون تيار ڪري انهن ۾ چٽسالي ۽ شروعاتي هنري ڪم سکي سگهن ٿا.

سوغات نمبر ١٠- ٿلهو رنگين ڌاڳو جنهن کي موڙي مختلف صورتون ٺاهي سگهجن ٿيون.

سوغات نمبر ١١- رنگين موتي پوئي انهن مان هار، ٽوڪريون، جهالريون، پکا ۽ ٻيون شيون ٺاهي سگهجن ٿيون.

**ڪنڊرگارٽن طريقي موجب ٻارن جون مشغوليون :**

(الف) پنو ويڙهڻ ۽ ان کي ڪتري مختلف شيون، شڪليون ۽ رانديڪا تيار ڪرڻ.

(ب) تڏا مڙهڻ ۽ ٽوڪريون تيار ڪرڻ: اچا ۽ رنگين پنا ڪتري انهن مان سهڻا تڏا ۽ ٽوڪريون تيار ڪري سگهجن ٿيون.

(ث) مٽيءَ ۽ واريءَ مان مختلف ماڊل تيار ڪرڻ.

(د) تيلن ۽ ڪکن پنن ۽ دفتريءَ مان مختلف ڊزائينون، رانديڪا، ٻوليءَ جا لفظ ۽ جملا ٺاهي سگهجن ٿا.

ان کان سواءِ هن طريقي ۾ ٻيون مشغوليون بہ آهن، جهڙوڪ :ڪِالهائڻ ٻولهائڻ واريون رانديون روندون، آکاڻيون،

لکڻ پڙهڻ وغيره

**مانٽيسوري طريقو :**

هن طريقي جو پايو وجهندڙ ڊاڪٽر سيريا مانٽيسوري اٽلي جي رهاڪو هئي. پيشي جي لحاظ کان اسپتال ۾ ڊاڪٽر هئي. جتي خاص ننڍن ٻارن جو علاج ڪندي هئي. اتي ڪيس خيال ٿيو ته ٻارن جي علاج سان گڏ ڪو اهڙو تعليمي طريقو اختيار ڪجي، جنهن جي ذريعي هو لکڻ ۽ پڙهڻ ۽ حسابي ڪم سکي سگهن. آخر تجربن ذريعي هن معلوم ڪيو ته ٻارن جا حواس استعمال ۾ آڻجن، ته تعليم جي سلسلي ۾ سٺو نتيجو نڪرندو. ان ڪري هن ڊاڪٽري تعليمي پيشو اختيار ڪيو.

**مانٽيسوري طريقي جا مکيه ٽي اُصول آهن.**

١- جسماني تربيت.

٢- حواسن جي تربيت.

٣- مڪمل آزادي.

**١- جسماني تربيت :**

هن حصي ۾ پهريائين ٻارن جي جسماني صفائي جهڙوڪ : هٿ منهن ڌوئڻ، ڏند صاف ڪرڻ، ننهن ڪترڻ، طهارت ڪرڻ، صاف ڪپڙا پائڻ ۽ بسترو وڇائڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويو. ان کان پوءِ ڊوڙڻ ٽپڻ، ۽ ٻارن کي راند ۾ ڀرپور وٺرائڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويو. ان لاءِ عمر جي لحاظ کان ٻارن لاءِ راندين جو سامان مهيا ڪيو ويو. پهريائين ڏاڪڻ ٻارن جي لهڻ چڙهڻ لاءِ استعمال ڪئي ويئي، ته جيئن ٻار پنهنجا عضوا آزاديءَ

سان استعمال ڪري سگهن ۽ سندن جسماني اوسر بہ ٿئي.

**٢- حواسن جي تربيت :**

ٻار آسپاس جي ماحول کي چڱيءَ طرح سمجهن. ان لاءِ حواسن جي تربيت ڏيڻ لازمي هئي. ان سلسلي ۾ گهربل سامان مهيا ڪيو ويو. جنهن جي ذريعي ننڍ وڏائي، گهٽ وڌ، نرم سخت، گرم سرد، رنگين ۽ بي رنگين شيون معلوم ڪرڻ لاءِ رکيون ويون. ان لاءِ تہ ٻارن ۾ ڇهڻ ۽ ڏسڻ جا حواس ڪم اچن. اهڙي طرح سنگهڻ جي حواس ڪم آڻڻ لاءِ خوشبوءِ ۽ بدبوءِ واريون شيون، چکڻ لاءِ مختلف ذائقن واريون شيون ۽ ٻڌڻ لاءِ جدا جدا آواز پيدا ڪرڻ واريون شيون موجود ڪيون ويون. جيئن اهي شيون استعمال ڪري نتيجا اخذ ڪيا وڃن. اهڙيءَ طرح مانٽيسوري ڪلاسن ۾ حواسن جي تربيت جو پورو انتظام ڪيو ويو.

**٣- مڪمل آزادي :**

ڊاڪٽر مانٽيسوري ٻارن کي مشغولين جي انتخاب ڪرڻ ۾ مڪمل آزادي ڏني آهي، تہ جيئن هرڪو ٻار پنهنجي پسنديءَ موجب مشغولي اختيار ڪري ۽ اسڪول جو انتظام بہ برقرار رهي.اهڙيءَ طرح ٻار پنهنجي ڪم ۾ مشغول رهندا.اُستاد کي سندن پسند يا ناپسندي يا ڪمزورين جي بہ پروڙ پئجي سگهندي. استاد کي ٻارن جي ڪم ۾ مداخلت ڪرڻي نہ آهي، کيس صرف ڪمزورين کي سڌارڻ ۽ مناسب رهبري ڪرڻي آهي.

مانٽيسوري اسڪول جي عمارت هڪ وڏي هال ۽ ٻين ڪيترن ننڍن ڪمرن تي مشتمل هوندي آهي. وڏو هال مطالعي ڪرڻ لاءِ مخصوص آهي. ننڍن ڪمرن ۾ ٻار پنهنجو سامان ڪبٽن ۾ ناهي رکندا آهن، پوءِ جڏهن سندن دل چاهيندي آهي

تہ اهو سامان مقرر جاين تي رکي ڇڏيندا آهن. سامان رکڻ لاءِ کمرن ۾ شيشي جا ڪبٽ پٽين ۾ فٽ ٿيل هوندا آهن، جن کي پئي سامان سان گڏ گلدستن، تصويرن ۽ ماڊل سان سجائي ڇڏيندا آهن.

**مانٽيسوري طريقي جون خوبيون :**

١- ٻارن کي حواسن ذريعي تعليم ڏيڻ، جنهن ڪري سندن دماغي لياقت وڌي ٿي.

٢- سمورو ڪم جنسي شين ۽ سازن وسيلي سيکارجي ٿو تہ جيئن ٻار جا سڀيئي حواس ڪم ڪن.

٣- هن طريقي ۾ خود سکيا جي اصول تي گهڻو زور ڏنل آهي، سکڻ جي اوزارن جو بہ اهڙو بندوبست ڪيل آهي جو ٻار استاد جي مدد کان سواءِ پاڻهي ڪم ڪري سگهن.

٣- حسابي ڪم سيکارڻ لاءِ گهڻي استعمال وارين مشغولين تي زور ڏنو ويو آهي ۽ اهڙو جنسي سامان بہ موجود ڪيو ويو آهي.
ٻارن جي جسماني واڌاري جي باري ۾ هن طريقي ۾ ٻارن جي ٽنگن ۽ ٻانهن جي ورزش تي گهڻو زور ڏنو ويو آهي. ان باري ۾ هيٺيون شيون موجود ڪيون ويون آهن.

١- ڪاٺ جي تختي تي هلڻ : هڪ ڊگهو تختو ٽي انچ ويڪرو ۽ زمين کان ٦ انچ اُوچو ان لاءِ تہ ان تان هڪ پير اڳيان ۽ ٻيو پٺيان ڪري ٻار هلڻ سکن.

٢- ڪاٺ جي نوڙين جي ڏاڪڻ پٽ تي ٽنگيل هجي تہ ٻار پيا چڙهن ۽ لهن ۽ هيٺان هڪ گاديلو رکجي جيئن اتفاق سان ٻار ڪري تہ کيس ڌڪ نہ لڳي.

٣- ڪاٺ جي گهوڙي جنهن جي ڏندين تي ٻار لهي چڙهي سگهن.

**حواسن جي تربيت لاءِ مشغولين جو سامان :**

بٽڻن جا فريم، ڪاٺ جي گول ٽڪرن جون ۴ عدد پٽيون، ڪاٺ جا رنگين منارا، ريگمال پني جون تختيون، رنگين پٽن جي باڪس، جاميٽري جي فريمن جي باڪس، جاميٽريءَ جي شڪلين جا لوها فريم، تور جي لاءِ ۳ پيٽيون جن ۾ مختلف ڪاٺ جون هلڪيون ۽ ڳوريون تختيون پيل آهن. هر هڪ پيٽيءَ ۾ 7 عدد تختيون هونديون آهن، پر هڪ ۾ هلڪي ڪاٺ جون ٻيءَ ۾ ٿورو ان کان ڳري ڪاٺ جون تختيون آهن. ٽينءَ ۾ ٻيءَ کان ڳري ڪاٺ جون تختيون پيل آهن. سيني جي ماپ ساڳي پر رنگ بدليل هوندو آهي. انهن مان ٻارن کي هلڪي ۽ ڳوري وزن جي پروڙ پوندي آهي. ان کان سواءِ آواز معلوم ڪرڻ لاءِ ۱۲ باڪس عدد آهن، جن ۾ مختلف شيون پيل هونديون آهن. انهن کي ڇڻڪائي مختلف آواز معلوم ڪرايا ويندا آهن. اهڙي طرح ڪپڙي جي سڃاڻپ لاءِ مختلف قسم جي ڪپڙن جا ٽڪر، سنگهڻ لاءِ مختلف شيون جهڙوڪ :- گاسليٽ، گلاب جو پاڻي، عرق، پيٽرول وغيره. چکڻ لاءِ شيون جيئن تہ ٽنڪي، کنڊ، لوڻ وغيره ۽ گرمائش معلوم ڪرڻ لاءِ ٿڌيون ۽ گرم شيون ڏيکاري گرمائش جو تصور ڏياريو ويندو آهي. ٻارن جي رنڌڻ ۽ راڳ روپ جو پڻ انتظام ڪيل آهي.

مانٽيسوري ڪلاس ٽن کان ڇهن سالن عمر وارن ٻارن لاءِ موزون آهي.هن طريقي موجب تعليم جو مرڪز ٻار آهي. جنهن ۾ ٻارن جي ذهني، اوسر ٿئي ٿي. هن قسم جا اسڪول يورپ، ۾ تہ گهڻا آهن. پر پاڪستان ۾ تمام ٿورا آهن. جو هيءَ تعليم مهانگي پوي ٿي. هيءُ طريقو پاڪستان ۾ صرف نرسري اسڪولن ۾ استعمال ٿئي ٿو.

## تحليلي ۽ ترڪيبي طريقو :
(Analytic and Synthetic Method)

ٻار جڏهن اسڪول ۾ داخل ٿيندو آهي، تہ سندس ذهن خالي نہ هوندو آهي، بلڪ پنهنجي گهرو ۽ آسپاس جي ماحول مان پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن جو ڪافي ذخيرو وٽس موجود هوندو آهي. پوءِ آهستي آهستي انهيءَ ذخيري ۾ اضافو ٿيندو رهندو آهي. فرق صرف اهو هوندو آهي تہ ٻار وٽ ٻوليءَ بابت جيڪا اڳين معلومات هوندي آهي، تنهن ۾ ڪا ترتيب يا تنظيم نہ هوندي آهي. اها ٽڪرن، لفظن ۽ اڌورن جملن جي صورت ۾ هوندي آهي. جنهن مان ٻيو ماڻهو مشڪل سان مطلب يا مقصد سمجهي سگهندو.پوءِ اهو ڪم استاد جو هوندو آهي تہ ٻار جي انهيءَ ٽڙيل پکڙيل اڌوري معلومات کي تحليلي ۽ ترڪيبي طريقن جي مدد سان ترتيب ڏيئي واضح ۽ مڪمل ڪري (تحليل جي معنيٰ آهي حل ڪرڻ يا ملائڻ ۽ ترڪيب مان مراد آهي ساخت يا بناوت) مقصد اهو ٿيو تہ ٻار جي ان اڌوري معلومات مان خاميون دور ڪري ان کي مناسب ۽ سهٽي صورت ڏيئي ٻارن کي ذهن نشين ڪرائڻ. مثال طور ٻارن کي پڙهڻ سيکارڻو آهي، تہ استاد کي گهرجي تہ پهريائين ٻار کي تصويرون يا جنسي شيون ڏيکاري انهن بابت جملا ٻارن کان پڙهائي، پوءِ جملن ۾ ڪم آيل لفظن جا آواز ڪرائي بورڊ تي لکندو وڃي. اهڙيءَ طرح آوازن مان لفظ ۽ لفظن مان جملن ٺاهڻ جي ترتيب ٻارن کي سيکاري، ان بابت سکيا ڏيڻ سان ٻار ٿوري ئي وقت ۾ مڪمل جملا ۽ عبارتون پڙهڻ سکي ويندا آهن. مٿين طريقن موجب تعليم ڏيڻ سان ٻارن جي معلومات ۾ جيئن پوءِ تيئن اضافو ٿيندو رهندو آهي. ٻارن ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ جو مادو پيدا ٿيندوآهي ۽ جلد ئي اڌوري معلومات مڪمل ٿي ويندي آهي.

## آکاڻين وارو طريقو : (Story telling Method)

آکاڻيون ٻڌائڻ ٻه هڪ فن آهي. جو قديم زماني کان عمل ۾ ايندو رهي ٿو. ڪهاڻين يا آکاڻين ٻڌڻ ۾ ٻار ٿوڙي وڏا پوري پوري دلچسپي وٺندا آهن. گهڻو ڪري ٻارن جو ته ايتريقدر چاهه هوندو آهي، جو جيستائين مائٽن کان رات جو آکاڻي نه ٻڌندا، تيستائين ننڊ نه ايندي اٿن.

پڙهائيءَ جي دوران آکاڻي ٻڌائڻ جو مقصد مختلف موقعن تي مختلف هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سبق جي شروع ڪرڻ وقت ٻڌائبي آهي. ان لاءِ ته ٻار سبق پڙهڻ ۾ چاهه وٺن. ڪڏهن ڪڏهن سبق هلندي مناسب جاءِ تي ٻڌائبي آهي. جيئن ٻار سبق ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺن ۽ ڪڏهن وري سبق جي آخر ۾ آکاڻي ٻڌائبي آهي. ڪي سبق اهڙا هوندا آهن، جي سمورا آکاڻيءَ جي ذريعي ٻڌائبا آهن، ته ٻارن کي وڌيڪ ذهن نشين ٿي ويندا آهن ۽ ٻارن کي ٿڪَ به محسوس نه ٿيندو آهي. هي اجتماعي پڙهائي لاءِ بهترين طريقو آهي،

**هن طريقي موجب پڙهائڻ مان فائدا :**

١- پڙهائڻ لاءِ ٻارن ۾ شوق ۽ دلچسپي پيدا ٿئي ٿي.

٢- هن طريقي موجب تعليم ڏيڻ سان سکيا اثرائتي ٿئي ٿي.

٣- سبق جو سلسلو قائم رهي ٿو.

٤- ڪلاس ۾ انتظام پورو رهي ٿو. ايتريقدر جو شرير ٻار به خاموش رهندا آهن ۽ سبق ۾ پورو توجهه ڏيندا آهن.

نوٽ :- هي طريقو صرف ضرورت وقت استعمال ڪجي. آکاڻيون نصيحت واريون با مقصد هجن جي خدمت، بهادري، ايثار ۽ اعليٰ ڪردار جي جذبن سان ڀرپور هجن. معلم لاءِ لازمي آهي، ته ڪهاڻين ٻڌائڻ ۾ مهارت رکندڙ هجي.

مقصد بہ پورا ٿين. مثلاً اسڪول ۾ اسٽور ڪولڻ، باغيچو لڳائڻ يا جانورن جي باغ جو سير ڪرڻ وغيره. اهي گروهي منصوبا آهن. پيا انفرادي منصوبا بہ آهن. جن ۾ ٻار اڪيلي سر ڪم ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪي اهڙا منصوبا رٿيا ويندا آهن؛ جن کي گروپن ۾ ورهايو ويندو آهي. انهن ۾ هر گروپ جا شاگرد پنهنجي حصي جو ڪم پورو ڪندا آهن.

عام طرح ڏنو ويجي ٿو تہ رسمي اسڪولن ۾ فقط ڪتابي تعليم ڏني ويجي ٿي. ان ۾ لساني مهارتن لکڻ، پڙهڻ، ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ تي گهڻو زور ڏنو ويجي ٿو. اها تعليم روزمره جي زندگيءَ ۾ ڪارآمد ثابت نہ ٿي آهي. پر منصوبي تعليم انهيءَ خاميءَ کي دور ڪرڻ‌جي هڪ ڪامياب تدبير آهي.

حقيقي تعليم اها آهي، جنهن ۾ ٻار کي آزادي هجي. اُستاد جي طرفان جسماني سزا ملڻ جو ڊپ نہ هجيس، پنهنجي مرضيءَ موجب پسنديءَ واري مشغولي هونديس تہ ان ۾ ذميداري محسوس ڪندو ۽ پوري دلچسپيءَ سان بہ ڪم ڪندو. گروهہ بنديءَ واري منصوبي ۾ بين ٻارن سان گڏجي ڪم ڪرڻ ۾ ٻار خوشي محسوس ڪندا آهن. منجهن هڪ ٻئي لاءِ عزت ۽ اتفاق رهندو آهي. استاد جو ڪم آهي فقط ٻارن جي رهبري ڪرڻ ۽ اهڙا منصوبا رٿڻ جن ۾ عملي ڪم ڪرڻ سان سندن جسماني، ذهني ۽ روحاني لياقتن جي اوسر ٿئي.

**منصوبي طريقي جون خصوصيتون :**

١- هن طريقي موجب تعليم ڏيڻ سان ٻارن جا اخلاق سڌرن ٿا ۽ سندس ذهني اوسر ٿئي ٿي.

٢- ڪنهن بہ ڪم جو منصوبو رٿي، ان تي عمل ڪري تڪميل تي پهچائي سگهجي ٿو.

٣- منصوبي تي عمل ڪرڻ کان اڳ ان تي بحث مباحثو ڪري گهربل شيون مهيا ڪيون وينديون آهن. پوءِ ان تي عمل ڪيو ويندو آهي، جنهن ڪري اهو يقيناً ڪامياب ٿي ويندو آهي.
٤- منصوبي ۾ ٻار پنهنجي سر حصو وٺندا آهن، جنهن ڪري ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ ۾ عار محسوس نہ ڪندا آهن.
٥- پورهئي ڪرڻ ۾ عزت محسوس ڪندا آهن ۽ منجهن خود اعتمادي پيدا ٿئي ٿي.
٦- هن طريقي جي آخري منزل ڪيل ڪم جو جائزو وٺڻ هوندو آهي. اهو ڪم ٻار پاڻ ڪندا آهن. جيڪڏهن منصوبي جي تڪميل ۾ ڪا خامي رهجي ويندي آهي تہ اها پاڻ ئي درست ڪندا آهن. جنهن ڪري صحيح نموني ۾ سوچڻ ۽ صحيح فيصلا ڪرڻ جي منجهن اهليت پيدا ٿئي ٿي.
٧- هن موجب ڪم ڪرڻ ۾ ٻارن جو جسم سگهارو ۽ تندرست رهي ٿو.
منصوبي طريقي رائج ڪرڻ ۾ استاد کي ڪي مشڪلاتون بہ درپيش اينديون آهن جي هيٺ ڏجن ٿيون.
١- منصوبا محدود هوندا آهن، انهيءَ ڪري نصاب مقرر وقت کان اڳ ختم ٿي ويندو آهي.
٢- گروه بنديءَ ۾ ٻار اڪثر هڪٻئي سان پورو تعاون نہ ڪندا آهن، جنهن ڪري ماحول بگڙي ويندو آهي ۽ انتظام رکڻ مشڪل ٿي پوندو آهي.
٣- اسڪول ۾ هڪ کان وڌيڪ ڪلاسن هئڻ جي صورت ۾ مختلف منصوبا تيار ڪري انهن تي عمل ڪرائڻ مشڪل ٿي پوندو آهي.
٤- هرڪو ڪم منصوبي ذريعي پورو ڪرائي نہ سگهبو آهي ۽ نہ وري سڀني ڪمن جا منصوبا تيار ڪري سگهبا آهن.

٥- منصوبي طريقي ۾ تائيم ٽيبل تي عمل ڪرڻ مشڪل آهي، ڪن منصوبن جي تڪميل ۾ مقرر وقت کان وڌيڪ وقت لڳي ويندو آهي.

جيتوڻيڪ هن طريقي مان فائدا گهڻا آهن ۽ اسان جي ملڪ ۾ ايترا وسيلا موجود نه آهن. انهيءَ ڪري خاص طرح پاڪستان ۾ هن طريقي تي عمل ڪرڻ مشڪل آهي.

**منضبط تدريس : (Programmed learning)**

منضبط تدريس جو بنياد (B. K. Skinner) جي عاملانہ تشريط (Oprent Conditioning) تي رکيل آهي. هن نظرئي تحت انساني ڪردار جي ڪن پهلوئن کي بيروني قوتن جي اثر هيٺ مخصوص سانچي ۾ پلٽائي سگهجي ٿو. پر اهو تڏهن ممڪن آهي،جڏهن مهيج (محرڪ - Stimulus) تي ڪنٽرول ڪري اهڙيءَ طرح مرتب ڪيو وڃي جو صحيح جواب ملي. هن طريقي موجب سکيا يا تعليم کي ننڍين ننڍين فقرن ۾ ورهايو وڃي. نفسيات جي ماهرن وٽ تعلم جو بنياد عمل آهي، جيڪو فقط ان وقت واقع ٿيندو آهي؛ جڏهن سکندڙ جواب ڏين يعني عمل ٿيندو تہ تعلم بہ واقع ٿيندو. اسڪنر جي نظر ۾ ياد ڪرڻ (Recollection) سکيل ڳالهين کي جانچڻ جو بهترين طريقو آهي. ان ڪري هو جواب ترتيب سان ڏيڻ کان علاوه، غلطيون گهٽ ڪرڻ، مواد کي ننڍين ننڍين ٽڪرن ۾ پيش ڪرڻ، انهن کي پختي ڪرڻ ۽ هڪدم نتيجا معلوم ڪرڻ جي انتظامن تي تمام گهڻو زور ڏئي ٿو.

**منضبط تدريس جا لازمي جزا هي آهن :**

١- مواد کي ترتيب ڏيڻ وقت تسلسل قائم رکڻ.

٢- مواد کي ننڍن ٽڪرن ۾ پيش ڪرڻ (جنهن کي فريم سڏجي ٿو).

٣- فريم جو جواب لازمي ڏيڻ لاءِ اسرار ڪرڻ.
٤- درست جواب ڏيڻ تي شاگرد جي پنيرائي ڪري وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ جا امڪان روشن ڪرڻ.
٥- شاگرد پنهنجي ذهني معيار ۽ مرضيءَ سان سکڻ لاءِ جدا جدا رفتار سان سکڻ ڪري ڪي جلد ۽ ڪي دير سان سکندا.
٦- نئين سکيا جو بنياد پراڻي ڄاڻ تي رکڻ.
٧- شاگردن جو بيروني امداد سواءِ سکڻ.
٨- Feed back لاءِ نئين معلومات فراهم ڪرڻ.
٩- علم جي پختگيءَ لاءِ ورري ورري دهرائڻ.

## پروگرام پيش ڪرڻ جو طريقو :

Programmed Material يا Programme Text تدريسي شين وسيلي پيش ڪيو ويندو آهي.

## پروگرام ڇا آهي :

استاد کي جيڪو ڪجهه پڙهائڻو هوندو آهي، ان کي مختلف حصن ۾ ورهايو ويندو آهي. پوءِ هر حصي تي سوال تيار ڪيا ويندا آهن. انهن سوالن جي ترتيب اهڙي هوندي آهي، جو موضوع پاڻمرادو اڳتي وڌندو ويندو آهي. هڪ سوال هڪ خاني ۾ هوندو آهي، جنهن کي تعليمي اصلاح ۾ فريم چئبو آهي. هڪ مؤثر پروگرام کي هيٺين مرحلن مان گذرڻو پوندو آهي :

١- تصور ۽ ان لاءِ مواد جي چونڊ.
٢- ڪرداري (Behavioural) انداز ۾ مقصدن جو بيان.
٣- مواد کي فريم جي شڪل ۾ لکڻ.
٤- جواب لکڻ.

۾ نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

سيٽ Set

| فريم نمبر | محرڪ | ردعمل |
|---|---|---|
| سوال | متوقع جواب | حقيقي جواب |

**خاميون :**

١- هن ۾ فقط ٺوس حقيقتون معلوم ڪري سگهجن ٿيون، جيڪو ٻوليءَ پڙهائڻ جو مقصد نہ هوندو آهي.

٢- تلفظ، لهجي، لفظ جي درست استعمال وغيره لاءِ ڪا بہ گنجائش رکيل نہ آهي.

٣- آزاد گفتگو ۽ اظهار خيال جو موقعو بلڪل ميسر نہ ٿيندو.

٤- هيٺين ڪلاسن خصوصاً پهرين ڪلاس ۾ فريم پڙهڻ ٻار لاءِ ممڪن نہ آهي.

٥- هي طريقو سماجي علوم، سائنس ۽ رياضي جهڙن مضمونن جي زياده تصورن پڙهائڻ جي ڪم اچي سگهي ٿو، پر ٻوليءَ پڙهائڻ ۾ گرامر يا نون لفظن جي مطلب ڪڍائڻ کان علاوه تلفظ جي درستيءَ يا سچائپ لاءِ ڪتب آڻي سگهجي ٿو.

٦- فريم هر استاد يا شاگرد لاءِ ٺاهڻ آسان نہ آهي.

٧- خصوصاً مشيني تدريس جيڪا (بي، ڪي، اسڪنر) جي خصوصي ٽيڪنيڪ آهي اها مهانگي ۽ ٻار جي هلائڻ کان ڪي قدر مشڪل آهي.

**امدادي شيون : سمعي ۽ بصري مواد :-** تعليم ۽ تدريس جي عمل ۾، سمعي ۽ بصري مواد جي غير معمولي اهميت کان ڪير بہ انڪار نٿو ڪري سگهي. تعليمي ماهرن اندازو لڳايو آهي تہ انسان جيڪو عام حواسن جي ذريعي حاصل

ڪري ٿو، ان مان گهڻو حصو اکين وسيلي حاصل ڪري ٿو ۽ اها پڻ مڃيل حقيقت آهي، تہ ٻڌل ڳالهہ اکين ڏٺي جي برابري نٿي ڪري سگهجي. ڪنهن شيءِ کي پاڻ پنهنجي اکين سان ڏسي جيڪا ڄاڻ حاصل ٿئي، اُها ڪنهن ٻئي ذريعي سان ممڪن نہ آهي.

اها نفسياتي حقيقت بہ استادن کي هميشه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي، تہ جيڪي گهٽي ڳالهائڻ جا عادي هوندا آهن، تہ ٻار انهن جي ڳالهين ڏانهن توجهہ ڏيڻ ڇڏي ڏيندا آهن. اهڙا استاد هرو ڀرو ڳالهائيندي گهٽي قدر رڳو پنهنجي قوت ۽ ٻارن جو وقت ضايع ڪندا آهن. صحيح سوچ وارن استادن پنهنجيءَ پڙهائيءَ ۾ هميشه لفاظيءَ کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان جي بدران هنن مثالن ۽ بصري مواد کان ڪم ورتو آهي.

موجوده دور جي سڌريل قومن بصري تعليم جي فائدن کي خوب سمجهيو آهي. سائنسي دور جي تقاضائن ان تعليم کي هڪ اڻٽر ضرورت بڻائي ڇڏيو آهي. جيڪي ملڪ عام تعليم جي ميدان ۾ پوئتي رهجي ويا آهن، اهي بہ ان نڪتي کي سمجهي ويا آهن، تہ تعليم جي قومي ضرورت جي مؤثر ۽ تيز پورائي لاءِ هُنن لاءِ جديد سمعي ۽ بصري مواد کان ڪم وٺڻ ضروري آهي.

سمعي ۽ بصري مواد هر مضمون جي تدريس ۾ استعمال ٿي سگهي ٿو ۽ استعمال ٿيڻ گهرجي. ٻوليءَ سيکارڻ لاءِ پڻ انهيءَ امدادي مواد جي استعمال سان جوڳو ڪم وٺي سگهجي ٿو. مثلاً اهڙيون امدادي شيون جن سان ڏکين لفظن جو معنائون سمجهائي سگهجن، فقرن جي بندش کي واضح ڪري سگهجي، گرامر سمجهائي سگهجي. پڙهڻ جي صلاحيت ۾ واڌ ۽ مضمون نگاريءَ جي عمل کي دلچسپ، مفيد ۽ مؤثر بڻائي سگهجي. پڙهڻ

جي رفتار ۾ وڌارو آڻجي وغيره.

## جنسي شين جو جوڳو استعمال

**١- بليڪ بورڊ :**

ڪتاب کانپوءِ سڀ کان پهريائين بليڪ بورڊ استاد لاءِ هڪ اهم مددي وسيلو آهي. غالباً اهو ئي استاد جو سڀ کان پراڻو دوست ۽ ساٿي آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته هر ڪلاس ۾ ۽ هر مضمون پڙهائيندي بورڊ جو استعمال ڪرڻ گهرجي. بورڊ اهڙو ته سستو اوزار آهي، جيڪو هر جڳهه سولائيءَ سان ملي به سگهي ٿو ۽ ملي به سگهي ٿو. بورڊ سان ٻارن ۾ ڏسڻ جو مادو پيدا ٿئي ٿو ۽ استاد کي گهڻ ڳالهائڻو پوي ٿو. استاد کي گهرجي بورڊ استعمال ڪرڻ وقت ان کي ڊسٽر سان صاف ڪري ۽ ڪڏهن به هٿ سان صاف نه ڪري. بورڊ هميشه ڪاٻي پاسي ٽنگيل هئڻ کپي ۽ اهڙيءَ جاءِ تي هجي جو ان تي مناسب روشني پوي ۽ ٻارن جي به نظر پئجي سگهي. بورڊ استعمال ڪندي، سمورو وقت استاد کي هڪ هنڌ بيهڻ نه گهرجي. تنهن کان سواءِ ڪنهن به مواد سکڻ لاءِ بورڊ تي ليڪون هئڻ گهرجن جيئن ٻار جي لکڻ جو نمونو به استاد جهڙو ٿئي. البت خاڪن يا تصويرن ڪڍڻ لاءِ ليڪون ضروري نه آهن.

**٢- تصويرون :** فطري طور ٻارن کي تصويرون ۽ رنگن سان چٽيل تصويرون ته سڀ کان وڌيڪ پسند هونديون آهن. تصويرون ماڊل جو هڪ ٻيو روپ آهن. وڏي شيءِ جهڙوڪ: اُٺ، گهوڙو، گڏهه، هاٿي وغيره، ڪلاس ۾ پيش ڪرڻ ناممڪن آهن، يا وري جيڪي شيون تمام قيمتي هونديون ۽ دستياب ٿي نٿيون سگهن. اهڙيءَ حالت ۾ تصويرون ئي آهن جيڪي حقيقي شين جي جاءِ تي ڪم ڏيئي سگهن ٿيون. تصويرون ڏيکارڻ ٻارن جي تخيل ۾ واڌارو ٿئي

ٿو ۽ سندن جذبات جي تربيت ٿئي ٿي. تصويرون صاف ۽ چٽيون هئڻ گهرجن. انهن تي نشان وغيره تفصيل سان ڏنل هجن. انهن جا رنگ وڻندڙ هجن. ٻارن جي عمر ۽ ذهني قابليت مطابق هئڻ گهرجن. تصويرون ڏيکارڻ به هڪ قابل استاد جو وڏو فن آهي. استاد کي گهرجي ته تصويرون وقت تي ڏيکاري ۽ جڏهن تصويرن جو ڪم ختم ٿئي انهن کي ابتو ڪري يا ڍڪي ڇڏي. هاڻوڪي وقت ۾ تصويرون گڏ ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونهي. استاد انهن کي سولائي سان هٿ ڪري ڪتب آڻي سگهي ٿو.

**٣- چارٽ :** چارٽ مختصر تحرير جي هڪ شڪل آهي. جيڪڏهن مسئلي جو حل ڳولڻو يا سمجهائڻو هجي، ته اهو چارٽ وسيلي سولائيءَ سان ڪري سگهجي ٿو. نصاب جي مختلف شعبن ۾ چارٽن جو استعمال نقشي کان اهميت وارو آهي. انهن جي ذريعي استاد مختلف تعليمي مضمونن تي روشني وجهي سگهي ٿو. ابتدائي ڪلاس ۾ اکرن، لفظن، ٻاجين، ميون، رياضي، گرامر، ڪوڙن، تاريخ وغيره جا چارٽ نه رڳو تعليم لاءِ اثرائتا ۽ مفيد هوندا آهن. پر دلچسپي جو باعث پڻ هوندا آهن. ڪلاسن جي سينگارڻ لاءِ رنگين چارٽن جو هئڻ ضروري آهي.

**٤- ماڊل :** ماڊل اصل شيءِ جو نقل هوندو آهي. فرق رڳو اهو هوندو آهي، ته اصل شيءِ کان ماڊل ڪجهه قدر مختلف ٿيندا آهن. ماڊل مٽي پاٽي ڪاٺ يا ٻين شين مان ناهي سگهجن ٿا. مثال طور : ميون، جانورن، پکين ۽ انسانن وغيره جا ماڊل ناهي ٻارن ۾ مشاهدي جي قوت کي وڌائي سگهجي ٿو. ٻار ٻاهرينءَ دنيا مان هلي اچي اسڪول جي چوديواري تائين محدود ٿئي ٿو. هو اسڪول جي ماحول ۾ سڄي پنهنجي ٻاهرين زندگيءَ کي پنهنجي قريب آڻڻ جي خواهش رکي ٿو. اها هن جي خواهش اڪثر ماڊلن وسيلي

هڪ حد تائين پوري ٿي سگهي ٿي.
استاد ڪسي ماڊل جي استعمال ڪرڻ وقت هيٺيون ڳالهيون ڪرڻ گهرجن :
١- ماڊل جي بناوت هوبهو هجي پوء اُهو ڪٽي ننڍي يا وڏي سائيز ۾ هجي.
٢- ماڊل ٻارن جي سامهون اهڙيءَ جاء تي رکڻ گهرجي جتان سيئي شاگرد سولائيءَ سان ڏسي سگهن.
٣- ٻار جيڪڏهن ماڊل بابت سوال ڪن، تہ ڪين جواب ڏيئي ڪين همٿائجي تہ جيئن آئت ٿئين.
٤- ماڊل هميشه تعليمي مواد سان گڏ پيش ڪرڻ گهرجي، يعني جنهن سبق سان ماڊل جو تعلق هجي، ان وقت ئي ان کي پيش ڪجي. بي وقتائتو ۽ ناموزون ڪر بہ ماڊل ٻارن جي آڏو پيش نہ ڪجي، ڇو تہ ان سان ٻارن کي زير عمل تدريس جو ڪو لاڀ پراپت ٿي نہ سگهندو. مثال طور انساني هڏائون پڃرو ڏيکارڻ سان ٻارن کي علم بدن جي ڄاڻ ئي ذهن نشين ڪرائي سگهجي ٿي ۽ نہ رياضيءَ، تاريخ، يا جاگرافيءَ جهڙي ڪنهن مضمون جي.
٥- **نقشا ۽ خاڪا** : نقشا ۽ خاڪا ٻن نمونن جا ٿيندا آهن. هڪڙا بازاري ڇپيل ۽ ٻيا استاد ۽ شاگردن جا ٺاهيل. سنڌيءَ جي سکيا وقت ڪيترين جاين تي نقشن جي مدد وٺي سگهجي ٿي. ضرورت مطابق نقشا يا گهربل خاڪا تيار ڪرائڻ گهرجن. ابتدائي ڪلاسن جي درسي ڪتابن ۾ پنهنجي ملڪ جي ڪيترين جڳهين جا سبق ڏنل آهن. ملڪ جي پيدائش جو ذڪر آهي، ڪيترن سبقن ۾ ٻارن جي عالمي ڏينهن بابت معلومات ڏنل آهي. انهن سبقن جي پڙهائڻ وقت استاد کي نقشن ۽ خاڪن جي مدد وٺڻ گهرجي. استاد ضرورت پٽاندر نقشا ۽ خاڪا بازار مان بہ خريد ڪري پنهنجي تدريس کي ڪامياب ڪري سگهي ٿو.

اسان جي اسڪولن ۾ عام طور تي ڇپيل نقشا استعمال ٿين ٿا. ٻار ڪي ضلعي، صوبي ۽ پاڪستان متعلق بنيادي جاگرافيائي معلومات مهيا ڪن ٿا. اهڙا به نقشا ملن ٿا، جي زمين جي سطح کي رنگن ۾ ليڪن سان ظاهر ڪرڻ بجاءِ اُن کي اُن جي قدرتي بلنديءَ ۽ پستيءَ جي شڪل ۾ ظاهر ڪن ٿا. انهن ۾ جابلو علائقا پنهنجي اوچائيءَ جي نسبت سان اڀريل ٿين ٿا ۽ نقشي کي ڏسڻ سان خبر پئجي وڃي ٿي ته هي جبلن جو سلسلو آهي، هي ميداني علائقو آهي ۽ هي سمنڊ آهي.

٦- **تعليمي سير :** ٻار جمڻ کان وٺي پنهنجي اردگرد وڏي غور سان ڏسندو رهي ٿو. هو ڪوشش ڪندو آهي ته هر شيءِ کي پنهنجي قريب ڏسي، پر هن جو مشاهدو ڪنهن خاص مقصد جي تحت ڪو نه هوندو آهي. مشاهدي مان حاصل ٿيل علم کي هو ڪنهن مقرر ترتيب سان ملائي به پنهنجي ذهن ۾ ڪونه ٿو رکي. اِها ذميواري اسڪول جي استادن جي آهي، ته ٻارن جي انهيءَ ڏٺلٖيءَ ۽ ٽڙيل پکڙيل معلومات کي واضح ڪري ۽ سِلسلن سان جوڙي هڪ معتبر ميراث جي صورت ٻارن جي حوالي ڪن.

هيءَ ڳالهه به بار بار دهرائي ويئي آهي ته خالي لفظ ٻارن جي ذهن ۾ پنهنجو پورو مفهوم نٿا پهچائين. اِن لاءِ ٻارن جي پڙهائيءَ جي سلسلي ۾ باضابطه ۽ زير هدايت مشاهدي ۽ تعليمي سير کي وڏي اهميت ڏنل آهي. مغربي ملڪن ۾ تعليمي سير جي اهميت جو هي حال آهي، جو ڪي يورپي ملڪ گرميءَ جي موڪل ۾ هڪ ٻين جي شاگردن کي پنهنجن اسڪولن ۾ اچي رهڻ جي اجازت ڏيندا آهن. مثال طور انگريز ٻار فرانس جي اسڪولن ۾ وڃي رهندا آهن ۽ فرانسيسي ٻار وري برطانيه جي اسڪولن ۾ وڃي موڪلون گذاريندا آهن.

مطلب تہ ٻار حقيقي صورتحال کان تڏهن واقف ٿيندو، جڏهن هو پنهنجي آزمودي ۽ ذاتي تجربي سان ۽ بامقصد معلومات حاصل ڪندو. هو سير سياحت ذريعي نوان ماڻهو ۽ نيون جايون ڏسي ۽ نيون ڳالهيون ٻڌي ٻارن کي گهڻي معلومات حاصل ٿئي ٿي. ملڪي صنعتن، سرڪاري ۽ غير سرڪاري زندگيءَ جي نظام ۽ مختلف آمدورفت جي وسيلن جي ڏسڻ وائسڻ سان ٻارن جي ذهن ۾ گهڻي تازگي ۽ ڪشادگي اچي ٿي.

سيروسياحت تي وڃڻ کان اڳ استاد کي گهرجي تہ ٻارن جي ذهني قابليت کي مدِ نظر رکي انهن جي لاءِ انتظام ڪري. رواني ٿيڻ کان اڳ ۾ ٻارن جي والدين جو رضامندو، آفيسرن جي اجازت، سفر جو خرچ پکو يا تڪليف برداشت ڪرڻ لاءِ ٻارن جي آمادگي پيدا ڪري، تنهن کانپوءِ موٽڻ تائين سندن رهنمائي ڪندو رهي. کين سير سفر جا مقاصد سمجهائيندو رهي.

سير سفر جي لاءِ اڪثر ڪري ٻارن کي اهڙيون جايون ڏيکارجن، جيڪي انهن جون اڳ ڏٺل نہ هجن. ائين ڪرڻ سان سندن دلچسپي وڌندي ۽ وڻندڙ منظر سندن خوشيءَ جو باعث ٿيندا مثلاً بحري، هوائي اڏا، اسپتالون، بئنڪون، ڪارخانا، فئڪٽريون، عجائب گهر، ريڊيو اسٽيشن، چڙيا گهر، زرعي فارم، ۽ ٻيون تاريخي جايون وغيره. سير ۽ سفر ڪرڻ وقت اسان کي اجا بہ اها ڳالھ خيال ۾ رکڻ گهرجي، تہ جيڏانهن وڃڻو هجي، اُتي آمدورفت جي سهولت هجي. ائين نہ ٿئي، جو سچي جاکوڙ وندر ۽ دلچسپيءَ جي بجاءِ دشوار ۽ تڪليف ڏيندڙ ثابت ٿئي. ان سبب لاءِ استاد کي هيٺين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي :

١- ٻارن کي چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪرايو وڃي تہ مشاهدي ۽ سير سفر جا ڪهڙا مقصد آهن.

۲- سير لاءِ اهڙي جڳهہ منتخب ڪجي جيڪا صحيح معنيٰ ۾ تعليمي اهميت رکندي هجي.
۳- سير جو منصوبو انتظاميہ جي منظوريءَ کان پوءِ تيار ڪيو وڃي.
۴- سير يا مشاهدي جي لاءِ جنهن هنڌ وڃڻو هجي اُتي ذميوار آفيسر کان اجازت حاصل ڪئي وڃي ۽ ان کي اڳواٽ واقف ڪجي، تہ ڪيترا ٻار اچن ٿا.
۵- مشاهدي جي دوران جن شين کي خاص طور تي ڏسڻو هجي، انهن لاءِ هڪ فهرست "رهنمامشاهده" جي شڪل ۾ تيار ڪري، ان جي هڪ هڪ ڪاپي هر ٻار کي ڏيئي ڇڏجي. ٻار جنهن شيءِ کي ڏسي وٺي فهرست ۾ ان تي نشان ڪندو وڃي. جيڪڏهن استاد پاڻ اِها جاءِ ڪڏهن نہ ڏٺي آهي،تہ پهريائين هو پاڻ اتان اڪيلو ٿي اچي پوءِ ٻارن کي وٺي وڃي تہ پاڻ وڌيڪ بهتر ٿيندو.
٦- سير ۽ تفريح جو جيڪو وقت مقرر ڪيو وڃي ان جو پابند رهڻ گهرجي ۽ ٻارن جي حوصلا افزائيءَ لاءِ سندن مشڪلاتن کي دور ڪيو وڃي. ٻار ڪو سوال ڪن تہ انهن کي خنده پيشانيءَ سان جواب ڏيڻ گهرجي.
۷- سير جي قدر ۽ قيمت جو اندازو ڪرڻ لاءِ موٽ تي ڪلاس ۾ عام ڳالهيون ٻولهيون ڪيون وڃن، جيئن ٻار بنا حجاب پنهنجا تاثرات بيان ڪن. هر ٻار پنهنجي گڏ ڪيل معلومات کي هڪ مضمون جي شڪل ڏئي.

**۸- فلم ۽ سلائيڊس :** هلندڙ چلندڙ ڳالهائيندڙ فلم جو شمار جديد سائنس جي ڪرشمن ۾ ٿئي ٿو.

خالص تدريسي لحاظ کان، ۽ ان جي رفتار کي پنهنجي ضابطي ۾ رکي سگهجي ٿو. اُها تعليمي ۽ تربيتي مهارتن سيکارڻ لاءِ ڏاڍي هڪ ڪارائتي سهوليت آهي. مثلاً هڪ ٻار جا اکر خراب آهن ۽

هو قلم بہ درست جهلي نٿو سگهي، تہ اهڙي ٻار کي هڪ اهڙي قلم ڏيکاري سگهجي ٿي، جنهن ۾ هُن ٿي جهڙو هڪڙو ٻار هٿ ۾ درست قلم جهلي سٺا اکر لکي رهيو هجي. فلم جي رفتار کي ضرورت آهر ضابطي ۾ رکي. اکرن لکندڙ ٻار جي هر ادا ڏسندڙ ٻار يا ٻارن آڏو واضح ڪري سگهجي ٿي.

اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ فلم ڏسڻ مان ٻار جي دل بہ وندري ٿي ۽ هو ڪم جون ڳالهيون بہ سکي ٿو. پر تجربي مان اهو بہ ثابت ٿيو آهي تہ هر فلم سکيا لاءِ ڪارائتي ٿئي ٿي. تنهن ڪري تدريسي عمل ۾ استاد کي موقعي مطابق، يعني خاص مضمون ۽ ان لاءِ موزون فلم جو فيصلو ڪرڻو پوي ٿو. سٺيون تعليمي فلمون ملي وڃن ۽ استادن کي انهن مان ضرور فائدو وٺڻ گهرجي. فلم ڏيکارڻ کان پهرين استاد ٻارن کي فلم جي افاديت کان واقف ڪري، تہ جيئن ان جي ڏسڻ دوران سندن توجهہ خاص ڳالهين ڏانهن رهي. جڏهن فلم ڏيکاري بس ڪجي، تڏهن عام ڳالهہ ٻولهہ ذريعي ٻارن جي تاثرات جو جائزو ورتو وڃي. ان بعد کين هڪ ٻن سوالن جي جواب تيار ڪرڻ لاءِ چئي سگهجي ٿو.

هلندڙ چلندڙ ڳالهائيندڙ فلمن جي ڀيٽ ۾ سلائيڊن جو انتظام ڪرڻ سولو آهي، جن ۾ گهربل تصويرون، ساڪن يا بيٺل ڏسبيون آهن. سلائيڊن ۾ بہ هڪڙو فائدو اهو آهي، جو جيترو وقت چاهيو پردي تي انهن کي بيهاري ضروري سمجهاڻي ڏيئي سگهو ٿا. سلائيڊ عام تصوير آهي، جنهن کي پروجيڪٽر وڏو ڪري پردي تي رکندو آهي. اِن لحاظ سان ٻار سلائيڊن کي بہ گهڻي دلچسپيءَ سان ڏسندا آهن. سلائيڊن تي خرچ بہ گهٽ ايندو آهي. جيڪڏهن هر اسڪول کي سلائيڊن ڏيکاريندڙ پروجيڪٽر مهيا ٿي نہ سگهي، تہ گهڻا اسڪول گڏجي هڪڙي پروجيڪٽر

جي مدد سان واري واري سان، سلائيڊن منجهان تدريسي فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا.

**٨- لفظن جي ذخيري جا ڪارڊ :** پرليءَ جي واڌو مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ٻارن وٽ لفظن جو ذخيرو هئڻ گهرجي. سنڌ لفظن جي ذخيري کي وڌائڻ جا ڪيترائي طريقا آهن. انهن مان ڪارڊن جي تياري هڪ ڪامياب طريقو آهي. ٻار جيڪڏهن دفترين يا ڪن سنهن ڪاٺ جي ٽڪرن کي ڪٽائي ٻاڻ وٽ رکن ۽ هر نئين لفظ کي ڪارڊ تي لکن، ته اهڙي طرح لفظن جا ڪيترائي ڪارڊ وٽن گڏ ٿي ويندا. خاص طور پهرئين ۽ ٻئي ڪلاس جي ٻارن لاءِ اهڙا ڪارڊ ڏاڍا ڪمائتا ثابت ٿي سگهن ٿا.

جديد تعليمي سهوليت خاطر "اداره توسيع نصاب" وارن ٽيچنگ ڪِٽ ۾ حرفن ۽ آوازن جا ڪافي ڪارڊ مهيا ڪيا آهن، جن جي مدد سان لفظ سازي ڪري، ٻارن کان ڪيترائي لفظ ٺهرائي سگهجن ٿا. اهڙن ڪارڊن ذريعي استاد ٻارن کان حرفن ۽ لفظن جي سڃاڻپ ڪرائي سگهي ٿو. ٻار راند روند ڪندي انهن مان به ڪافي لفظ ٺاهي سگهندا. اهڙا ڪارڊ ٻارن جي نظرن مان روزانه گذارڻ گهرجن، ته جيئن انهن کي ڪافي انداز ۾ لفظ ياد ٿي وڃن ۽ لفظن ۾ صحيح آواز ۽ حرف وجهي سگهن. ائين ڪرڻ سان ٻارن ۾ لفظن پڙهڻ جو به تجربو ۽ شوق وڌندو ۽ وسيع ٿيندو ويندو. ساڳئي نموني سنهين ۽ ڊگهين تختين تي جملن جو استعمال ڪرائي سگهجي ٿو ۽ ٻارن ۾ جملن پڙهڻ جي مهارت پيدا ڪري سگهجي ٿي. اهڙن ڪارڊن جي ذريعي ٻارن کي ڪيتريون رانديون به ڪرائي سگهجن ٿيون. ٻارن جا ٽولا ٽولا ٺاهي منجهن مقابلا ڪرائي سگهجن ٿا. اُن لاءِ استاد کي گهرجي ته

ائين تيار ڪيل ڪارڊن کي محفوظ رکي ۽ انهن کي باقاعدگيءَ سان استعمال ڪندو رهي.

٩- **تعليمي تاش :** "تعليمي تاش" بازار مان ملي سگهي ٿي، جنهن جو مقصد ٻارن ۾ لفظن جي ذخيري ۾ اضافو ڪرڻ آهي، ٻار تعليمي تاش سان، راند روند جي نموني، ڏاڍا خوش ٿيندا آهن، ۽ ان سان لفظ به ٺاهي سگهندا آهن. مثال طور ٻن آوازن وارن مختلف ڪارڊن مان جنهن ۾ پهريون آواز "پ" جو آهي، ان ۾ جيڪڏهن "ر" "گ" "ڪ" "ڙ" "ن" جي آوازن وارا ڪارڊ ملائي ڏيکاريندا ته ترتيبوار پَر، پگ، پڪ ، پڙ، پن وغيره ٺهي پوندا. ساڳئي نموني پهريون آواز هٽائي ٻيو ڪو آواز رکڻ سان وري ٻيا ٻيا لفظ ٺهي پوندا!

ٽيچنگ ڪِٽ باڪس اندر اهڙي قسم جا ڪارڊ مهيا ڪيا ويا آهن، پر اٿپورا آهن، تنهن هوندي به نموني خاطر پنهنجيءَ جاءِ تي مؤثر ثابت ٿيا آهن. ائين استاد صاحب ۽ سندن شاگرد پنهنجي پسند جون تعليمي تاشون ٺاهي سگهن ٿا.

١٠- **ٽيپ رڪارڊر :** ٻوليءَ جي مهارتن جي سکيا ۾ ٽيپ رڪارڊر مان به مفيد خدمت وٺي سگهجي ٿي. هيءَ سادي شيءِ آهي ۽ عام ملي سگهي ٿي ۽ اُن مان ڪم به آسانيءَ سان وٺي سگهجي ٿو. اِن جو ڪمال هيءُ آهي، جو اها هڪ سنهيءَ پٽيءَ ۾ انساني آواز کي بند ڪريو ڇڏي، پوءِ ان آواز کي جيترا ڀيرا دل چاهي اوترا ڀيرا ٻڌي سگهجي ٿو. اُن مشين جي مدد سان موزون قسم جي ڳالهه ٻولهه، مثالي سبق ۽ ضرورت موافق تقريرون ٽيپ ڪري سگهجن ٿيون ۽ سڀ ڪو وري وري ٻڌي سگهي ٿو. تنهن ڪانسواءِ ٽيپ ڪيل آواز کي جڏهن به چاهيو تڏهن ان کي مٽائي به سگهجي ٿو. ان جي جاءِ تي ٻيو نئون آواز ٽيپ ڪري سگهجي ٿو.اهڙيءَ سهوليت جي ڪري استاد ٻارن جا آواز ٽيپ ڪري، ڪين هڪ ئي وقت ٻڌائي

سگھجن ٿا. ان سان هر ٻار کي پنهنجي ترقيءَ جي رفتار جو اندازو ٿي سگھي ٿو. ريڊيو تان نشر ٿيندڙ ٻارن جي پروگرامن مان استاد صاحب سٺيون سٺيون ڪهاڻيون ۽ مفيد معلومات ٽيپ ڪري، اُهي به ٻارن کي ٻڌائي سگهن ٿا ۽ پوءِ جائزي خاطر ڪائڻن سوال پڇي معلوم ڪري سگهن ٿا ته ٻارن ڪيتري قدر فائدو حاصل ڪيو آهي.

اسڪول ۾ منعقد ٿيڻ وارين تقريبن جي ڪاروائي آسانيءَ سان ٽيپ ڪري سگھجي ٿي. بعد ۾ ڪارروائيءَ کي ٻوليءَ جي مهارتن جي سکيا لاءِ استعمال ڪري سگھجي ٿو. لساني مهارتن جي سکيا ۾ٽيپ رڪارڊر جا تعليمي فائدا لامحدود آهن. هر استاد پنهنجي پسند ۽ اداري جي مطابق ان کان تعليمي خدمتون وٺي سگھي ٿو.

ٽيپ رڪارڊر جي مدد سان بهترين استادن جون ٽيپ ٿيل تقريرون يا ڳالهائڻ جو نمونو ٻارن جي آڏو پيش ڪري سگھجن ٿيون. اسان جي ملڪ ۾ البت ٽيپ رڪارڊر آسانيءَ سان مهيا ٿي نٿا سگهن، تنهنڪري اسڪولن ۾ عام استعمال نٿو ٿئي. البت ٻين ملڪن ۾ ٽيپ رڪارڊن جو استعمال تمام گھڻو ٿئي ٿو.

**١١- گرامون فون :** ٽيپ رڪارڊر وانگر گرامون فون به ٻوليءَ سکڻ ۾ وڏو پارٽ ادا ڪري ٿو. تعليمي رڪارڊن جي ذريعي ٻارن جي معياري ٻولي سکڻ ۽ سندن تلفظ درست ڪرڻ ۾ وڏي مدد ملي ٿي. گرامون فون جي ذريعي ٻار هڪڙو آواز ساڳئي نموني جو ڪيترائي دفعا دهرائي سگھي ٿو ۽ ٻڌي سگھي ٿو. رڪارڊن جي ذريعي ٻارن کي ترانا، نظم، گيت ۽ ڪهاڻيون وغيره ٻڌائي سيکاري سگھجن ٿيون.

**١٢- ريڊيو:** جديد سائنس موجوده زماني ۾ جيڪو فڪري انقلاب پيدا ڪيو آهي، ان ۾ سڀ کان زياده حصو ريڊيو ورتو آهي. ريڊيو

جديد سائنس جو اهو جادو آهي، جنهن جي مدد سان دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ فڪر ۽ خيالات جي اشاعت جاري رهندي آهي. ريڊيوعلم ۽ آگاهي جو سچ آهي. جنهن جا ڪرڻا چوويهہ ئي ڪلاڪ پنهنجن طلبگارن جي سينن کي گرمائيندا رهن ٿا ۽ کين ذهني غذا مهيا ڪندا رهن ٿا.

ترقي يافتہ ملڪن ريڊيو جي تعليمي افاديت مان ڀرپور فائدو ورتو آهي. آسٽريليا ۾ آبادي تمام ٿوري آهي، تنهنڪري ڪن حصن ۾ ٻارن جو اسڪول ۾ وڃڻ ناممڪن آهي، تہ اُتي جا ٻار گهر ويٺي ريڊيو تان سبق حاصل ڪندا آهن. تنهن کان سواء اُتي "ريڊيائي" اسڪول بہ آهن.

آمريڪا، برطانيہ ۽ ٻين سڌريل ملڪن ۾ ريڊيو اسٽيشنون اسڪول جي تدريسي ڪم لاء باقاعدي پروگرام نشر ڪن ٿيون ۽ انهن جو تفصيل اسڪولن ۾ موڪلي ڏين ٿيون. اهي پروگرام اسڪول جي ٽائيم اندر نشر ڪيا ويندا آهن. هرڪو استاد پنهنجي شاگردن کي ان سبق لاء اڳواٽ ٻڌائي ڇڏيندو آهي.

ريڊيو جي وسيلي هزارين نہ پر لکين ٻار نشر ڪيل سبق ساڳئي وقت ٻڌي سگهن ٿا. ريڊيو پاڪستان تان بہ اسڪول پروگرام ۽ "ٻارن جي ٻاري" نشر ٿيندو آهي. انهيءَ پروگرام ۾ مختلف مضمونن تي معلوماتي مڪالما وغيره نشر ڪيا وڃن ٿا ۽ ٻارن کان نظم، آکاڻيون، لطيفا وغيره پڙهايا ويندا آهن؛ تہ جيئن ٻين ٻارن کي بہ شوق پيدا ٿئي. اسان جي اسڪولن ۾ بہ ڪٿي ڪٿي ريڊيو سيٽ موجود آهن. ان جي باوجود اسين اڃا ريڊيو کان ائين تعليمي خدمت وٺي نہ سگهيا آهيون، جيڪا ترقي يافتہ ملڪ وٺي رهيا آهن.

استاد کي گهرجي تہ هو خود اُهي پروگرام ٻڌن ۽ ٻارن کي اهڙنپروگرامن ٻڌڻ جي سهوليت مهيا ڪن ۽ ڪين مختلف پروگرامن کان وقت بوقت آگاهہ ڪندا رهن.

١٣- **ٽيليويزن** : ٽيليويزن جديد سائنس جو واقعي هڪ بيحد حيران ڪندڙ ڪرشمو آهي. ريڊيو صرف آواز نشر ڪري ٿو، پر ٽيليويزن ڳالهائيندڙ جي تصوير بہ ڏيکاري ٿي. اِن سان سکيا ۾ وڏي مدد ملي ٿي. دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن ۾ ٽيليويزن وسيلي سکيا ڏني وڃي ٿي. ٽيليويزن ۾ ريڊيو ۽ فلم هڪ ئي وقت موجود آهن. تنهنڪري اِن تي ٽيليڪاسٽ ٿيل سبق سامهون ڏسي ۽ ٻڌي، ٻار ائين محسوس ڪن ٿا تہ ڪين ڪو جيئرو جاڳندو استاد پڙهائي رهيو آهي. البت ڪلاس جي ڪمري اندر استاد ٻارن کان سوال جواب ڪندو آهي، پر ٽيليويزن تي سوال جواب نٿا ٿي سگهن. ٽيليويزن مان هڪ وڏو فائدو اهو پڻ آهي تہ هڪ ئي وقت سڄي علائقي جي هزارن ٻارن آڏو هڪ بهترين استاد جي پڙهائي ۽ معلومات کي پيش ڪيو وڃي ٿو، جيڪا هڪ عام استاد جي وس جي ڳالهہ نہ هوندي آهي. ريڊيو وانگر ٽيليويزن تي پڙهائيندڙ استاد ٻارن جي ٻولي، سندن ڳالهائڻ جي ڍنگ ۽ تلفظ جو بهترين نمونو پيش ڪري سگهي ٿو، تہ جيئن سندن پڙهڻ جون صلاحيتون اجاگر ٿين.

١٤- **اوورهيڊ پروجيڪٽر** :هن جي ذريعي اسان ڪا بہ فلم يا سلائيڊ جنهن تي مختلف حروف، لفظ، يا جملا لکيل هجن، وڏي سائيز ۾ پردي تي ڏيکاريسگهون ٿا.

١٥- **فلالين بورڊ** :بليڪ بورڊ وانگر فلالين بورڊ بہ گهٽ قيمت وارو ۽ نهايت ڪارگر اوزار آهي. هي ڪاٺ يا هارڊ بورڊ تي فلالين جو ڪپڙو لڳائيتيار ڪيو ويندو آهي. فلالين جي ڪپڙي کي مٿان بوجر

(ٻَجَ) هوندا آهن، جن تي ڪا ٻہ تصوير يا ڪارڊ جنهن تي جملا لکيل هجن، چنبڙائي سگهجن ٿا. اُهي ڪارڊ ڪيترن ئي نمونن ۾ تيار ٿي سگهن ٿا، جن کي ٻار ڏسي وندر يا سبق ۾ دلچسپي وٺندا. فلالين بورڊ تي لڳائڻ لاءِ ڪارڊن پويان ريگمال پنو ٻہ لڳائجي، تہ اُهي چڱيءَ طرح چنبڙي سگهن ٿا. فلالين بورڊ مان اهو فائدو آهي تہ استاد صاحب تصويرون پٽين ۾ ڪوڪن سان ٽنگڻ بدران فلالين بورڊ تي وڌيڪ سولائيءَ سان هيءُ ڪم ڏيکاري سگهي ٿو.تنهن ڪانسواءِ فلالين بورد ڪيتري ٻہ سائيز جو تيار ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪٿي ٻہ رکي سگهجي ٿو. اسڪولن لاءِ تدريسي سازوسامان جي پيٽيءَ اندر فلالين بورڊ مهيا ڪيو ويو آهي. اميد تہ استاد صاحب فلالين بورڊ جو استعمال صحيح نموني ڪندا. هن بورڊ جي وسيلي حرفن جي شناخت، حروف سازي، لفظ جي پڄ ڏاهہ ۽ جملا ٺاهڻ ۾ مدد ملي ٿي. ٻار ڏاڍي چاهہ ۽ پاٻوهہ سان لفظ ۽ اُنهن جا پاڳا هٽ ڪري، فلالين بورڊ تي لڳائي پنهنجي لغت ۾ اضافو ڪري سگهن ٿا. تصويرون ڏيکاري انهن جي ذريعي آکاڻي پيش ڪرڻ، اُن آکاڻي کي لکڻ لاءِ فلالين بورڊ ڪافي مفيد ٿي سگهي ٿو.

**١٦- اطلاع بورڊ يا نوٽس بورڊ :** هن کي "بليٽن بورڊ يا نوٽس بورڊ" چيو ويندو آهي. هي بورڊ نرم ڪاٺ يا ڀاڻي مان تيار ڪيو ويندو آهي، جنهن تي اڪثر ڪو سهڻو هلڪو رنگ ٻہ ڪيو ويندو آهي. تختي جي ڊيگهہ ۽ ويڪرائي استاد جي ضرورت تي منحصر آهي. هن بورڊ تي تعليمي اهميت جون تصويرون، اخبارن جا اهم واقعا، قرآن شريف جا حڪم احڪام، حديثون ۽ مشهور هستين جا املهہ قول چنبڙائي سگهجن ٿا. تنهن ڪانسواءِ اسڪول جون اهم خبرون، ملڪي يا غير ملڪي

خبرون بہ لکي سگهجن ٿيون. هن بورڊ بابت هيٺ ڏنل هدايتن کي نظر ۾ رکڻ گهرجي :

١- هي اهڙيءَ جڳهہ تي لڳايو وڃي جتي ٻارن جو اچڻ وڃڻ هجي ۽ روشني ڪافي مقدار ۾ ملندي رهي، جيئن سڀ کو پڙهي سگهي زمين کان گهٽ ۾ گهٽ ٽي فوٽ مٿي هجي. ان کي اسڪول جي ڪمري، ورانڊي ياڪتب خاني ۾ لڳائڻ گهرجي، جيئن سڀ ڪنهن جي نظر ملندي رهي.

٢- ان کي ڪنهن هڪ خاص مضمون لاءِ مخصوص نہ ڪيو وڃي.

٣- جيڪڏهن هي صرف هڪ ڪلاس جي لاءِ آهي، تہ اُن تي ٻارن جي اکرن ۽ ڊرائنگ جي نمائش ڪري سگهجي ٿي

٤- اُن تي لڳائي ڏيکاريندڙ شيون بدلجنديون رهن، جيئن اُهي غير دلچسپ بنجي نہ پون

٥- چنبڙايل هر شيءِ کي ڪو وڻندڙ عنوان ڏنل هجي، جيئن ٻار ان کي شوق سان ڏسن ۽ پڙهن.

٦- اُن تي سٺو مواد پيش ڪجي، تہ جيئن ٻارن جي تربيت ٿي سگهي ۽ هو پاڻ بہ رنگين ۽ وڻندڙ شيون هٿ ڪري اُن تي پيش ڪن.

٧- ڪوشش تہ اها ڪئي وڃي تہ نوٽس بورڊ تي لڳايل مواد، هڪ ئي وقت. هڪ ئي موضوع بابت هجي، ورنہ اُن تي مختلف مضمونن جا بي ربط ٽڪرا گڏ هئڻ سان ڪو خاص فائدو ڪو نہ ٿيندو، پر ٻار مونجهاري جو شڪار ٿي پوندا.

١٧- **پُتليون** : هي پُتليون پني، ڪاٺ يا ڪنهن ڪپڙي مان تيار ڪيون وينديون آهن. ننڍڙا ٻار پُتلين جي کيل ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺندا آهن. جتي بہ اهڙو ڪو کيل تماشو ڏسندا آهن، اتي سوين ٻار گڏ ٿيندا آهن. پتلين جي اهڙي جاذبيت جي پيش نظر تعليمي مشغولين ۾ انهن جو استعمال تمام ضروري آهي. ڪنهن

ڪهاڻي يا ڪنهن بہ ڊرامي جي ڪردار کي واضع ڪرڻ وقت پتلين
کان ڪم ورتو وڃي. ٽيليويزن تي اڪثر ڪري ٻارن لاءِ پتلين
جو پروگرام پيش ڪيو ويندو آهي ۽ نهايت مفيد ثابت ٿيو آهي.

مثال طور جيڪڏهن ٻئي ڪلاس ۾ اسان گڏيءَ تي
نظم پڙهايون، تہ پتلين جي وسيلي ٻارن ۾ ان جو ذوق ۽ شوق
پيدا ڪري سگهون ٿا. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي تہ اهڙن گيتن
بابت يا انهن سان نهڪي ايندڙ ڳالهيون ٻار پاڻ مرادو نقل ڪندا
آهن. ڇوڪريون تہ پتليون ٺاهڻ ۾ ماهر هونديون آهن. اهي اهڙي
تہ پيرائي ۾ ٺاهينديون آهن جو ڏسڻ ۾ اهي هوبهو ۽ سچيون
پچيون پتليون لڳنديون آهن.

## ١٨- اکرن جون چٽڪيون ۽ انهن جي حصن جا ٽڪرا :

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي سکڻ لاءِ بنيادي طور اکرن جي مدد
ورتي وڃي ٿي. هر هڪ ٻوليءَ جا حرف مختلف ٿيندا آهن. پڙهائي
جي جديد طريقن ۾ الف - ب جي پڙهائڻ جو طريقو پراڻو آهي.
ليڪن الف - ب پڙهائڻ واري طريقي کانسواءِ جملن وارو پڙهائڻ
جو طريقو نا مڪمل آهي. توهان ڏسندا تہ ٻار جيستائين حرفن
جي شناخت نہ ڪندو ۽ حرفن جي ٽڪرن کي ملائي صحيح
سڃاڻي نہ سگهندو، تہ هو آواز ۽ آواز مان لفظ ٺاهي نہ سگهندو.
ان لاءِ ضروري آهي تہ استاد صاحب اکرن ۽ لفظن جا ڪارڊ تيار
ڪري ٻارن کي انهن جي سڃاڻپ ڪرائي ۽ انهن جي لفظن لکڻ
جي نوعيت يعني سڌائي، گولائي ۽ هيٺ مٿي سٽن تي لکڻ جو
نمونو وغيره نمايان ڏيکاري. اهڙا ڪارڊ فلالين بورڊ تي اڳتي پوئتي
يا هيٺ مٿي لڳائي ٻارن کي سمجهائي سگهجي ٿو. اها تہ سڀني کي
خبر آهي تہ پهريون ڪلاس پڙهائڻ نهايت مشڪل ڳالهہ هوندي
آهي، جنهن لاءِ گهڻي محنت جي ضرورت هوندي آهي. انهيءَ لاءِ

ٻارن جي وندر جو مفيد سامان مهيا ڪرڻ ضروري آهي. ان سلسلي ۾ ڪاردن جي ذريعي ٻارن جي وچ ۾ انفرادي توڙي اجتماعي مقابلا ڪرائي سگهجن ٿا. هڪ ٻئي تي سبقت حاصل ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو.

**-١٩ الف - ب جي اسٽينسل :** الف -ب جي اسٽينسل تيار ڪرڻ لاءِ استاد پانو يا دفتري، ٿلهو ڪاغذ، پلاسٽڪ جو ٽڪرو يا چمڙو استعمال ڪري سگهي ٿو اسٽينسل ڪٽڻ لاءِ تکي چاقو يا ڪئنچيءَ جي ضرورت پوندي آهي. استاد کي گهرجي تہ ڪلاس جي ضرورت مطابق اسٽينسلون تيار ڪري، تہ جيئن سڀئي ٻار استعمال ڪري سگهن. ساڳيءَ طرح ٻارن کي بہ اسٽينسلون تيارڪرڻ لاءِ چئجي تہ هو وقت تي استعمال ڪري سگهن. اسٽينسل جي مدد سان ٻار بورڊ تي اکر لکي سگهندا ۽ کين گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ ڇنڊڇاڻ ۾ حصي وٺڻ جي تربيت پڻ حاصل ٿيندي. اهڙيءَ مشق ڪرڻ ڪري ٻار جڏهن اسٽينسلون ڪٽيندا، تہ کين اکرن جي سڃاڻپ ٿيندي، استعمالي ملندي ۽ گهربل شعور حاصل ٿيندو.

**تدريسي ڪٽ :-** پرائمري اسڪول ٽيچر وٽ ڪلاس روم اندر تدريسي شين نہ هئڻ ڪري سندس تدريس ڪارائتي ثابت نٿي ٿئي. ان ضرورت کي مدنظر رکندي، پرائمري اسڪولن کي تدريسي گهرجن پوري ڪرڻ خاطر هڪ تدريسي ڪٽ مهيا ڪئي ويئي آهي. جنهن ۾ نصاب ۾ موجود تصورن کي چڱيءَ ريت سمجهڻ لاءِ ساز وسامان موجود آهي. هن ڪٽ ۾ پرائمري ڪلاس ۾ پڙهائڻ لاءِ سامان مهيا ڪيو ويو آهي. هن ڪٽ ۾ ٻوليءَ پڙهائڻ لاءِ هيٺيون سامان ميسر ڪري ڏنو ويو آهي.

-١ الف - ب جو اسٽينسل

٢- اکرن جا پنا ۽ ڪارڊ
٣- اکرن جون گڏيل شڪليون
٤- سبقن جا چارٽ
٥- گڏيل اکرن جا ڪارڊ
٦- ڪاغذي چهرا
٧- فلالين بورڊ جون آکاٽيون
٨- خوش خطيءَ جا چارٽ
٩- مائڪرو فون (رانديڪي نما)
١٠- قومي جهنڊو

**(١) شاگردن جي روزمره جي ڪمن جو چارٽ**

هن ڪٽ ۾ استاد کي پڻ چند شيون مهيا ڪري ڏنيون ويون آهن. جن سان هو مقامي وسيلن کي ڪتب آڻيندي گهرج پٽاندر تدريسي شيون جوڙي يا موجود شين جي مرمت ڪري سگهي. استاد جي استعمال لاءِ هي شيون رکيل آهن :

متر‌ڪو (هٿوڙو)، پيچ ڪش، روات، پڪڙ، ڪاڻي، لوه وڍڻ لاءِ قئينچي يا ڪاتر ۽ برش.

قومي تدريسي ڪٽ کي اثرائتي نموني ڪتب آڻڻ لاءِ ڪٽ ۾ موجود شين بابت معلومات ۽ استاد لاءِ هدايتن تي ٻڌل هڪ ڪتابڙو ۽ استادن جو رهبر (تدريسي ڪٽ لاءِ) پهرئين کان پنجين ڪلاس تائين استادن کي ڪٽ سان گڏ ميسر آهي.

**مقامي امدادي شين جي تياري:** سمعي ۽ بصري امداد شيون اسان جي اسڪولن ۾ پوريءَ طرح ڪم ۾ ڪو نٿيون اچن. اسان جا استاد صاحب صرف ڪتاب ۽ بورڊ جي استعمال ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪو نه ٿا ڪن. انهيءَ جو ڪارڻ هڪڙو اهو به آهي ته اهي شيون آسانيءَ سان

نئيون ملن ۾ مهانگيون دستياب ٿين ٿيون. مشيني مددي شيون جهڙوڪ گراموفون، پروجيڪٽر، ٽيپ رڪارڊ وغيره ته ڀاهران گهرائڻا پون ٿا. ٻيون شيون، جيئن چارٽ، نقشا، ماڊل، بورڊ، فلالين بورڊ، بازار مان خريد ڪندي مهانگيون پلئه پون ٿيون. پر اهي شيون مقامي طور تي استاد صاحبن کي تيار ڪرڻ گهرجن. انهن جي ٺاهڻ لاءِ جيڪو سامان آس پاس مهيا ٿي سگهي، اهو ان ۾ استعمال ڪجي، ته ان طرح اهو گهٽ قيمت تي ملندو. مثال طور، هارڊ بورڊ تي خود فلالين لڳائي، بهترين فلالين بورڊ تيار ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح پائن جي ڪوڪن، ڪاٺ جي ٽڪرن ۽ ردي ڪاغذن مان به حرفن جا ٽڪرا، لفظن ٺاهڻ لاءِ ڪارڊ، چارٽ ۽ ماڊل بنائي سگهون ٿا. ظاهر آهي ته اهڙن شين مان تيار ڪيل مددي شيون تمام سستيون پونديون ۽ انهن مان گهڻو فائدو حاصل ڪري سگهبو.

اسان جي استادن کي گهرجي ته هو مهانگين شين خريد ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي مقامي طور هٿ ڪيل سامان مان اهڙيون شيون ٺاهي يا تيار ڪرائي، انهن مان پنهنجو تعليمي ڪاز پورو ڪن. استادن کي گهرجي ته سمعي ۽ بصري مددي شين کي پنهنجي تدريسي عمل جو لازمي جزو سمجهن. اهو ڪين يقين هئڻ گهرجي ته انهن شين جو استعمال تدريس جي اصلاح ۽ تڪميل لاءِ اشد ضروري آهي.

**لساني عملي ڪم ۽ مشغوليون :** لساني عملي ڪم ۽ مشغوليون مادري زبان جي تدريسي پروگرام جو هڪ لازمي حصو آهن. انهن مان نه صرف ٻارن کي پنهنجي زبان جي مهارت حاصل ٿئي ٿي؛ پر سندن تعليمي معيار به بلند ٿئي ٿو ۽ ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ جون صلاحيتون وڌيڪ اُجاگر ٿين ٿيون. لساني

عملي ڪمن کي نصاب کان جدا سمجهڻ غلط آهي، ڇو ته انهن جي مدد سان لساني سکيا کي تقويت ملي ٿي. اُهي مشغوليون ٻن قسمن جون آهن. (۱) نصابي مشغوليون، ۽ (۲) غير نصابي مشغوليون. جن مشغولين ۽ سرگرمين کي غيرنصابي شغل چئجي ٿو، اُهي به دراصل نصابي نه ته هم نصابي مشغوليون ئي آهن.

هڪ سٺي تدريسي پروگرام جي وڏي پرک اِها آهي، ته ان ۾ ڏٺو وڃي ته نصابي يا هم نصابي ٻنهي قسمن جون سرگرميون ڪرايون وڃن. اسان جي تعليمي نظام ۾ هيءَ هڪ خامي آهي، جو اُن ۾ امتحان کي مرڪزي حيثيت ڏني ويئي آهي ۽ اسان جو سمورو تدريسي پروگرام ان جي چوگرد ڦري رهيو آهي. اِهوئي سبب آهي، جو استاد نصاب جي صرف اُنهن حصن تي توجهه ڏيئي رهيا آهن، جن جو تعلق خاص طور امتحان سان آهي. زبان جي سکيا جو مقصد زبان جي مختلف رخن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ آهي، پر اُنهيءَ مهارت جي جانچ پڙتال ۽ جائزي وٺڻ لاءِ امتحان کي پرک بنايو ويو آهي. امتحان کي پرک جو ذريعو بڻائڻ وڏي غلطي آهي. اِن ڪري استاد کي گهرجي ته هو لساني عملي ڪمن کي امتحاني نقطي نظر کان نه پرکي، پر انهن جي افاديت جي پيش نظر نصابي ۽ هم نصابي ڪم کي برقرار رکي ته جيئن اُهو لساني پروگرام موثر ۽ مفيد ثابت ٿئي.

لساني ڪم کي مفيد ۽ مؤثر بڻائڻ لاءِ چند عملي سرگرميون هيٺ ڏجن ٿيون، جن تي عمل پيرا ٿي؛ استاد ٻارن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪري سگهي ٿو.

مڪالمو ۽ تمثيل ڪاري : ٻن ماڻهن جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه يا گفتگوءَ کي "مڪالمو" چئجي ٿو. مڪالمي تورڙي تمثيل جو تعلق ٻارن جي ادائگيءَ تي آهي. ان ڪري درسي ڪتابن ۾ جيڪي

سبق مڪالمن تي مشتمل آهن، اُهي ٻارن کان ساڳئي انداز ۾ ڪلاس جي سامهون پڙهايا وڃن، ته جيئن هنن کي پنهنجي مڪالمي جو حصو ياد ٿي وڃي. ائين ڪرڻ ڪري ٻارن ۾ وڌيڪ دلچسپي پيدا ٿيندي ۽ مڪالمن پڙهڻ يا اُنهن کي ياد ڪري پيش ڪرڻ ۽ ٻڌڻ سان ٻارن ۾ لفظن جو ذخيرو وڌندو. هڪ طرف سبقن ۾ استعمال ٿيندڙ محاورا ٻارن کي صحيح زبان ڳالهائڻ ۾ مدد ڏيندا ۽ ٻيءَ طرح منجهن حاضر جوابي ۽ پڙهڻ ۾ روانيءَ جي مهارت پيدا ٿيندي. ان ڪري استاد کي گهرجي ته ٻارن کان ئي مڪالما لکائي ۽ ڪائن مشق ڪرائي. ڪي ٻار تصويرن جي مدد سان به مڪالمو لکي سگهندا آهن، ۽ ڪتابن جي ڪهاڻين کي مڪالمن جي صورت ۾ پيش ڪندا آهن. مڪالمي ۾ عام طرح ٻه ٻار حصو وٺي سگهندا آهن، پر تمثيل ڪاريءَ ۾ ٻن کان وڌيڪ شامل ٿي سگهن ٿا. هيءَ اهڙي مشغولي آهي، جو سمورو ڪلاس ان ۾ ڀرپور وٺي سگهي ٿو.تمثيل ڪاريءَ ذريعي نه صرف زبان جي تدريس ۾ اضافو ٿو ٿئي، پر ٻين مضمونن جي پڙهائيءَ ۾ به واڌارو اچي ٿو. تمثيل نگاري پيش ڪرڻ لاءِ گهڻي ساز وسامان جي ضرورت نه پوندي آهي. ٻار اُن کي پنهنجي ڪلاس اندر به مڪمل ڪري سگهن ٿا. اسان جي سنڌي ادب ۾ ٻارن لاءِ تمام ٿورا ڊراما لکيا ويا آهن. ٻارن لاءِ ڊراما اهڙا هئڻ گهرجن، جي ٻارن جي قابليت، صلاحيت ۽ اُنهن جي عمر مطابق هجن.

**(٢) نظم ۽ نثر پڙهڻ جون چٽاڀيٽيون** :نظم توڙي نثرجي ٽڪرن کي پڙهڻ جي سيني تقاضائن کي مدنظرکي سهڻي نموني پيش ڪرڻ هڪ وڏو فن آهي. جيئن ته هڪ استاد پڙهائڻ جي وقت ٻارن کي سهڻي نموني پڙهڻ جي تربيت ڏيندا رهن ٿا. ان هوندي به جيڪڏهن ادبي گڏجاڻيون ڪرائي ٻارن

جون چٽاپيٽيون ڪرائجن، ته ٻار پنهنجي ڪمال جو مظاهرو ڪندا ۽ سندن خوف دور ٿي ويندو. هرهڪ نظم جو پنهنجو ڍنگ ۽ انداز هوندو آهي. ان کي اهڙي نموني ادا ڪيو وڃي، جو ٻڌندڙن جي دلين کي لطف اچي. اهڙيءَ طرح ڪي نثر جا ٽڪرا به نظم وانگيان دلڪش هوندا آهن، جن کي پڙهندي، پيش ڪندي ۽ ٻڌندي به ساڳيو حظ حاصل ٿئي ٿو.

اِن ڪري استادن کي گهرجي ته هو ٻارن جي ادب مان نظم توڙي نثر جا اهڙا ٽڪرا پيش ڪن، جيڪي هو مقابلي جي وقت ادا ڪري سگهن. اهڙيءَ طرح اهڙا مقابلا نه صرف پنهنجي اسڪول اندر پر ٻين اسڪولن جي ٻارن کان به ڪرايا وڃن، ته جيئن سندن نالو ۽ ناموس ٿئي. ائين ڪرڻ ڪري ٻارن کي مجلس ۾ ڳالهائڻ، بيهڻ ۽ تحرير ڪرڻ جو ڍنگ اچي وڃي ٿو.

(۳) **علمي معما پرڻ** : علمي معما پرڻ به هڪ اهڙو فن آهي، جنهن سان ٻارن جي لغت ۾ اضافو ٿئي ٿو. سوچ ۽ فڪر جو مادو پيدا ٿئي ٿو، منجهن محنت ڪرڻ جي عادت پوري ٿي. علمي معمن جي صحيح حل تلاش ڪرڻ کان پوءِ ٻارن کي تمام گهڻي خوشي حاصل ٿيندي آهي، جيئن ٻارن جي رسالن ۾ سئا سئا معما ايندا آهن. استادن کي گهرجي ته اهڙا رسالا ڏسندا رهن ۽ معما ٻارن جي آڏو حل ڪرڻ لاءِ پيش ڪن. جيڪو ٻار صحيح ۽ درست حل ڳولي تنهنکي انعام ڏجي. ائين ڪرڻ سان ٻارن جي حوصلہ افزائي ٿيندي.

(۴) **بيت بازي** : بيت بازي هڪ دلچسپ مشغلو آهي. هن ۾ سڀيئي ٻار حصو وٺندا آهن. بيت بازي لاءِ ڪلاس کي ٻن گروپن ۾ ورهائبو آهي. هڪ گروهه جو ڪو به ٻار هڪڙو شعر پڙهندو، جنهن

حرف تي ان پهرئين گروهہ واري بار شعر ختم ڪيو هوندو، ان حرف سان شروع ٿيندڙ شعر وري ٻئي گروهہ جو ڪو ٻار پڙهندو.

ٻارن ۾ شعر جو شوق پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي ياد ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ لاءِ بيت بازيءَ جي راند نهايت مفيد آهي. هن راند ۾ شعر جو صحيح ۽ زباني پڙهڻ شرط آهي. بيت بازي ۾ ساڳيو شعر ٻيو دفعو پڙهڻ بہ منع آهي ۽ ان طرح هن وندر ۾ گهڻن شعرن ياد ڪرڻ جو شوق ۽ عملي ذوق پيدا ٿئي ٿو. بيت بازي ڪرڻ وقت استاد کي گهرجي تہ سندن رهنمائي ڪري ۽ ڪامياب گروهہ جي ۽ ان ٻار جي بہ جيڪو سيني ڪان گهڻا شعر پيش ڪري، حوصلہ افزائي ڪري.

**(٥) آلبم ٺاهڻ :** آلبم گهڻن ئي قسمن جا ٿين ٿا، مثلاً تصويرن جا آلبم، ٽپال جي ٽڪلين جا آلبم، اسڪول جا آلبم وغيره. سنڌي پاڙهيندڙ استاد اهڙا آلبم ٺهرائي، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري ۾ ڪم اچن ۽ جن جي مدد سان ٻارن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ چاهہ پيدا ٿئي. مثلاً سنڌي شاعرن جي تصويرن جو آلبم يا سنڌيءَ جي اهڙن اديبن، ڪهاڻيڪارن ۽ نثرنويسن جي تصويرن جا آلبم، جن جون ڪهاڻيون هو پڙهن ۽ انهن مان لطف اندوز ٿين ٿا. آلبم ۾ تصويرن کانسواءِ شعرن جو نمونو يا مشهور تصنيفن جا نالا بہ لکي سگهجن ٿا. آلبم ڪهڙي بہ مضمون جو هجي، پر اُن جي تياري سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ جي مهارتن حاصل ڪرڻ لاءِ مفيد آهي. ڇو تہ شاگردن کي عنوانن، اشارن ۽ تصويرن جي وضاحت هر حالت ۾ سنڌيءَ ۾ ئي ڪرڻي پوندي. اهڙيءَ طرح هنن جي سنڌي لکڻ جي صلاحيت وڌندي ۽ سندن اکر بہ سڌرندا. منجهن ڪتابن ۽ آلبمن کي سليقي سان رکڻ جو شعور بہ پيدا ٿيندو.

**(٦) ڪلاس رسالو مرتب ڪرڻ :** هر سٺي ڪلاس خواه سٺي اسڪول کي پنهنجو هڪ رسالو مرتب ڪرڻ گهرجي. اُن رسالي جا سڀ مضمون، نظم مڪالما ۽ ڪهاڻيون شاگردن جي ذاتي ڪوشش ۽ فڪر جو نتيجو هجن. رسالي جي پوري تياري شاگردن جي ذاتي ڪوشش تي منحصر هجي. مضمونن جي تياري انهن جو لکڻ، تصويرن جي ترتيب، اداريو (ايڊيٽوريل)، مضمونن جي فهرست تيار ڪرڻ ۽ جلدبندي ۽ ڏانهن توجهه وغيره. مطلب تہ سڀ ڪم ٻارن کي پاڻ مرادو ڪرڻ گهرجن. رسالي کي معياري بنائڻ لاءِ ڪلاسن جي چٽاپيٽي ڪرائڻ گهرجي ۽ سٺو رسالو مرتب ڪندڙ ڪلاس کي انعام ڏيڻ گهرجي. رسالي کي اسڪول جي لئبرري يا عجائب گهر ۾ رکڻ گهرجي، رسالي ۾ ڏنل مضمونن يا نظمن وغيره تي پڻ انعام رکيا وڃن. ساڳيءَ طرز تي اسڪول جو ساليانو مئگزين (مخزن) ڪڍڻ گهرجي. هيءُ رسالو قلمي بہ ٿي سگهي ٿو ۽ ڇپائي بہ سگهجي ٿو. هي رسالا ٻارن جي تخليقي قوتن کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ ڪڍيا ويندا آهن، ڇو تہ ممڪن آهي اُهي ننڍڙا ليکڪ مستقبل جا عظيم شاعر يا اديب ٿي، ملڪ ۽ ملت جي خدمت ڪن.

**(٧) ذاتي ڊائري رکڻ :** ٻارن لاءِ سندن ذات جي متعلق ڪجهہ لکڻ، تمام دلچسپ هوندو آهي. ٻارن کي شوق ڏياريو وڃي تہ هو پنهنجي ڊائري تيار ڪن. جنهن ۾ روزمره جي زندگيءَ جا خاص خاص واقعا باقاعدگيءَ سان لکن. جيڪڏهن هر روز ٻار رات جو سمهڻ کان اڳ سڄي ڏينهن جو ڪو دلچسپ واقعو، پنهنجو ڪارنامو، اسڪول جا حالات،ڪنهن مهمان جي آمد،ڪو ناخوشگوار واقعو، گهر جي اهم ڳالهہ، پنهنجي ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪندا ڪن، تہ هنن ۾ لکڻ جي مهارت ٿيندي ۽ سندن اکر سڌرندا. تہ ٻئي طرف سندن سوچڻ، ياد ڪرڻ، مشاهدي ڪرڻ ۽ اهم خواهہ گهٽ اهميت

وارن واقعن جو فرق سمجهڻ جي قوت وڌندي. ڊائري جي لکيل صفحن پڙهڻ ۾ کين لطف ايندو. اهڙيءَ طرح پنجين ڪلاس جو ٻار جڏهن اڳئين سال جي ڊائري پڙهندو تہ نہ فقط هو خوش ٿيندو، پر کيس اِها پڻ خبر پوندي تہ هڪ سال اڳ هو کهڙي ٻولي لکندو هو، سندس اکر کهڙا هئا ۽ هو کهڙي قسم جون غلطيون ڪندو هو. هاڻي هو اڳئين جي نسبت ۾ ڪيترو بهتر لکي ۽ سمجهي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح هو هڪ سال جي ترقيءَ جو صحيح اندازو لڳائي سگهي ٿو.

**(٨) لغت ڏسڻ ۽ تيار ڪرڻ :** ٻوليءَ ۾ مهارت جي سلسلي ۾ لغت جي اهميت کان ڪوبہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهي. لغت مان ڏکين لفظن جي معنيٰ جي پروڙ پوي ٿي. صحيح تلفظ ۽ ان جي استعمال جي خبر پوي ٿي. لفظ ڪٿان نڪتو، کهڙيءَ ٻوليءَ مان آيو ۽ قاعدي جي اعتبار کان هيءَ لفظ ڇا آهي ۽ گرامر موجب ڇا ٿيندو: مطلب تہ ڪنهن لفظ جي متعلق جيتري معلومات ممڪن يا مطلوب هجي اُها عام طور تي لغت مان ملي وڃي ٿي. هڪ لفظ ڏسڻ ويهبو تہ اُن قسم جي گهڻن ئي لفظن کان واقف ٿي وڃبو. اهڙيءَ طرح لغت جي مدد سان لفظن جي ذخيري ۾ تمام گهڻو اضافو ٿئي ٿو. ٻوليءَ تي قدرت حاصل ٿئي ٿي ۽ ڄاڻ ۾ واڌارو ٿئي ٿو. لغت کانسواءِ مؤثر مطالعو ممڪن نہ آهي. ادب مان لطف اندوز ٿيڻو آهي، تہ لغت جي ضرورت جڳهہ جڳهہ تي محسوس ٿئي ٿي. هر ٻوليءَ ۾ لفظن جو ذخيرو ايترو تہ گهڻو آهي، جو ڪنهن هڪ ماڻهوءَ لاءِ ممڪن نہ آهي، تہ هو اُن ٻوليءَ جا سڀ لفظ ڄاڻي ۽ انهن تي عبور حاصل هجيس.

لغت جي اهميت خيال ۾ رکندي ضروري آهي تہ ٻارن کي لغت جو استعمال سيکارجي. لغت ۾ لفظ الف - ب وار ڏنل هوندا

آهن. جيڪڏهن ٻارن کي الف - ب ياد هوندي، تہ پوءِ کين لغت ڏسڻ ۾ تڪليف نہ ٿيندي آهي. لغت جو زباني استعمال تہ ممڪن آهي تہ ڪو استاد ٻڌائيندو هجي، پر اُن جي مشق نہ ٿي ڪرائي وڃي، ان ڪري ٻارن کي معنيٰ ڳولڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي. اهڙيءَ حالت ۾ استاد کي ذاتي دلچسپي وٺي ٻارن کي لغت جي استعمال جي باقاعدي مشق ڪرائڻ گهرجي. لغت ڪم آڻڻ وانگر لغت تيار ڪرڻ بہ هڪ فن آهي ۽ ٻارن جي ارچتين فوري ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ سندن پنهنجي تيار ڪيل لغت وڌيڪ مفيد ٿئي ٿي. لغت تيار ڪرڻ جا ٻہ طريقا آهن. هڪ سبق وار يعني هر سبق جي مشڪل لفظن جي معنيٰ، سبق جي عنوان هيٺان لکي وڃي، ٻيو اُهو ئي معياري طريقو آهي، جنهن ۾ حرف الف - ب جي ترتيب سان لغت تيار ڪئي ويندي آهي. پهريون طريقو سولو آهي، مگر ايترو مفيد نہ آهي. ٻئي طريقي سان تيار ڪيل فهرست زياده جامع ٿئي ٿي ۽ اُن مان ڪنهن لفظ جي معنيٰ ڳولڻ سولي ٿئي ٿي. ان ڪري ٻئي طريقي واريءَ لغت کي وڌيڪ پسند ڪيو وڃي ٿو. ٻارن کي گهرجي تہ ڪنهن مضبوط جلد واري ڪاپيءَ جي صفحن کي الف - ب وار صفحن ۾ ورهائي، وڌيڪ لفظن واري ذخيري وارن حرفن لاءِ صفحا بہ وڌيڪ رکڻ گهرجن. لغت کي باڪس بورڊ جي ڪارڊن تي تيار ڪري سگهجي ٿو. اُنهن ڪارڊن کي ڪنهن دٻي ۾ محفوظ ڪري سگهجي ٿو. هيءَ طريقو گهڻ خرچ وارو آهي ۽ اُن مان فائدو گهڻو آهي.

**(٩) قلمي دوستي :** استاد خط ڪتابت جي سلسلي ۾ خطن لکڻ جو فن ٻارن کي سيکاريندا آهن؛ پر اُن جي عملي چڱائيءَ جو علم ٻارن کي نہ هوندو آهي. ان ڪري هو اُن ڏس ۾ دلچسپي نہ وٺندا آهن. ان لاءِ ٻارن کي شوق

ڏيڻ گهرجي، تہ هو پنهنجي عزيزن ۽ دوستن کي خط لکن ۽ پنهنجا اهڙا قلمي دوست بنائين؛ جيڪي ٻئي شهر، صوبي يا ملڪ ۾ رهندا هجن. قلمي دوستيءَ ڪري خطن لکڻ ۾ جيڪو لطف اچي ٿو، سو عام خطن مان نٿو اچي ۽ اهڙا خط وصول ڪرڻ ۽ پڙهڻ بہ لطف کان خالي نہ آهي. جيتوڻيڪ هيءَ سرگرمي شخصي قسم جي آهي، پر ان کي اجتماعي سرگرمي بہ بنائي سگهجي ٿو. مثلاً قلمي دوستن ڏانهن لکيل خط ۽ اُنهن جا جواب ڪلاس ۾ پڙهايا وڃن. جيئن ٻيا ٻار بہ اُنهن جي خيالن، جذبن ۽ چاهہ مان فائدو وٺن. اهڙيءَ طرح ٻين ٻارن ۾ بہ قلمي دوستن بڻائڻ جو شوق پيدا ٿيندو.

**(١٠) انٽرويو وٺڻ** : ٻار هر نئين شيءِ کي عجب جي نگاهہ سان ڏسندو آهي ۽ اُن متعلق ڪافي سوال ڪندو آهي، ڇوتہ ٻارن ۾ پڇ پڇ جي عادت هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٻار اهڙا تہ اڻ گهڙيل سوال ڪندو آهي، جنهن جو جواب ڏيڻ بہ مشڪل ٿي پوندو آهي؛ ان لاءِ انٽرويو ڪرڻ سٺو طريقو آهي. اسڪول ۾ مختلف زندگيءَ جي شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي گهرائجي جن کان سوال ٻار پڇن ۽ اهي ماڻهو کين جواب ڏين. اهو هڪ قسم جو گڏيل انٽرويو ٿي پوندو. انٽرويو ڪرڻ جو بہ هڪ خاص فن ۽ انداز آهي. مثال طور سوال پڇندڙ ادب وارو هجي. هن جو سوال پڌرو هجي ۽ ٻئي جو جواب هو غور ۽ توجهہ سان ٻڌي. سندس ڳالهائڻ ۾ نرمي ۽ نهٺائي هجي، مناسب موقعن تي هو "مهرباني" "اوهان جو احسان" "معاف ڪجو" جهڙا لفظ استعمال ڪري، انٽرويو هلندي سوال اهڙا نہ پڇجن جو جواب ڏيندڙ ناراض ٿي پوي.

ٻارن کي انٽرويو جا آداب سيکارجن ۽ کين مشق ڏني وڃي تہ جيئن لساني مهارت حاصل ٿي سگهي. ائين ڪرڻ سان

ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو ڍنگ ٻہ اچي وڃي ٿو ۽ حاضر جوابيءَ جو سليقو پڻ پيدا ٿئي ٿو. تنهن ڪانسواءِ پنهنجي ڳالهہ چوڻ، ٻين جي ڳالهہ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي. جيڪڏهن ڪو ٻار ڪنهن ڊاڪٽر ڪان انٽرويو وٺي تہ ان کي صحت، صفائي ۽ ڪاڌي پيتي بابت ڪيترين مفيد ڳالهيون معلوم ٿينديون. ڪنهن زراعت جي ماهر ڪان پچندي ٻني ٻاري ڪرڻ، ان کي پاڻ وغيره ڏيڻ يا جيتن وغيره جي پررڙ پئجي ويندي. اهڙيءَ طرح ماهر حيوانات ڪان جانورن بابت معلومات فراهم ٿيندي. مطلب تہ مختلف ماڻهن ڪان انٽرويو وٺڻ سان ٻارن ۾ وسيع معلومات ٿيندي.

**(١١) بحث مباحثو :** زباني عملي ڪم کي مفيد بڻائڻ لاءِ بيو هي طريقو آهي تہ ڪلاس ۾ ٻارن کي ڪن گروهن ۾ تقسيم ڪري منجهن بحث مباحثو ڪرائجي. بحث مباحثي لاءِ موضوع يا مضمون جو انتخاب اڳواٽ ڪرڻ ڪپي، جيئن هر هڪ ٽوليءَ جا ٻار بحث ۾ حصي وٺڻ لاءِ تياري ڪري اچن. بحث دوران هر هڪ ميمبر ڪيترا ٻہ پيرا ڳالهائي يا سوال ٻہ پڇي سگهي ٿو.

مناظرو يا يڪطرفو بحث (Debate) : ٻہ ٻارن لاءِ ڪارائتو آهي. پر ان ۾ ٻار ۾ هرويرو پنهنجي راءِ کي مسلط ڪرڻ جي خواهش ٿئي ٿي، چو نہ ڪٿي سندس خيال غلط ٻہ هجن. ان ڪري ٻارن ۾ بحث مباحثي جي عادت وجهڻ گهرجي، چو تہ بحث مباحثي جي ڪري، نہ رڳو ٻارن کي حقيقتن تائين پهچڻ جو موقعو ملي ٿو، پر بحث جا سڀيئي فائدا ٻہ حاصل ٿين ٿا. بحث ۾ ٽوليءَ جا سڀيئي شاگرد هڪ مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مشغول رهن ٿا ۽ پنهنجي واقفيت ۽ آزمودي کي مجموعي فائدي لاءِ استعمال ڪن ٿا. ائين ڪرڻ سان زبان جي استعمال کي فروغ ملي ٿو. خيالن ۾ وسعت پيدا ٿئي ٿي ۽ ڳالهائڻ جي طاقت پيدا ٿئي ٿي.

**(١٢) سير ۽ تفريح :**سيروتفريح به هڪ اهڙو عمل آهي،جنهن ۾ ٻارن جي اک ۽ ڪن جي گڏيل استعمال سان سير مان اهڙي معلومات حاصل ٿئي ٿي، جا ڪيترن ڪتابن پڙهڻ ۽ ڪلاس جي تدريس دوران حاصل نٿي ٿئي. ٻارن جي قوت مشاهده جي تربيت ۽ عام معلومات ۾ اضافي لاءِ سير وسياحت ضروري آهي.

ڪلاس ۾ ويهي ٻار اهو هرگز معلوم ڪري نٿا سگهن، جيڪي سير ذريعي حاصل ڪن ٿا. ڪين اها خبر به تڏهن ٿي پوي ته قدرت ڪهڙا ڪهڙا نظارا ۽ جانور پيدا ڪيا آهن.

اهڙي طرح جيڪڏهن انساني سماج ۽ تمدن کي تاريخ جي آئيني ۾ ڏسڻو هجي، ته عجائب گهر جو سير ڪجي جو ڪيترن ئي ڪتابن جي مطالع کان بهتر آهي. اهڙي طرح ڊيري فارم، مرغي خانہ، پوسٽ آفيس ۽ ڪنهن بيڪريءَ جو سير يقيناً ٻارن ۾ اها معلومات ۽ بصيرت پيدا ڪري ٿو؛ جو هو هڪ وڏي اعتماد سان بنا ڪنهن رنڊ روڪ جي ڪري سگهن ٿا. منجهن لفظن جو ذخيرو گهٽي اندازِ ۾ گڏ ٿئي ٿو.

اکين ڏٺل مناظر سان ٻارن جي ذهن ۾ ڪيترن قسمن جا تصور قائم ٿين ٿا؛ جن جي مدد سان ٻارن کي لساني ترڪيبات کي سمجهڻ ۽ انهن جي استعمال ڪرڻ ۾ وڏو تجربو پيدا ٿئي ٿو.

**(١٣) لائبريري جو استعمال :** اسڪول ۾ لائبريري يا ڪتب خاني جي اهميت ۽ ضرورت بابت هن کان اڳ ۾ به ذڪر ٿي چڪو آهي، ليڪن لائبريري مان فقط تڏهن فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو؛ جڏهن ٻار ڪتابن جي استعمال کان واقف هوندا. مناسب ته ائين ٿيندو جو اسڪول جي ٽائيم اندر يا ٿورڙو دير تائين لائبريري کليل هجي ته ٻار سهولت سان پنهنجي پسند جو ڪتاب رئي سگهن. اسان جي

پرائمري اسڪولن ۾ پهريائين لائبرري هوندي ڪانه آهي، پر جي هجي به ته اها هڪڙي ڪبٽ يا پيتيءَ تي مشتمل هوندي. ان لائبرري ۾ وري اهڙا ڪتاب هوندا، جيڪي ٻارن جي پڙهڻ کان ته وڏا هوندا، پراستاد صاحب به ڪڏهن ڪو نه پڙهندا.

ڪٿي ڪٿي غيرموزون ۽ بيڪار ڪتاب مهيا ڪيا ويندا آهن، ان لاءِ تعليم کاتي جا منظور ٿيل ڪتاب رکيا وڃن.

مغربي ملڪن ۾ پرائمري اسڪولن جي ٻارن لاءِ موزون ۽ وڻندڙ ڪتاب لائبررين ۾ رکيل هوندا آهن. اهي الماريون ٻارن جي قدبت آهر تيار ڪيون ويندي آهن، جيئن هو ڪتاب ڪڍي سگهن يا رکي سگهن. اتي اهڙو ماحول هوندو آهي، جو ٻارن کي هر نوعيت جا ڪتاب ملي وڃن ٿا. پر اسان جي ملڪ ۾ ملڻ ئي مشڪل آهن.

لائبرري جي استعمال لاءِ ٻارن کي سمورين سهوليتن کان آگاهه ڪيو وڃي. کين اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائي وڃي، ته اسڪول جي لائبرري ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب آهن. ڪهڙي نموني رکيا آهن ۽ اهي ڪٿي رکيل آهن. ٻار انهن ڪتابن کي ڪهڙي وقت پڙهي سگهن ٿا ۽ ڪٿي پڙهي سگهن ٿا. جيڪڏهن ٻار ڪتاب حاصل ڪري گهر ڪٿي وڃڻ چاهين ته انهيءَ جو ڪهڙو طريقو آهي؟ ان لاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر صاحب کي گهرجي ته ٻارن جي سهوليت خاطر يا پڙهڻ جي معيار مطابق ڪتابن جي فهرست تيار ڪري، جيئن استاد يا ڪو ٻار پنهنجي پسند جو ڪتاب آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهي. ان لاءِ ضروري آهي ته ڪتابن جي ترتيب، موضوع ۽ مضمون جي لحاظ کان هجي ته جيئن ڪتاب ڳولڻ ۾ سهوليت ٿئي. مثال طور ڪهاڻي جي موضوع جا سمورا ڪتاب هڪ جاءِ تي رکيل هجن. اهڙيءَ طرح انهن ۾ به

اسلامي تاريخي ڪهاڻين جا الڳ ڪيا وڃن ۽ پين اخلاقي ڪهاڻين جا الڳ هجن. ساڳئي نموني سيرت تي جدا هجن ۽ نظم نثر جا الڳ رکڻ گهرجن.

استادن کي گهرجي تہ هو پنهنجي شاگردن کي ڪتاب جي انتخاب جو طريقو پڻ ٻڌائي، جيئن ٻار کي ان ڪتاب مان پڙهڻ کان اڳ ۾ اهو معلوم ٿئي تہ هن ڪتاب ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون چڱايون آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا مضمون آهن. مثلاً ڪتاب جي فهرست مان ۽ پڻ ڪتاب جو ديباچو يا مقصد پڙهي هو معلوم ڪري سگهي ٿو. ڪتاب جي ڪجهہ وقت گرداني ڪندي، سرسري نظر سان بہ ڪتاب بنسبت هو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

اڄڪلهہ ڪتابن جو ذخيرو وڌندو رهي ٿو ۽ علم ۾ ڪافي وسعت ۽ اضافو ٿيندو رهي ٿو. شاگردن ۽ هڪ استاد لاءِ ممڪن نہ آهي تہ هو سڀني ڪتابن جو مطالعو ڪن. ان ڪري اهو ضروري آهي تہ هو پنهنجي ضرورت ۽ پسند جي ڪتابن جو انتخاب ڪن. برابر، استاد لاءِ وقت جي گهٽتائيءَ جي ڪري سمورن ٻارن ڏانهن ۽ انهن جي هر ڳالهہ ڏانهن توجهہ ڏيڻ ممڪن نہ ٿي سگهندو، پر هُن تي اهو لازم آهي تہ جنهن مشغوليءَ کي هو پنهنجو فرض سمجهي ٿو، ان تي عمل ڪرڻ جي پنهنجي وس آهر ضرور ڪوشش ڪري.

**(١٣) مٽي، ردي ڪاغذن ۽ پراڻين اخبارن مان ماڊل وغيره ٺاهڻ :** اسان جو ملڪ غريب ملڪ آهي. اسان وٽ ايترا وسيلا ڪو نہ آهن، جو اعليٰ معيار جا ماڊل خريد ڪري سگهجن، پر اسان جا پرائمري اسڪول اڪثر ڪري ٻهراڙين ۾ هوندا آهن، جني گهٽ خرچ سان بہ ڪي امدادي شيون ٺاهي سگهجن ٿيون. مثال طور مٽيءَ مان جانورن جا ماڊل، رانديڪا ۽ ٻيا ماڊل وغيره.

ساڳيءَ طرح ڪاغذن مان بہ اهڙيون دستڪاريءَ جون شيون ٺاهي پيش ڪري سگهجن ٿيون. اهو استاد تي ئي منحصر آهي تہ هو هر وقت ٻارن جي دلچسپيءَ لاءِ ۽ ٻارن جي ڀلائيءَ لاءِ سوچيندڙ رهي. اُن طرح اسان جا استاد تمام ٿورڙي خرچ سان ۽ تمام گهٽين مشڪلاتن هوندي بہ پنهنجي اسڪول لاءِ پنهنجن شاگردن لاءِ پنهنجين ذميدارين جي ادائگيءَ طور جي چاهين تہ گهڻو ڪجھ ڪري سگهن ٿا.

# ٨ - سبق جو خاڪو

سبق جي خاڪي جو سلسلو هن ريت رکيو ويو آهي :

١- عنوان، ٢- مقصد، ٣- مشغوليون، ٤- امدادي شيون، ٥- سبق جي رٿا بنديءَ جو مجموعي طريقو (الف) ذهني آمادگي (ب) يونٽ جو واڌارو (ج) انفرادي ۽ اجتماعي عملي ڪم (مشغوليون) (د) جائزو

اسان هتي مٿي ڏنل سلسلي جو ترتيبوار ذڪر ۽ تفصيل ڏيون ٿا :

١- **عنوان :** - سبق جي خاڪي تيار ڪرڻ لاءِ سڀ کان اول، مقرر ڪيل نصاب جي آڌار تي، جوڙيل درسي ڪتاب مان عنوان ڪڍبو. مادري ٻوليءَ جي درسي ڪتاب ۾ شامل نثر ۽ نظم جا سبق هوندا، پر مادري زبان پڙهائڻ لاءِ نصاب ۾ موجود گرامر ۽ ڪمپوزيشن کان علاوه، صورتخطيءَ جا سبق پڻ پڙهائڻا پون ٿا. تنهنڪري عنوان جو انتخاب ذڪر ڪيل مڙني قسمن جي سبقن لاءِ ڪرڻو پوندو.

٢- **مقصد :-** استاد جي حيثيت هڪ رهنما ۽ درست واري آهي، شاگرد هڪ مسافر جيان هوندو آهي، جنهن کي رستي جي سُڌ نه هوندي آهي. استاد اها هستي آهي، جيڪو اُهي سمورا پنڌ پيچرا ڄاڻندو آهي. هن جي اها ئي ڪوشش هوندي آهي، ته سبق کي خوشگوار ماحول ۾ اهڙي آسان ۽ اثرائتي طريقي سان پڙهايو وڃي، جو شاگرد نه فقط نئين معلومات حاصل ڪري سگهي، پر سندس ذهني غور فڪر جي عمل کي به اُجاگر ڪري سگهجي.

هڪ ماهر استاد سبق تيار ڪرڻ کان اڳ ان جا مقصد متعين ڪندو آهي. ٻوليءَ پڙهائڻ لاءِ استاد جي آڏو ٻن قسمن جا مقصد هوندا آهن :

١- **عام مقصد :** هي اُهي مقصد هوندا آهن، جيڪي هر ٻولي

پاڙهيندڙ استاد آڏو رکندو آهي. مثلاً نصاب پڙهائيندڙ استاد ٻولي سيکارڻ گهري ٿو، ان ڪري هو ٻارن جي لغت ۾ واڌارو آڻيندو. ٻارن جو تلفظ درست ڪندو، ٻارن کي لفظن ۽ اصطلاحن جو فهم ۽ درست استعمال سيکاريندو، لکڻ جا آداب سيکاريندو، تحرير ذريعي خيالن جي اظهار جي تربيت فراهم ڪندو. خيالن جي زباني مٽا سٽا کي مقصدن ۾ شامل ڪندو، نظم لاءِ چاهه، ان مان لطف اندوز ٿيڻ ۽ ان جي سهڻن خيالن ۽ لفظن جي تربيت لاءِ مڃتا پيدا ڪندو وغيره.

**٢-خاص مقصد :** اُهي مقصد جيڪي نصاب تيار ڪرڻ وارن، ان نصاب پڙهائڻ سان حاصل ڪرڻ گهريا آهن. مثلاً ڪهڙي قومي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ عنوان رکيو ويو آهي. ان ۾ وطن سان پيار آهي، قومي يڪجهتي جو عنصر شامل اٿس، پورهئي جي عظمت بابت آهي يا ڪو ثقافتي ورثو منتقل پيو ٿئي وغيره.

**٣- مشغوليون :** استاد مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ مناسب طريقو ۽ مهارتون استعمال ڪندو آهي. انهن طريقن مطابق سکندڙ لاءِ انفرادي توڙي اجتماعي انداز ۾ سرگرمين جو پروگرام رٿيل هوندو آهي، چاڪاڻ تہ شاگرد کي سکيا جي عمل ۾ برابر جو شريڪ رهڻو آهي. سندس ذهني موجودگي، دلچسپي ۽ عملي شرڪت لازمي آهي. انهن گهرجن جو پورائو ئي مقصدن حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي. ان ڪري استاد شاگرد کي سکيا جي عمل ۾ ذهني ۽ جسماني طور تي ملوث ڪندو آهي. سرگرميون مقصد ۽ ماحول توڙي وسائل کي نظر ۾ رکي مقرر ڪيون وينديون آهن. هن نموني شاگرد جي ذهن تي سکيل ڳالهيون نقش ٿي وينديون آهن ۽ انهن جو اثر ديرپا هوندو آهي، نہ فقط ايترو بلڪ مشغوليون سکندڙ کي پر اعتماد بڻائين ٿيون ۽

هنن جي فڪري ۽ تخليقي صلاحيتن کي پڻ فروغ ملي ٿو.

۴- **امدادي شيون :** سکيا پنجن حواسن ذريعي حاصل ڪبي آهي. اهو هڪ نفسياتي اصول آهي، تہ ٻار جا جيترا وڌيڪ حواس سکڻ لاءِ ڪتب ايندا، اوتري سکيا ڪارائتي، اثرائتي ۽ پختي ٿيندي. استاد پنهنجي سکيا کي اثرائتي بڻائڻ ۽ پنهنجي منزل کي آسان ڪرڻ خاطر امدادي شين کي وسيلي طور استعمال ڪندو آهي، مثلاً تصويرون، چارٽ، جنسي شيون، ۽ ٻيو سمعي ۽ بصري مواد.

**۵- سبق جي رٿابنديءَ جو مجموعي طريقو :**

**(الف) ذهني آمادگي :**

هر سبق پڙهائڻ وقت يا ان جي رٿابنديءَ لاءِ استاد جي ڀرپور ۽ وڏي ڪوشش اها هوندي آهي، تہ هو ٻارن جي معلومات ۾ اضافو ڪري ۽ کين ڪا مفيد مهارت سيکاري يا وري سندن دلين ۾ پسنديده جذبات پيداڪري. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي، تہ ٻار جي ذهن ۾ ڪا نئين ڳالهہ ايستائين نٿي وڃهي سگهجي، جيستائين هو آماده نٿو ٿئي. سبق پڙهائڻ کان اڳ استاد کي اهڙيون تدبيرون اختيار ڪرڻ کپن، جن جي مدد سان ٻارن جي ذهن ۾ نئين موضوع لاءِ شوق پيدا ٿئي.

نئين موضوع طرف مائل ڪرڻ لاءِ تمام سٺي تدبير اها آهي، تہ ٻارن جي اڳوڻي معلومات مان فائدو وٺندي، چارٽن، تصويرن، ماڊلن يا جنسي شين جي مدد سان اهڙي ترتيب سان سوال ڪيا وڃن، جيئن نئين موضوع سان انهن جو تعلق جوڙي سگهجي. ٻارن کان جواب حاصل ڪرڻ بعد انهن جوابن جي معنيٰ خيز جزن کي گڏ ڪري چئي سگهجي ٿو، تہ ٻارو! اهي ڳالهيون جيڪي توهان کي اڳ ۾ معلوم آهن، اڄ اسين انهن جي باري ۾ نيون ۽ دلچسپ ڳالهيون معلوم ڪنداسون. اهڙي طريقي سان

ٻارن جي اڳين معلومات ٺئين سبق سان ملائڻ ڪري ٻارن جو توجهه قدرتي طور نئين سبق طرف ڇڪجي اچي ٿو. هو نين ڳالهين معلوم ڪرڻ لاءِ آماده ٿي وڃن ٿا ۽ سکيا لاءِ تمام مضبوط بنياد قائم ٿي وڃي ٿو.

**عنوان :** آمادگيءَ جي سوالن مان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ عنوان ڪلاس آڏو ظاهر ڪري بورڊ تي لکي پڙهائجي.

**يونٽ جو واڌارو :** هن مرحلي ۾ هيٺيان جزا اچي وڃن ٿا.

۱. استاد جو پڙهڻ (سبق جي پهرين پڙهٽي، ۲- خاموش پڙهٽي ۽ مرڪزي سوال ، ۳- نوان لفظ ۽ اصطلاح سمجهائڻ (ٻي پڙهٽيءَ سان) ۴- مثالي پڙهٽي، ۵-انفرادي پڙهٽي، ٦- جائزو، ۷- گهر لاءِ ڪم.

۱. **پهرين پڙهٽي :-** استاد ٻارن کي ڪتاب کولائي، سبق آهستي آهستي پڙهي ٻڌائيندو آهي. انهيءَ لاءِ تہ ٻار ڏيان سان ٻڌن ۽ کين خاموش خوانيءَ وقت ايندڙ تڪليفن کان ڇوٽڪارو ملي.

۲- خاموش پڙهٽي : خاموش خواني مٿين ڪلاسن ۾ ٿيندي آهي. هن جا ٻہ مقصد هوندا آهن. هڪ هي تہ ٻارن ۾ تحرير جي تفهيم پيدا ٿئي. ٻيو پڇيل سوال سبق کي دل ۾ پڙهي، ان جو جواب ڏئي سگهن. خاموش پڙهٽي وقت ٻار دل ۾ پڙهندا آهن تنهنڪري استاد کين سبق دل ۾ پڙهڻ لاءِ چوي ۽ پاڻ هڪ يا ٻہ مرڪزي سوال بورڊ تي لکي. مرڪزي سوال اهڙا هجن، جن ۾ سبق جو سڄو تَت اچي وڃي.

**نوان لفظ ۽ اصطلاح سمجهائڻ :**

خاموش پڙهٽي بعد استاد تڪرو تڪرو ڪري سبق پڙهي ۽ سبق ۾ آيل نوان لفظ ۽ اصطلاح تلفظ ڪري، بورڊ تي لکي پڙهائي. مثالن رستي ٻارن کي سمجهائي، انهن جون معنائون

ٻارن جي مدد سان ڪڍائي بورڊ تي لکي پڙهائي. نون لفظن سمجهائڻ وقت اول ٻارن کان معنيٰ پڇجي، نه اچڻ جي حالت ۾ مثالن، تشريح متضاد لفظن يا تقرير رستي سمجهائجي.

**مثالي پڙهڻي :** استاد درست انداز سان ڪتاب هٿ ۾ جهلي، صحيح نموني ۾ بيهي، تلفظ، لهجي، بيهڪ جي نشانين وغيره ڪي خيال ۾ رکي سبق پڙهي.

**انفرادي پڙهڻي :** استاد ٻارن کان ڌار ڌار سبق جو ٽڪرو ٽڪرو پڙهائي غلطيون سندن ئي مدد سان درست ڪرائي يا پاڻ درست ڪري.

**جائزو :-** استاد ڪرايل ڪم جي جائزي وٺڻ لاءِ ٻارن کان سبق جي پوري ٿيڻ بعد سوالن رستي غلطيون دور ڪرائي ٿو. جائزي وقت پنج ڇهه سوال ڪافي آهن، جن مان ٻه ٽي سوال مضمون تي هجن ۽ هڪ ٻه سوال نون لفظن ۽ ٻين سمجهايل حقيقتن بابت هجي. جائزو معروضي آزمائش وسيلي پڻ وٺي سگهجي ٿو، جيڪو انفرادي توڙي اجتماعي طور تي وٺي سگهجي ٿو. جائزي ۾ خاص طرح تي مقصد هي هوندو آهي، ته ٻارن کي جا نئين معلومات ڏني ويئي آهي، ڇا ان جي مدد سان هو پنهنجي چوڌاري شين ڏسڻ جي قابل ٿي ويا آهن؟ جيڪڏهن سبق ۾ ڪا نئين مهارت سيکاري ويئي آهي، ته جائزي ۾ اهو ڏسو، ته ڇا ٻار ان مهارت جي مدد سان پاڻ مرادو ڪم ڪرڻ جي قابل ٿي ويا آهن؟ مثلاً استاد جيڪڏهن مادري زبان جو سبق پڙهايو آهي، ته ان سبق جو متعين مقصد هي هو، ته ٻار ڪن نون لفظن ۽ اصطلاحن جو درست استعمال سکي سگهن. شاگرد جيڪڏهن ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ته پوءِ استاد جي محنت جو سٺو ۽ رٿيل نتيجو نڪتو، ٻيءَ صورت ۾ سموري محنت رائگان ويئي.

نوٽ :- هيٺ سبقن جي خاڪن جا چند نمونا ڏجن ٿا :

**سبق جو خاڪو**
نالو شاگرد جو پورو :
رول نمبر :
ڪم (مضمون) سنڌي نثر
ڪلاس : چوٿون
سبق نمبر: پنجون
نالو اسڪول جو:
سبق جو عنوان : "بهادري"
تاريخ :
ٻارن جي ڄمار : ٨ +
**ٻارن جي اڳوڻي معلومات** : ٻار اڳئين ڪلاسن کان علاوه روزمره جي زندگيءَ ۾ بهادريءَ ۽ احسان جون ڳالهيون ٻڌندا رهندا آهن.
ٽيڪنيڪ : (مهارتون) تدريسي طريقا جيڪي ڪتب آڻجن :-
بياني طريقو، سوال جواب واري ٽيڪنيڪ، تصورات، جنگ، دشمن، احسان وغيره.
تدريسي شيون : تدريسي ڪِٽ جو استعمال، بيت المقدس جي تصوير سلطان صلاح الدين جي تصوير، نقشو ۽ استعمالي چارٽ وغيره.
(الف) عام مقصد : ٻوليءَ جو واڌارو، لفظن اصطلاحن جو فهم ۽ درست استعمال.
(ب) خاص مقصد : دشمن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ وڏي ۾.وڏي بهادري آهي.
(آمادگي)
استاد ٻارن کي نئين سبق سکڻ لاءِ آماده ڪرڻ واسطي ٻارن جي اڳوڻيءَ معلومات مان ڪجهه سوال ڪري ڪين نئين سبق سکڻ لاءِ چارٽن ۽ تصويرن وسيلي آماده ڪري ٿو.
١- هيءَ تصوير ڪهڙي ماڻهوءَ جي آهي؟

۲- ميجر عزيز ڀٽي شهيد کي ڪهڙو فوجي اعزاز ڏنو ويو؟
۳- نشانِ حيدر ميجر عزيز ڀٽيءَ کي ڪهڙي سبب ڏنو ويو؟
۴- ميجر عزيز ڀٽي ۱۹۶۵ع واريءَ لڙائيءَ ۾ ڪهڙيءَ ريت وڙهيو؟
عنوان : "بهادري"
"ڇگو ٻارو اسين بهادريءَ بابت هڪ سبق پڙهنداسين"
**يونٽ جو واڌارو :**
**ڀرين پڙهڻي** : استاد سبق جو رٽيل ٽڪرو شاگرد آڏو پڙهي ٿو ۽ شاگردن کي غور سان ٻڌڻ لاءِ چوي ٿو ۽ جتي ضرورت پوي ٿي اُتي چارٽن ۽ تصويرن کان پڻ مدد وٺي ٿو.
**ٻي پڙهڻي** : استاد سبق جي رٽيل ٽڪرو ٻيهر پڙهي ٿو ۽ جتي نوان لفظ اچن ٿا. اُتي اُهو لفظ زور سان ورجائي بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي ٿو ۽ سادن مثالن وسيلي اُنهن لفظن جي تشريح ڪري ٿو.
نامور : نالي وارو
عمران خان ڪرڪيٽ جو نامور رانديگر آهي؟
نامور لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟
فاتح : فتح ڪندڙ
سنڌ جي فاتح عرب سردار جو نالو محمد بن قاسم هو؟
"فاتح" لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟

**مثالي پڙهڻي :** استاد سبق جو رٽيل ٽڪرو درست انداز ۾ ٻيهڪ جي نشانين کي خيال ۾ رکي، صحيح تلفظ ۽ اُدائگيءَ سان پڙهي ٿو ۽ ٻارن کي ڌيان سان ٻڌڻ لاءِ چوي ٿو.

**انفرادي پڙهڻي** : استاد سبق جو ٽڪرو جدا جدا ٻارن کان

پڙهائي ٿو ۽ سندن ڪيل غلطيون ڪاڻي ٺي درست ڪرائي ٿو.

**(جائزو)**

استاد شاگردن کي پڙهايل سبق مان چند مشقون ڏئي جاچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، تہ سندس پڙهائي ڪيتري قدر مؤثر ثابت ٿي.

مشق نمبر ١- هيٺيون خالي جايون پر ڪريو :

١- سلطان صلاح الدين ———— بادشاه کي گهوڙو موڪليو.

٢- رچرڊ کي بيماريءَ جي حالت ۾ ———— سلطان مدد ڪئي.

مشق نمبر ٢- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو :

١- رچرڊ تي سلطان جي سهڻي سلوڪ جو ڪهڙو اثر پيو؟

٢- هن سبق سان اسان ڇا پرايو؟

**عملي ڪم گهرو ڪم :**

استاد شاگردن ۾ پاڻ مرادو ڪم ڪرڻ جي عادت جي لاءِ ڪين اسم جي اوڳڻ ڏيڪارڻ وارا پنج لفظ پيدا ڪرڻ ڪاپيءَ تي لکي ڏيکارڻ لاءِ چوي ٿو.

**سبق جو خاڪو**

نالو شاگرد جو :

رول نمبر :

مضمون : سنڌي (نظم)

ڪلاس : چوٿون

سبق نمبر : تاريخ :

اسڪول جو نالو :

سبق جو عنوان :- "ٻين سان ڀلائي ڪرڻ"

ٻارن جي ڳڻپ : ٨ +

**ٻارن جي اڳوڻي معلومات** : ٻارن کي اڳين ڪلاسن ۾ سٺين عادتن ۽ لڇڻن جي ڄاڻ ڏنل آهي.

**تدريسي طريقا ۽ مهارتون** : راند رچنا وارو طريقو، تمثيل ڪاريءَ واريون مظاهراتي طريقو مشاهداتي طريقو، سوال جواب ۽ مهارتون.

**مقصد خاص** : انسانن ۾ مهر ۽ ڀلائي، ڏک سک ڄا احساس سيکارڻ.

**مقصد عام** : نظم مان لطف اندوز ٿيڻ، ذوق جماليت ۽ ميٺا جهڙا گڻ پيدا ڪرڻ ۽ شعر شاعريءَ لاءِ چاهه پيدا ڪرڻ.

**تدريسي شيون** : چارٽ، تصويرون، ٽيپ رڪارڊر، چاڪ ۽ ڊسٽر وغيره.

## آمادگي

استاد سبق کي دلچسپ بڻائڻ، ۽ ٻارن کي نئين سبق سکڻ لاءِ آماده ڪرڻ لاءِ ٽيپ ٽيل ڪهاڻي ٻڌائي ٿو ۽ ضرورت وقت تصويرون ڏيکاريندو هلي ٿو. ڪهاڻي ٻڌائڻ کان پوءِ ان تي سوال ڪري عنوان تي اچي ٿو.

**آڪاڻي** : آچر ۽ ڪرڙ جيڪڻ ٿي اسڪول کان موڪل ملڻ کانپوءِ گهر وڃڻ لاءِ خوشيءَ ۾ ڊوڙندا ڊوڙندا گهر پئي ويا تہ ماڻهن جو هڪ ميڙ ڏٺائون، ڊوڙي اتي پهتا. ڏٺائون تہ هڪڙو پوڙهو ماڻهو ڪيلي جي کل تان ترڪي ڪري پوڻ سبب ٽنگ کان منڊو ٿي پيو هو ۽ سندس گوڏن ۽ ٺونٺين مان رت وهي رهيو هو. آچر ۽ ڪرڙ ماڻهن کي پري ڪري هن ويچاري ڏکويل پوڙهي کي

اسپتال پهچائي، سندس ملم پٽي ڪرائي. پوڙهي سندن ٿورا مڃيندي کين نصيحت ڪئي تہ "پٽ جيڪو ٻين سان ڀلائي ڪندو، الله سائين ان کي ان جا ڀاڙا ڏيندو.

١- آچر ۽ ڪرڙ گهر ڏانهن ويندي ڇا ڏٺو؟

٢- آچر ۽ ڪرڙ، پوڙهي کي ڪيڏانهن وٺي ويا؟

٣- پوڙهي، آچر ۽ ڪرڙ کي ڪهڙي نصحيت ڪئي؟

عنوان : "ٻين سان ڀلائي ڪرڻ"

چڱو ٻارو! اڄ اسين "ٻين سان ڀلائي ڪرڻ" نظم پڙهنداسون.

نظم جي سُر سان پڙهڻي :

استاد سٺي سُر ۾ ٽيپ ٽيل نظم ٻارن کي ٻڌائي ٿو. جيئن ٻار نظم مان لطف اندوز ٿين.

**نظم جي پهرئين پڙهڻي :** استاد وڻندڙ لهجي ۾ درست اُچارن سان ٻارن آڏو نظم پڙهي ٿو.

**ٻي پڙهڻي** : استاد ٻيو ڀيرو نظم پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ نوان لفظ بورڊ تي لکي، انهن جون معنائون بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي ٿو.

**نوان لفظ**

جڳ : جهان

آڌار : ٽيڪ، ڀروسو.

مهر : ٻاجھہ، ڪهل.

مايا : دولت ، ملڪيت.

**مثالي پڙهڻي** : استاد قافيي ۽ رديف کي نظر ۾ رکندي درست لهجي ۾ نظم پڙهي ٿو.

**اجتماعي پڙهڻي** : استاد سڄي ڪلاس سان گڏ جي ڪورس جي انداز ۾ نظم پڙهي ٿو.

**انفرادي پڙهڻي** : استاد نظم جو ٽڪرو ٽڪرو ڌار ڌار ٻارن کان

پڙهائي ٿو، سندن ڪيل غلطين کي سندن ئي مدد سان درست ڪرائي ٿو ۽ نہ اچڻ جي صورت ۾ پاڻ درست ڪري ٿو.
پسنديدگي انفرادي پڙهڻيءَ ڪانپوءِ استاد هيٺيان سوال ڪري ٿو :
۱- شاعر هن نظم ۾ ڪهڙي وڻندڙ ڳالهہ ڪئي آهي؟
۲- توهان سبق مان ڇا پرايو؟

**عملي ڪم - گهرو ڪم**

استاد پڙهايل نظم مان چوندڊ لفظن جا هم آواز لفظ يا قافيہ لکي اچڻ لاءِ چوي ٿو.

ڪائي -
چڱائي -
ڪم -
شاهوڪار -

**سبق جو خاڪو**

نالو شاگرد جو :
نمبر :
مضمون : مضمون نويسي
ڪلاس : چوٿون تاريخ :
سبق جو عنوان : "ٻڪريءَ تي مضمون"
ٻارن جي ڄمار : ۸ +
ٻارن جي اڳوڻي معلومات : ٻارن کي اڳئين ڪلاس ۾ ننڍڙا فقرا لکڻ سيکاريا ويا آهن.
**تدريسي طريقا** : مشاهدا تي طريقو سوال جواب ۽ مظاهراتي طريقو.
**تصورات** :- جانور، چارو ، پيداوار وغيره.
**مقصد** :

عام : ٻارن کي مضمون لکڻ جي ابتدائي تربيت ڏيڻ.
خاص : گهرو جانوارن تي مضمون لکڻ جي سکيا ڏيڻ.
تدريسي شيون : جانورن جا چارٽ، ٻڪريءَ جي تصوير، ۽ گهرن ۾ جانورن جي رهڻ جي جاءِ.

**آمادگي**

استاد ٻارن کي ٻورن جانورن ۽ وڻن جون تصويرون ڏيکاري اُنهن تي سوال ڪري، مضمون لکڻ لاءِ آماده ڪري ٿو.

١- ارهين هن تصوير ۾ ڇا ڏسو ٿا؟
٢- هن چارٽ ۾ ڪهڙن پکين جون تصويرون آهن؟
٣- هن چارٽ ۾ ڪهڙن جانورن جون تصويرون آهن؟

**عنوان** : چڱو ٻارو! اڄ اسين ٻڪريءَ تي مضمون لکڻ سکنداسين.

**يونٽ جو واڌارو**

استاد ٻڪريءَ جي تصوير ڏيکاري، اُن جي بناوٽ بابت چند سوال ڪري ٿو ۽ مليل جواب ترتيب سان بورڊ تي لکي ٿو.

**بناوٽ** : ٻڪري هڪڙو پالتو کير ڏيڻ وارو جانور آهي. اُن کي چارٽنگون، ٻه ڪن، ٻه سڱ ، ٻه چمڪدار اکيون ٿين ٿيون. اُن جي سڄي بدن تي وار ٿين ٿا.

١- هن تصوير ۾ ڇا ڏسو ٿا؟
٢- ٻڪري ڪهڙي قسم جو جانور آهي؟
٣- ٻڪريءَ کي ڪيترين ٽنگون آهن؟
٣- ٻڪريءَ کي ڪن ڪيترا آهن؟
٥-ٻڪريءَ کي اکيون ڪيتريون آهن؟
٦- ٻڪريءَ کي ٿڻ ڪيترا آهن؟
٧- ٻڪريءَ کي سڱ ڪيترا آهن؟
٨- ٻڪريءَ جي جسم تي ڇا ٿيندا آهن؟

**رنگ قسم** : ٻڪرين ڪيترين ئي قسمن جون ٿين ٿيون، مثلاً برين، ڪاموريون، ڪاڇٽيون، رنگائٽيون، ٽپريون، جابلو، وغيره. ٻڪريون رنگ جون ڪاريون، اڇيون، ڪاموريون وغيره ٿين ٿيون، ٻڪريون اڪثر ڪري گهرن يا واڙن ۾ رهنديون آهن.

١- ٻڪريون ڪهڙن قسمن جون ٿين ٿيون؟

٢- ٻڪريون ڪهڙن رنگن جون ٿين ٿيون؟

٣- ٻڪريون ڪٿي رهنديون آهن؟

**کاڌ ۽ خوراڪ** : ٻڪريون گهڻو ڪري وڻن جا پَنَ ۽ گاهه کائينديون آهن. خاص ڪري لوسڻ ۽ برسيم سندن پسنديده کاڌو آهي. ڏارو ۽ ڪڪڙا پڻ ٻڪرين جي کاڌي ۾ شامل آهن.

١- ٻڪريون ڪهڙيون شيون کائينديون آهن؟

٢- ٻڪرين جو پسنديده گاهه ڪهڙو آهي؟

**فائدا** : ٻڪرين جو کير تمام سٺو ٿئي ٿو. اُنهن جو گوشت تمام لذيذ ۽ وڻندڙ آهي. انهن جي وارن مان فراسيون تمام سٺيون ٺهنديون آهن. هي ڦر پڻ ڏين. انهن جي نرڦرن کي ”ڇيلا“، مادين کي ”ڇيليون“ چئبو آهي. ٻڪرين جو پاڻ فصلن واسطي تمام ڀلو آهي.

١- ٻڪرين مان ڪهڙا فائدا آهن؟

٢- ٻڪرين جون ٻيون ڪهڙيون شيون ڪم اچن ٿيون؟

٣- ٻڪرين جي وارن مان ڇا ٺهندو آهي؟

٤- ٻڪرين جي ڦرن کي ڇا چئبو آهي؟

**جائزو :**

استادڪرايل ڪم جي جائزي وٺڻ خاطر ته ٻارن ڇا سکيو ڪين ،”اٺ“ تي مضمون لکڻ لاءِ چوي ٿو.

**گهر لاءِ ڪم**

استاد ٻارن کي گهران "ٻڪريءَ" تي مضمون ڪاپين تي چڱيءَ طرح لکي اچڻ لاءِ چوي ٿو.

**سبق جو خاڪو**

نالو شاگرد جو :

رول نمبر :

مضمون : مضمون نويسي ۽ خط ڪتابت

ڪلاس : پنجون تاريخ :

اسڪول جو نالو:

سبق جو عنوان : پيءُ ڏانهن خط

ٻارن جي ڄمار : ٩ +

**ٻارن جي اڳوڻي معلومات** : چوٿين ڪلاس ۾ ننڍا ننڍا خط لکڻ سکيا آهن.

**تدريسي طريقا ۽ مهارتون** : انڪشافي طريقو، بياني طريقو، سوالن جوابن جي مهارت،

**تصور** : حال احوال جي ڏي وٺ

**مقصد عام** : ٻارن کي پنهنجي خيالن کي تحريري روپ ۾ ظاهر ڪرڻ جي سکيا ڏيڻ.

**خاص** : حال احوال ڏيڻ جي قابل بڻائڻ، لکڻ جي مشق ڪرائڻ.

**تدريسي شيون** : لفافا، پوسٽ جي دٻي جو ماڊل، ٽپاليءَ جي تصوير.

**آمادگي**

استاد ٻارن کي نئين سبق سکڻ لاءِ آماده ڪرڻ لاءِ دلچسپ سوال ڪري مقصد تي آڻي ٿو.

١- تنهنجو وڏو پيءُ ڇا ڪندو آهي؟

٢- تنهنجو وڏو ڀاءُ ڪهڙي شهر ۾ رهندو آهي؟
٣- ان کي حال احوال ڏيڻوهجي ته جيڪر ڇا ڪرين؟
**عنوان :** "ڀاءُ ڏانهن خط" چڱو ٻارو! اڄ توهان کي وڏي ڀاءُ ڏانهن خط لکڻ جو نمونو سيکاريندس.

**يونٽ جو واڌارو**

استاد هڪ پنو ڪٽي ٻارن کي سمجهاڻي ڏيندي، خط جو نمونو بورڊ تي لکي ٿو، ۽ ڪاغذ تي مظاهراتي انداز ۾ سيکاري ٿو. (الف) هنڌ ۽ تاريخ. جنهن ڳوٺ يا شهر مان خط لکجي، اُن جو نالو خط جي ساڄي ڪنڊ تي مٿان لکجي ۽ اُن جي هيٺيان اُن ڏينهن جي تاريخ، مهينو، ۽ سال لکجي. پوءِ استاد سيکاريل ڳالهيون سوالن رستي بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي ٿو.

١- اوهان جي ڀاءُ کي ڪيئن خبر پوي ته اوهان خط ڪٿان لکيو آهي؟
٢-شهر جو نالو خط ۾ ڪٿي لکجي؟
٣- شهر جي نالي کانپوءِ ڇا لکڻ گهرجي؟
٤- اِهوبورڊ تي ڪير لکائيندو؟
٥- اِهو بورڊ تان ڪير پڙهي ٻڌائيندو؟

(ب) عبارت : پيارا ڀاءُ سدا سلامت هجو!
استاد ٻارن کي عبارت ٻڌائي اُن تي ڪجهه سوال پڇي، مليل جواب بورڊ تي لکي ٿو ۽ ٻارن کان پڙهائي ٿو.
١- توهين جيڪڏهن پنهنجي وڏي ڀاءُ سان روبرو ڳالهايو، ته ڪيئن سڏ ڪري ڳالهائيندا؟ (پيارا ڀاءُ)
٢-ٻاهر رهڻ واري ڀاءُ کي ڪهڙي دعا ڪندا؟ (سدا خوش هجين!)
٣- هاڻي اِهو بورڊ تي ڪيرلکائيندو؟
٤- بورڊ تان ڪير پڙهي ٻڌائيندو؟

(ج) **شروعات :** استاد ٻارن کي خط جي شروعات ڪرڻ وارا جملا ٻڌائي، اُن تي سوال پڇي، مليل جواب بورڊ تي لکي ٻارن کان پڙهائي ٿو.

١- پهريائين ڪنهن به ماڻهو سان ملبو آهي، هن کي ڇا چئبو آهي؟
اسلام عليڪم

٢- سلام ڇوڻ ڪانپوء ڇا ڪبو آهي؟

٣- خيريت جو احوال ڪيئن وٺبو آهي؟

٤- پنهنجي سک سلامتيءَ جو احوال ڪيئن ڏبو آهي؟

٥- هاڻي اهو خط ۾ ڪيئن لکجي؟

(د) **احوال :** هن سال آئون پنجين ڪلاس جي امتحان ۾ پهرين نمبر پاس ٿيو آهيان. منهنجو استاد ڏاڍو خوش ٿيو آهي. پڪ سان توهان کي به پڙهي ڏاڍي خوشي ٿيندي. توهان ڳوٺ اچو ته منهنجي لاءِ سٺي پين ۽ ڇهين ڪلاس جا ڪتاب وٺي ايندا.

استاد مٿي ٻڌايل احوال تي ٿورا سوال ڪري، ٻارن جي مليل جوابن کي بورڊ تي لکي کانئن پڙهائي ٿو.

١- پنهنجي پاءُ کي ڪهڙي خبرچار لکندا؟

٢- پنهنجي پاءُ کي ڪهڙيون شيون آڻڻ لاءِ لکندا؟

٣- اهو بورڊ تي ڪير لکائيندو؟

(هه) **پڇاڙي :** ڇڱو پاءُ خدا حافظ! سلام مڙني گهر وارن جارسن.
استاد خط جي پڇاڙيءَ وارا جملا ڻاهيندي، ٻارن کان سوال پڇي بورڊ تي لکائڻ لاءِ چوي ٿو.

١- خط جي پڇاڙيءَ ۾ ڇا لکبو؟

٢- پنهنجو نالو ڪيئن آڻجي؟

٣- اهي ڳالهيون بورڊ تي ڪير لکائيندو؟

**جائزو** :- استاد پنهنجي ڪرايل ڪم جي جائزي وٺڻ خاطر ٻارن کان هيٺيان سوال پڇي ٿو :

١- خط لکڻ لاءِ پهريائين ڇا ڪبو؟

٢- هنڌ ۽ تاريخ ڪٿي لکجي؟

٣- خط جي عبارت ڪيئن لکجي؟

٣- خط جي شروعات ڪيئن لکجي؟

٥- شروعات کان پوءِ ڇا لکبو؟

٦- خط جي پڇاڙي ڪيئن ڪبي؟

٧- پنهنجو نالو ڪيئن لکبو؟

**گهرو ڪم** :-

استادٻارن کي گهران "پيءُ ڏانهن خط" لکڻ لاءِ چوي ٿو.

## گرامر سيکارڻ جو عملي ليسن پلان

سبق پڙهندڙ جو نالو پورو...... رول نمبر ......

ڪلاس چوٿون ..... تاريخ .......

عنوان : (گرامر)

مقصد : ٻوليءَ جو واڌارو ٢- ضمير جي واقفيت ڏيڻ

اڳوڻي واقفيت - ٻار گرامر ۾ اسم سکيل آهن.

طريقہ ڪار : ١- سوالن جوابن وارو طريقو ٢- مشغولين وارو طريقو

امدادي سامان : خاڪا، چارٽ، پائنٽ، چاڪ ۽ ڊسٽر

**آمادگي**

استاد بورڊ تي هيٺيان جملا لکي، شاگردن کان پڙهائي سوال ڪري ٿو.

| جملا | سوال |
|---|---|
| ١-ڇوڪر راند ڪري ٿو. | ١- پهريون جملو ڪير پڙهندو؟ |
| ٢-اسڪول اٺين بجي کلندو آهي. | ٢- "ڇوڪر" کي گرامر ۾ ڇا سڏبو آهي؟ |
| ٣-ميز تي ڪتاب رکيل آهي. | ٣- ٻئي جملي ۾ لفظ "اسڪول" گرامر ۾ ڇا آهي؟ |
| ۴- ٻار ڊڪ ڊوڙ ۾ مشغول آهن. | ۴- "ميز" گرامر ۾ ڇا آهي؟ |
| | ۵- "ٻار" کي گرامر ۾ ڇا چئبو آهي؟ |

**عنوان**

اسين گرامر جو هڪ نئون لفظ سکنداسين.

(استاد زباني طرح عنوان ظاهر ڪري ٿو)

**يونٽ جو واڌارو**

استاد شاگردن کان چارٽ تان جملا پڙهائي انهن تي سوال ڪري ٿو.

| جملا | سوال |
|---|---|
| ١- هاشم انب کائي ٿو. | ١- چارٽ تان پهريون جملو ڪير پڙهي ٻڌائيندو؟ |
| ٢- احمد هيڏانهن اچ.<br>تون هيڏانهن اچ. | ٢- انب ڪير ٿو کائي؟ (هاشم) |
| ٣- يوسف خط لکي ٿو<br>هو خط لکي ٿو. | ٣- "تون" لفظ ڪنهن جي پاران ڪم آيو آهي. |
| | ۴- ٻيو جملو ڪير پڙهي ٻڌائيندو؟ |
| | ۵- "هو" لفظ ڪنهن جي پاران ڪم آيو آهي. |

٦- هي جملو چارٽ تان ڪير پڙهندو؟
٧- هي جملو اوهان مان ڪير پڙهندو؟
٨- انهيءَ جملي ۾ "هو" لفظ ڪنهن جي بدران ڪم آيو آهي؟
٩- هاشم، احمد، يوسف گرامر ۾ ڇا آهن؟ (اسم)
١٠- انهن اسمن جي پاران ڪهڙا لفظ ڪم آيا آهن؟
(هو، تون، هو)

**ب : وصف :**

اهڙا لفظ جي جملن ۾ اسمن جي بدران ڪم اچن، انهن لفظن کي ضمير سڏبو آهي.

ث : استعمالي ڪم :

ج : استاد هيٺي چارٽ تان شاگردن کي جملا پڙهائي هيٺين ريت ضمير معلوم ڪرائي ٿو.

| سوال | جملا |
|---|---|
| ١- پهريون جملو ڪير پڙهي ٻڌائيندو؟ | ١- ڇوڪري انب کائي ٿي. هوءَ انب کائي ٿي. |
| ٢- ٻيو جملو ڪير پڙهندو؟ | ٢- ماڻهن نانگ ماريو. هنن نانگ ماريو. |
| ٣- انهن جملن ۾ ضمير ڪهڙو آهي؟ | |
| ٤- (اهڙيءَ طرح ٻيا جملا پڙهائي ضمير ڪڍائڻ گهرجن) | |

٣- اسين اسڪول وڃون ٿا.
٤- اوهان ڇو دير ڪئي؟
٥- هو اچن پيا.

**خال پرائڻ**

استاد شاگردن ۾ اهڙا خاڪا تقسيم ڪري ٿو، جن ۾ ضميرلکي جملا صحيح ڪرڻا آهن. جملا هيٺ ڏجن ٿا :

......... اسڪول وڃان ٿي.

......... ماڻهو ننا سچاڻن.

......... ڪي جيڪا شيء وٺي سا وٺ.

......... يوسف سان گڏ ويندا سين.

......... ماني کائي ويا.

......... گڏجي ويندا هئا.

**جائزو :**

استاد سيکاريل ڪم جي جائزي وٺڻ لاء شاگردن کان هيٺيان سوال ڪري ٿو :

**سوال**

١- ڳالهائيندڙ پنهنجي نالي جي بدران ڪهڙا لفظ استعمال ڪندو آهي؟

٢- گهڻن ماڻهن سان ڳالهائڻ وقت انهن جي نالن جي بدران ڪهڙا. لفظ ڪم آڻيا آهن؟

٣- تون، توهين، توهان، ڪهڙي ماڻهوء لاء ڪم ايندو آهي؟

٤- ضمير جي وصف ڪير ٻڌائيندو؟

**گهر لاء ڪم :**

استاد ٻارن کي هدايت ڪري ٿو تہ گهران ضمير جي پوري وصف ۽ ان جي استعمال طور ڇهہ جملا لکي اچن.

**سبق جو خاڪو**

نالو شاگرد جو :

رول نمبر :

مضمون : سنڌي (صورتخطي)

ڪلاس : پهريون

سبق نمبر :

اسڪول جو نالو :

سبق جو عنوان : صورتخطي

ٻارن جي ڳاڻاٽو : ٤ +

ٻارن جي اڳين معلومات : ٻارن کي لکڻ پڙهڻ اچي ٿو.

تدريسي طريقا ۽ مهارتون : بياني طريقو ۽ مشغولين وارو طريقو.

**تصورات :**

**مقصد عام** : ٻارن جي تحرير ۾ صحت ۽ پختگي پيدا ٿئي.

خاص : اکرن جو سڌارو.

**تدريسي شيون** : چارٽ، چاڪ،چوڪنڊا ڪاغذ.

**آمادگي**

استاد ٻارن کي صورتخطي لکائڻ واسطي ابتدائي تياري ڪرائي ٿو. يعني ڪاپيون، قلم وغيره چيڪ ڪري ٿو.

**يونٽ جو واڌارو** : استاد سبق جو رٿيل ٽڪر هڪ ڀيرو پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ ڪين ٻڌائي ٿو سبق جو اهو ٽڪرو توهان کي لکارايان ٿو، توهان لکو:

**(الف) انفرادي مشغوليون** : استاد سبق جو رٿيل ٽڪرو ٻيهر آهستي آهستي پڙهي ٿو ۽ ٻارن کي هدايت ڪري ٿو، ته هو درستيون ڪندا هلن.

**(ب) اجتماعي مشغوليون** : استاد ٻارن کان ڪاپيون وٺي، ڪين

ڪاغذ جا ٽڪرا ڏيئي، اُنهن مان ٻيڙي ٺاهڻ لاءِ چوي ٿو ۽ پاڻ ڪاپيون ڏسڻ شروع ڪري ٿو.

**جائزو :**

استاد ٻارن طرفان ڪيل غلطيون اجتماعي طور تي درست ڪرائي ٿو، يعني لفظ بورڊ تي لکي، ٻارن کي پنج پنج پيرا لکڻ لاءِ چوي ٿو.

**گهرو ڪم :**

استاد ٻارن کي سبق جو هڪ ٽڪرو گهران لکي اچڻ لاءِ چوي ٿو.

## ٩- جائزو

**جائزي جي اهميت ۽ مفهوم :**

عام طرح امتحان، آزمائش، پرک، چڪاس يا محاسب کي "جائزو" چيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پيمائش، تور ۽ ماپ کي "جائزي" ۾ شمارڪيو ويندو آهي، پر حقيقت ۾ ائين نه آهي. مٿيان مڙيئي نُڪتا جائزي جا اهم جزا آهن. جائزو پنهنجي سر ايترو جامع ۽ وسيع آهي، جيتري زندگي. ٻورن لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته زندگي جائزي جو ٻيو نالو آهي. ائين چئجي جتي زندگي آهي، اُتي جائزو آهي. ٻئي لازم ملزوم شيون آهن. مطلب ته ڪائنات ۾ هر تخليق جي ڪري ۽ ڪوتي جي خبر رکڻ ۽ اُن ۾ سڌاري آڻڻ کي "جائزو" سڏجي ٿو، پوءِ چونه ڪٿي اهو انسان جو هجي يا حيوان، جبل هجي يا سمنڊ، هوا هجي يا پاڻي معدنيات هجي وغيره.

جيئن ته هتي اسان جو تعلق تعليمي جا ئزي سان آهي، تنهن ڪري تعليمي نقطي نگاهه کان ائين چيو وجي ٿو ته "جائزو اهو منظم طريقه ڪار آهي، جنهن سان هڪ استاد پنهنجي ڪم جي رفتار ۽ ڪار ڪردگيءَ جو اندازو ڪري سگهي، جنهن سان کيس اها خبر پوي ته سندس پورو ڪيل ڪم معيار ۽ مقدار جي لحاظ کان ڪيتريقدر اميد افزا آهي وغيره. هڪ تعليمي ماهر جو رايو آهي ته "اهڙي ثابتي جا ڪن وسيلن سان ملي ۽ ان جو تجزيو اقداري فيصلن تي مبني هجي ته اُن کي به جائزو چيو ويندو آهي.

جائزو هميشه يڪطرفو نه بلڪه ٻه طرفو عمل آهي. چاڪاڻ ته ان جو سڌو سنئون اثر ٻار، استاد ۽ سازوسامان ۽ تدريسي طريقي تي پوي ٿو. مطلب ته اهو اهڙو پيمانو يا پرک جو اندازو آهي، جنهن سان ٻار جي تعليمي معيار، استاد جي فن، محنت، ۽ استعمال ڪيل تدريسي

سامان جي خوبيءَ کي هڪ ئي وقت پرکيو وڃي ٿو.

جائزو هميشه ڪنهن ڪم يا رٿا جي تڪميل بعد ورتو ويندو آهي. پر مناسب ائين ٿيندو ته ان کي رٿا جي مختلف مرحلن ۾ جاري رکيو وڃي، جيئن ٿوري ٿوري وقفي بعد ڪم جي رفتار ۽ نوعيت جي خبر پئجي سگهي. جنهن مان اسان اهو اندازو لڳائي سگهون ٿا ته انهيءَ رٿا ۽ انجي پروگرام (طريقه ڪار) ۾ ڪو نقص ته ڪو نه رهجي ويو آهي! جيڪڏهن واقعي ڪا خامي رهجي ويئي آهي، ته پوءِ ان جو بروقت ازالو ڪيو وڃي؟ ائين نه ڪرڻ سان نتيجو اهو نڪتو آهي، ته جيڪي استاد جائزي جي اهميت کي نٿا سمجهن، سي يقيناً تعليمي مقصدن حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندا آهن. جائزو انهيءَ لاءِ به ضروري آهي ته اُن جي مدد ۽ عمل سان ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ استاد سجاڳ ٿئي ٿو ۽ تعليمي ميدان ۾ سڌي رستي تي پنهنجا پير پختا ڪري اڳتي وڌي ٿو ۽ ائين ڪرڻ سان حقيقي منزل تي پهچڻ ۾ لڳاتار هُن جي رهبري ٿئي ٿي. ساڳي طرح جائزو ٻارن کي سندن ڪم جي رفتار ۽ معيار قائم رکڻ ۾ به مدد ڏئي ٿو، ۽ سندن ڪمزوري، اوڻاين ۽ خامين جي نشاندهي ڪري سندن اصلاح جا امڪان پيدا ڪري ٿو. مطلب ته جائزو تعليمي پروگرام جو اٽوٽ جز به آهي.

هونئن ته جائزي جا انيڪ مقصد آهن. جن جي تفصيلي ذڪر بدران هت فقط انهن مقصدن جي اپٽار ڪجي ٿي. جن جو تعلق هڪ پرائمري استاد سان رهي ٿو. اهڙا ڪجهه مکيه مقصد هيٺ ڏجن ٿا :

١- ٻارن کي وڌندڙ تعليمي معيار جي خبر پوي.

٢- ٻارن جي پڙهائي اڳتي وڌڻ جو اتساهه ڏنو وڃي.

٣- ٻارن کي نئين ڪلاس جي ڪمن کي پڙهڻ لاءِ تيار ڪيو وڃي.
٤- هر سبق جي پوري ٿيڻ تي ٻارن جي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي رفتار ۽ معيار جو اندازو ٿئي.
٥- ٻارن جي سندن پرايل تعليم متعلق ۽ پڻ اڳتي وڌڻ لاءِ گهربل رهبري ڪئي وڃي.
٦- تدريسي مسئلن ۽ مشڪلات کي معلوم ڪري انهن جو حل تلاش ڪيو وڃي.
٧- تدريسي سبق جي مقصدن، مواد، سامان، طريقن ۽ استعمالي مشقن جي ڪارڪردگيءَ جو اندازو لڳايو وڃي ۽ تدريس جي ڪاميابيءَ جو جائزو ورتو وڃي.

**جائزي جا اصول:**

جائزي وٺڻ کان اڳ ۾ هرهڪ استاد کي هيٺيان اصول خيال ۾ رکڻ گهرجن:

١- جائزي جو بنياد مقصد تي هئڻ گهرجي مطلب ته استاد خواهه شاگردن کي انهيءَ ڳالهه جي خبر هئڻ گهرجي ته هو ڪهڙي مقصد لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن ۽ سندن ڪم پوري ڪرڻ سان اُن جو جائزو به ورتو ويندو. اهڙي حقيقت تڏهن واضح ٿي سگهندي. جڏهن جائزي جي عمل سان اهو اندازو لڳائبو ته آيا ٻارن ۽ استادن پنهنجو ڪم انهيءَ نموني مان انهيءَ مقصد وارو پورو ڪيو جن موجب ڪين ڪرڻو هو، يا نه؟

٢- جائزو اهڙو ته جامع هئڻ گهرجي، جنهن سان اُها هرڪا معلومات ملي سگهي، جا ٻارن جي شخصيت جي سيني پهلوئن کي واضح ڪري.

٣- جائزو اهڙو مڪمل هجي، جنهن سان ٻارن جون سڀ انفرادي ضرورتون ۽ مسئلا ظاهر ٿين. جيئن اُنهن جي ڪمزورين کي دور

(Formative Evaluation) بہ سڏجي ٿو. ڪنهن رٽا يا ڪورس جي ختم ٿيڻ تي جنهن آزمائش کي استعمال ڪبو آهي، تنهن کي آخري آزمائش ( Last test) يا اختتامي جائزو، (Sabmative evaluation) سڏيندا آهن، ان طرح هر سال ٻارن جو پهرئين ڪان پنجين ڪلاس تائين جيڪوجائزو ورتو ويندو آهي. تنهن کي عروضي جائزو (Horizontal evaluation) بہ چوندا آهن. پر ڪنهن ڪلاس جي ٻارن جوجيڪڏهن لاڳيتو، ڪنهن هڪ مقصد لاءِ پنجن سالن تائين جائزو ورتو وڃي، تہ ان عمل کي عمودي جائزو (Vertical evaluation) چوندا آهن.

اهڙيءَ طرح جائزي جا ڪيترائي قسم آهن. مگر هتي فقط انهن جو ذڪر ڪيو ويندو، جن جو سڌو سنئون لاڳاپو پوليءَ سکڻ سان آهي. انهن مان ڪجهہ (Formal) رسمي آهن، تہ ڪجهہ غير رسمي (Non formal) ۽ اهي هيٺ ڏجن ٿا.

## (الف) (Formal) رسمي جائزو

### ١- آزمائشون Tests

(الف) مضموني آزمائشون : (Essay Type Tests)

(ب) معروضي آزمائشون : (Objective Tests)

(پ) ذهني آزمائشون : (Intelligence Tests)

(ت) طبعي لاڙي جون آزمائشون : (Aptitude Tests)

(ث) تشخيصي آزمائشون : (Diagnostic Tests)

(د) تحصيلي يا اڪتسابي آزمائشون : (Achievement Tests)

٢- اسڪيل يا ماپ : (Rating Scales)

٣- سماجي ناتن جي ٽيڪنڪ : (Sociomatic Technique)

٣-ملاقات : (Interview)

٥- عملي ڪردار جو رڪارڊ : (Anecdotal Record)

٦- سائلي مطالعو : (Case Study)

٧- زباني آزمائشون : (Oral Tests)

(١) پڙهڻ : (Reading)

(٢) ڳالهائڻ : (Speaking)

(٣) بحث مباحثو ڪرڻ وغيره : (Discussion)

٨- سوالنامو : (Questions)

**(ب) غير رسمي جائزا : (Non formal Tests)**

١- مشاهدو : (Observation)

٢- ملاقات : (Interview)

٣- شاگردن جي ڪم جو نمونو : (Spacimens of Pupil Work)

٤- مجموعي رڪارڊ : (Cummulative Record)

٥- آتم ڪهاڻي : (Anto Biography)

٦- سماجي خاڪو : (Socio graphy)

جائزي جي سيني قسمن کي پڙهندڙن جي مجموعي معلومات لاءِ مٿي پيش ڪيو ويو آهي.

انهن مان پرائمري اسڪول جي استادن لاءِ جن خاص قسمن جو سکڻ ۽ عملي طور استعمال ڪرڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو، تن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو :

## تحريري جائزو

### (الف) مضموني آزمائشون

هن قسم جي جائزي کي وڏن ڪلاسن ۽ اعليٰ تعليم جي امتحانن ۾ وڏي اهميت آهي. پرائمري اسڪولن جي فقط پنجين ڪلاس ۾ اهو طريقو آزمائي سگهجي ٿو. تحريري جائزي ۾ سوالن

ٻڌائڻ ۾ جوابن جاچڻ کي وڏي اهميت آهي. جيڪڏهن سوال موزون نہ هوندا يا جوابن کي غور سان نہ جاچيو ويندو، تہ امتحان جي افاديت ختم ٿي ويندي. اُستاد کي گھرجي تہ سوالن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سولا، وچولا، ڏکيا؛ ڇو تہ جيڪي شاگرد ذهين هوندا، اُهي ڏکين سوالن جا جواب بہ ڏيئي سگھندا، پر ڏڏ وري سولا سوال حل ڪري سگھندا.

تحريري جائزي ۾ اهڙا سوال هئڻ گھرجن، جن جي جوابن ڏيڻ مان ٻارن جي غور، فڪر ۾ دليل بازيءَ جي طاقت کي پرکيو وڃي. ڪي وري اهڙا سوال هجن، جن مان ٻارن جي حافظي جو جائزو وٺي سگھجي. مضمون تي جيڪي مارڪون رکيل هجن، ان ۾ خوشخطي، ڏکين لفظن ۾ مضمون جي بيهڪ تي جدا جدا مارڪون مقرر ٿيل هجن، جيئن تہ ٻارن جي انشاپردازيءَ جهڙوڪ : ڳالهہ، خط، مضمون، درخواست وغيره. خوشخطي يا صحيح صورتخطي ڏسڻ لاءِ زباني امتحان مان ڪو بہ پتو ڪو نہ پوندو، ان ڪري ٻارن جو تحريري جائزو وٺجي. تحريري امتحان ۾ ٻارن کي سوچ ويچار جو موقعو ملي ٿو ۽ ٻار پنهنجي خيالن کي ترتيب ۽ سلسلي سان لکن ٿا.

**تقريري جائزو :-** پرائمري اسڪولن ۾ هيءُ جائزو وڏي اهميت رکي ٿو، ڇو تہ هن جائزي ۾ ٻارن جي پڙهڻ جي رفتار اُچارن جي صحت ۾ گفتگو جي طور طريقي جو پتو پوندو آهي. عام طور ڏٺو ويو آهي تہ استاد زباني امتحان کي ڪا بہ اهميت نہ ڏيندا آهن. پر حقيقت ۾ زباني امتحان تحريري امتحان کان ڪنهن بہ صورت ۾ گھٽ نہ آهي. تقريري توڙي تحريري امتحانن جو مقصد اهو هوندو آهي تہ ٻارن جي تعليمي ڪارڪردگيءَ جو جائزو ورتو وڃي. زباني امتحان ۾ هيءَ ڳالهہ ضروري آهي تہ استاد پهريائين سوال تيار

ڪري ۽ انهن جون مارڪون به مقرر ڪري. سوال پارن جي لياقت مطابق هئڻ گهرجن.

**مشاهدو :** هڪ آدرشي استاد پنهنجي شاگردن جو چڱيءَ طرح مشاهدو ڪندو رهندو آهي. پڙهائڻ دوران هو اندازو لڳائيندو آهي ته ڪهڙا شاگرد سندس ڪم ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهن، ۽ ڪهڙا شاگرد پنهنجو مليل ڪم چڱيءَ طرح ڪري اچن ٿا. اُهو مشاهدو هو سڄو سال ڪندو رهي ٿو. ان ڪان سواءِ استاد، شاگردن جي گفتگو، اٿڻي ويهڻي ۽ انهن جي طور طريقي سان مشاهدو ڪري سگهي ٿو. ان ڪان پوءِ هو اُنهن متعلق راءِ قائم ڪري سگهي ٿو. استاد جو اهو مشاهدو ڪرڻ ۽ شاگردن لاءِ پوءِ سندس راءِ گهڙو ڪري صحيح هوندي آهي.

ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي، جو ڪنهن شاگرد لاءِ اُها سندس راءِ غلط بہ ٿي هجي، ان ڪري استاد کي ڪنهن به شاگرد لاءِ پنهنجي راءِ بدلائڻ ۾ عار محسوس ڪرڻ نه گهرجي.

درحقيقت استاد جو مشاهدو پارن جي صلاحيتن جاچڻ ۽ انهن جي تڪليفن کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏئي ٿو.

**(ب) معروضي آزمائشون :**

هن قسم جي جائزي ۾ ڪيترن قسمن جون آزمائشون تيار ڪري، پارن تي آزمايون وينديون آهن. ذهني آزمائش ۽ طبعي لاڙي جي آزمائش جو ذڪر تعليمي نفسيات جي مضمون ۾ ڏنل آهي. هتي فقط تشخيصي ۽ اڪتسابي آزمائش جو ذڪرڪبو. هر قسم جي آزمائش ۾ سوال بنيادي حيثيت رکن ٿا. پار معروضي آزمائش جا سوال موضوعي يا منصوبي آزمائش جي سوالن وانگر داخليت جي اثر ڪان آجا آهن. جن ۾ خاص توجهہ مقصدن ڏانهن ڏنو ويندو آهي، ۽ آزمائش جي سوالن جي ترتيب ۽ تياري بہ

اهڙيءَ نوعيت جي هوندي آهي، جنهن ۾ اُنهن مقصدن تحت جائزو ورتو وڃي، جن مقصدن تي نصاب ۽ تعليم جو بنياد رکيو ويو آهي.

**جديد معروضي اڪتسابي آزمائشون :**

جهڙيءَ طرح زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ تبديليون آيون آهن، تهڙي طرح تعليم ۾ به نيون تبديليون اچي چڪيون آهن. اُنهن تبديلين مان امتحان جو جديد نمونو به هڪ آهي. اڳ ۾ امتحان ٿيندو هو، سو مضمون جي طرز تي يا زباني هوندو هو. جو ٻار سٺو مضمون لکي سگهندو ، ته اُن کي گهڻيون مارڪون ملنديون هيون، يا جيڪو ٻار زباني جواب تڪڙا ڏيئي سگهندو هو سو هوشيار ليکبو هو. ان ڪانسواءِ اُن جو مدار استاد تي به هوندو هو. جيڪڏهن استاد خوش ته ٻار کي مارڪون به گهڻيون. استاد تي وقت ۽ ماحول جو به اثر پوي ٿو. ساڳيو مضمون جيڪڏهن ٻن ٽن استادن کي جاچڻ لاءِ ڏنو وڃي ته انهن جي مارڪن ڏيڻ ۾ به تفاوت ٿي ويندو آهي. ڪڏهن ته استاد پاڻ پيپر نه سنڀاليندو آهي، پر ٻئي ماڻهوءَ يا شاگرد کي جاچڻ لاءِ ڏيندو آهي.مطلب ته ان قديم طرز جي امتحان ۾ ڪيترين ئي خاميون آهن. ان امتحان ۾ جديد طرز جون آزمائشون ورتيون وڃن ٿيون. جديد نموني جي امتحان ۾ اهو اعتراض ورتو وڃي ٿو ته شاگرد رڳو اندازي تي جواب ڏيندو آهي، ۽ هن جي انشاپردازي يا قوت اظهار جو چڱيءَ طرح پتو پئجي نه سگهندو آهي ۽ ٻارن ۾ لکڻ جي مهارت گهٽجي ويندي آهي. ان ڪري جديد معروضي آزمائش تيار ڪرڻ وقت ڪيترين ڳالهين جو خيال رکڻ تمام ضروري آهي. استاد کي گهرجي ته شروعات ۾ اُنهن مضمونن جو بغور مطالعو ڪري جن ۾ ڪيس آزمائش تيار ڪرڻي آهي. ڪيس امتحان يا جائزي جي نتيجن جي پروڙ هجي. ان ڪانسواءِ ٻاراڻي نفسيات تي به ڪيس

عبور حاصل هئڻ کپي. مطلب تہ انهن جملي ڳالهين سان گڏوگڏ استاد ۾ فيصلي جي صلاحيتن جو موجود هئڻ بہ ضروري آهي. تنهنڪري ڪنهن بہ آزمائش تيار ڪرڻ وقت هيٺ ڏنل نڪتن کي خيال ۾ رکڻ کپي :

١- نصاب جي مطالعي بعد آزمائش لاءِ مقصد قائم ڪرڻ.

٢- نصاب ۽ درسي ڪتاب جو گهرو مطالعو ڪجي.

٣- درسي ڪتاب جو گهرو مطالعو ڪجي.

٤- سوالن جي هر قسم جي شروعات ۾ واضح هدايت لکجي ۽ هر هنڪ قسم جو هڪ مثالي سوال حل سميت ڏيڻ گهرجي.

٥- سوال ساديءَ آسان ۽ صحيح ٻوليءَ ۾ لکڻ گهرجن.

٦- سوال تمام ڊگها نہ هجن، بلڪ مختصر ۽ مطلب وارا هجن.

٧- ساڳئي قسم جا سوال، جن جا ڪي لفظ يا جواب اڳين سوالن ۾ اچي وڃن؛ تن کي وري بہ دهرايو وڃي.

٨- اهڙا سوال نہ ڏجن، جن جو تعلق حرفي، مضموني نقطي نگاہ کان اڳئين يا پوئين سوال سان ڏيکاريل هجي.

٩- درسي ڪتاب جي عبارت جي ساڳئي ٽڪر کي ساڳين لفظن کي سوال ۾ هوبهو رکي، دهرايو وڃي.

١٠- سوال اهڙا هئڻ گهرجن، جن ۾ چارٽ (مطالعي) جي پيمائش ٿئي.

١١- سوال اهڙو هجي، جنهن جو جواب فقط هڪ ئي ٿي سگهي.

١٢- اڪثر سوال اهڙا هجن، جيئن ٻارن جي سُرت ۾ اضافو ٿي سگهي.

١٣- سوالن لکڻ وقت سولي کان ڏکئي واري تعليمي اصول مطابق انهن جي ترتيب ڏيڻ گهرجي.

١٤- سوالن جي ڇپائي چٽي، صاف ۽ پڙهڻ جهڙي هجي، جيئن انهن جي پڙهڻ سان ٻارن جي دلچسپي وڌي.

١٥- سوال اهڙا هجن جن سان مقصدن کي حاصل ڪري سگهجي.

## آزمائش جي سوالن جا نمونا :

آزمائش جي سوالن جا ٻه ڪيترائي نمونا ٿيندا آهن، پرهتي فقط چئن قسمن جو ذڪرڪجي ٿو :

جملي ۾

١- خال پرڻ : (Sentence completion)

٢- گھڻن جوابن مان صحيح :(Multiple choice)

جواب چونڊڻ :

٣- صحيح يا غلط: (True or False)

٤- ٻن مختلف خانن ۾ ڏنل سوالن ۽ جوابن کي ملائڻ : (Column Matching)

**خال پرڻ :-** (Sentence Completion)

خال پرڻ جي سوالن ٺاهڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون خيال ۾ رکجن.هن ۾ ٻارن کي ڪيترائي نامڪمل جملا ڏنا ويندا آهن. جن کي صحيح جواب وجهي، مڪمل ڪرڻ لاءِ چيو ويندو آهي.

١- بيان (سوال) ۾ خالي جڳهہ هميشه پڇاڙيءَ ۾ يا وچ ۾ لکجي، شروعات ۾ خال هرگز نہ رکجي.

٢- ساڳئي ڪتاب واريءَ عبارت کي خال ۾ ڪم نہ آڻجي

٣- هدايتون صاف لکڻ گهرجن.

مثلاً سنڌي الف ب ۾ حرفن جو تعداد —— آهي.

**گھڻن جوابن مان صحيح جواب چونڊڻ. (Multiple choice)**

هن ۾ هڪ عبارت سوال جي انداز ۾ ٿي. ان جا چار يا ان کان وڌيڪ جواب ٻہ ڏنا ويندا آهن. ۽ پوءِ ٻارن کي چيو ويندو آهي،تہ هو اُنهن مان صحيح جواب چونڊي ان تي نشان لڳائين.

هن قسم جي سوالن ٺهڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون خيال ۾ رکجن.

١- سوال جي عبارت مرڪزي مسئلي تي ٻڌل هجي.
٢- سوال حقائق تي مبني هجي.
٣- عبارت ۾ پيش ڪيل مسئلو مختصر واضح ۽ چٽو هئڻ گهرجي.
٤- گهٽ ۾ گهٽ چار يا پنج جواب ڏيڻ گهرجن.
٥- جواب، سوال، عبارت جي هيٺيان هئڻ گهرجن.
٦- جواب هڪٻئي جي هيٺان الڳ سٽ تي لکڻ گهرجن.
٧- صحيح جواب کي هميشه هڪڙي نمبر تي رکجي، پر اُن کي هر سوال ۾ بدلائي رکجي.
٨- جيڪڏهن جواب عدد يا سنه ۾ آهن ته انهن کي عددي سلسلي ۾ رکجي.
٩- هدايتون وضاحت سان لکڻ گهرجن.
مثلاً سبق جي خاڪي تيار ڪرڻ وقت پهريون مرحلو آهي :
١- يونٽ جو واڌارو
٢- جائزو
٣- آمادگي
٤- تفويض ڪار - ڏنل ڪم - (گهرو ڪم)

**صحيح يا غلط :-** (True or False)

هن ۾ ٻارن کي عبارتون ڏنيون وڃن ٿيون ۽ انهن جي سامهون صحيح يا غلط لاءِ ص - غ لکي ڏجي ٿو. بعد ۾ کين چئجي ته هو اُن عبارت کي پڙهي، فيصلو ڪن ته صحيح آهي يا غلط جيڪڏهن صحيح آهي ته ص تي ( ) نشان ڏين،جي غلط سمجهن ته غ تي (+) نشان ڏين.

هن قسم جي سوالن ٺاهڻ وقت هي ڳالهيون خيال ۾ رکجن :
١- جيترا به هن قسم جا سوال هجن، انهن مان اڌ صحيح ۽ اڌ غلط

هٿڻ ڪپن.

٢- ڪوشش اها ڪجي عبارتون ٻارن جي علم ۽ سمجهه آهر هجن ۽ سنڌن ڪورس مطابق هجن.

٣- عبارتون معروف حالت ۾ لکجن ۽ نه مجهول.

٤- ناڪاري عبارتن کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

٥- هوائي سوالن کان پاسو ڪرڻ ضروري آهي.

مثلاً ١ نظم پڙهائڻ جو، مقصد نظم مان لطف اندوز ٿيڻ آهي. ص.غ

٦-خاموش پڙهڻي، ابتدائي ڪلاسن ۾ ڪئي ويندي آهي.

**ٻن مختلف خانن ۾ ڏنل سوالن ۽ جوابن کي ملائڻ :**
(COLUMN MATCHING)

هن قسم جي سوالن ٺاهڻ لاءِ ٻن خانن مان هڪ پاسي سوال،لفظ، جملا لکبا ۽ ٻئي پاسي انهن سان تعلق رکندڙ لفظ، جملا، جواب، هوندا. ٻارن کي چئو ته صحيح جواب کي سوال سان ملائين.

**اهڙن سوالن جي تياريءَ ۾ هيٺيان نڪتا خيال ۾ رکجن :**

١- هن ۾ گهٽ ۾ گهٽ سوال پنج رکجن ۽ انهن جا رکڻ گهٽ ۾ گهٽ ٻارنهن هجن.

٢- ڏکيون عبارتون هجن ته ٻني جي ٻئي پاسي ڏجن.

٣- هدايتون واضح لکجن.

٤- هي سوال هيٺين صورت ۾ ڏيڻ گهرجن.

١- ڪي نالا ۽ انهن جون وصفون.

٢- ڪن شين جي سڃاڻپ ڪرائڻ.

٣- مسئلا ۽ انهن جا حل.

٤- جمع ۽ واحد.

٥- لفظ ۽ معني.

٦- ڪن لفظن جا ضد.

٧- علامتون ۽ انهن جا نالا.

٨- شخصن جا نالا ۽ اُنهن جا ڪارناما.

٩- ڪتابن جا نالا ۽ اُنهن جا ليکڪ وغيره.

مثلاً هتي ڪي لفظ ۽ انهن جا ضد ڏنل آهن. لفظ جو درست ضد ڳولي ان لفظ جي سامهون ڏنل ليڪ تي لکو.

| لفظ | ضد |
|---|---|
| ١- سهڻو | ١- ڪوجهو |
| ٢- رات | ٢- ڏينهن |
| ٣- سک | ٣- ڏک |

**تشخيصي آزمائشون :**

هنن آزمائشن مان ٻارن جي ٻوليءَ جي مختلف ڳالهين جو جائزو ورتو ويندو آهي تہ ٻار جي سمجهڻ جي طاقت ڪمزور آهي يا لفظن جي ذخيري جي کوٽ آهي يا وري ٻنهي ڳالهين جو منجهس نقص آهي. ٻار ڳالهہ سمجهي نٿو سگهي يا سمجهڻ جي باوجود جواب ڏيڻ کان قاصر آهي. اهڙيءَ طرح ٻار جي پڙهڻ جي رفتار ڪيتري قدر آهي. هو پڙهڻ سان گڏ ان ڳالهہ کي سمجهي ٿو يا نہ. ڳالهائڻ وقت هن جي جملن جو هڪٻئي سان لاڳاپو قائم رهي سگهي ٿو؟ هن جي سوچ جي رفتار هن جي ڳالهائڻ جي رفتار جو ساٿ ڏئي ٿي؟ تلفظ يا اُچار غلط آهي يا صحيح؟ هو ڪهڙيون غلطيون ڪري ٿو؟ هن جي ٻڌڻ جي طاقت ڪيتري قدر نيڪ آهي؟ هو ڪجهہ ٻڌي ٿو، ان کي سمجهي ٿو يا نہ؟ وغيره.

اهي آزمائشون دير سان پڙهندڙ، ٿوري سمجهہ رکندڙ ۽ ڪمزور ٻارن لاءِ نهايت مفيد آهن. جو تہ انهن آزمائشن وسيلي ٻارن

جي ڪمزوريءَ جي جاچ ڪرائي سگهبي آهي. اُن ڪانپوءِ اُنهن جي ڪمزوريءَ جو علاج سولي نموني ڪري سگهبو. اسان جي ملڪ ۾ وسيلن جي گهٽتائي سبب معياري آزمائشون ممڪن نہ آهن. ان ڪري استاد جي مشاهدي ۽ هن جي مهيا ڪيل آزمائش تي پروسو ڪرڻو پوي ٿو

**تحصيلي آزمائشون :**

اهڙا امتحان يا آزمائشون جن جي مدد سان شاگردن جي صلاحيت کي پرکيو وڃي، يعني اُنهن جيڪي ڪجهہ پڙهيو آهي، اُن مان هنن ڪيتريقدر حاصل ڪيو آهي، اُنهن کي تحصيلي امتحان يا آزمائش چيو وڃي ٿو. هنن آزمائشن جو اهو مقصد نہ آهي، تہ شاگردن جي ڪمزورين جو علاج ڪجي، پر اهو آهي تہ ٻارن جي تعليمي حالت جو خاص طور جائزو ورتو وڃي ۽ جائزي وٺڻ ڪانپوءِ ان جي ڪاميابيءَ ۽ ناڪاميابيءَ جو فيصلو ڪيو وڃي. هن آزمائش ۾ سوالن جو هڪ منظم سلسلو هوندو آهي. جن جي وسيلي ٻارن جي حاصل ڪيل علم جو جائزو ورتو ويندو آهي. انهن سوالن جي جوابن لاءِ يا تہ مارڪون رکيل هونديون آهن يا انهن لاءِ خاص اکر مقرر ڪيا ويندا آهن. اهڙيءَ طرح ٻارن جا درجا ٺاهيا ويندا آهن ۽ اهو فيصلو ڪيو ويندو آهي تہ ڪهڙا ٻار اول نمبر جا لائق آهن ۽ ڪهڙا ٻار ٻئي ۽ ٽئين نمبر جا.

اهي آزمائشون هر روز بہ ٿينديون آهن ۽ وقفي وقفي ڪان پوءِ بہ ٿينديون آهن. انهن آزمائشن جا قسم هيٺيان آهن :

**روزانو جائزو** :- هن جائزي جو مقصد اهو آهي تہ اج جي پڙهيل سبق جو ٻئي ڏينهن جائزو ورتو وڃي. اهو جائزو اڳاڻي زماني کان رواج ۾ هلندو اچي. هن ۾ جيڪڏهن ٻار جو سبق ڪچو هوندو آهي تہ کيس ٻيو سبق نہ ملندو آهي. اڄا بہ مڪتبن ۾ اهو طريقو

رائج آهي. هن وقت جيئن تہ اسڪولن ۾ ٻارن جو تعداد وڌيل آهي: ان ڪري هڪ اڌ سوال ٻارن کان پڇي اڳتي سبق ڏنو وڃي ٿو. اهو جائزو اڪثر ڪري زباني سوالن تي مشتمل هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهو جائزو تحريري طور تي بہ ورتو ويندو آهي. جيڪڏهن استاد باقاعدگيءَ سان روزانو جائزو وٺندو رهندو تہ درحقيقت هفتيوار، ماهوار، جائزي کي نظر انداز ڪرڻ وڏي غلطي آهي. ٻارنَ جو تعليمي معيار سڌرندو رهندو. ان ڪري استاد مائٽ خواه ٻار، هفتيوار ۽ ماهوار جائزي کي ڪا بہ اهميت نہ ڏيندو آهي. درحقيقت هفتيوار، ماهوار، جائزي کي نظرانداز ڪرڻ وڏي غلطي آهي. ٻارن جي لياقت جو دارومدار سڄي سال جي مجموعي ڪارڪردگيءَ تي منحصر هئڻ گهرجي. نہ رڳو ساليانو جائزي جي نتيجي تي، ڇو تہ جيڪڏهن ٻار ساليانو جائزي ۾ سٺي ڪارڪردگي نہ ٿو ڏيکاري، پر ماهوار، سماهي يا ششماهي جائزن ۾ هن سٺو ڪم ڪيو آهي، تہ ساليانو جائزي جي ڪري هن جي ترقي روڪڻ سراسر بي انصافي ٿيندي.

**هفتيوار جائزو :** پوري هفتي ۾ پڙهايل ڪم تي مبني هڪ مختصر پر جامع پرچو حل ڪرڻ لاءِ ڏئي هفتيوار جائزو وٺبو رهبو آهي.

**ماهوار جائزو :** هي جائزو پڻ زباني توڙي تحرير طور تي ورتو ويندو آهي. هن ۾ پوري مهيني ۾ سيکاريل ڪم کي چڪاسيو ويندو آهي.

**ساليانو جائزو :** پوري سال جي ڪم لاءِ جائزو امتحان جي صورت ۾ ورتو ويندو آهي. انهيءَ جائزي جي آڌار تي ئي شاگردن کي ترقي ڏئي مٿين ڪلاس ۾ ٽپايو ويندو آهي. هي جائزو پوري سال ۾ ڪرايل ڪورس مان ڪيو ويندو آهي.

مٿين جائزن کان سواءِ ٽن مهينن، ڇهن مهينن، ۽ نون مهينن کان پوءِ پڻ جائزو ورتو ويندو آهي.

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو - سنڌ وٽ محفوظ آهن. وفاقي وزارت تعليم اسلام آباد جي سرڪيولر نمبر ايف- آئي - 8916 ايجوڪيشن مورخہ 11 نومبر 1990 پٽاندر سنڌ صوبي لاءِ منظور ڪيل.

# قومي ترانو

پاڪ سرزمين شاد باد ڪِشورِ حسين شاد باد
تونشانِ عزمِ عاليشان ارضِ پاڪستان
مرڪزِ يقين شاد باد

پاڪ سرزمين ڪا نظام قُوّتِ اُخُوّتِ عوام
قوم، مُلڪ، سلطنت پائنده تابنده باد
شاد باد منزلِ مُراد

پرچمِ ستاره و هلال رهبرِ ترقّي و ڪمال
ترجمانِ ماضي شانِ حال جانِ استقبال
سايهٔ خدائي ذوالجلال

687

ڪوڊ نمبر ١١٥


| ڇپائي جي تاريخ | تعداد | ڇاپو | قيمت |
|---|---|---|---|
| جون ١٩٩٦ء | ٧٥٠٠ | پهريون | ٢٦-٩٠ |

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياڄوڪڙ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اُهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. پين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

ٻَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجھَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٹَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا يارُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

**The Reading Generation پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ**